


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌوءَ جو موهه

جنرل سرجارج ميڪمين

عطامحمد ڀنڀرو

سنڌ تحقيقي بورڊ، حيدرآباد سنڌ

2002ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: سنڌوءِ جو موھ
ليکڪ: جنرل سرچارج ميڪمين
مترجم: عطامحمد ڀنڀرو
پهريون ڇاپو: مارچ 2002
ڪيليگرافي: سائره
ڪمپوزنگ: ناز ڪمپوزر
دڪان نمبر 4- سيد آرڪيڊ، گاڏي کاتو
حيدرآباد سنڌ.

قيمت -/150
هڪ سؤ پنجاھ روپيا فقط

سنڌ تحقيقي بورڊ، ڪتاب نمبر 24

SINDHO JO MOH
TRANSLATED BY: ATTA.M. BANBHRO
PUBLISHED BY: NAZ SANAI
SHOP NO: 4. SYED ARCED
GARI KHATO HYDERABAD SINDH
Book No: 24 MAR: 2002
Per copy: Rs: 150

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڌ اکر

'سنڌ تحقيقي بورڊ' طرفان عطامحمد ڀنڀري جو سنڌ جي تاريخ بابت ترجمو ڪيل، هيءُ ٻيو ڪتاب ڇپجي پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ٿي رهيو آهي.

ويجهڙائيءَ واري وقت ۾، اسان جي هن دوست سنڌ جي تاريخ تي انگريزيءَ مان ڪيترن ئي شاندار ڪتابن جو ترجمو ڪيو آهي ۽ نہ رڳو هڪ وڏي خال کي پورو ڪيو آهي پر سنڌ جي تاريخ بابت ڪيترو ئي مواد پڙهندڙن کي پيش ڪيو آهي.

سنڌ جي تاريخ سان دلچسپي رکندڙ سمورن ماڻهن لاءِ، محترم عطامحمد ڀنڀري جا ترجمو ڪيل ڪتاب نہ رڳو دلچسپيءَ جو سبب بنجندا پر ماخذن واري حيثيت رکندا. اسان جي اڪثر تاريخ، ڌارين لکي آهي. هِن قسم جو سنڌيءَ ۾ مواد اچڻ ڪانپوءِ، سنڌ جي تاريخ ۾ دلچسپي رکندڙ محققن لاءِ ڪافي نيون راهون کُلي پيون آهن ۽ هو چاهين تہ انهن ماخذن کي آڏو رکي سنڌ جي مستند تاريخ جوڙڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪري سگهن ٿا.

اسان کي سنڌ تحقيقي بورڊ طرفان هِن قسم جا تاريخي ڪتاب آڻڻ ۾ گهڻي خوشي ٿيندي آهي ۽ اسان جي هيءَ دلي تمنا آهي تہ سنڌ جو پڙهيل لکيل ساڃاهہ وند ماڻهو، هنن ڪتابن کي نہ رڳو دلچسپيءَ سان پڙهن پر ڪي نتيجا ڪڍڻ لاءِ بہ سوچ ويچار ڪري پنهنجي تاريخ جون ڪڙيون ڪڙين سان ملائي مڪمل تاريخ جوڙڻ ۾ ڪو ڪردار ادا ڪندا.

**ناز سنائي**

حيدرآباد، سنڌ
۳۱- جنوري ۲۰۰۲ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انتساب

هنگورجا جي شهيد ڄام ههبي سهتي
جي نالي

جنهن کي سيد محمد باقر ۽ سيد عبدالواحد
سنڌ جي عشق جي ڏوهه ۾
دهليءَ کٽي وجي شهيد ڪري ڇڏيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مصنف طرفان ٻہ اکر

هن ڪتاب ۾ هن حقيقت سمجهائڻ جا جتن ڪيا اٿم تہ ڪهڙي طريقي سان موجوده هندستان جي جاگرافيائي حدن جو بنياد رکيو ويو. هن جاکوڙ ۾ انگلنڊ جو تاجدار ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپني هڪ جيترو ڀاڱي ڀائيوار هئا. اهو نہ ٿو چئي سگهجي تہ انگريزن اهو ڪم سوچي سمجهي ڪيو هو يا انڌي گهوڙيءَ جيان ڪل ۾ اڪيون پوتي ڪاهي پيا هئا. پر انهن علائقن جو سياسي وايو منڊل اهڙو منڊل هو جو پنهي ڌرين کي ائين ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو گس بہ ڪونہ رهيو هو. مان هن ڪتاب ۾ هن ڳالهہ جي بہ اپٽار ڪئي آهي تہ گلا جو گهانگهو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ پنهنجي ڳچيءَ ۾ وڌو پر حڪمراني انگلنڊ جي تاجدار جي وڏي جنهن جي ڪارنهن جو ٽڪو ساري انگريز قوم تي آهي. اِها هن ڪُريت ڪئي هئي. هن بدران اهڙو جڏو ڪم ڪو ٻيو ڪري ها تہ چڱو هو. هندستان اينرو بگڙي چڪو جنهن جو سڌرڻ ئي مشڪل هو. ان جو انتظامي ڍانچو بہ ايڏو ڊانوانڊول ٿي چڪو هو جنهن کي سڌاري سنئين وات تي هلائڻ ڪا سولي ڳالهہ بہ ڪانہ هئي. مان ان ڳالهہ جو اهڃاڻ ڏنو آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ انهيءَ ڪري ٿيو آهي جو مختلف ڪڙم ۽ قبيلن جي ماڻهن پنهنجي اجهل سگهہ جو مظاهرو ڪري، پنهنجن ملڪن جي حدن کي غير فطري طور وڌائڻ شروع ڪيو هو.

هن ڪتاب ۾ انهن مکيہ پنجن جنگين جو ذڪر بہ ڪيو ويو آهي جيڪي ١٨٣٩ کان ١٨٤٩ع تائين ڏهہ سال سانده هليون. اهو رائي وڪٽوريا جي حڪومت جو شروعاتي دور هو ۽ ان وقت رائيءَ جي الهڙ جواني هئي. اهي جنگيون هڪ ٻئي کان پوءِ لڳاتار ڳنڍيون آيون هيون. هن لڳاتار جنگي سلسلي جي اهميت کي ٻن ڳالهين ڪري مناسب جاءِ ملي ڪانہ سگهي آهي. جن مان هڪ ڪرائميا جي جنگ ۾ هندستان جي ١٨٥٧ واري بغاوت هئي ٻيو تہ هنن لڳاتار جنگين ۾ وڙهندڙ هندستاني فوج ١٨٥٧ع ۾ بغاوت، ڪري پنهنجي ڪئي ڪرتئي کي پاڻيءَ ۾ لوڙهي ڇڏيو هو ۽ اهي يورپي فوجي عملدار جيڪي انهن جنگين ۾ شريڪ هئا تن ٻاڻ انهن هندستاني فوجن تي گوليون وسايون هيون، جيڪي مٿي ڄاڻايل جنگين جي ذڪن سکن ۾ ساٿين هڪجهڙا ڀائيوار هئا. يا تہ اهي فوجي عملدار مري چڪا هئا يا تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجن انگريزي طرز تي نهيل گهرن ۾ پنهنجا ڏينهن پورا ڪري رهيا هئا. ڪين جڻ انهن جنگين ۽ فتحن جي هڪ گهڙي بہ ياد ڪانہ هئي. انگريزن مان ڪي فوجي عملدار اهڙا بہ آهن جن هنن جنگين ۾ ڪڏي حصو ورتو. سور سختيون بہ ڏاڍيون ڏنائيون ۽ سٺائون پنهنجي فتحن جي انهن اويسار گهڙين ڪي ساه برابر سانڍيو بہ پيا اچن. انهن جنگين جون يادگيريون ڪين ايتريون تہ پياريون آهن جيتريون پيتزولا ۾ وڙهيل جنگن جون ساروٽيون.

هتي مان هن ڳالهہ ڏانهن بہ اشارو ڏنو آهي تہ جڏهن ڪي نوجوان ذهن هندستانين واسطي نئين آسمان ۽ نئينءَ ڌرتيءَ جوڙڻ جو منصوبو تيار ڪندا آهن تہ ان ناتي سان ڪين سنڌ، پنجاب ۽ گواليار ۾ برندڙ پراڻي دوزخ جي اگريءَ آگ ڪي بہ ضرور ياد ڪرڻ گهرجي تہ انهن ماضيءَ ۾ پنهنجي حڪمرانن هتان ئي ڪهڙا ڏاڍ ڏنجها ڏنا.

# هندستاني نالن جي هِجي

هندستاني نالن کي اچارڻ واسطي هڪ سائينٽفڪ طريقو اختيار ڪيو ويو آهي. هتان جي جن نالن ڪان بالجتيءَ ڪان وني چاڻ آهي تن جي هِجي کي جيئن جو تيئن رکيو ويو آهي. جنگين جي نالن جي پڙهڻي بہ اها قائم ڪئي وئي آهي جيڪا جنگين ۾ ادا ڪيل بهادري جي ڪارنامن جو ئي مليل پِلن تي نظر اچي ٿي.

سئڪ وِلي ڪاليج
١- نومبر ١٩٣٣

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳنڍيل هوندو آهي. هن کان علاوه اهي جنگيون هندستان جي مقدر ۽ مستقبل تي گهڻو اثرانداز به ٿيون هيون. وڪٽوريا دور جي مصنف به انگريز فوج خلاف تيليءَ مان ٿنڀ ناهي اجائي ڊوءِ ڊوءِ ڪئي آهي تن کي به هن قسم جي ڪتاب لکڻ سان جوڳو جواب ملي ويندو. هن معاملي ۾ سندن کو ڏوهه به ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. ڇاڪاڻ جو اوڻويهين صديءَ جي شروعات واري مصنف جا عام طور تي خيال ۽ نظريا ڪجهه بيا رهيا آهن. ان ڪري به ته سياسي نقطه ء نظر کي، هميشه تاريخي عمل سمجهڻ، جي غلطي ڪئي وئي آهي. برطانيه حڪومت جي اختيار ڪيل حڪمت عمليءَ کي نياءَ ۾ نيت پٽ واري اک سان ڪڏهن ڏٺو ئي ڪونه ويو آهي. جنهن ڪري افغان جنگ ۾ سنڌ جي فتح ۽ پيا به ڪيترا اهم واقعا رونما ٿيا. ڪي اهڙا به واقعا ٿيا جيڪي فوجي نااهليءَ ۽ ڪي حڪومت جي غير دانشمندانه سوچ ڪري، فوجي گهربل نتيجا ڏئي ڪونه سگهيا ۽ وقت جي من گهڙت افواهن جي ور چڙهي ويا.

وڪٽوريا دور جون اهي جنگيون سنه ۱۸۳۹ع کان ۱۸۴۹ع تائين هليون، جن ۾ فوج وڏي انگ حصو ورتو. سندن وچور هيٺ ڏجي ٿو:-

پهرين افغان جنگ جيڪا ۱۸۳۹ع کان ۱۸۴۲ع تائين هلي. ان جا ڪيترا مرحلا ۽ مختلف نتيجا نڪتا. ڪيترن هنڌن تي انگريز فوج جي تباهي ٿي ۽ ڪن جاين تي وري سوين به ماڻيون ويون.

سنڌ جي فتح به هڪ مناسب واقعو آهي. سنڌ جو وايو منڊل تمام گهڻو منجهيل هو جو ميرن جي شڪست هڪ فطري ڳالهه هئي ۽ انساني فرض جي تقاضا به اها هئي.

گواليار خلاف مهم به ۱۸۴۳ع ۾ شروع ڪئي وئي هئي. هيءُ اهو دور هو جڏهن مختلف ملڪ هڪ وڏي طاقت سان زور آزمائي ڪرڻ لاءِ سندرا ساهي پڙ ۾ پهچي چڪا هئا ۽ جنهن مهان سگهه هميشه لاءِ پنهنجي قوت جو سڪو ڄمائي ڇڏيو.

ستلج مهم، جنهن کي سکن جي پهرين جنگ سڏيو ويندو آهي سا به لڳ ڀڳ هن ئي دور جو واقعو آهي. سک فوج پنهنجي وت کان ٻاهر نڪري هر ضابطي جا ليڪا لتاڙي پنهنجي حڪومت جي آشيرواد سان انگريز سگهه سان ٽڪرڻ پئجي وئي هئي ۽ کيس جوڳي سيکت به ملي هئي.

پنجاب خلاف مهم، کي سکن جي ٻي جنگ به سڏيو ويندو آهي. جنهن ۾ هنن برطانيه سرڪار جي سگهه کي آزمائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر هو ميدان هاري وينا هئا. حالتن مان معلوم ٿئي ٿو ته برطانيه حڪومت سکن کي اهم مقام ڏيڻ واسطي پنهنجي طرفان ڪوشش ڪري رهي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيتري قدر پنجاب سان پهرين جنگ جو تعلق آهي تہ اها انگريزن جي هڪ پهترين حڪمت عملي هئي جنهن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ تڪڙ کان ڪم ورتو ويو. هن کان علاوه جنگي فرض بہ سُپتائي ۽ سَچيتائي سان ڪونہ نڀايا ويا هئا. ٻي جنگ ناگزير هئي. ٻيون ٽي جنگيون تہ انگريزن تي مڙهيون ويون هيون، جيڪي انگريزن پنهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ وڙهيون هيون ۽ اهي بہ بہ اڻ ٽرهيون. انگريز فوج جي ڪارڪردگيءَ بابت ۽ اسان کي خوش ڪرڻ واسطي وقت جي ورقن مان جستائين ڪا حقيقت ظاهر ٿئي تنهن کان اڳ ضروري آهي تہ ٿوري وقت لاءِ تاريخ جي پردي کي ڪجهہ مٿي ڪجي ۽ ڏيکارجي تہ واٽرلو جي جنگ کان پوءِ هندستان، تجارت، تعليم ۽ انساني ترقيءَ ۽ تعمير خلاف ڪنيل هٿيار ڦٽا ڪري چڪو هو.

# مارڪيوئس ويلزلي جي دور وارو هندستان

سرجان شور جي ٿوري عرصي واري ڪمزور حڪمرانيءَ کان پوءِ سنہ ١٧٩٨ع ۾ لارڊ مارننگٽن هندستان آيو هو. سندس آئرلئنڊ جي ويلزلي گهرائي سان تعلق هو ۽ ڊيوڪ آف وينگٽن جو ننڍو ڀاءُ هو. هي برطانيہ شهنشاهيت جي سڀني عملدارن مان وڏيڪ مشهور هو. هي ڏاڍو ذهين ۽ هوشيار ماڻهو هو. اڄ هندستان جيڪو اڄ هڪ يڪي علائقي جي شڪل صورت ۾ ڏسون ٿا. جنهن جي آدم شماري ٣٥٣٠٠٠٠٠٠ آهي تنهن جي پڳل ٽُٽل ٽڪرن جي ميڙا چونڊي ڪري هڪ ڪرڻ جي شروعات هن سڄاڻ گورنر جنرل ڪئي هئي، جنهن کي سندس عملي جا ماڻهو ويلزلي جي نالي سان سڏيندا هئا.

هن لارڊ کي بعد ۾ مارڪيئس ويلزلي سڏيو ويندو هو. هن پَريا ست سال حڪومت ڪئي ۽ نهايت سهڻو انتظام رکيو. سندس انتظامي قابليت جون ڳالهيون هن ڪتاب سان تعلق ڪونہ ٿيون رکن نہ وري هن جي هلئي وڃڻ کان پوءِ رونما ٿيندڙ واقعن جو هن ڪتاب سان ڪو واسطو آهي. پر هو پنهنجي پٺيان جيڪو هندستان ڇڏي ويو سو راڻي وڪٽوريا وارو هندستان هو. اهو هندستان جتي برطانيہ جي حڪومت قائم ٿي چڪي هئي ۽ هن ننڍڙي عمر واريءَ راڻيءَ جنهن جي بار کي پنهنجي نرڙ جي ليڪن مٿان بہ محسوس ڪيو هو. پارنهن سالن جي حڪومت کان پوءِ ويلزلي وارو اهو هندستان گهڻو بدلجي چڪو هو ۽ موجوده دور وارين وسيع حدن ۽ علائقي وارو هندستان بڻجي ويو هو.

پهريائين جڏهن مارننگٽن هندستان جي حڪومت جون واڳون سنڀاليون تنهن زماني ۾ مدراس پريزڊنسي جو تحفظ، حيدرآباد دکن جو امن امان ۽ مرهٽن وارن علائقن جو چين ۽ سڪون ڦٽي ويو هو. ان جو ذميوار حيدر علي نالي هڪ پناڻ فوجي سپاهي هو جنهن نمڪ حرامي ڪري ميسور جي اصلي هندو راجا کي ختم ڪري پاڻ دنگو جمائي ورتو هو. هو سالن جا سال سندس نوڪريءَ ۾ رهيو هو. هن غاصبن ٽي ڀيرا انگريزن سان جنگ ڪئي. آخري ڀيرو ٽيپو سلطان ١٧٩٢ع ۾ گورنر جنرل ڪارنوالس هٿان سخت شڪست کاڌي هئي. هو پاڻ ڀڄي بچي ويو. سندس پٽ انگريزن وٽ يرغمال هئا. سمجهيو ائين پئي ويو تہ هو هاڻي مات ٿي ويندو ۽ پاڙيسري حڪمرانن سان مان مرجاتا سان هلندو. پناڻ ۾ اهڙي چڱائيءَ

جي اميد رکڻ ٻيرن کان ٻير گهرڻ سمان آهي. ان زماني ۾ نيپولين بونا پارٽ مصر تي ڪاهي رهيو هيو. هو به مشرق جي ملڪن کي فتح ڪرڻ جا خواب ڏسي رهيو. هن اهو به اعلان ڪيو هوته هو پنهنجي ساري سگهه گڏائي هندستان تي ڀرپور حملو ڪندو ۽ انگريزن جو جڙ ٻجو رلائي ڇڏيندا. هن ٽيپوءَ ڏانهن هڪ خط لکيو هو جنهن ۾ ڪيس ڄاڻايو هئائين ته هو انگريزن کان نجات حاصل ڪرڻ واري خير جي ڪم ۾ سائس ضرور ڀاڱي ڀائيوار ٿيندو. فرينچ قوم سان واسطو رکندڙ عملدار جن کي ڪرناٽڪ مان لوڏي ڪڍيو ويو تن به وڃي ميسور ۾ مٿو لڪايو هو. ٽيپو سلطان انگريزن سان ڪيل واعدا ڪڏهن ڪونه پاڙيا ڇاڪاڻ ته ڪيس فرينچن جي واهر جي آس ۾ آسرو هو. جڏهن هي نوجوان گورنر جنرل هتي پهتو ته هن اڻ چِٽي وايو منڊل تي گهرائي سان سوچڻ لڳو ۽ هن نتيجي تي پهتو ته ٽيپوءَ کي ختم ڪرڻ کپي. ڇاڪاڻ ته هن جو نه فقط انگريزن سان وير هو پر ٻاڙي جي ڏيهي حڪمرانن کي بدلائي باهه ٻاري ڏني هئي ۽ پنهنجي روهه وار جوءِ تان لهي هيٺ وڃي سامونڊي علائقن تي اوچتو ستون هڻندو هو. لارڊ مارننگٽن ڪيس اٿين نه ڪرڻ لاءِ چتاءُ ڏنو ۽ ان سان گڏ ان فوج کي هڪ جاڳنو ڪرڻ لڳو جيڪا لارڊ ڪارنوالس جي مهنداري ۾ وڙهي هئي ۽ ٽيپوءَ کي شڪست ڏني هئي. تن ڏينهين ٽيپو گهڻو اڳتي نڪري ويو هو. پر جڏهن ڪيس اهو پتو پيو ته لارڊ مارننگٽن هن جي خلاف فوج ڪٺي ڪري رهيو آهي ته ڏاڍو ڊڄي ويو. نيپولين بونا پارٽ هن کان ڪوهين ڏور مصر ۾ موجود هو جيڪو سندس وقتائتي واهر ڪونه ٿي ڪري سگهيو. تنهن ڪري هن مجبور ٿي اسلام جي ٻير تي ڏؤنڪو هنيو. ان ناتي سان هن هزارين هندو زوريءَ طهرائي مسلمان ڪري ڇڏيا. اهڙي ريت ظاهري اسلام کي ته زور ونرايو پر اصلي، بن جي دڙي ڦُڪ ڪري ڇڏي. هن اهو ساڳيو پيغام احمد شاه ابداليءَ جي پوٽي، افغانستان جي حڪمران ڏانهن به موڪليو.

احمد شاه ابدالي اهو ماڻهو هو جنهن سنه ١٧٦١ع ۾ پاڻيپٽ جي ميدان ۾ مرهٽن جي سگهه کي سيڪاٽي ڇڏيو هو. هن کان علاوه افغانستان جي سرحد اتر هندستان واري علائقي ۾ ستلج تائين قائم هئي. ان حڪمرانن ڏانهن لکيو ويو ته، ”هڪدم هيڏانهن هليا اچو ۽ اچو ته گڏجي انگريزن کي هندستان مان هميشه لاءِ ڪڍي ڇڏيون. اچو ته ايڪو ۽ ٻڌي ڪريون ساري سگهه هڪ جائتي ڪري کين ختم ڪري ڇڏجي. او شاه زمان ۽ حاڪم دوران سگهو اچو ۽ اچي مظلوم محب وطن مسلمانن جي واهر ڪر. پاڻ سان ترڪن جي فوج وٺي آءُ. افغانن ۽ مغلن جو لشڪر ساڻ ڪري اچو. عالم، شيخ، مشائخ ۽ سيد به ساڻ گڏي اسلام جو سائو جهنڊو کڻي اچي ڪارڻي ٿيءَ.“

زمان شاه يا شاه زمان اوهان جيئن ان کي سڏيو. ڪجهه به ڪونه هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس غير مسلمانن لاءِ ڪا نفرت ڪانه هئي. سندس ڏاڏي احمد شاه ابدالي هندستان تي سترهن ڀيرا ڪاهيو هو. سندس پيءُ تيمور شاه پنهنجي پيءُ احمد شاه جي نالي جو ڪتبو ڪائيندو رهيو. زمان شاه پاڻ به ڪو چڱو مڙس ڪونه هو. پر ڪيس اسلام جو نالو ۽ نعرو هٿ لڳي ويو هو. وٽس اسلامي جهنڊي ۾ اسلامي طبل هئا. سندس اهڙي فرياد ٻڌي وٽس وهلو ورڻ جا جتن ڪرڻ لڳو هو. پر سندس ملڪ پاڻ وڳوڙن جي ور چڙهيل هو.

افغانستان اصل ۾ ياغستان Yaghistan آهي، اهڙو ملڪ آهي جتي امن امان ۽ صلح سانت ٿيڻ ممڪن ئي ڪونه آهي. قنڌار ۾ بغاوتون، هرات ۾ دنگا ۽ فساد ۽ آمون واري علائقي تي حملن جي هڻ هٽان جن سندس وايون ولهڙيون ڪري ڇڏيون هيون ۽ مجبور ٿي پنهنجي لشڪر کي اتر هندستان ڏانهن وڌڻ جو حڪم ڪيو هئائين. ٽيپو به صفا چتو ٿي پيو هو. پٽس حيدر علي ڪيس پريءَ دربار ۾ ماڻهن جي سامهون ڪوڙا هڻايا هئا ان واقعي کان پوءِ ته رهندو به ارن مان نڪري ويو هو. بعد ۾ ڪڏهن عقل وارو ڪم ته ڪيو ئي ڪونه هئائين ۽ پنهنجي پيءَ کي ڇڏي اڪيلي سر وتندو هو پاڙي وارن سان اُچائيندو. برطانيه، هتي مان هيءَ لفظ ان ڪري ڪتب آڻي رهيو آهيان جو ذڪرڻ هندستان وارو علائقو آئرلئنڊ جي ماڻهن فتح ڪيو آهي. اج به ميسور واري فوج ۾ اين مئڪلينس ۽ مئڪنتوش جهڙا ماڻهو موجود آهن جن هن علائقي تي ڪيترا ڀيرا حملا ڪيا آهن. آرٿر ويلزلي ٣٣- پيادل فوج جو مهندار هو. هڪ نازڪ موقعي تي ڪيس محاذ تي ننڊ اچي وئي. ڪيس جيڪي ڪرڻ جو حڪم مليل سو ڪري ڪونه سگهيو. ان ڪري هو مليل ڪميشن به ذري گهٽ وڃائي چڪو هو پر سندس کي ڀاڳ ڀلا هئا جو بچي ويو. پر ان ڳالهه جو هن قصي سان ڪو واسطو به ڪونه آهي. ٽيپو وڙهندي پنهنجي قلعي جي ڦاٽڪ وٽ مارجي ويو ۽ سندس گهراڻي جي به پڄاڻي آئي. ميسور جو علائقو سندس اصل هندو حڪمران جي حوالي ڪيو ويو. انگريز طاقتور هئا. جيڪڏهن اهو علائقو پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪن ها ته ڪائڻن ڪير به پڇڻ وارو ڪونه هو. پر هنن ائين ڪونه ڪيو هو.

لارڊ مارننگٽن پنهنجي طرفان سخت محنت ڪري رهيو هو. ٽيپو ۽ بونا پارٽ جا ڏٺل سپنا اڌورا رهجي ويا. ”بلينٽ فورڊ“ ۾ هڪ ئي وقت به بادشاه رهي ڪونه سگهندا. ان وقت اهو واضح ٿي چڪو هو ته مغلن جي ڀڳل ٽٽل ملڪ ۾ هڪ بي سگهه به هئي جيڪا پنهنجي اقتدار جا سپنا ڏسي رهي هئي. مرهٽن جون ڪيتريون ننڍڙيون ننڍڙيون رياستون هيون پر انهن مان پنج وڏيون هيون. سنڌن پاڻ ۾ سدائين تلوارون اُڀيون هونديون هيون. وقت کي وري به ڪير ڪنڌ ٿي وٺندا هئا. سنڌيا، گواليار جو مهاراجا هو جيڪو ٻين سڀني کان وڌيڪ سگهارو هو.

پيشوا نالي ٻيو مرهٽو پوني جو راجا هو جيڪو نالي ماتر سنڌن وڏو هو. هو دهليءَ جي مغل شاهه وزير هو ۽ شيواجي جي گهرائي سان واسطو رکندو هو. سنڌيا کي تمام گهڻو لشڪر هوندو هو. فوجي ضابطن ۽ اصولن ۾ هو ڪمپنيءَ جي فوج جو نقل ڪندو هو ۽ جنگ جي ميدان ۾ يورپي حڪمت عملي اختيار ڪندو هو. هن جي فوج ۾ فرينچ، انگريز ۽ گڏيل نسل جا ماڻهو هوندا هئا ۽ فوجي ڪمانڊنٽ هڪ فرينچ هو جنهن جو نالو " ڪائونٽ ڊي بئائن" هو. هن ڪيس گنگا ۽ جمنا جي وچ وارو دوآبو علائقو جاگير ڪري ڏنو هو. تن ڏينهن هو دهليءَ ۾ رهندو هو. ڪنهن زماني ۾ مغل حڪمرانن جي هندستان ۾ ڌاڪ هئي پر هي پويون حڪمران هڪ گڏو هو. ڪيس هڪ پناڻ وزير انڌو ڪري ڇڏيو هو. سنڌيا ان مغل حڪمران جو وزير هو. مغل توڙي جو نالو طور حڪمران هو تنهن هوندي سندس مُهر ۾ اجا طاقت هئي جنهن کي ڏسي ماڻهن تي دهشت چڙهي ويندي هئي ۽ اها مهر سنڌيا جي هٿ ۾ هوندي هئي.

مرهٽن جي سنڌ جي حڪمرانن سان اڳئي گهٽي اليڪ سليڪ هئي. سنڌيا ٻين مرهٽن سان گڏجي سازشون ڪندو وتندو هو. هن ڏس ۾ حيدرآباد جي مغل حڪمران سان بہ ٻانڌو ٻڌو هئائين. انهن سڀني کي سدائين ڀڙڪائيندو ۽ هُشيون ڏيندو رهندو هو تہ اچو تہ ايڪو ڪري هڪ وڏي فوج ترتيب ڏئي انگريزن کي ڌڪي سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيون.

## مرهٽن سان ٻيءَ ٽين جنگ

ان زماني ۾ لارڊ مارننگٽن سوچيندو رهندو هو تہ حالتن کي مڙس ٿي ڪيئن منهن ڏجي. سندس اهو بہ خيال هو تہ جهڙيءَ ريت هڪ ٻيلي ۾ بہ شينهن رهي نہ سگهندا تہ ڪهڙي ريت برينٽ فورڊ ۾ بہ هڪ وقت بہ بادشاهه رهي ڪونہ سگهندا ۽ هن جو ويچار هو تہ ترڪ ۽ مغل ڪان پوءِ هتي هندستان جو حڪمران برطانيہ کي هجڻ گهرجي يا مرهٽن کي. برطانيہ کي هندستان جو حڪمران بنائڻ لاءِ فقط هڪ رستو ڪليل هو جنهن تي هي سياسي مدبر "لارڊ مارننگٽن" سوچي ويچاري رهيو هو. سندس ويچار هو تہ ليڊن هال اسٽريٽ جي عام ماڻهوءَ کي مڃرائجي پر سندن آواز ۾ ٺڏائي ٿانهر هجي. سندس هن خيال جي پوئواري پنيرائيءَ لاءِ ڪيترا دلير ماڻهو هئا پر ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ برطانيہ سرڪاري جي ملازمت کين منجهائي وڌو هو. هن ماڻهوءَ جي مکيہ سوچ اها هئي تہ هتان جو ڏيهي

حڪمران اڳراين ۾ انگريز سان پٽ هجي ۽ پنهنجي بچاءَ واسطي انگريزن سان اتحاد ڪري. يعني اهڙيون حالتون پيدا ڪيون وڃن جو هتان جا حڪمران انگريزن سان اتحاد واسطي مجبور ٿي پون. اهڙا حڪمران فقط پنهنجي سرحدن تائين محدود رهن. اهڙن حڪمرانن وٽ انگريزن ۽ ڏيهي ماڻهن جي گڏيل فوج رکڻ گهرجي جيڪا سندن راڄڌانين ويجهو هئڻ کپي ۽ ان خرچ جا ذميوار هو پاڻ هجن. اهڙن راڄائن يا رائن کي برطانيہ جي ماڻهن جي بچاءَ واسطي ڪجهہ خرچ ڪرڻو پوندو ۽ کين سمجهڻو پوندو تہ برطانيہ عظيم آهي. هندستان جي سياسي سکهہ ۽ انهن جو بچاءُ ڪندڙ هڪ مهان محافظ آهي. مينهوڳيءَ جي موسم ۾ ئي کين هٿياربند ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ سانوڻ جي وسڪاري ڪانپوءِ هرڪو حڪمران ٻئي ملڪ کي فتح ڪرڻ واسطي لشڪر جون قطارون ڪڍ لائي نڪري پوندو آهي. ائين ڪرڻ هتان جو جڻ تہ عام رواج هو. پر انگريزن جي حڪومت جي قيام کان پوءِ مس وڃي ڪجهہ هتريا آهن ۽ ماحول ۾ ڪجهہ مانار آئي آهي. هن طريقي اختيار ڪرڻ سان هاري ناريءَ کي پنهنجي پوکي راهي سان دل لڳائي پورهئي ڪرڻ جو جوڳو وقت ملي ويندو ۽ واپاري وڙو بنا ڪنهن پهريدار جٿي جي قاتلن سان گڏجي ريءَ اڏکي پنهنجي ڏنڌي ۾ جنبي ويندو. اها ڪهڙي نہ بهترين سوچ هئي تہ اهڙو ڪو وايو منڊل پيدا ڪيو وڃي جو ڏيهي حڪمران پنهنجي خرچ تي پنهنجي راڄڌانيءَ پرسان انگريز فوج رکڻ تي مجبور ٿئي ۽ انگريزن جو احسانمند بہ رهي ۽ کين هندستان جي عظيم سياسي سکهہ سمجهڻ لاءِ تيار بہ ٿي وڃي.

پر سنڌيا پنهنجي سياسي سکهہ جو بنياد رکي رهيو هو ۽ انگريزن تي سندس اک ئي ڪانہ ٿي ٻڌي. ان مقصد خاطرمغل دربار ۾ وزير طور ڪم بہ ڪري رهيو هو ۽ امن وزارت خاطر هن هر چيز ڇڏي ڏني هئي.

سگهارن حڪمرانن جي وچ ۾ ان امان پيدا ڪرڻ، وقت جي اهم ضرورت هئي. ان خيال کان گورنر جنرل اول پيشوا ڏانهن ڏيان ڏنو. سنڌيا ۽ هولڪَر جي گڏيل لشڪر جن ۾ يورپي ماڻهو شامل هئا، سائنس جنگيون ڪري چڪا هئا. هو ڪائنن سڙيو وينو هو. اهڙي وايو منڊل ۾ هرڪنهن کي پنهنجي بچاءَ جي وڏي اڻ تڻ ۾ لوڙ محسوس ٿيندي آهي. ساڳيءَ ريت برطانيہ حڪومت جي علائقن کي بہ اهڙي بچاءَ جي لوڙ هئي. پيشوا ٻين مرهٽن حڪمرانن هٿان ڏنب ڏنا هئا تنهن ڊوڙي اچي واهر لاءِ انگريزن جا پاند پڪڙيا. ۽ برطانيہ حڪومت بہ سوڙهيءَ ۾ ”جنرل آرٿر ويلزلي“ کي سندس ڀائهن ڀيلي ۽ تار جو ٽرهو بنائي ڏنو. سنڌيا ۽ ڀونسلي کي اهڙي سوچ ۽ مسرت ئي ڪانہ هئي تہ پيشوا سڀ ليڪا لتاڙي وڃي انگريزن جي جهوليءَ ۾ ڪرندو. ٻنهي حڪمرانن جو گڏيل لشڪر شڪست کائي پچ پائي وني پڳو. جنرل آرٿر سان لارڊ ليڪ بہ گڏ هو. هن ٻنهي مان لارڊ

ليڪ گڏيل فوج وٺي وڃي آگري ۽ دهليءَ تي حملو ڪيو جڏهن ته جنرل آرٿر ويلزلي دکن وارن علائقن تي ڪاهي ويو. ٻنهي فوجن شاندار فتحون حاصل ڪيون. اوپر طرف عليگڙهه لسوري، دهلي ۽ اولهه پاسي اسيه، ارگم ۽ گهويلگهر ۾ دشمن کي سندن گهرن ۾ شڪستون نصيب ٿيون. دهليءَ جو مغل نابين حڪمران اهو ڪجهه ڪري رهيو هو جيڪو واندو حڪمران ڪندو آهي. انهن شڪستن کان پوءِ دشمن فوج ۾ جيڪي فرينچ عملدار هئا تن کي ڪڍيو ويو. گنگاءِ جمنا جي وچ وارو دوآبو علائقو جيڪو فرينچ فوجي جنرل کي ڏنو ويو هو تنهن کان ڪسي مغل سلطنت سان ملايو ويو ۽ مغل بادشاه کي فقط دهلي قلعي اندر شهنشاهي اختيار سونپيا ويا هئا.

مرهٽا اتحاد جو پنجون حڪمران سنڌيا سان ڪونه ٺهندو هو. هن ١٨٠۴ع جي هاڙهه ۽ ڪاڙهه واري رت ۾ اوچتو وڃي مٿس حملو ڪيو. اهڙيءَ ريت انگريزن کي هڪ ٻي مرهٽا جنگ هٿ لڳي وئي جنهن جو هنن ڀرپور فائدو ورتو.

اهڙي صورت حال کي نظر ۾ رکي ڪرنل مانسن کي فوج ڏئي مٿس حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو جنهن وڃي سائس جنگ جوٽي پر هار کاڌائين. ڀرتپور جو راجا وڃي دشمن سان ٻانڌو ٻڌو. سنڌيا ڏاڍو سياڻو هو ۽ تازي ڪيل عهدنامي تان تر جيترو به ڪونه ڦريو. هوڏانهن هولڪر وڃي دهليءَ تي حملو ڪيو جيڪا تازو انگريزن جي ماتحت ٻڌجي چڪي هئي. جنرل ليڪ ۽ ان جي گهوڙيسوار دستن ڪيس اهڙي شڪست ڏني جو ڪيس ڇٺيءَ جو کير ياد اچي ويو ۽ اڳتي فتح ڳڙهه ۾ وڃي ڪيس ڳتر کان جهليائين. سندس پيادل فوج کي "ديگ" جي اوسي پاسي واري علائقي ۾ تباه ڪيو ويو. لارڊ ليڪ ۾ هنوقت تمام گهڻي خود اعتمادي اچي وئي هئي. هن چا ڪيو جو ترتڪڙ ۾ وڃي ڀرتپور تي حملو ڪيائين. ايتري ابهرائي ڪيائين جو ٻاڻ سان قلعي ڀڄڻ وارا اوزار هٿيار ۽ ان ڪم سان لاڳاپيل فوج به ٻاڻ سان گڏ ڪونه وٺي ويو. سائس ٧٦- پيادل، گهوڙيسوار دستا ۽ ڪجهه نيم مسلح فوج هئي. پر حقيقت اها هئي ته هن قسم جي وڏي مهاڏي لاءِ وٽس وڏي فوج هئڻ گهربي هئي. مٿي چاٽايل فوج ۽ ڪجهه ڏيهي لشڪر سان هن وڃي حملو ڪيو ۽ پورا چار ڀيرا ڀرتپور کي فتح ڪرڻ جا جتن ڪيائين پر هڙ حاصل ڪونه ٿيس ۽ منهن جي ڪائي موٽي آيو. هن مقابلي ۾ سندس هزارين فوجي ماريا ويا جنهن جو ساري هندستان ۾ چوٻول ٿي ويو ۽ نيٺ حملي مان ياٺمرادو هٿ ڪڍي ويو. انهيءَ هوندي به راجا ڏانهن واڌايون موڪليون ۽ سائس صلح وارڻ جو پيغام روانو ڪيائين. ڀرتپور واري ناڪامي ۽ ڪرنل مانسن جي شڪست کان پوءِ عام ماڻهن ۾ چميگويون شروع ٿي ويون هيون. پر انگريزن حڪمت عملي اهڙي اختيار ڪئي هئي جو "مرهٽا حڪمرانن" لاءِ انگريزن سان اتحاد ڪرڻ کان سواءِ ڪا ٻي

۾ جهڙي ئي ڦرلٽ ۾ ڌاڙن ۾ شريڪ هوندا هئا. چوڌاري سنڌن ڦهري ڪاروايون جي ڌم مچيل هئي. نربدا جي ڪنڌين سان گهاٽا ٻيلا سنڌن ڌاڙاين جا ڳڙهه بڻيل هئا. سنڌن اره زوراين ڪان ڪير به وانجهيل ڪونه هو. هر نئين سال جي شروع ٿيڻ سان سنڌن ظلم جا نوان ئي نمونا شروع ٿيندا هئا، جنهن به وانڍ، وسنديءَ، شهر ۽ ڳوٺ ۾ گهڙندا هئا ته ڦرلٽ، باهه، غارت گري قتل عام هنن لاءِ ته ڪا ڳالهه نه ڪانه هئي. ٻيو ته ٺهيو پر عورتن جو لوبون ۽ لچون به محفوظ ڪونه هيون. تنهن ڪري انگريزن لاءِ ضروري ٿي پيو هو ته انهن ظالمن خلاف هڪ ئي وقت اوپر ۽ اولهه طرف کان جنگ شروع ڪئي وڃي. نه رڳو انهن خلاف پر انهن جي خلاف به جيڪي، سنڌن هنن ڪڌن ڪرتوتن ۾ ساٿي پانهن ٻيلي هئا.

ان مهم شروع ڪرڻ کان اڳ انگريز سرڪار کي ٻئي طرفان اٿندڙ شور کي منهن ڏيڻو پئجي ويو. ان دور ۾ اهڙي ڪاروائي هماليه جي وٽ پاسي سان ڪرڻي پئجي وئي هئي.

# برطانيه، مغل تخت ۽ تاج جي وارث طور

مغل تاجدار نابين هو. سندس اهڙو وارث به ڪونه هو جو سندس سلطنت جي سنڀالڻ جي لائق هجي. ساري هندستان ۾ اهڙو ڪو ٻيو ماڻهو به ڪونه هو جيڪو هيڏي ساري مغل حڪومت جو انتظام هلائي سگهي. وارن هيسٽنگس جي زماني ۾ جيڪو ڪجهه هندستان ۾ ٿي رهيو هو تنهن کان ان زماني وارا ماڻهو ضرور واقف هوندا ته ڪيئن مرهٽن ڌاڙائي ڪري دهليءَ جي مغل حڪمران کي ڪڍي ڇڏيو هو جنهن دهليءَ پرسان دوآبي ۾ وڃي پناهه ورتي هئي. بعد ۾ مرهٽن جي واعدن تي اعتبار ڪري جڏهن دهليءَ پهچڻ جي ڪوشش ڪيائين ته ڪيس نابيني ۽ شڪست کانسواءِ ڪا ٻي هڙ حاصل ڪانه ٿي. هن کان اڳي به اهڙي ڳالهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته انگريز مغل تاج ۽ تخت جا صحيح جانشين آهن يا نه؟ اها به هڪ حقيقت آهي ته ڪلائيو کي ديواني جو لقب ڏنو ويو هو. ان جو مطلب اهو هو ته کيس بنگال جي حڪومت هلائڻ جو اختيار سونپيو ويو هو. پر هو ان ڪم ۾ سوڀارو ڪونه ٿيو. دهليءَ جي نابين بادشاهه شاهه عالم لارڊ ليڪ کي به اهڙو خطاب ڏنو هو. پر هو به ڪلائيو جيان انتظام هلائي ڪونه سگهيو هو ۽ بريءَ ريت ناڪام ٿيو. جيڪي ماڻهو ائين سمجهي رهيا آهن ته انگريز، مغل تاج جا صحيح جانشين آهن ته منهنجي خيال ۾ اهي ٻن ڇڪيءَ جي وٽ پاسي ۾ واري جي

انهن ڏينهن کان وٺي برطانيه سرڪار ۾ پنهنجي حڪومت پاڻ ۾ دنگئي تي پيون هيون ۽ پنهنجي جي ظلمن جو ڪيتريون ڳالهيون مشهور ٿي ويون هيون تنهن ڪري انگريزن مٿان سندن جنهن ڪو هائو ويهي ويو هو. سندن خطري سبب ڪرنال ۾ فوجي ڇانوڻي نهن کان هڪدم پوءِ "ڦلڪيان" پاڙي جي سک سردارن جي علائقي جي سرحد سان، ميرٺ ۾ هڪ نهايت مضبوط فوجي ڇانوڻي قائم ڪئي وئي هئي. انهيءَ زماني ۾ سرجارج برلو گورنر جنرل ٿي آيو جيڪو انتظامي طور نااهل ماڻهو هو. انهيءَ کان پوءِ لارڊ منٽو آيو. پهرئين گورنر جنرل جي ساري دور ۽ لارڊ منٽو جو شروعاتي عرصي ۾ هندستان وارن علائقن ۾ وڳوڙي حالتون پيدا ٿي پيون تنهن ڪري اهو سارو وقت انگريز، اوڏانهون متوجهه رهيا. سنه ١٨١١ع ڌاران ڪجهه وٿي ملي ۽ اهڙيءَ حڪمت عملي جوڙڻ جو موقعو ملي ويو جنهن جي آڌار تي پٺاڻن ۽ روس وارن کان بچاءُ ممڪن ٿي پيو هو. پر افغان حڪمران گهرائي ۾ پنهنجو پاڻ اچي ڦيٽاڙو پيو. شاه زمان کي اکين ۾ سرائي ڦيرائي انڌو ڪيو ويو هو ۽ افغان حملي جو. سر مٿان لڙڪندڙ تلوار جو، پڻ پولو جڻ ٽري ويو. افغانستان جي اهڙين وڳوڙي حالتن ڪري نوجوان رنجيت سنگهه کي مٿي ايرڻ جو سونهري وجهه ملي ويو. جنهن ويڙهاڪ سکن جي اڳواڻ هجڻ جي ناتي ستلج پار واري علائقي تي به پنهنجي حڪوت قائم ڪري ورتي. سک حڪومت جو پنجاب ۾ پيدا ٿيڻ انگريزن لاءِ هڪ سٺو سوڻ ثابت ٿيو. انگريزن جو رٿيل منصوبو هڪ صحيح شڪل اختيار ڪري چڪو هو. ڇاڪاڻ ته فرانس ۽ روس جي حملي کان بچاءَ واسطي وچ تي جڻ هڪ ديوار اچي وئي هئي. پنجاب جي سک رياست پٺاڻن جي خرچ تي رات ڏينهن ترقي ڪندي رهي. اندروني حڪمت عمليءَ کي سنڌ ۽ بهاولپور ڏانهن مرڪوز ڪيو ويو ۽ ٻاهرين حڪمت عملي اها هئي ته افغانستان ۽ ايران جو پاڻ ۾ سلٽ ڪرائجي جو روس ۽ فرانس جي خطري کي منهن ڏئي سگهجي. برطانيه سرڪار جي خواهش هئي ته رنجيت سنگهه جي سک حڪومت جو دنگ ستلج درياه هجي.

انگريزن جي پهرين ڪوشش اها هئي ته ايران جي دربار ۾ ايترو اثر رسوخ پيدا ڪجي جو روس جي اڳرائيءَ جي، سهڻي نموني مدافعت ڪري سگهجي. ٻي ڳالهه اها به هئي ته انهيءَ زماني ۾ فرانس جي جهموري حڪومت جا نمائندا ايران ۾ تمام گهڻا فعال هئا ۽ موجوده دور جي روس جي حڪومت جي نمائندن جيان سندن گهڻو اثر رسوخ هو. انگريزن جي ڪوشش اها هئي ته ايران ۾ رهندڙ فرينچ عملدارن جو ايران دربار ۾ اثر ڪيئن گهٽائجي ۽ وڃائجي. ڇاڪاڻ ته اهي انگريزن خلاف سڀ ڪجهه ڪري ٿي سگهيا. انهن ڳالهين ي نظر ۾ رکي سنه ١٧٩٩ع ۾ ڪئپٽن مالڪم جي اڳوائيءَ ۾ ايران دربار طهران ڏانهن هڪ وفد روانو ڪيو ويو. برطانيه سرڪار جو وفد موڪلڻ جو مقصد اهو هو ته جيئن ايران کي

"ڪومبر" جو "ڳنيسباءِ" مري ويو جيڪو ويلور جي بلوي جو جهونجهار هو. فوج جي مکيه ڪماندرن جي نااهليءَ سبب ڪيترين غلطيون ڪيون ويون پر پوءِ به سر "ڊيوڊ" آلو چرلي" جي ڪاميابين ڪانپوءِ گورکن کي هندستان جي علائقن مان ٻي دخل ڪيو ويو. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ صلح جو عهدنامو ٿيو ۽ اهو اتحاد سو سالن تائين قائم رهيو. اهڙيءَ ريت هندستانين جي بغاوت دوران ۽ عظيم جنگ واري زماني ۾ گورکن انگريزن جي وڏي واهر ڪئي هئي ۽ گورکن انگريزي فوج ۾ داخل ٿي نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون هيون. انگريزي فوج ۾ گورکن جي داخل ٿيڻ جي روايت هن ريت پئي جو ١٨١۴ع کان ١٨١٦ع وارين جنگين دوران گورکن جنگي باندين کي انگريزي فوج ۾ ڀرتي ڪري داخل ڪيو ويو هو. هائي اهي هندستان جي انگريزي فوج جي اهم يونٽن طور شامل آهن. گورکن خلاف جنگ نازڪ صورت اختيار ڪري وئي هئي ۽ واٽرلو واري نئپولين جي جنگ تائين، ٻنهي ڌرين جي هار جيت جو فيصلو ڪونه ٿي سگهيو هو.

جنگ جو ٻيو محاذ مرهٽن خلاف کوليو ويو هو ۽ اها جنگ به تڏهن ختم ٿي جڏهن هو پوئتي هٽي وڃي پنهنجي اصلي حدن ۾ نه پهتا. هنن نهايت تيز رفتاريءَ سان اڳتي وڌي نربدا جي ڪناري پنهنجا مرڪز قائم ڪري ورتا هئا ۽ اتي ويهي ڦرلٽ جون ڦهري ڪارروايون شروع ڪري ڏنيون هئائون. سنه ١٨١٣ع ڏاراز ارل آف مائرو هندستان پهتو. هو مشهور معروف فوجي جنرل هو ۽ فوج ۾ "فرانسس راڊون" جي نالي سان ڄاتو سڃاتو ويندو هو. هي اهو مٿير جنرل هو جنهن گورکن جي وڳوڙي سگهه کي هميشه لاءِ چيٿاڙي ناس ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ هن پنڊارين جي خلق آزار ظلمن ڏانهن ڌيان ڏنو جيڪي ڦهر ۽ ڪلور جا سپ ليڪ لتاڙي ويا هئا. پهريائين هو انهن مرهٽ سردارن وٽ ملاقات لاءِ لنگهي ويو جن جي رياستن جي دنگ ڀرسان پنڊارين ظلم ٻاري ڏنو هو. اهي به پنڊارين کان گهٽ ڪونه هئا. هنن آڏاڙيلن، انگريز سرڪار جي اترين علائقن ۾ گهڙي ٣٢٩ ڳوٺ نهوڙي ناس ڪري ڇڏيا هئا. پر اها سندن آخري ڪاروائي هئي. لارڊ موئرا وڏي پيماني تي جنگي تياريون ڪيون. ڪيس اها خبر هئي ته پنڊارين جي مقابلي ۾ ڪيس ڇا ڪرڻو ۽ ڇا نه ڪرڻو آهي.

فوج جو مکيه حصو دکن مان هلٽو هو. پر فوج جي اڳتي وڌڻ کان پهريائين برطانيه سرڪار جا به اتحادي مرهٽا سردار غداري ڪري نڪري هليا ويا. "باجي راءِ پيو. ( پيشوا ) جنگ واري ڏينهن ٥ نومبر تي وڏي فوج وٺي انگريزن جي هڪ ننڍي فوجي دستي تي ڪاهي آيو ۽ ڪرڪيءَ جي ميدان تي جڏهن هڪ وڏيءَ جنگ جو مارڪو ٿيو ته ڪيس اهڙي ته زبردست شڪست آئي جو هميشه لاءِ ختم ٿي ويو. ناڳپور ۾ پونسلي به ساڳي ڳالهه ڪئي هئي. ڪرڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واريون جنگيون ۽ ناگپور پرسان "سيتابلدي" واري جابلو علائقي ۾ ٻن ننڍين فوجي دستن پاران مدافعتي ويڙهه ان دور جي هندستان جي تاريخ جا ٻه اهم واقعا آهن. گورنر جنرل، وقت جي نزاڪت کي محسوس ڪندي ته متان سنڌيا به پنهنجي ذات پاڻ کي ڏسي پنهنجي فوج کي وٺي انگريزن خلاف ميدان عمل ۾ آئي بيهاري تنهن کري هو گواليار تي ڪاهي ويو. پنڊارين جي پاڙ پٽڻ لاءِ هن مهم کي مرهٽن خلاف چوٿين جنگ جئي سگهجي ٿي. هولڪر، جنهن جو لارڊ ليڪ واري دور ۾ ڏيهن تي ڌهڪاءُ هو سو هن جنگي مهم ۾ مارجي ويو. ڪيس ملهار راءِ نالي هڪ پٽ هو جيڪو پنهنجي پيءُ جي وفات وقت ننڍڙو ٻار هو. پر پوءِ به هو اِندور جي فوج وٺي اڳتي وڌيو. برطانيه سرڪار جي هندستان فوج دکن مان مقابلي لاءِ رواني ٿي ۽ پيشوا جي ڪڍ لڳي پئي. وٽس آڻ مڃڻ کان سوءِ ٻيو ڪس ڪونه هو ۽ هن ائين ڪيو. ٻونسلي جي فوج کي جنگ دوران سخت شڪست آئي جيڪا سيتابلدي واري مدافعتي جنگ کان نرالي هئي. هولڪر جي اندور واري فوج جو تعداد ويهه هزار ڪن هو جنهن "ميهرپور" جي ماڳ وٽ اچي انگريز لشڪر سان مهاڏو ڏنو پرسخت هار کاڌائين. مرهٽن جون مکيه فوجون جنگ جي ميدان ۾ هار کائي چڪيون هيون ۽ ان سان گڏ پنڊارين جا ڏينهن به پورا ٿي چڪا هئا. هو ننڍڙيون ننڍڙيون ٽوليون ٺاهي سنڌيون هڻندا هئا. گهوڙن تان هنو ته لاهيندا ئي ڪونه هئا. ڪارواين ڪرڻ کان پوءِ اک ڇنڀ ۾ الائي ڪاڏهون جو ڪاڏي هليا ويندا هئا. پر هاڻي اهي ختم ٿي ويا هئا سندن قهري ڪاروائين کي پنجو اچي ويو هو. سندن اڳواڻ مارجي ويا يا ٻاندي بنايا ويا هئا. ملڪ ۾ ڪيترن سالن کان امن امان آهي. پر ماضيءَ جي هڪ ڳالهه اڃا باقي هئي. انگريزن کي هڪ شڪست ملي هئي جنهن جو پاند پلاند هنن ڪونه چُڪايو هو. هنن کي اهڙيون ڳالهيون ياد نه ڪرڻ گهرجن ها ڇاڪاڻ ته چوندا آهن جيڪو ٿيو سو ٿيو. پر سندن خيال هو ته هو هڪ هڪائي ڪري ڳالهه کي هميشه لاءِ ڪٽائي ڇڏجي. لارڊ ليڪ جي جنگي ڪاروائي دوران جن انگريزن بهادرن پنهنجي حياتين جا نذرانه ڏنا هئا تن کي صلح واسطي وساري ڇڏڻ ڏکيو هو.

## پرتپور ۾ آوا

پرتپور جاٽ نيات جي مائهن جو اهم مرڪز هو. لارڊ ليڪ جهڙي فوج جنرل ان تي بہ تي حملا ڪيا هئا پر ڪيس هرحملي ۾ ناڪاميءَ جو. منهن ڏسڻو پيو هو. برطانيہ سرڪار بہ پنهنجي پاند پلاند ڪرڻ لاءِ آتي ويٺي هئي. سنہ ١٨٢٥ع ۾ پرتپور جو حڪمران گذاري ويو. حقيقي جاءِ نشين جي بدران سندس چاچي گادي تي قبضو ڪري ورتو. گورنر جنرل جي نمائندي ڪيس ائين ڪرڻ کان روڪيو پر تنهن هوندي بہ سندس رڳو ڪن ئي ڪونہ مڙيو. اصلي حقدار کي حق ڏيڻ کان پڙ ڪيڍي ويهي رهيو. تن ڏينهن گورنر جنرل جو نمائندو "آسترلوني" جهڙو مدبر شخص هو جيڪو ساري معاملي کان واقف هو. پنهنجي فوج کي گڏ ڪري اڳتي وڌڻ شروع ڪيو. لارڊ وليم بينٽڪ گورنر جنرل هو تنهن جنرل آسترلوني جي حڪمن کي رد ڪري ڇڏيو چاڪاڻ تہ ڪيس مسئلي کي امن امان سان نبيرڻ جي آس هئي. اها ڳالهہ ڏسي آسترلون هنيان هاري ويٺو. پر اڳتي هلي وقت ثابت ڪيو تہ سندس سوچ بلڪل صحيح هئي. ڪمانڊر. ان چيف لارڊ ڪومبر ميئر جنهن کي واٽرلو جو "استيپلٽن" سڏيو ويندو هو سو وڏي فوج ۽ طاقتور توبون ساڻ ڪري اتر هندستان ڏانهن وڌڻ لڳو. پرتپور کي جنگي تياريون ڪرڻ لاءِ مناسب موقعو ملي ويو هو ۽ راجا پناڻن کي فوج ۾ ڀرتي ڪري انگريزن جي مقابلي لاءِ تيار ٿي ويٺو.

لارڊ ڪومبر ميئر" پهچڻ سان قلعي کي گولا لاباري ڪرائي ۽ پٽين ۾ سرنگهون هٽائي قلعي کي ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. ٿوري ئي وقت ۾ قلعو فتح ٿي ويو پناڻ انگريزن جي ڌمڪ جهلي ڪونہ سگهيا. پرتپور جي حقيقي وارث کي راڄگدي تي وهاريو ويو جيڪو اڄ ڏينهن سوڌو انگريزن جو تابعدار رهندو اچي.

## هندستان ۾ ترقي ۽ تعمير

لارڊ وليم بينٽڪ امن. علم. فن ۽ ڪلا جي ترقيءَ جو گهڻ گهرو هو تنهن کي بہ حالتن کان مجبور ٿي هڪ جنگ کي منهن ڏيڻو پيو هو. برما جي راجا. واپارين ۽ اينڊز ويندڙ جهازن لاءِ آزار بڻجي ويو هو. جڏهن ڪيس تدارڪ ڪرڻ لاءِ چتاءُ ڏنو تہ سندس ڪن بہ ڪونہ لڏيو ۽ چين جيان هڪ ڪن کان ٻڌائين ۽ ٻئي ڪن کان ڪڍي ڇڏيائين. ڪيس سِڪت ڏيڻ ڪارڻ جهيڙڻ اٿر ٿي پيو هو. تن

ڏينهن برما انتظامي طور بلڪل ناس ٿي چڪو هو. ٻنهي ڌرين ۾ مقابلو ٿيو جنهن ۾ برما جي راجا جي شڪست ٿي. برطانيہ حڪومت هيٺيئن برما وارو علائقو پنهنجي حڪومت سان ملائي ڇڏيو. ان ڪان پوءِ ائين محسوس ٿيو تہ جنگين واري حڪمت عمليءَ کي ڇڏي امن امان، علم، فن ۽ ڪلا ڏانهن منهن موڙجي. مختلف ڌرين لاءِ ڌن دولت ڪمائڻ لاءِ ڪيئي طريقا هئا. واپار لاءِ وسيع ميدان کليو پيو هو. سٺڪن ناهڻ ۽ واهن کوٽڻ جوڪم بہ ڪرڻو هو جنهن وسيلي جلدي ايندڙ سوکهڙن ۽ ڏڪارن کي منهن ڏيڻ سولو هو. تعليم کي بہ ترقي وٺرائڻي هئي، ان ڪري ٺگن ۽ پنڊارين جو خاتمو ضروري هو. ڪنهن کي بہ خواب خيال ڪونہ هو تہ انگريز شهنشاهيت ۾ اهي علائقا بہ شامل هوندا جيڪي مغل شاهيءَ ۾ شامل ڪونہ هئا. انگلنڊ جي بادشاهہ ۽ ڪمپنيءَ کي سندن پورهئي ڪان وڌيڪ معاوضو ملي ويو هو.

قسم جي قانون کي ٻڌهڻي ڳڙهڻي هندو طبقي جي پنيرائي حاصل آهي. پرتبور جي فتح کان پوءِ ٻارهن سالن تائين انگريزن خلاف هندستان ۾ ڪا ڪتي به ڪانه پونڪي. برطانيه سرڪار جون حدون ڪڏهن ستلج جي ڪناري تائين پکڙيل هونديون هيون ۽ ان جي اترئين پاسي کان سک رياست جو وڏو بچاءُ هو جڏهن کان وٺي رنجيت سنگهه افغان حڪمران طرفان لاهور جو گورنر ٿيو آهي ۽ ڪيس ڳالهائڻ جو موقعو مليو تنهن زماني کان وٺي هن سک رياست قائم ڪرڻ لاءِ سوچڻ ۽ هٿ پير هڻڻ شروع ڪيا آهن. هن راولپنڊيءَ ۽ ملتان مان پٺاڻن کي ڀڄائڻ شروع ڪري ڏنو آهي. ڪشمير کي فتح ڪري لاهور سان ملائي ڇڏيو اٿس. اڳي جيڪي پنجاب جا مغل شاهيءَ سان لاڳاپيل علائقا هئا. احمد شاه ابدالي سنڌو پار ڪري تن کي فتح ڪري افغانستان سان ملائي ڇڏيو هو. هن پشاور ۽ ديره جات وارو درياهي علائقو به فتح ڪيو هو. جيڪو هن وقت سندس سلطنت ۾ شامل آهي.

لارڊ وليم بينٽڪ جو زمانو ترقي ۽ تعمير جو دور هو. سندس ايامڪاريءَ ۾ روس اڳتي وڌي آمون درياه پرسان خاقان واري علاقي ۾ اچي پهتو هو تنهن ڪري هندستان کان پري وارن انهن علائقن ۾ ترتلو پئجي ويو هو. وچ تي هڪ مضبوط سک رياست جي قائم ٿيڻ کي انگريز هڪ سٺو سوڻ سمجهي رهيا هئا جنهن افغان حملہ آورن کي هندستان اچڻ کان روڪي وڌو هو. جاٽايل سک رياست ۾ سکن جو تعداد اٽي ۾ لوڻ برابر هو. پر سندن انتظاميه ڏاڍي سگهاري هئي ۽ مسلمان به ڪائڻ راضي پيا ڏسبا هئا. هندستان ۾ ترقي ۽ تعمير جي وڏي ضرورت آهي پر اهڙي قسم جي ادارن کي هلائڻ لاءِ بينٽڪ جهڙي سُلجهيل شخصيت جو هجڻ به لازمي هو جنهن کي پيار وچان بلي Billy به سڏيو ويندو هو.

پر انهن سڀني کان وڏيڪ اهم ڳالهه اها هئي ته سنڌوءَ کي آڳبوٽن جي محفوظ تجارتي آمدرفت لاءِ کولڻو هو. سنڌوءُ جي ڏاکڻين ڀاڱي وارا سوين ميل، سنڌ جي حڪمرانن ٽالپرن جي ضابطي هيٺ هئا. پنجاه سال کن ٿيندا ته افغان حڪمرانن جي زور بار کان آجا آهن ۽ سندن ملڪ کي هڪ آزاد حيثيت حاصل آهي. هتان جا حڪمران ٻيڙائٽن تي سنگ تمام گهڻو رکندا آهن ۽ مٿن ڏاڍ به ڪندا آهن. هنن مان ڪي ٻيڙائٽ سکن جي رعيت آهن. امڪان آهي ته رنجيت سنگهه مٿن اهڙي ڏاڍ کي گهڻو وقت پسند ڪونه ڪندو. انگريز ڪونه چاهيندو ته سک سنڌوءَ جي ڇوڙ تائين مسلمان علائقن کي پنهنجيءَ سلطنت ۾ شامل ڪري. سنڌ اڳي مغل سلطنت ۾ شامل هئي. انهن جي زوال کان پوءِ دواني.ڳهرائي جي حڪومت ۾ شامل رهي. هتان جا حڪمران افغان حڪومت کي پنهنجي مرضيءَ مطابق جڏهن چاهيندا هئا ڏن ڏيندا هئا. افغان شاهيءَ جي زور ٽٽڻ کان پوءِ به ڪين سنڌ مان هڪ پئسو به ڪونه ملندو آهي.

افغان سلطنت هاٿي ڀڄي ٽُٽي ڪنا ڪيرا ٿي ويئي آهي. دراني گهراڻي جي سروزئي ڀاڙي وارن حڪمرانن کي ڪڍي بارڪزي وارن پنهنجو اقتدار قائم ڪري ورتو آهي. جاٽايل حڪمراني ڪنور دلِ ماڻهن جي هٿ ۾ آهي. وٽن لشڪر جو وڏو تعداد آهي. هتان جو حڪمران شاهه شجاع آهي جنهن پنهنجي ڀاءُ زمان شاهه جون اکيون ڪيرائي تخت تان لاهي ڇڏيو آهي. ڪنهن زماني ۾ شاهه شجاع زمان شاهه جو قيدي هو. هرات افغانستان کان جدا هڪ ملڪ آهي جيڪو افغان شاهي گهراڻي جي هڪ ماڻهوءَ جي هٿ هيٺ آهي. ٻيا علائقا. نيم آزاد آهن جيڪي مختلف پائرن جي هٿن ۾ آهن. انهن سڀني مان وڏيڪ اهل يا ائين ڪٽي چئجي ته سڀني کان وڏيڪ سفاڪ دوست محمد آهي جيڪو ڪابل ۾ رهندو آهي. هو انهيءَ ڳالهه لاءِ جاڪوڙي رهيو ته جيئن ٽڪرا ٽڪرا ٿيل دراني سلطنت کي ٻيهر جوڙي هڪ ملڪ بنائي سگهي. ان جو مطلب اهو ٿيندو ته سکن جيڪي علائقا فتح ڪيا آهن تن کي وري ورتو ويندو. پر هيڏانهن رنجيت سنگهه وڏي تعداد ۾ فوج رکي هئي جنهن ۾ لباس ۽ سکيا يورپي طرز تي هئي. ڪمانڊ فرينچ جنرلن جي حوالي هئي. فوج ۾ فرينچن، انگريزن ۽ آمريڪن ماڻهن جوخاصو تعداد هو جيڪي ڪڏهن ڪمپني بهادر جي نوڪريءَ ۾ هوندا هئا. سندس اها فوج خطرناڪ ويڙهاڪ هئي ۽ ڪليل مقابلن ۾ پناڻن کي ڀڄائي ڪڍڻ جي لائق هئي. پر جيڪڏهن علائقو جابلو آهي ته پوءِ ته پناڻ به وڙهڻ جو ڏاڍو آهي. معلوم ائين ٿيندو ته سکن وٽ جيڪو موجوده علائقو آهي تنهن جي هو پوريءَ ريت حفاظت ڪرڻ لائق آهن. رنجيت سنگهه پنهنجي فطري عمر کان گهٽو ڪراڙو لڳندو آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته شراب تمام گهڻو پيئندو آهي، سونهن ۽ جوانيءَ جو به شوقين آهي. سندس پٽ ته هن کان به به رتيون ڪسر. ڏاڍي هٺي ڏهه ته توڏو هٺي تيرهن واري ڳالهه آهي. حڪومت هلائڻ جي ته لائق ئي ڪونه ڏسبو. اتر پنجاب واري پاسي تي راجپوت پائر آهن. جيڪي اتان جي ناڪرو علائقي جا حڪمران آهن. سندن فوج مضبوط آهي ۽ اوسي پاسي جي ملڪن تي حملن ڪرڻ جا به ڪوڏيا آهن تن سان به صلح ڪرڻ جا جتن ڪيا پيا وڃن. جيڪڏهن روس ۽ هندستان جي وچ واري علائقي ۾ وڳوڙي حالتون پيدا ٿي پيون ۽ اتر هندستان به ان جي لپيٽ ۾ اچي ويجي ٿو ته پوءِ برطانيه سرڪار لاءِ ڏچو پيدا ٿي پوندو. تنهن ڪري في الحال سندس دلي تمنا اها آهي ته شل جاڏي ڪاڏي خير هجي.

هندستان جي فضائن ۾ اهڙن ڪارن ڪڪرن جي موجودگيءَ کي نظر ۾ رکي لارڊ آڪلنڊ کي گورنر جنرل ڪري موڪليو ويو آهي ته هو وچ هندستان جي سياسي صورتحال تي ڪَرڙي نظر رکي. هن کان علاوه روس جي اَڳتي وڌڻ واري اَگري نيت کي ٽڪ ۽ تاڙ ۾ رکي. جيڪڏهن اهڙين ڳالهين کان اکيوٽ ڪٽي وئي ته لوٽي کان اُبنگ ڳورو ٿي پوندو ۽ اهو به امڪان آهي ته متان نٽيپولين دور جهڙا خوف خطرا نئين سر ڪَر موڙي جاڳي پون.

هو جيڪو شاه شجاع الملڪ جو بدقسمت پاڻيٽو هو. افغانستان جي حڪومت ٽڪر ٽڪر ٿي ڪنا ڪيڙ ٻنجي چڪي هئي. سک ڦوت سنہ ۱۸۳۷ع ۾ پشاور تي قبضو ڪري ورتو هو. هن ڪان اڳ ڪشمير تي حملو ڪري سک حڪومت سان ملايو ويو هو. افغانن پشاور ۽ ديره جات وارن علائقن کي سکن کان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. هنن بارڪزئي پائرن مان هر هڪ، برطانيہ حڪومت کي هڪ طاقت سمجهي، بار بار امداد ڏيڻ ۽ سندن حڪومتن کي مڃڻ لاءِ ايلاز منٿون ڪري رهيو هو. رنجيت سنگهہ بہ انگريز سرڪار کيٰ پشاور واري علائقي ڏيڻ جي آڇ ڪري رهيو هو.

شاه شجاع ڊنڊ جي پکيءَ جيان ڪڏهن هن ڪپ تي تہ ڪڏهن هُنَ ڪپ تي، ڪڏهن لاهور ۾ تہ ڪڏهن برطانيہ سرڪار جي ماتحت لديانہ ۾ رهندو هو. ڪڏهن راجا رنجيت سنگهہ جو مهمان ٿي رهندو جنهن اتڪل ڪري کانئس مغل شهنشاهن وارو ڪوه نور هيرو ڦري ورتو هو. هو سدائين هن ڪوشش ۾ لڳو پيو هوندو هو تہ ڪيس پئسي ڏوڪڙ ۽ لشڪر جي امداد ڪئي وڃي تہ جيئن هو پنهنجا وڃايل علائقا ۽ تخت پيهر وني سگهي. ايڏو ويل بہ ڪونہ هو. هن سنہ ۱۸۳۴ع ۾ يوريي- ايشيائي اريجيمنٽ جي مدد سان قنڌار تي وڃي قبضو بہ ڪيو هو.

تن ڏينهن گورنر جنرل کي هينيان مسئلا درپيش هئا:-

ان وقت آگبوٽ اچي چڪا هئا. سندس پهرين ڪوشش اها هئي تہ سنڌوءَ ۽ ان جي پنجن پيرتي ڪنڌڙ شاخن وسيلي آگبوٽن معرفت تجارتي آمدرفت شروع ڪئي وڃي. گنگا ۾ تہ هن ڪان اڳ آگبوٽن وسيلي آمدوفت شروع ٿي چڪو هئي. درياءَ ساري دنيا جي ملڪيت هوندا آهن پر انهن ٽڙڪو حڪمرانن جي ملڪيت ڪونہ هوندا آهن جن جي ڪنارن سان سندن حڪومتون قائم هونديون آهن.

ٻيو مسئلو اهو تہ پشاور واري علائقي تي افغان ۽ سکن جي وچ ۾ ڦڏو چالو ٿي چڪو هو. افغانستان جي حقيقي حڪمران کي بي دخل ڪيو ويو هو جيڪو هيڏانهن هوڏانهن ڊومائون ۽ ڏِڙڪيون ڪائيندو ٿي وتيو. اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ ڪيس افغانستان جي ماڻهن جي وڏي حصي جي ٻنيرائي حاصل آهي ۽ اها ڳالهہ هرويرو ڪوڙي بہ ڪانہ آهي. بارڪزئي پائرن کي ڪير بہ پسند ڪونہ هو.

ٽين ڳالهہ اها هئي تہ هن دور ۾ سارو يورپ پر خاص طور تي انگلنڊ وچ ايشيا وارن ملڪن ۾ وڏي دلچسپي وني رهيو هو. بمبيءَ فوج جي هڪ ليفٽيننٽ اليگزينڊر برنس کي هڪ غير سرڪاري سفر تي درياه آمون وارن علائقن تائين موڪليو ويو هو ۽ سندس واپس اچڻ تي هن جي ڏاڍي آجيان ڪئي وئي هئي. هن ڪان هڪ يا بہ سال اڳ لارڊ آڪلنڊ سائين انگلنڊ ۾ ملي چڪو هو. وچ ايشيا جا

اڳيان حڪمران پنهنجي سياسي سگهه ۽ اثر رسوخ وڃائي چڪا هئا. انهن ملڪن کي هڪ نئين جوڙجڪ ۽ نيئن سياسي سوچ جي ضرورت هئي.

لارڊ آڪلنڊ، برنس کي دوست محمد سان ملڻ واسطي ڪابل روانو ڪيو هو انهيءَ مقصد سان تہ جيئن هو وچي سائنس تجارتي آمدرفت بابت ۽ روس کان بچاءَ واسطي سائنس گفتگو ڪري.

برنس اتي وڃي محسوس ڪيو تہ دوست محمد برطانيہ سرڪار جو بہ دوست آهي. افغانستان جا سڀ بارڪزئي انگريز سرڪار ۽ انگلنڊ جي وڏي عزت ڪن ٿا. ڪين انگريز حڪومت جي مدد جي وڏي ضرورت آهي. هو تجارتي آمدرفت جي مستقبل بابت بہ هڪ روشن ضمير رويو رکن ٿا.

سندن خيال آهي تہ اهڙي تجارتي آمدرفت سان ملڪ شاهوڪار ٿيندو ۽ جيڪڏهن انگريز سرڪار سندن ٿوري بہ واهر ڪئي تہ وڃايل علائقا سولائيءَ سان وٺي سگهبا ۽ افغان شهنشاهت ٻيهر متحد ٿي سگهي ٿي. سندس شخصيت برنس کي صفا موهي وڌو هو. اهڙيءَ ريت هر ملاقاتي ڪائنس تمام گهڻو متاثر ٿيندو آهي. هن برنس سان پڪو واعدو ڪيو تہ روس جي سفير کي افغانستان حڪومت جي حدن ۾ اچڻ ئي ڪونہ ڏيندو جيڪو ان وقت روس کان هي افغانستان پهچڻ وارو هو. پر برنس کيس صلاح ڏني تہ کيس افغانستان اچڻ کان نہ روڪيو وڃي. سندس روپي مان ائين پاسجي رهيو هو تہ کيس ڪهڙي بہ ڪم لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. سندس اها بہ دعوي هئي هئي تہ افغانستان جا گهڻا ماڻهو هن جي پنيان آهن.

## ٽہ ڏريو ناهہ

ان زماني ۾ برطانيہ سرڪار جي اختيار ڪيل حڪمت عمليءَ تي گهَرو ويچار ٿي رهيو هو ۽ لارڊ آڪلنڊ جي عملي سان لاڳاپيل ٿي مشهور سيڪريٽري هن معاملي تي سوچي ويچاري رهيا هئا. هڪ مئڪ ناٽن هو جنهن جو اپنن جي مشهور گهراڻي سان تعلق هو، ٻيو ٽورين ۽ ٽيون ڪلو ون هو. گهڻي سوچ فڪر کان پوءِ هن نڪتي تي اچي بيٺا تہ افغانستان جي دوست محمد سان ناہ ڪرڻ سان برطانيہ سرڪار جي اثر رسوخ کي وڏي نيڪ ۽ هٿي ملي ويندي. هن کان علاوہ امن آشتيءَ پيدا ٿيڻ سان گڏ تجارتي آمدرفت بہ وڌي ويندي. مئڪ ناٽن ۽ ٽورين بنيادي طور فوجي هئا ۽ هڪ فوجي جي حثيت سان پنهنجي زندگيءَ جي شروعات ڪئي هئائون ۽ بعد ۾ ڪين بدلي ڪري سول سروس ۾ رکيو ويو هو. باقي ڪلويون هئليبري جي

پيداوار هو. اهي نئي ماٺهو مسرق جي حالتن کان گهٽو واقف ۽ مسرقي ٻولين جا ڄاڻو هئا ۽ ان دور جي سياسي لاهين چاڙهين جو بہ کين گهڻي معلومات هئي. اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ برنس کي گورنر جنرل ٻاران کنهن ناهہ ڪرڻ جو کو اختيار بہ ڪونہ هو ۽ افغان حکومت جيڪي رعايتون روس کي آڇڻ واري هئي سي سنڌس جاڪوڙ سبب رڪجي ويون هيون. ظاهر ۾ دوست محمد ڊليو بي ڊليو روس جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو پر برنس جي سوچ وري ڪجهہ مختلف هئي، ڪپتن ويڊ هڪ ذهين ۽ ڳيري هينان آنا ڪدي ونڻ وارو ماڻهو. انگريز سرڪار جو سياسي صلاحڪار آهي ۽ لاهور ۾ رهندو آهي. هو ڪنهن زماني ۾ لڌيانہ ۾ بہ رهندو هو ۽ هاٿي راجا رنجيت سنگهہ جي دربار ۾ رهي ٿو. هن جا سائس سنا لڳ لاڳاپا قائم آهن. افغان شاه سان سندس چڱا تعلقات هئا جيڪو ڪڏهن ڪڏهن گهرياتين سان گڏ اچي لڌيانہ ۾ رهندو هو.

مٿي ڄاڻايل ذهين سيڪريٽرين کي ڪپتن ويڊ Wade جي بہ ڪنهن حد تائين پنيرائي حاصل هئي. سندن خيال هو تہ جيڪڏهن شاه شجاع کي سندس ڀيءُ واري افغان حکومت حوالي ڪئي وئي تہ پوءِ سارو افغانستان سندن ڪيسي ۾ آهي. رنجيت سنگهہ سان ڪيل ناهہ موجب انگريز سک ۽ افغان ڏرين ۾ پيدا ٿيل رنجشن کي دور ڪرڻ لاءِ جاکوڙي رهيا هئا. هن راجا رنجيت سنگهہ کان پشاور موٽائي ونڻ ۾ کيس سهائتا ڏني هئي. هن کان علاوه سومنات ڏانهن ويندڙ رستي جي بند ٿيل ڦاٽڪن کي بہ هن لاءِ کولڻ جي ڪوشش ڪئي هئائين. پر لارڊ ايلنبرو اهڙي اجازت نہ ڏني. هر انگريز هن ڳالهہ کان شايد واقف ڪونہ آهي تہ هن قسم جو ساڳي خيال جو اظهار خود رنجيت سنگهہ بہ ڪيو هو. لارڊ آڪلنڊ ۽ لنڊن ۾ رهندڙ ماڻهن ۾ رهندڙ ماڻهن جو خيال آهي تہ سندن مفادن جو تنگي ترقي بہ تحفظ ڪيو وڃي. انگريزن کي هندستان ۽ روس جي وچ تي وچ ايشيا جي ملڪن ۾ سنڌ ۽ جي ڪنارن سان امن امان جي جهوريءَ کين جهوري رکيو آهي. لارڊ آڪلنڊ ۽ سندن صلاحڪار انهيءَ اوسيڙي ۾ آهن تہ پناڻن جي ڦرلٽ ڪري سک مسلمان تصادم ڪڏهن ٿو اُڀار ڪائي پنيت تي پڙڪي اليگزيڊر برنس دوست محمد جي ملاقات کان پوءِ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي چيو هو تہ اهو ماڻهو انگريزن لاءِ سوني ڪکڙ آهي. ان وقت کيس اهو بہ پتو پيو هو تہ انگريزن جي هڪ ٻي بہ حڪمت عملي آهي جيڪا وڏيڪ اهم آهي. برنس هڪ نوجوان فوجي عملدار هو. هن جيڪو بہ اندازو لڳايو هو سو بلڪل صحيح هو. پر سندس خيال کي ڪٿان بہ پنيرائي ملي ڪانہ سگهي هئي. جڏهن هن پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو تہ اختياريءَ وارن جو ڪن بہ ڪونہ لڌيو. چڻ رڊ اڳيـــان رباب. طئي اهو ڪيـــو ويو هو تہ جيستائين انگريز هن مامري ۾ ذر نہ بنبا تيستائين رنجيت سنگهہ جون فوجون

افغانستان ۾ داخل ڪونہ ٿيندي. اهڙيءَ ريت جون سنہ ١٨٣٨ع (١) ۾ سملا ۾ هڪ تہ ڏريو ٿاهہ ٿيو هو جنهن ۾ انگريز، رنجيت سنگهہ ۽ شاه شجاع صحيحون ڪيون.

اهو ڪم توقع کان وڌيڪ ڪامياب ٿيو. من ڪوره ٿاهہ تحت شاه شجاع، انگريز ۽ سک اتحادين جي واهر سان افغانستان تي حملو ڪندو ۽ پنهنجي تيار ڪيل فوج جو هو پاڻ سپہ سالار هوندو. هن پيري اهو طئي ڪيو ويو هو تہ سندس فوج ۾ عام يورپي يا يورپي ايشيائي مائهن بدران انگريز فوجي آفيسر هوندا جن جو معاوضو شاه ادا ڪندو.

ان زماني ۾ هڪ ٻيو مونجهارو پيدا ٿي پيو جو ايران هرات واري علائقي تي حملا شروع ڪري ڏنا هئا. شاه شجاع کي آسرو هو تہ روس وٽ ايران خلاف دانهين ٿي هن خوشحال صوبي جي نقصان جي ازالي طور چار ڏوڪڙ وٺڻ ۾ سوپارو ٿيندو. هرات هڪ اهڙو علائقو رهيو آهي جيڪو سگهي ستابي هٿڻ ڪري. صوبيداري يا حڪمراني طور گهڻين ڦيرين گهيرين جو شڪار رهيو آهي. جيڪڏهن ڪا سگهاري ڌر ان تي دعوى ڪندي هئي تہ پنهنجي مالڪي ثابت ڪرڻ ۾ ڪيس مشڪل درپيش ڪانہ ٿيندي. برطانيہ سرڪار جو طهران ۾ رهندڙ سفير، هرات تي ڪاهيندڙ ايراني فوج جي ڇانوڻيءَ ۾ اچي اختياري وارن سان ڳالهايو. ايران ۾ اهو لشڪر ان وقت هرات سامهون منزل ڪيون ويٺو هو. انگريز سفير جي ڪوشش هئي تہ شاه کي ائين ڪرڻ کان روڪي. هڪ حقيقت اها بہ هئي تہ ايران ۽ افغانستان سان هڪ ٿاهہ ٿيل هو جنهن ۾ افغانستان جي سالميت جي ضمانت ڏني وئي هئي. ٻئي پاسي روس ڪيس اڳتي وڌڻ لاءِ اپاري رهيو هو تنهن ڪري انگريز سفير ڪجهہ بہ ڪري ڪونہ سگهيو. اتفاق اهڙو ٿيو جو بمبئي توبخاني جو هڪ فوجي آفيسر هنيري پاٽنجر پنهنجي خانگي سياحت سانگي اچي اتي نڪتو تنهن هن معاملي ۾ پنهنجي طرفان ڪوشش شروع ڪئي ۽ ڪامياب ٿيو.

ان وقت هرات تي گهيرو هلي رهيو هو. صورتحال کي نظر ۾ اهو طئي ڪيو ويو تہ جنرل "سر هئيري فين" هڪ وڏي گهلِ چاڙهي افغانستان وچي ۽ ايران کي پوئتي هٽڻ لاءِ مجبور ڪري ان سان شاه جي بہ واهر ڪري. هن کان علاوه گورنر جنرل، ايراني نار واري ڪاري ٻيٽ کي والارڻ لاءِ ساموندي فوج رواني ڪئي جيڪو شرط العرب کان گهڻو پري ڪونہ هو.

ڪجهہ وقت اڳ مسٽر "مئڪ ناٽن" کي افغانستان جي شاه ڏانهن روانو ڪيو ويو هو انهيءَ لاءِ تہ جيئن ڪيس رنجيت سنگهہ سان ناتن توڙڻ لاءِ مجائي سگهي. پر هاڻي ڪيس شاه جي دربار ۾ انگريز سرڪار جو سفير مقرر ڪيو ويو هو. تنهن ڪري هيءَ ساري جنگي مهم بہ ڪيس سونپي وئي هئي.

# برطانيه سرڪار جي حڪمت عمليءَ جو اخلاقي پهلو

هتي اسان کي نظر ايندو ته برطانيه سرڪار جي اختيار ڪيل حڪمت عملي بريءَ ريت ناڪام ٿي وئي جيڪا انگريزن لاءِ وڏي صدمي ۽ بي شرميءَ جي ڳالهه هئي. ڇڪيوسين نڪ ته نڪري آيو پيٽ. هن فوجي حملي انگريزي عزت ۽ وقار واري بيٺل ڳالهه جي ڏائي مچ ڏار ڪري ڇڏي. ڪتو به ڪاڏو ڪُڪ به ڪانه پري. انگريزن جي بدناميءَ واري هن دور بابت ڪيترن مصنفن تبصرا به ڪيا آهن ۽ پنهنجي راءِ جي اظهار مهل اهو به چو ڇنڊيائون ته پاڙيسري دوست ملڪ تي اره زورائي ڪري ڪاهي وڃڻ بد اخلاقي هئي. ناڪامي پنهنجي پاڻ ئي هڪ وڏي سزا آهي. باقي رهي ڳالهه افغانستان تي حملي جي بداخلاقي جي تنهن لاءِ فقط ايترو چئي سگهجي ٿو ته جيڪي ماڻهو حالتن کان بي خبر آهن سي ضرور ائين چوندا يا وري هو ڄاڻي ٻجهي غلط بيانيءَ کان ڪم وٺي رهيا آهن. برطانيه سرڪار جي اختيار ڪيل اها يا ان کي وڌيڪ صحيح نموني سان عملي جامون پهرائي سگهجي پيو اهو هڪ جدا مامرو آهي. پر امڪان ان ڳالهه جو آهي ته هن اهم معاملي کي جهڙو تهڙو تڇَ سمان قصو سمجهي غلط اندازو لڳايو ويو آهي. اهو ايڏو ته ڳنڀير معاملو هو جو ڪيترن ماڻهن مٽان چڻ ته ڏک جا ڏونگر ڪري پيا. ايڏي وڏي شڪست ڪري اسان جڳ کي منهن ڏيکارڻ جهڙا ڪونه رهياسون. اها شڪست فقط هڪ اوڻائيءَ ڪري ڪانه ٿي پر ان جون ذميوار ڪيتريون ڪوتاهيون آهن جيڪي ان دور سان لاڳاپيل ذميوار ماڻهن جي سوچ سمجهه کان ڪجهه مٿيرو هيون. افغانستان وڳوڙن جي آنڌارين ۾ اڙيل آهي ۽ مختلف ملڪن جي واسطي جنگ جو ميدان بڻيل آهي. هيءُ ملڪ پکيڙ ۾ فرانس کان به وڏو ٿيندو. سندس ويجهو ملڪ پنجاب آهي، جنهن جا حڪمران سک آهن. سکن ۽ پٺاڻن جي وچ ۾ سدائين تراريون اڀيون آهن. امن امان جا ته وڻ ئي وڍجي ويا آهن. تجارت ٺپ ٺپ بيهي وئي آهي. هڪ جائز حڪمران کي پنهنجي ملڪ مان بي دخل ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن هن حقيقي حڪمران کي پنهنجو تاج تخت موٽي ملندو ته سندس ملڪ ۾ موجود وڳوڙي حالتون ٻاٽمرادو ختم ٿي وينديون. هي ڪو ايڏو وِيَلُ ۽ ڇَتُ حڪمران ڪونه آهي. هن ٿورو اڳ هندستان وارن علائقن مان فوجي گڏ ڪري قنڌار تي حملو ڪيو هو ۽ دشمن کي شڪست ڏني هئائين. هن کان علاوه شڪارپور واري علائقي ۾ ٽالپرن سان جنگ ڪري ڪجهه علائقا واپس ورتا هئائين. حقيقت به ائين آهي ۽ برنس جو به خيال ساڳيو آهي ته شاه شجاع اهم ماڻهو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انگريزن جي ڀهرين رٿ اها هئي ته شاه شجاع کي ابائي تاج تخت وٺي ڏيڻ ۾ سنڌس سهائتا ڪجي. اهو منصوبو بلڪل سوچي سمجهي اڳو پيڇو ڏسي وائسي ناهيو ويو هو. شڪست فقط ان ڪري آئي جو آمدرفت جا ذريعه ڪونه هئا ۽ جنگ سان لاڳاپيل ضروري شيون مهل سر پهچي ڪونه سگهيون

دوست محمد کي افغاني عوام جي پنيرائي حاصل ڪانه هئي. جڏهن شاهه شجاع ۽ سندس اتحاين جي فوج ڪابل پهتي ته هو راجڌاني ڇڏي ڪيڏانهن هليو ويو. هن ڪان سواءِ افغانستان اصلي مغل شهنشاهيءَ جو هڪ حصو آهي. تنهن ڪري مغل تخت ۾ تاج جا وارث هائي فقط انگريز آهن.

مناسب ائين آهي ته برطانيه سرڪار جي اختيار ڪيل هن حڪمت عمليءَ تي اجائي تنقيد ڪرڻ بند ڪئي وڃي. ان بدران غلط اندازي لڳائڻ وارن تي تنقيد ڪئي وڃي يا انهن ماڻهن کي تنقيد جو نشانو بڻايو وڃي جن هن سٺي منصوبي کي سٺو عملي جامو نه پهرايو. جڏهن ٿورو گهرو سوچبو ويچاربو ته معلوم ٿيندو ته انگريزن جي هن ساري خواريءَ جي ذميواري، لارڊ آڪلنڊ جي حڪومت آهي. هن ڪان علاوه ڪابل جي محاذ تي وڙهندڙ فوج جو سپهه سالار به ڏوهي آهي. ڏنو وڃي ته انهن سڀني ڳالهين مٿان هڪ سياسي نظام جو ضابطو هو ۽ سڀني ڪان وڌو مجرم ان کي سمجهڻ کپي ۽ انهن سڀني عنصرن گڏجي شڪست جي خواريءَ جو ڪارو ڪٽي انگريز قوم جي مٿي تي رکي ڇڏيو.

## سنڌ جي فوج

هن قسم جي اختيار ڪيل حڪمت عمليءَ کي برطانيه سرڪار جي وڏي پنيرائي حاصل هئي جنهن کي عملي جامي پارائڻ واسطي بنگال جي ڪمانڊر ان چيف کي حڪم ڪيو ويو هو ته فوج جون ٻه ڊويزنون آٽي ستلج جي ڪناري "فيروزپور" وٽ ٻئي حڪم جي انتظار ۾ وهي. ٻئي پاسي ڪان بمبئي سرڪار کي گذارش ڪئي وئي هئي ته هڪ ڊويزن فوج ڪراچي ۾ وهاري وڃي. اها فوج سوين ميل پنڌ ڪري جاٿايل ماڳن وٽ پهتي هئي جنهن کي جنگ شروع ٿيڻ ڪان پوءِ وري ٻيا سوين ميل پنڌ هئي جنگ جي ميدان تي پهچڻو هو. هن جنگ ۾ شريڪ ٿيندڙ ٻي ڌر رنجيت سنگهه هو جنهن جي فوج هڪ وڏي درياه "سنڌوءَ" جي ڪناري منزل ڪيون ويني هئي. ڪيس پنجاب جي شير جي نالي سان به سڏيو ويندو هو. هو عيش عشرت جو ڪوڏيو ۽ شراب ۽ شباب جو شوقين هو تنهن ڪري وقت ڪان اڳي

ڪرائو ني ويو هو. پر پوءِ بہ ڏاڍو هوشيار ۽ ڏاهو. هن اها جنگ ڪانہ ٿي چاهي پر سمجهيائين پئي تہ هن جهيڙي سان يا تہ افغان سرحد جو فيصلو ٿي ويندو يا جنگ ۾ ڪڏي پوندڙ ڌر انگريز، شڪست کائي ويندو. هن لاءِ هي مڙهي ڏٺي تہ بہ فتح فقير جي. هوءَ مڙهي ڏٺي تہ بہ فتح فقير جي هئي.

لارڊ آڪلنڊ ۾ شاهہ شجاع بہ منزلون ماري اچي پڙ تي پهتا هئا. هاڻي اهڙو هڪ تماشو شروع ٿيڻ وارو هو جنهن ۾ هندستان تہ گهٽي ناڻو ڄڙهيل هو.

تنهن زماني ۾ جنگ يا صلح واسطي فوجي سربراهن سان صلاح مشورو ڪونہ ڪيو ويندو هو. جنگ ڪرڻ جا غلط سلط منصوبا حڪومت جوڙيندي هئي ۽ بعد ۾ فوج کي حڪم ڪيو ويندو نہ ڪيئن ڪري بہ فتح حاصل ڪئي وڃي. هن جنگ سان لاڳاپيل فوجي آمدرفت بہ ڏاڍي ڏکي هئي. نہ ريل هئي نہ رستي جي سهوليت موجود هئي. اڪيلي ڪمانڊر اِن چيف کان سواءِ ٻئي ڪنهن فوجيءَ کي ڪنگهيو بہ ڪونہ ويندو هو.

افغان سرحد اندر داخل ٿيڻ جا اڪ مان ماڪي لاهڻ ڪانہ هئي ۽ وڏيءَ سوچ ۽ فڪر جو بہ ڪم هو. برطانيہ سرڪار جي سرحد ستلج هئي جتي لڌيانہ ۾ فوجي ڇانوٽي قائم هئي. ان سرحد کان خيبرلڪ تائين وچ تي پنجاب جي سک جي حڪمراني هئي. ڇاڻايل ماڳ تائين پهچڻ لاءِ پنجاب جا پنج درياہ، ڇهون سنڌو پار اڪرڻو هو. سک فوج وڙهاڪ تہ هئي پر ونس بہ ويساہ جوڳا آمدرفت جا وسيلا ڪونہ هئا. رنجيت سنگهہ کي بہ اتر ڏانهن ويندڙ مشهور سٽڪ ڏسڻ جو شوق ڪونہ هو جيڪا وچ ايشيا لاءِ آمدرفت جو هڪ وڏو ذريعو هئي.

برطانيہ سرڪار جو نقطہ نظر اهو هو تہ جيڪڏهن پشاور کان ڪابل تي حملو ڪبو تہ مختلف لڪ لتاڙي ان ماڳ تائين پهچڻ لاءِ هڪ جبل کان ٻئي جبل تائين هڪ ڏکـهي خشڪ علائقي منجهان نوڪرون ڪائي گذرڻو پوندو. پر جيڪڏهن قنڌار واري پاسي کان حملو ڪبو تہ ڪابل تائين اهو سفر وڌيڪ سولو هوندو ۽ فوج کي رسد واري سازو سامان پهچائڻ ۾ وڌيڪ سهنجائي هوندي. لشڪر بہ سکر سٽائي وارن علائقن مان سفر ڪري ڪابل پهچندو. پر اهو فاصلو ڏگهو ضرور هو. پهريائين فيروز پور کان سکر پهچڻو هو جيڪو ۴۴۶ ميل فاصلو آهي. اتان کان قنڌار ۴۰۶ ميل پنڌ ٿيندو. اهڙيءَ ريت فيروز ۽ قنڌار جي وچ ۾ ۸۵۰ ميل فاصلو ٿئي ٿو. وري اتان کان ڪابل ۳۲۵ ميل آهي. ٻيئي پاسي کان سکر تائين اهو فاصلو درياہ رستي طئي ڪيو ويندو. فوجي سفر ۾ وڌيڪ ضرورت پاڻيءَ جي هوندي آهي هن سفر ۾ پاڻيءَ جو مسئلو پيدا ٿيڻ جو خدشو ڪونہ هوندو.

طئي اهو ڪيو ويو هو تہ بنگال فوج جون بہ ڊويزنون (۲) مٿي ڄاڻايل رستو ڏئي ڪابل پهچنديون. جڏهن تہ شاہ شجاع جو وڏو پٽ ۽ شاہ جي گهر جا

وٺنديون هيون. فوج سان لاڳاپيل واپاري ۽ گماشتا کاڌي خوراڪ جون شيون، بوٽ ۽ پيون ضروري شيون مهيا ڪندا هئا. ڀڳي ٽٽيءَ جي مرمت بہ سندن ذمي هوندي هئي. جنگ سان لاڳاپيل هٿيارن پنهوارن کان سواءِ ٻي هرشيءَ فوج سان گڏ هلندڙ بازار مان خريد ڪئي ويندي هئي. (٣)

مغل شهنشاهن جي منزل يا فوج سان گڏ تنبن هٽڻ وارن جو هڪ وڏو تعداد هوندو هو جيڪي پنهنجي ڪم جا ڏاڍا ماهر هئا ۽ اڪ چنبي ۾ پنهنجو ڪم اڪلائي وٺندا هئا ۽ انهن جو اڄ بہ رواج آهي. سندن صلاح مشوري سان فوج سان گڏ هلندڙ "شهر" مناسب ۽ بنا دير جي قائم ڪري سگهبو آهي.

اهڙيءَ ريت بازار سان لاڳاپيل هڪ اعليٰ عملدار هوندو آهي جيڪو فوج سان سواءِ بازار جي هر مامري تي ضابطو رکندو آهي. جڏهن فوج جو ڪوارٽر ماسٽر جنرل منزل ڪرڻ لاءِ ڪنهن ايراضيءَ جي چونڊ ڪندو آهي تہ ان سان گڏ بازار ڪرڻ واري جاءِ پسند ڪندو آهي. پوءِ بازار سان لاڳاپيل عملدار پنهنجو جهنڊو وڃي ان جاءِ تي کوڙيندو آهي، واپارين ۽ سندن گماشتن کي بعد ۾ پتو پوندو آهي تہ سندن تنبو وغيره ڪٿي نصب ٿيڻ گهرجن. ڪم ايترو تہ ڦڙتائي سان ڪيو ويندو آهي جو هڪ ڪلاڪ اندر بازاريون ۽ چوسول جڙي ويندا آهن. هٽ بہ هڪ ٻئي سان ڊولاٽتي نموني لاڳاپيل هوندا ۽ سچ ايرئي کان سچ لٿي تائين سچو ڏينهن پئي ڏيتي ليتي هلندي آهي. هندستان ۾ اهڙي قسم جون بازاريون آخري ڀيرو تيره Terah واري جنگي مهم دوران سنہ ١٨٩٧ع ۾ درگيءَ Dargai وٽ ڏٺيون ويون هيون.

بازار سان لاڳاپيل هزارين ماڻهو جڏهن بازار قائم ڪرڻ لاءِ تنبو هڻندا هئا تہ ڀرپاسائين ايتري تہ صفائي ڪندا هئا جيڪا جڻ انسان جي وس کان ٻاهر پئي نظر ايندي هئي. جيڪڏهن ائين نہ ڪيو وڃي ها تہ ڪانہ ڪا وبائي بيماري تباهي مچائي ڇڏي ها.

ان فوجي بازار جي ڏنڌي ۾ واپارين، هٽ واٺين ۽ فوجين جا لاڳاپيدار هوندا آهن ۽ انهن جو هندستان جي ڪنهن نہ ڪنهن شهر جي واپاريءَ سان مٽي مائٽي يا ڏيٺ ويٺ هوندي آهي.

جڏهن فوجي جرير عمل ۾ ايندي آهي تہ اهڙي ڪاروبار شروع ڪرڻ لاءِ ماڻهو واجهہ پيا وجهندا آهن. هندستان ۾ اهڙيون ڪيتريون واپاري برادريون آهن جيڪي پيڙهيءَ بعد پيڙهيءَ هي ڌنڌو ڪندا اچن ۽ اناج ۽ ٻيون گهربل شيون ڪٺي اچي فوجي وانڍ وٽ پهچندا. اها جڻ تہ فوج جي وڏي سهائتا آهي. اهوئي سبب آهي تہ اڻويهين صديءَ جي ڀرئين اڌ ۾ اريگيولر گهوڙيسوار دستن جي انگ ۾ گهٽتو واڌارو اچي ويو هو. اوسي پاسي جي وڻجارن کي جڏهن خبر پوندي هئي تہ فوج

اڃا ويجهو منزل ڪٿي آهي تہ ڪابي جون شيون ڏاندن ۽ ڏاند گڏين تي ڪٿي پهچي ويندا هئا. اهو نسل اهڙي قسم جي هلڪي سلڇئيءَ ڏيتي ليتيءَ ۾ تمام گهڻو مشهور آهي. ۽ جيڏانهن بہ فوج ويندي پچ جيان سندس ڪڍ لڳو وتندو. سر آرٿر ويزلي جڏهن دکن خلاف جنگي مهم وٺي ويو هو تہ هن نسل جا مائهو ڏنا هئائين جيڪي فوجي گهرجن سان لاڳاپيل هلڪيون سلڪيون شيون ڪٿي ايندا هئا ۽ اهو جنرل بہ سندن گهڻو خيال رکندو هو. پر اڄ فوج جي اڳين پراڻي نموني واري چرپر ۽ آمدرفت ڪانہ رهي آهي.

هندستان ۾ توبخاني جا فوجي حصا گهوڙن سان لاڳاپيل هوندا هئا. هاٿي گهوڙيسوار دستن کي توبخاني ۾ڪتب آڻڻ جو رواج گهٽجي ويو آهي. قلعن کي پجڻ وارا اوزار ۽ هٿيار ڏاندن جي مدد سان هڪ ڪان ٻئي هنڌ ڍويا ويندا هئا. هاٿي اهو رواج بہ گهٽبو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. گهوڙن جي مدد سان هلندڙ توبون جڏهن ڪم ڪان بيڪار ٿي ونديون هيون تہ گهوڙا ڪين پوئتي ڇڪي ويندا هئا جتي اهي نهي تيار ٿينديون هيون جيڪي وڏيون توبون هونديون ۽ آهستي هلي سگهديون هيون تن کي هڪ ڪان ٻي جاءِ ڏانهن نيڻ لاءِ هاٿي ڪتب آندا ويندا هئا. ڪڏهن وري هن ڪم لاءِ ڏاند بہ جوٽيا ويندا هئا. اڳئين زماني ۾ توبخاني جي اِجها اها شڪل هوندي هئي. توب کي ڪنهن وڏيءَ گاڏيءَ تي رکي جنگ جي ميدان تي رسائڻ جو نالو نشان بہ ڪون هوندو هو. جتي زمين سٺين سڌي ڪانہ هوندي آهي تہ اهڙن وسيلن جي تمام گهٽي ضرورت محسوس ٿيندي آهي. (۴)

## جنگ جو نقشو ۽ فوج جو وڇور

شروع ۾ اهو طئي ڪيو ويو هو تہ هن ساريءَ جنگ جي ڪمان جنرل "سر هئري فئن" ڪندو جيڪو بنگال ۽ هندستان جي برطانيہ سرڪار جي فوج جو ڪمانڊر ان چيف هو. هيءُ نهايت ڄاڻو ۽ تجربيڪار فوجي هو جنهن تي ساري فوج جو پورو ويساه هو. هو ٻن ڊويزنن فوج سان بنگال مان آيو هو جن مان هڪ جو سپهہ سالار "جنرل ڪاٽن" ۽ ٻئي جو "جنرل ڊنڪن" هو. جڏهن برطانيہ سرڪار جي فوج فيروز پور سڪن سان گڏجي مشقون ڪري رهي هئي تہ ڄاڻ ملي تہ ايران هرات تان گهيرو ڪٽي هليو ويو آهي. انگريز فوج جي افغانستان وڃڻ جو هڪ مکيہ سبب جڙ ختم ٿي چڪو هو. تنهن ڪري فيصلو اهو ڪيو ويو تہ هڪ ڊويزن فوج واپس رواني ڪئي وڃي ۽ سرجنرل هئري فوج سان گڏ افغانستان نہ وڃي. بنگال

جي باقي هڪ ڊويزن فوج سر ڪاٽن جي سپهه سالاريءَ هيٺ پيش قدمي ڪري. افغان جنگ ۾ ساري فوج جي ڪمان جنرل سرن جا ڪين (۵) Jhon Keane جي هٿ هيٺ رکي وئي هئي جيڪو بمبئي ڊويزن سان گڏ پيش قدمي ڪري رهيو هو.

پر هتي هڪ حقيقت ضرور ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ اها جنگ افغانستان خلاف ڪانہ هئي. افغانستان جو شهنشاهہ اسان سان گڏ هو جنهن سان پنهنجو هڪ جدا لشڪر هو. ڪيترا اتحادي ۽ يار دوست سندس فوج سان گڏ سفر ڪري رهيا هئا. هو پنهنجي پيءُ ڏاڏي جو تاج تخت پيهر هٿ ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي جاڪوڙي رهيو هو. انگريز فوج افغانستان ۾ دشمن جيان داخل ٿي ڪانہ رهي هئي. پر ان بدران اسان هڪ دوستن ۽ گهٽگهرن جيان سندن ملڪ ۾ داخل ٿي رهيا هئاسون. هن فوج سان مکيہ شخصيت، گورنر جنرل جو نمائندو هو جيڪو شاهہ شجاع جي دربار ۾ سفير بہ سو ۽ هن ساٿ سان گڏ سفر ڪري رهيو هو. شاهہ شجاع جي پنهنجي شخصيت "سر مئڪ ناٿن" کان گهٽ ڪانہ هئي. هن سان جيستائين ڪا دشمني پيدا نہ ٿي ٿئي تيستائين هيءُ نهايت اعليٰ مرتبي وارو شخص آهي.

ان وقت جي فوجي ضابطي موجب پيادل برگيڊ ۾ ٽي بٽالنون هونديون هيون جن ۾ هڪ حصو يورپين ۽ ٻہ حصا ڏيهي ماڻهن جا هوندا هئا. گهوڙيسوار دستن ۾ بہ اها ساڳي ترتيب رکي وئي هئي.

باقي رهيل هڪ ڊويزن فوج سان گڏ "سر ولوبي ڪاٽن" افغانستان ڏانهن وڌي رهيو هو جنهن ۾هڪ گهوڙيسوار ۽ ٽي پيادل برگيڊون هيون. سرجان ڪين بمبئيءَ کان ڪراچيءَ رستي پنهنجي هڪ ڊويزن فوج سان پيش قدمي ڪري رهيو هو جنهن ۾ هڪ گهوڙيسوار ۽ ٻہ پيادل برگيڊون هيون. ۲- بنگال ڊويزن فيروز پور ۾ رهائي وئي هئي. برطانيہ سرڪار جو اتي فوجي ڇانوڻي قائم ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو. فوج جي ترتيب ۽ وچور هيٺ ڏجي ٿو:

(۱) ۱- بنگال ڊويزن ---------- ميجر جنرل سر ولوبي ڪاٽن

(۲) ۱- برگيڊ------------- ۱۳- پيادل فوج
برگيڊير سيل------------- ۱٦- بنگال ڏيهي پيادل
۴۸- بنگال ڏيهي پيادل
(۳) ۲- برگيڊ ------------- ۴۸- بنگال ڏيهي پيادل

برگيڊير نات-------------- ۳۱- بنگال ڏيهي پيادل
۴۲- بنگال ڏيهي پيادل
۴۳- بنگال ڏيهي پيادل

(۴) ۳- برگيڊ---------- ۲- بنگال ڏيهي پيادل
برگيڊير ڊيني ---------- ۲۷- بنگال ڏيهي پيادل

(۵) گهوڙيسوار برگيڊ ----- ۱٦- لانسرس
برگيڊير ٽئڪ ويل ------- ۲- بنگال نيم مسلح گهوڙيسوار
۳- بنگال نيم مسلح
بمبئي ڊويزن----------- ليفٽيننٽ جنرل سرجان ڪين

(۱) ۱- برگيڊ---------- ۲- ڪئينس
برگيڊير ولٽ شاير ------- ۱۷- پيادل
۱۹- بمبئي ڏيهي پيادل

(۲) ۲- برگيڊ
برگيڊير گورڊن--------- ۱- بمبئي ڏيهي پيادل
۲- بمبئي ڏيهي پيادل
۵- بمبئي ڏيهي پيادل
(۳) گهوڙيسوار برگيڊ ۱۴- نيم مسلح ڊرئگون
برگيڊير اسڪاٽ ( ٻه اسڪئاڊرن )
۱- بمبئي نيم مسلح گهوڙيسوار
۽
پونا اِگزيلري هارس.

# شاهه شجاع جي پنهنجي فوج

هن دور جي تاريخ سان لاڳاپيل حقيقتن مان شاهه شجاع جي فوج جي ڳالهه بہ نهايت دلچسپ آهي. ان بابت سارو حال احوال اڳيا هاٿي ڏنو ويندو جنهن ۾ هن ڳالهه جو ذڪر ڪيو ويندو تہ هن جڏهن سنہ ١٨٣٤ع ۾ پنهنجي تخت هٿ ڪرڻ لاءِ جاڪوڙيو هو تہ ڪيس لڌيانہ ۾ ويهي پنهنجي خرچ تي فوج جوڙڻ جي موڪل ڏني هئي. ان فوج ۾ ڪي اهڙا ماڻهو هئا جيڪي جنگ دوران ڦرلٽ جي آسري تي جنگ ۾ اچي شريڪ ٿيندا هئا. ان جي فوج جو ٻيو حصو هندستانين تي مشتمل هو جن جو اٺوڏ سان واسطو هو. انهيءَ علائقي جا ماڻهو ڪن صدين کان وٺي پيڙهي بہ پيڙهي پيادل فوجيءَ طور داخل ٿيندا پيا اچن. انهن مان گهڻا تہ ڪنهن زماني ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي فوج ۾ بہ نوڪري ڪري چڪا آهن. هتي هن حقيقت جو بہ ذڪر ڪيو ويندو تہ يورو- ايشين عملدارن جي سپهہ سالاري هيٺ هنن بٽالين ڦنڌار ۽ شڪارپور واريون جنگيون ڪيئن وڙهيون هيون. هن لشڪر ۾ ڇهہ هزار فوجي شامل هئا جن ۾ برطانيہ سرڪار جا ڪميشنڊ ۽ نان ڪميشنڊ عملدار بہ شامل سمجهڻ گهرجن. اهڙن عملدارن جي چونڊ ريگيولر فوج مان ڪئي وئي هئي تنهن ڪري ان فوج کي نهايت اهم سمجهيو پئي ويو. اهڙيءَ ريت شاهه شجاع جي مٿي ڄاڻايل فوج هيٺين حصن ۾ ورڇيل هئي:

(١) ٦ بٽالين پيادل

(٢) ٢ گهوڙيسوار ريجمنٽون.

(٣) توبخاني سان لاڳاپيل گهوڙيسوار دستو.

(٤) جبل مان سفر ڪرڻ وارو باربردار دستو.

(٥) قلعن کي ڊاهڻ ۽ ڪاٽ هڻڻ سان لاڳاپيل هڪ فوجي ڪمپني.

هن ساريءَ فوج جون ورديون ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي فوج جيان هيون. ان جو ڪمانڊر ١٩- بنگال پيادل جو برگيڊير "سيسن" هو.

هن لشڪر کي پنهنجي سڪيا پوري ٿيڻ کان اڳ محاذ ڏانهن روانو ڪيو ويو هو. رستي ۾ هن فوج سان ٻيا ماڻهو بہ شامل ٿيندا ويا. سندس ڀرتين ۽ شروعاتي جوڙجڪ ۾ "هندستاني، پٺاڻ ۽ پنجابي مسلمان" شامل ٿيا هئا. هڪ بٽالين گورکن جي بہ هئي ۽ ماڻهو فوج ۾ شامل ٿيڻ جي مقصد سان نيپال مان اچي اتر هندستان جي علائقن ۾ پهچندا هئا. هن کان علاوه ڪي سک ۽ ڪجهہ برطانيہ سرڪار جا ماڻهو بہ ڀرتي ڪيا ويا هئا. هن جا ڪيو ۽ جا نہ ڪيو تنهن بابت بيان

ٻڌجي ويندا هئا ڇاڪاڻ جو ان زماني ۾ هندستان جي حڪومت انهن جي حوالي هئي. اهڙي قسم جا مائهو ٻيو ڪجهه چاهيندا بہ ڪونہ هئا. دل جا پڪا، ظالم ۽ ڪٺور هئا. تنهن ڪري ٻئي ڌنڌي ڌانهن اک ڪڻي بہ ڪونہ نهاريندا هئا. اها حقيقت مٿي بہ بيان ڪئي وئي آهي تہ شاهہ شجاع سنہ ١٨١٨ع ۽ ١٨٣۴ع ۾ سنڌ جي ميرن کي ٻولايو هو تہ هو سندن حڪمران آهي ۽ ساليانو ڏن فقط کين ادا ڪيو. جيڪڏهن رهيل ڏن جي ادائگي ڪئي وئي تہ هو ٻوءِ هميشہ لاءِ اهڙي بار کان آجا رهندا. پر تہ ڏرئي ناهہ کان پوءِ سنڌ جا حڪمران انهن سڀني کان بارن آجا ٿي ويا هئا.

جيتري قدر برطانيہ جي تجارتي ۽ افغان حڪمت عمليءَ جو تعلق آهي تہ سنڌ بابت کي ڳالهيون اهڙيون بہ هيون جيڪي وڌيڪ ڌيان طلب هيون. انگلنڊ جي ڪن انگريز ڌرين، جن جو گهڻو ڪري وڪٽوريا دور سان واسطو هو تن سنڌ بابت برطانيہ سرڪاري حڪمت عمليءَ خلاف گهڻي ڊوءِ ڊوءِ ڪئي آهي. پر حقيقت ۾ ڳالهہ رڳي ايتري هئي جو انگريزن سنڌ سرڪار کان افغانستان وڃڻ لاءِ سنڌوءَ وسيلي ”لشڪري رستي“ جي تقاضا ڪئي. هڪ نهايت معمولي طلب هئي. ڪائنن اها بہ گهُر ڪئي وئي هئي تہ ٿوري وقت لاءِ ٻکر جو قلعو بہ انگريزن جي حوالي ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ قلعو سنڌوءَ جي وچ ٻيٽ ۾ آهي ۽ دنيا جي مضبوط ترين قلعن مان هڪ آهي. پر سنڌ جا حڪمران نٽ نٽاءَ ڪندا رهيا. برطانيہ سرڪار اهڙي دعويٰ دراني هڪ حڪمران جي نمائندي طور ڪئي وئي. تن ڏينهن سنڌ جا حڪمران ان جا ڏن ڀرو هئا. جيڪڏهن انهن اهي مناسب مطالبا مڃيا ۽ سنا حڪمران ۽ سنا انسان ثابت ٿيا تہ برطانيہ سرڪار بہ سندن تحفظ جو ذمون کڻندي. نہ تہ ٻيءَ حالت ۾ برطانيہ سرڪار کي سندن خلاف هر قدم کڻڻ جو اختيار هو. سنڌ جي اها هڪ واضح حيثت هئي. انگريزن جيڪي ڪائنن طلبون ڪيون هيون سي بہ ڪي غير مناسب ڪونہ هيون. نيث اهڙا مطالبا مڃيا ويا ۽ انهيءَ ۽ ئي سندن ڀلو هو. برطانيہ سرڪار سنڌ جي حڪمرانن جو نهايت گهڻو احترام ڪيو آهي. پر اهي واقعا ڪهڙي طريقي سان ٻيانڪ صورت اختيار ڪندا ويا جو انگريزن کي سنڌ فتح ڪري پنهنجي حڪمرانيءَ ۾ شامل ڪئي هئي تن جو بيان اڳتي ڪنهن مناسب جاءِ تي ڪيو ويندو. اهڙ واقعا ان ڪري رونما ٿيا جو سنڌ جا حڪمران پنهنجو جهنگلي رويو ڇڏي ترقي پسند سوچ پنهنجائڻ ۽ ورتائڻ لاءِ تيار ئي ڪونہ هئا.

سنڌوءَ جو هيٺين ڀاڱي وارو علائقو سندن حڪمرانيءَ ۾ شامل هو. ان ڪري سنڌوءَ وسيلي آمدرفت جي موڪل ڏيڻ نہ ڏيڻ، سندن مرضي هوندي هئي.

جڏهن بمبئيءَ واري فوج مٿي وڃڻ لڳي تہ هنن حڪمرانن ان جي مخالفت

ڪئي هئي. تنهن زماني ۾ بنگال واري افغانستان ڌانهن ويندڙ فوج بڪر ۾ ترسيل هئي.

سر هئري فئن، ڪماندر- ان چيف، هيٺ ڪراچيءَ وچڻ پئي چاهيو ۽ سرجان ڪين مٿي پيش قدمي ڪرڻ پئي گهري. سنڌ جي حڪمرانن کين اهڙي اجازت ڏيڻ نه ٿي چاهي. جڏهن معاملو ڳنڀير صورت اختيار ڪري ويو ته "سر هئرن" ان مسئلي کي طاقت جي زور تي نبيرڻ لاءِ بنگال فوج کي درياه سان هيٺ وڃي ٿيو ضروري جاتو تڏهن سنڌ جي حڪمرانن مجبور ٿي انگريز سرڪار کي سنڌوءَ وسيلي سفر ڪرڻ جي موڪل ڏني. بنگال واري اڳتي رواني ٿيل فوج موٽي وڃي بڪر پهتي. اهڙيءَ ريت افغانستان ڏانهن ويندڙ فوج کي اڳتي رواني ٿيڻ مُهت مليو.

اتر، سليمان جبل ۾ بولان لڪ ڪان وٺي سمنڊ تائين بلوچستان جو علائقو آهي جنهن ۾ بروچن جا ڪيترا قبيلا رهندا آهن. هر هڪ قبيلي جو لٺ سردار جدا هوندو آهي. پر سڀئي قلات جي خان جي سڳي ڏاڍي ۾ هوندا آهن. هيءُ حڪمران ڪنهن زماني ۾ مغل شاهيءَ جو فرمانبردار هو. جڏهن وري افغانستان جي دراني گهراڻي زور ورتو ته ان جي اطاعت قبول ڪيائين. جڏهن وري افغان حڪومت زوال جو شڪار ٿي ته هيءَ ملڪ به آزاد ٿي ويو. برطانيه سرڪار جي ڪوشش اها هئي ته هيءَ حڪمران شاه شجاع جي واهر لاءِ ويندڙ سندس اتحادين جي فوج کي پنهنجي ملڪ مان لنگهڻ جي موڪل ڏئي ۽ دراني حڪمران جي نئين سر اطاعت ۽ فرمانبرداري قبول ڪري. معلوم ائين ٿيو ٿي ته افغان حڪمران جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ واري ڳالهه هن لاءِ قابل قبول ڪانه هئي.

باب ٻيو

# سنڌوءَ وسيلي فوج جي قنڌار ۽ ڪابل ڏانهن روانگي

قنڌار ڏانهن، پيش قدمي
غزني ۽ ڪابل
شاه شجاع جو اباڻي تخت تي وهڻ
سنڌ جي لشڪر جو حصن ۾ ورهائجڻ
سفير ۽ سياسي خدمتون
سنہ ۱۸۴۰ع وارا معاملا
رٽيل جوڙ جڪ جو ٽٽڻ

بنگال فوج جيڪا "سنڌ واري فوج" جي نالي سان مشهور هئي تنهن جو ڪل انگ ۹۵۰۰ هو. شاه شجاع جو لشڪر ۶۰۰۰ هو. هنن ٻنهي فوجن نومبر جي اڳياڙيءَ ۾ فيروز پور کي الوداع چئي ۽ ستلج جو ڪاهو ڪنارو ڏئي اڳتي وڌڻ لڳي هئي ۽ بهاولپور رياست جي حدن مان لنگهي نيٺ وڃي خير سان سکر پيڙي تي. هن ساري سفر ۾ شاه شجاع جي فوج اڳواٽي ڪري رهي هئي. سفر ڏاڍو سٺائو گذريو. سنڌ ۾ رسد واري سامان سڙي جو جوڳو بندوبست ڪيل ڪونہ هو.

بنگال جي فوجي انجنيئرن بکر ٻيٽ ٻنهي پاسن کان درياھ تي ٻيڙين جي پل ٺاهي ورتي هئي. سنڌ جي حڪمرانن من ڪوره ٻيٽ لاچار تي ڏنو هو. فوج ڏکيو سفر ڪري ٿڪي ٿي. مس هتي اچي پهتي هئي. جڏهن ٻيڙين جي ٺهيل پل تان اڪري بکر ڏانهن وڃي رهي هئي تہ ڏاڍو خوش پئي لڳي ۽ اها فيبروريءَ جي ۱۸ تاريخ هئي. سنڌوءَ کي پار ڪرڻ مهل هندستاني سپاهي هيسيل ۽ ڊنل ڪونہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. شايد ان وقت اهو دور ياد ڪري رهيا هئا جڏهن ڪابل تائين هندن جي حڪمراني هوندي هئي. بمبئي واري فوج سيني ڪان پٺيان هئي. شاه شجاع شڪارپور واري پاسي ڪان پل اڪري بکر پهتو هو.

هتي پهچي فوج مٿان چڻ ڏکياين جا ڏونگر ڪري پيا هئا. منصوبه بنديءَ مان لاڳاپيل عملي جو ڪم غير تسلي بخش ۽ غير معياري هو. بکر ۾ ڪيتري عرصي رهڻ کان پوءِ به اها رٿا ڪانه جوڙي وئي هئي ته لشڪر ڪيچ ۽ گنداوا وارو بريٿ ڪهڙي طريقي سان گذرندو. ڇاڪاڻ ته اتان سفر ڪرڻ مهل باربردار وهٽن مرڻ جو گهڻو ڀؤ هو. هن کان علاوه اتان جي ماڻهن جي اوچتن حملن جو به خدشو موجود هو. انهن ڳالهين کي نظر ۾ رکي اپريل جي اڳياڙيءَ ڏاران ڪوئيٽا ۾ فوج انگ وڌائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. وڌيڪ ناڪامي ان ڪري به ٿي جو ڪاڏي خوراڪ جو جوڳو بندوبست ڪونه ٿي سگهيو هو.

مغل دور جي فوجي چرپر وقت رسد وارو طريقو بلڪل ناڪام ثابت ٿيو هو. اڳي اهو به رواج هوندو هو ته فوج کي ڪاپي جون شيون واپاري مناسب اگهه تي آڻي ڏيندا هئا. هن کان علاوه وڻجارا به هلڪيون سلڪيون شيون ڪٺي پيش قدمي ڪندڙ فوج جي واندين ۾ پهچائي ويندا هئا. پر هن موقعي تي اهي سڀئي طريقا فوج کي گهربل شيون پهچائي ڪونه سگهيا هئا. فوج جي رسد واري ڪاتي کي اهڙو ڪو تجربو به ڪونه هو. هن قسم جي معاملي نباهڻ لاءِ پنهنجو هڪ خاص طريقه ڪار هوندو آهي. هن ڪاتي سرڪاري طور اٺ خريد ڪري فوجي ضرورتن کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر اهڙو انتظام به ناڪافي ثابت ٿيو هو.

ان لاءِ ڪوئيٽا جي فوج مرڪز ۾ ڪي تدبيرون ڪيون ويون هيون. پر اتان جي فوجي ڇانوڻي ۾ رهيل عملدارن خواجه عمران نالي هڪ ماڻهوءَ جابلو علائقي واري رستي تائين به فوجن جي ضرورتن سان لاڳاپيل ڪنهن به شيءِ جو بندوبست ڪونه ڪيو هو. تنهن ڪري هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ فوج کي اڌ ۽ پئي عملي کي راشن جو چوٿون حصو ڏئي وقت ٽپايو ويو. فوج جڏهن قنڌار جي ڏکڻ واري ڪرم علائقي ۾ پهتي ته ان کي اڃا به وڌيڪ ڏچي سان منهن ڏيڻو پئجي ويو جو درانين جي هڪ قبيلي اچي جهيڙو ڳنڍيو. پر انهيءَ کان وڌيڪ انهن قبائلين کان پريشان هئا جن کي جنگ ڪرڻ جو ڪو پتوئي ڪونه هو.

نيٺ هٿندي مارينديءَ ۲۴ اپريل ۱۸۳۹ع تي شاه شجاع جي اڳواڻيءَ ۾ اچي قنڌار سهڙياسين. اتان جي رهاڪن مان نه ڪنهن مقابلو ڪيو نه اڳتي وڌي ڪنهن آجيان ڪئي. سندس پهچڻ کان به ڏينهن پوءِ برطانيه سرڪار جي فوج به اچي قنڌار پهتي.

# غزني ۽ ڪابل

قنڌار جي ڪهنه دل خان ۽ سندس ڀائر، هڪ گڏيل فوج وٺي گير شڪ رستي هرات روانا ٿيا. برطانيه سرڪار جو لشڪر لڪ لتاڙي ڏونگر ڏوري قنڌار پهتو ته ٿڪجي مري پيو هو تنهن ڪري ڪجهه ساهه پٽڻ پئي چاهيائين. غير فوجي عملو ۽ وهٽ به وچ واري برپٽ بيابان علائقي مان اُجيا ٻکيا اچي هتي پهتا هئا تن کي به ٿوري وقت لاءِ پوري کاڌي پيتي جي ضرورت هئي. ٿوري وقت کان پوءِ اهي ڪجهه تازا توانا ٿيا. ڪجهه عرصي کان پوءِ برطانيه سرڪار جي ٻيءَ فوج ڪان ڀهريائين، برگيڊير سيل، گير شڪي ڏانهن اُسهيو جتي شاه شجاع جي هڪ بٽالين اڳئي وينل هئي. جڏهن اتان جي اميرن کي انگريزي لشڪر اچڻ جون خبرون پهتيون ته اهي نڪري سيستان هليا ويا. اتان جو سفير هن خوش فهميءَ ۾ مبتلا هو ته شاه شجاع جو افغانستان ۾ هڪ والهانه استقبال ڪيو ويو آهي تنهن ڪري هو جڏهن ڪابل ۾ پهچندو ته سندس مقابلي لاءِ ڪنهن کي به همت ڪانه ٿيندي. فوج ملڪ جي صحيح حالتن کي سمجهڻ لاءِ پنهنجي جاسوسي واري اداري کي ڪم ڪونه آندو ۽ سياسي عملدارن جي معلومات تي آسرو رکي پاڻهن سيراندي ڏئي ويهي رهي. جنهن جي سوچ سمجهه جو معيار پنهنجو هوندو آهي ۽ جلدئي پنهنجي نقطئه نظر موجب هڪ خيالي خاڪو جوڙي چڏيندي آهي. حقيقت اها هئي ته هيءَ فوج حالتن کي منهن ڏيڻ جهڙي ڪانه هئي. هنن سان سفر جو سامان ۽ اڙد به تمام گهٽ هو.

١٦- لانسر جي هڪ نوجوان آفيسر پنهنجي ڊائريءَ ۾ هن ريت لکيو آهي ته "هڪ هٽ- ٻٽيءَ وسيلي فوجي واندِ کي باه وچڙي وئي. خوشقسمتي سان منهنجو تنبو نديو ۽ منجهس سامان ٿورو هو. مون سان سترهن ماڻهن گڏجي اُن جي باه وسائي". ٽي سڳهي ٿو ته اهي گهوڙن جا سيئس، گاهي يا تنبن کوڙڻ وارا هجن. ٽي سگهي ٿو ته انهن مان هڪ يا به سندس ذاتي اردلي به هجن امڪان آهي ته متان ماڻهو ابترا گهٽا هجن جو ماڪڙ جيان جيڏانهن ڪيڏانهن ملڪ ۾ پکڙجي ويا هجن. پر هي اهو ڏکيو دور هو جنهن ۾ فقط هندستان جا ماڻهو هن قسم جي جنگ وڙهي پئي سگهيا.

٢٧ جون تي "جنرل ڪين" اڳتي وڌڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ فيصلو ڪيائين ته ساڻس گڏ فوج جو وڏو حصو موجود هجڻ کپي. ٢١ جولاءِ تي هيءَ فوج وڃي غزنيءَ پهتي. رستي ۾ ڪنهن روڪ رنڊڪ ڪانه ڪئي. باقي فوج سان جيڪو غير

فوجي عملو گڏ هيو سو گهڻو مري ويو. قلعي جي پرسان نهجي معلوم نيو تہ دشمن مقابلي لاءِ گهڻو بندوبست ڪري انگريز فوج جي اوسيئڙي ۾ ويٺو آهي. سفر ۾ توبن ڇڪڻ وارا جانور تمام ڪمزور ٿي چڪا هئا تنهن ڪري جنرل صاحب توبون قنڌار ۾ ڇڏيون آيو هو. وٽس اهڙو جنگي سامان ڪونہ هو جنهن جي مدد سان غزني قلعي کي پڇي سگهي. هن قلعي اندر دوست محمد جو لشڪر موجود هو جنهن جو سپهہ سالار دوست محمد جو پٽ حيدر خان هو. اصل ڳالهہ اها هئي تہ قلعي اندر مقابلي لاءِ گلزئي قبيلو سر ترين تي رکي تيار ويٺو هو جيڪي ڪنهن ڌارئي جو پير بہ پنهنجي ڌرتيءَ تي ڪونہ سهي سگهندا هئا. غزنيءَ جو شهر حمد آور فوج جي گهيري ۾ هو. قلعي کان ٻاهر رهندڙ گلزئي قبيلي جي ماڻهن لشڪر جي ان حصي تي وچي حملو ڪيو جيڪو شاهہ شجاع جي ڪمانڊ هيٺ وڙهندڙ فوج کي جهليون بيٺون هو. حقيقت ۾ اهو حملو اتر واري فوجي حصي تي ڪرڻو هو. جڏهن بنگال جي فوجي انجنيئرن ڪئپٽن پيٽرس ۽ ليفٽيننٽ ڊيو رنڊ قلعي جي پٺ پچي وڌي تہ فوج جو ٻيو حصو غزني قلعي جو ڪابل نالي وارو ڦاٽڪ کولڻ ۾ سوڀارو ٿيو هو. ڦاٽڪ واري راهداري ۾ دشمن فوج جي تلوار بازن سان سخت مقابلو هلي رهيو هو. ٿوري عرصي جي وڙهڻ کان پوءِ دشمن جو قلعي جي راهداريءَ تان قبضو ٿي پيو. قلعي جي اندرئين پاسي بچاءَ لاءِ ڪو خاص بندوبست ڪونہ ڪيو ويو هو جتي ۴۰۰۰ کان ۵۰۰۰ لشڪر موجود هو. انهي مان ۱۶۰۰ جنگي ٻاندي بڻايا ويا ۽ ۵۰۰ قتل ٿي ويا هئا.

اندر رسد سان لاڳاپيل بي انتها سامان پيو هو. جانور بہ بي شمار هئا. جنگ ۾ ڪتب ايندڙ اوزارن هٿيارن جو بہ ڪاٿو ڪونہ هو. اهو سارو سامان برطانيہ سرڪار جي لشڪر جي هٿ لڳي ويو. انگريزن جي فوج مان فقط ۲۰۰ ماڻهو مارجي ويا هئا. فوج جو ڪجهہ حصو بيمار ۽ زخمي فوجي غزني ڇڏي برطانيہ سرڪار جي فوج ڪابل ڏانهن وڌڻ لڳي. هن لشڪر غزني قلعي جي فتح ڪرڻ ۾ اهو ڪردار ادا ڪيو هو.

جڏهن دوست محمد کي پتو پيو تہ غزنيءَ جو قلعو دشمن فوج فتح ڪري ورتو آهي تہ پنهنجن اهم سردارن کي صلاح مشوري لاءِ طلب ڪيائين. ڳالهہ طئي ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي هڪ ڀاءُ نواب جبر خان کي فاتح فوج جي ڪمانڊر ڏانهن روانو ڪيائين جنهن کي انگريز "سنڌو نواب" ڪري سڏيندا هئا. نواب انگريزن کان پڇڻ آيو هو تہ دوست محمد جي پيش پوڻ جـ ڪهڙا شرط آهن. انگريزن جو جواب ان ورائيءَ کان بهتر هو جيڪو هئرولڊ بادشاهہ اسٽمفورڊ پُل وٽان "هئرولڊ هارڊ دادا" ڏانهن موڪلي هئي تہ "توکي انگلنڊ جي فقط ڇهہ فوٽ ڌرتي ڏني ويندي". ان بدران ڪيس جواب موڪليو ويو تہ هن کي هندستان ۾ عزت

آبروءَ سان رهڻ لاءِ جڳهه ۽ ٻيون سهولتيون فراهم ڪيون وينديون.

اهو پيغام ڪٺي نواب جبر خان دوست محمد وٽ پهتو جنهن ان ڪان اڳ ئي تيرهن هزار فوج ۽ ٽيهه توبون آٿي ”آرگنده“ ڏانهن پيش قدمي ڪري غزنيءَ واري سڙڪ سان مورچه بندي ڪئي. پر ڪين هن ڳالهه جي به پوري سڌ هئي ته ڪوبه مائهو هن لاءِ دل جان سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ڪونه هو. سندس پانهن ٻيلي لشڪر ۾، نه وڙهڻ جي سگهه هئي نه وري اهي سائس وفادار ٿي هئا. هتان جون حالتون لارڊ آڪلنڊ جي نقطئه نظر سان سهمت هيون جنهن جو خيال هو ته افغانستان ۽ پنجاب دوست محمد جي سڀي ڏاڳي ۾ ڪونه آهن ۽ سندس چوڻ تي جنگ جي آزاه ۾ ٽپو ڪونه ڏيندا. اها به سندس هڪ نمايان خوبي هئي جو هن ڪاميابيءَ سان افغانستان ۾ برطانيه سرڪار جي فوج پهچائي ۽ شاه شجاع کي سندس اباڻو تخت وٺي ڏنو هئائين. هن ڪان پوءِ اسانکي اها ڪوجنا ڪرڻي پوندي ته هو ناڪام ڪيئن ٿيو. حقيقت اها آهي ته افغان بادشاه اميرن ڪان سخت ٻچان ڪندا هئا. اهڙا مثال اسانکي پوئين دور ۾ به نظر ايندا. امان الله اهڙن اميرن ڪان ٻچي پنهنجي حياتيءَ سان گڏ پنهنجو اڪيون به نڪرڻ ڪان بچائي ورتيون هيون.

اهو چيو ويندو آهي ته دوست محمد گهوڙي تي چڙهي وڃي پنهنجي لشڪر اڳيان بيٺو. سندس هٿ ۾ قرآن شريف هو. ڪين الله ۽ الله جي رسول جا واسطا وجهي رهيو هو ته هو پنهنجي وطن جي آزادي ۽ سندس بچاءَ خاطر وڙهن. ڪين چئي رهيو توهان بس آخري پيرو فتح خان جي پاءُ جا ننگ پال ٿيو ۽ هنن ڌارين ڪتن کي پنهنجي مقدس ڌرتي تان لوڏي ماري ڪڍي ڇڏيو. جيڪڏهن اوهان ائين نه ٿا ڪري سگهو ته شاه شجاع جي لشڪر سان وڃي ملو“ لشڪر مان هڪ جڻي به ٻاڦ ڪانه ٻولي. هارلن نالي هڪ آمريڪي فوجي جيڪو ڪڏهن رنجيت سنگهه جي لشڪر ۾ شامل هو سندس بيان آهي ته هو تن ڏينهين ڪابل ۾ هو ۽ دوست محمد جو پڳهادار هو. وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته جڏهن دوست محمد جي هار جي پڪ ٿي وئي ته سندس پهريدار به ڪيسر نڌٽڪو ڪري ڇڏي هليا ويا هئا. ڪن وڳوڙين وڃي سندس تنبوءَ تي حملو ڪيو ۽ سندس سامان به ڦري لٽي ڪٺي ويا. پيو ته ٺهيو پر سندس پلنگ به ڪونه ڇڏيائون. ڪيس زوري لاهي اهو به ڪٺي ويا. نماز پڙهڻ وارو مصلو به ڪائنس زوري ڦريو ويو ۽ سندس تنبوءَ کي ڦاڙي ڇيهاڙيون ڪري ڇڏيائون. جيڪڏهن هيءَ ڳالهه صحيح آهي ته پوءِ فارسيءَ جو هيءُ پهاڪو به سچو آهي ته ”افغان- افغان- بي ايمان بي ايمان-“ هيءَ ڳالهه هن حقيقت کي به لوڏي ڇڏي ٿي ته برطانيه سرڪار شاه شجاع کي تخت تي وهارڻ واري ساري جاکوڙ به اجائي ڪئي آهي جنهن سان پڻ فارسي پهاڪو لاڳو ٿي سگهي ٿو ته پٺاڻ تي ويساه ڪرڻ غلطي آهي.

رهيو هو. جڏهن هو ڪابل پهتو ته پهريائين هو مذڪوره قلعو ڏسڻ ويو هو. ان وقت ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو جڏهن ڏٺائين ته ڪٿان ڪٿان اهو جُهري پيو آهي ۽ ورهن کان سندس ڪنهن مرمت ئي ڪانه ڪرائي هئي.

اهڙيءَ ريت شاه شجاع پنهنجي اباڻي تخت تي وينو ۽ سڀ ڳالهيون صحيح نموني سان هلي رهيون هيون. دراني شهنشاهيت پنهنجي روايتي افغاني نموني سان هلڻ شروع ڪيو هو.(٣) هڪ دربار عام به ڪوٺائي وئي هئي جنهن ۾ ڪن عملدارن کي خطاب القاب مليا. وڏن تي وڏيون ۽ ننڍيون تي ننڍيون نوازشون ڪيون ويون. جن ماڻهن کي ڪجهه به نه مليو ته به ڏاڍو خوش پئي معلوم ٿيا. حقيقت اها هئي ته اهو خوشيءَ جو هڪ سچو پچو موقعو هو. مئڪ ناٽن کي انهيءَ موقعي تي نوابَ جو خطاب مليو جڏهن ته سرجان ڪين کي غزني جي لارڊ جو لقب ڏميو. (۴) ڪابل جي قلعي فتح ٿيڻ جي خوشيءَ ۾هڪ پلو به ڪيس مليو هو. شاه، ڪابل جي تخت تي نه وينو هو پر معلوم ائين ٿي رهيو هو ته هتان جي عام ماڻهوءَ ۽ تخت جي ٻين وارثن جي مرضي ائين ڪانه هئي. پر اهو تاج ۽ تخت ڪيس سملا ناه ۽ برطانيه سرڪار جي توبن ۽ بندوقن وسيلي مليو هو. سروليم مئڪ ناٽن به اهڙو اطلاع ڏنو هو ته شاه شجاع جو شاندار نموني ۾ والهانه استقبال ڪيو ويو آهي. پر اها پڪ ڪانه ٿي پئي پنهنجي فوج جي سهاري، سندس حڪمراني قائم رهي سگهندي الائي نه هن پنهنجي فوج جي هڪ وڏي حصي کي ڪڍي ڇڏيو. پر برطانيه سرڪار جي موڪليل فوج جيئن جو تيئن رهڻ ڏني وئي. ملڪ جا امير ۽ نواب، شاه جي دربار کان نِنوائي رهيا هئا. انهيءَ ڪري صوبن جا گورنر به مقرر ٿي ڪونه سگهيا هئا. معلوم ائين ٿي رهيو هو ته شاه شجاع کان ملڪ جو ڪاروبار سنڀالجي ڪونه سگهندو. تنهن ڪري اهو ڪم به انگريزن کي ڪرڻو پئجي رهيو هو. جڏهن ملڪي انتظام ۾ انگريزن هٿ وڌو ته ساري ڳالهه ئي ڊانواندول ٿي وئي ۽ ائين ٿيڻو به هو. ڇاڪاڻ ته هن ساري ماندڻ ۾ ڪٿي اوڻائي ضرور هئي.

## ڪابل جا دوستاڻا لاڳاپا

برطانيه سرڪار جي فوج سنه ١٨٣٩ع ۾ افغانستان پهتي هئي. اها نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو ڪيس جهيڙي جي ڪا نيت به ڪانه هئي ۽ نه وري ڪنهن جنگ جي توقع ئي هئي.

هن دور جي پهرئين مرحلي کي پهرين افغان جنگ ڪري سڏيو ويو. جنهن ڪري ڪجهه غلط فهمي پيدا ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ جو اها جنگ اتفاقي ٿي وئي

معلوم ٿي رهيو هو ته پراڻي زماني جا حڪمران ڪهڙي طريقي سان سفر ڪندا آهن ۽ هن سياري جا سيءَ انگريز سفير سان گڏ جلال آباد ۾ گذاريا. ٻه يورپي ٻٽالنون ڪابل ۾ رهيل هيون جن هيءَ ٿڌي رُت بالا حصار قلعي ۾ رهي ٽپائي. هيءَ هڪ تاريخي قلعو آهي جيڪو ڪابل شهر پرسان هڪ ٽڪريءَ تي اڏيل آهي.

هيءَ ساري جوءِ، جيٺ جي رُت اچڻ تائين برف سان ڍڪي اچي لڳي پئي هوندي آهي. هتان جا رهاڪو هن موسم ۾ ڪم ڪونه ڪندا آهن. ڪين پنهنجي مستقبل جو ڪو پڪتي ڳارنٽو ڪونه هوندو آهي ۽ انهن جا حملہ آورن انگريزن سان ناتا لاڳاپا نهايت سنا آهن.

## برطانيہ سرڪار جو سفير ۽ سندس سياسي خدمتون

هيءُ اهو دور آهي جڏهن سفير وارين سياسي خدمتن ڪان ماٺهو ونئن وڃڻ لڳا هئا ۽ ڪانئس بچان ڪرڻ لڳا هئا. پر ڏنو وڃي ته ان زماني ۾ هنن خدمتن کي هڪ نمايان حثيت هوندي هئي ۽ اهڙي قسم جي اهم خدمت جي ضرورت ٻي افغان جنگ ۽ شروعاتي سرحدي جهيڙن تائين تمام گهڻي محسوس ٿيندي رهي آهي. يا جڏهن سياست واري ڪاتي سان لاڳاپيل عملدار پنهنجو فرض نمايان حثيت ۾ ادا ڪندو آهي ته سفارتي خدمتن جي ضرورت رهندو به وڌي ويندي آهي. هندستان اندر "سياسي" اطلاح، ڪنهن ٻئي ملڪ سان دوستاڻا ناتا پيدا ڪرڻ يا سفارتي لاڳاپا قائم رکڻ واري ساري ڪارڪرگيءَ جو مفهوم ڏيکاريندو آهي. هن ملڪ ۾ انگريزن جيڪي به جنگيون ڪيون آهن يا لشڪر ڪشي ڪئي آهي سا رڳو اندروني دشمنن کي مات ڪرڻ لاءِ ڪئي آهي ۽ گهڻي رتوچاڻ ڪانسواءِ ڪئي آهي. يا واري جڏهن سرحدن وارن علائقن ۾ وڳوڙي قسم جي ماڻهن امن امان واري وايو منڊل کي بگاڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته اهڙي سياسي مصلحتن کي ڪم آندو ويو آهي. اهڙين جنگي مهمن مان انگريزن جو مقصد اهو هوندو آهي ته جيئن ماڻهو قانوني ضابطن جي پوئواري ڪري ۽ سندس حياتي باقاعدگي ۽ ترتيب سان گذري. اهي ماڻهو جيڪي هندستان جي مختلف حڪمرانن سان يا نيم آزاد قبائلي سردارن سان باهمي تعلقات پيدا ڪرڻ لاءِ ڳالهه ٻولهه ڪندا آهن تن کي سياسي کاتي سان لاڳاپيل عملدار سڏيو ويندو آهي. اهڙي ڪاتي جا عملدار ضرورت مطابق فوجي ۽ غير فوجي کاتن مان کنيا ويندا آهن.

هن ڪاتي جو حڪم اهو هوندو آهي ته جيئن جنگ ڪان هتر ڪجي ۽ دشمن کي بنا ڪنهن هٿيار هلائڻ جي هٿ ڪپڙي ۾سوڙهو ڪجي. جڏهن به

ڪائيٽون يونديون هيون. (۵)

انگريز جيئن افغانستان جي راڄنيتيءَ جي معاملن ۾ وڌيڪ تنگ اڙائيندا ويا تيئن وايو منڊل وڌيڪ ڳنڀير ٿيندو ويو. جڏهن حالتون صفا چوٽ تي چڙهي ويون تہ وڏن فوجي عملدارن جي بداخلاقين بہ پنهنجو رنگ ڏيکاريو. ان ماحول جي خرابيءَ ۽ ناڪاميءَ جا ذميوار فوجي عملدار پاڻ هئا. انگريزن جو غير فوجي معاملن ۾ بہ جيڪو زوال آيو تنهن جو ڳيڙ بہ فوجن جي ڳچين ۾ آهي. انگريز، فوجي نقطئہ نگاه کان ڪٿي تباه بہ ٿي چڪا هجن ها پر غير فوجي طور تہ سندن عزت ۽ وقار بحال هجي ها پر اهو بہ ڪونہ ٿي سگهيو ۽ موجوده دور ۾ اهڙين غلط ڳالهين کي ورجايو ڪونہ ويندو.

# سنہ ۱۸۴۰ع وارا معاملا

ٻئي سال جي چيٽ واري رت تائين وايو منڊل ۾ گهٽي مانار هئي. سياري ۾ روسي حملي بابت جيڪي چوڏس چوبول هئا تن ۾ ٻہ هائي ناپر اچي وئي هئي. تن ڏينهين روس جون فوجون اڳتي وڌي اچي خيوا پيڙيون ٿيون هيون. ان معاملي ۾ برطانيہ سرڪار جي سفير جو خيال هو تہ بخارا ڏانهن ڪي فوجي دستا روانا ڪري دوست محمد جي وائٺ لهي سگهجي، جنهن، حالتن کان پڇي وچي اتي سر لڪايو هو. هن کان علاوه سندس خيال هو تہ روس جي اڳتي وڌندڙ فوج سان مڙس ٿي مهاڏو اٽڪائڻ گهرجي. پر سر جان ڪين ڪيس منهن تي ڪتو جواب ڏنو. ان سمي روس جون فوجون سياري واري رستي سان ايندي سخت برفباريءَ سبب پاڻمرادو ئي ناس ٿي ويون ۽ خيوا تائين بہ پڄي ڪونہ سگهيون. شاه شجاع ۽ برطانيہ جو سفير بہ موٽي اچي ڪابل پهتا. هن شعر جيان

چيٽ جي رت ۾ جڏهن تا گاهہ گس، گس تي ڦٽن
تا تڏهن خير منجهانران قافلا لڏندا لنگهن

غزني ۾ بہ گلزئي قبيلي وارن بغاوت جو ڦريرو ڦڙڪايو هو. جنرل بہ پنهنجي سُرت کان ڪم وٺي قلات- گلزئي ۾ اچي ڪيما ڪوڙيا هئا انهيءَ مقصد سان تہ جيئن ملڪ جي وڳوڙي وايو منڊل کي سولائيءَ سان ضابطي هيٺ رکي سگهجي.

قنڌارڪان وٺي سنڌوءَ جي ڪنار تائين آمدرفت جوهڪ ڏکيو رستو هو جنهن سان بہ پڻ گڙ ٻڙ پيدا ٿي پئي هئي. نومبر ۱۸۳۹ع ۾ جنرل "ولٽ شاير" هندستان ڏانهن موٽندي وچي قلات تي حملوڪيو هو. هتان جي حڪمران

انگريزن آڏو آڻ مڃڻ کان انڪار ڪيو هو سو پنهنجي ملڪ جو بچاءُ ڪندي وڙهندي مارجي ويو هو. هن جي جانشين سنہ ١٨۴٠ع ۾ پنهنجا ڪونڌ قطاري اچي ڪوٽيا تي حملو ڪيو. هن ڪان سواءِ پروچن جي بين نياتن بہ انگريزن کي توٽي پتائي ڏئي هئي. ڇاڪاڻ تہ انهن بہ جنرل ناٽ جي هٿان ڏاڍا ڏنب سٺا هئا. وليعهد تيمور کي افغان سردارن ۽ انگريز سرڪار ياران ڪا سٺي موت ڪانہ ملي هئي تنهن ڪري هن بہ پنهنجي فوج وٺي قنڌارجي اوسي پاسي واري جوءِ ۾ انگريزن سان مقابلا شروع ڪري ڏنا هئا جن ۾ برطانيہ سرڪار جي فوج گهڻو ياڻ ملهايو هو. اٿين معلوم ٿي رهيو هو تہ شاہ شجاع جي غير موجودگيءَ ۾ ماٺهو سائنس وفادار هئا. جيت ۾ دوست محمد بخارا مان نڪري اچي خولم ۾ پهتو هو ۽ اتان ازبيڪن جو وڏو لشڪر وٺي باميان طرف وڌڻ شروع ڪيو هئائين. ١٣- پيادل جي برگيڊير " ڊيني" مناسب فوج ساڻ ڪري اڳتي وڃي سائنس مهاڏو ڏنو. ان زماني ۾ ڪنهن وٽي ڊهڪَ ڊاهيا تہ ڪابل پرسان روهہ واري علائقي ۾ ڪن قبائلن، دوست محمد جو پاسو وٺي بغاوتن جي باہ ياري ڏني آهي. نومبر ۾ برگيڊير فوج وٺي اوڏانهن روانو ٿيو. اتي پهچي ڪيس پتو پيو اهي افواہ ڪونہ هئا. دوست محمد پنهنجي سر پاڻ منجهن موجود هو ۽ هڪ نندڙيءَ پناہ گاہ ۾ وڃي پاڻ لڪايو هئائين. پر وندرہ جي محاذ تي حالتون مونجهاري جو شڪار ٿي ويون هيون جتي ٢- بنگال نيم مسلح گهوڙيسوارن پنهنجي فتح سمجهي بي وقتو حملو ڪيو هو ۽ پنهنجي اعليٰ عملدارن جي حڪم عدولي ڪندي پنهنجا ڪميت ڪڏائي پناڻ تلوار بازن جي وچ ميڙي ۾ اڪيون پوتي ڪاهي پيا هئا. اهو جنگي محاذ گهٽيءَ جوءِ ۾ پکڙيل هو. قبائلين جو انگ بہ تمام گهٽو هو. حالتون ڳنڀير هيون. اليگزينڊر برنس برگيڊير سيل سان محاذ تي گڏ هو. هن حالتن جي نزاڪت مان اندازو لڳائي، برطانيہ سرڪار، سفير کي فوج کي واپس گهرائڻ جو مشورو ڏنو ۽ ڪيس اهو بہ ڄيائين تہ ساري لشڪر کي هڪ جاءِ تي گڏ ٿيڻ جو حڪم صادر ڪيو وڃي. ان دوران خوشقسمتيءَ سان هڪ اهم واقعو ٿي ويو. قصو هيئن آهي تہ سر وليم مئڪ ناٽن، گهوڙي تي سوار ٿي ڪابل کان ٻاهر نڪري ڪيڏانهن وڃي رهيو هو جو هڪ اڪيلي گهوڙيسوار اچي سائنس ملاقات ڪئي ۽ ڪيس ٻڌايائين تہ دوست محمد پيش پوڻ لاءِ اچي رهيو آهي ۽ واقعي اها حقيقت هئي. هو هيڏانهن هوڏانهن ڊمائون کائي ٿڪجي پيو هو. اهڙو ٿڪ سندس منهن ۾ بہ بکي رهيو هو. پناڻ پنهنجي اصلي طبيعت مطابق ڪڏهن هِن پاسي ۽ ڪڏهن هُن پاسي هئا جيڪي بي انتها خود غرض ۽ لالچي هئا.

هن اٿين ڪري هڪ حقيقت ڏانهن اشارو بہ ڪيو هو ۽ اها حقيقت ڪڏهن انگريزن جي دلين ۾ ٻڙاڏو ڪري ٻُرندي بہ هئي. اها حقيقت هيءَ هئي تہ

افغانستان جي ماڻهن جون دليون همدرديون شاه شجاع بدران هن سان هيون. انگريزن طرفان سندس گهڻو آدرڀاءُ ڪيو ويو ۽ عزت ۽ احترام سان هندستان نيڻ واسطي سر ولوبي ڪاٽن کي ساڻس گڏ روانو ڪيو ويو. دوست محمد پنهنجي ملڪ مان نڪري برطانيہ سرڪار جو معزز مهمان طور هندستان وچي رهيو هو.

برطانيہ سرڪار جي اختيار ڪيل حڪمت عملي ڪامياب ثابت ٿيڻ ۾ هاڻي ڪابہ روڪ رنڊڪ موجود ڪانہ هئي ۽ سر وليم مئڪ ناٽن جا پو پولا بہ پچي پيا هئا ۽ سڀ ڪجهہ انگريزن جي مرضيءَ مطابق ٿي رهيو هو. ١٨۴٠ع وارو سال سنائيءَ ۽ سولائي سان گذري ويو. شاه شجاع بہ برطانيہ سرڪار جي سفير سان گڏجي افغانستان جي سياري گذارڻ لاءِ جلال آباد جي هيٺاهن پٽن ڏانهن نڪري ويو هو.

ان زماني ۾ برطانيہ جي سفير ڪان اهڙي هڪ پَل ٿي وئي جنهن جو ازالو ڪرڻ مشڪل آهي. هن فوجي صلاح مشوري ڏانهن ڪن لاتار ڪري اِهو حڪم صادر ڪيو تہ لشڪر، بالا حصار قلعو ڇڏي ڪابل کان پري پنهنجي الڳ ڇانوڻيءَ ۾ رهي. اهو ماڳ پناڻ نوابن جي باغن جي وچ تي ۽ ان تاڪ وٽ هو جتي ڪن مشهور بزرگن جا قديم مقبرا تمام گهڻا هئا. ان قسم جي ماڳ کي دهليءَ يا حيدرآباد دکن ويجهو ڇانوڻين جهڙي جُوءِ سمجهيو ويو هو ۽ انگريز بہ اتي اهڙي آزاد نموني واري زندگي گذاري رهيا هئا جڻ افغانستان بدران هندستان ۾ هجن. ڪين اها ڳالهہ ذهن ۾ ڪانہ هئي تہ هتان جا ماڻهو هن قسم جي ڇانوڻين کان نفرت ڪندا آهن. سفير "ليڊي مئڪ ناٽن" کي بہ گهرائي هندستاني نموني تي ٺهيل بنگلي ۾رهايو ۽ اتي ويهي هي معزز عورت پئي سخاوتون ڪندي هئي. هندستان جا انگريزي عملدار، فوجي ۽ ليڊي مئڪ ناٽن پنهنجن ڪٽنبن ڏانهن سوڪڙيون پاڪڙيون پيا موڪليندا هئا. تن ڏينهين پنجاب، برطانيہ سرڪار جي حڪمرانيءَ ۾ شامل ڪونہ هو ۽ ساري هندستان ۾ ريل جو هڪ ميل بہ وڇايل ڪونہ هو. خيبر جي اوسي پاسي واري علائقي ۾ رهندڙ ماڻهن بہ امن امان بگاڙي ڇڏيو هو.

هن کان علاوه پنجاب جو شير دل مڙس بہ وفات ڪري ويو هو جنهن کي پارنهن مهينا گذري ويا هئا. ان ڪري پنجاب جي راڄڌاني لاهور ۾ وڳوڙي وايو منڊل هو ۽ ڪابل ۾ رهيل انگريز فوج حالتن مطابق قدم کڻي رهي هئي.

## ساريءَ اڏاوت جو ڇيهون ڇيهون ٿيڻ

سال ١٨٣٩ع کان نکري ١٨٤٠ع ۾ پهتاسون جنهن ۾ ڪجهه امن امان هو ۽ انگريزن جي جون به نند ۾ هئي. سنه ١٨٤٠ع وارو عرصو ڪجهه گوڙ شور وارو هو. پر پوءِ به سک سانت سان لنگهي ويو. ليڪن ١٨٤١ع وارو سال ڪجهه ڳورو هو. ان ڪي انگريزن جي پرک وارو سال به چئي سگهجي ٿو. اها ڳالهه عام ۽ مشهور آهي ته سر وليم مئڪ ناٽن هڪ غير فوجي اعليٰ عملدار هو ۽ راجيتي معاملن ۾ گهٽيءَ ڏاهپ جومالڪ هو. پر افغانستان جهڙي منجهيل معاملي ۾ سندس چوندڙ غير دانشمندانه قدم هو. هو نهايت ذهين سيڪريٽري هو پران سان گڏ ڏاڍو سادو به هو. جيڪي مامرا اوچتو منهن ۾ اچي ويندا هئا تنهن ڪي عقلمنديءَ سان ۽ هڪدم نبيرڻ جهڙو ڪونه هو. ماڻهن سامُنهان مُنهنِ ته ملندو ئي ڪونه هو.هر معاملي کي ڪرسيءَ تي ويهي هڪ سيڪريٽريءَ جيان حڪم ڏئي نبيرڻ جا جتن ڪندو هو.ڪيس مشرقي قسم جي معاملن نبيرڻ جوته ڪو تجربو ڪونه هو. قديم گهراڻن جي سردارن سان هن جي پوندي ئي ڪانه هئي. سندس رڪارڊ به ڏري گهٽ هيندري لارينس جهڙو هو. مالڪم ۽ ابلفن اسٽون جهڙو سياڻو به ڪونه هو جو مشرقي ماڻهن جي سازشن کي چڱيءَ ريت سمجهي سگهي ۽ نه وري پوئين دور جي هوشيار ماڻهن جهڙوڪ ڊيوڊبار ۽ هئرولڊ ڊيني جهڙو تيز فهم هو جيڪي عالم به هئا ته ماڻهن سان همدردي به ڪري ڄاڻندا هئا.

هن شاهه شجاع کي غلط ڳالهين ڪرڻ جي کُلي موڪل ڏئي ڇڏي هئي. هن جي ڪڌن ڪرتون ۾ سائس اهي ماڻهو پٺ ۽ جُهٽ هئا جيڪي سندس پنهنجا امير هئا ۽ هن سان ئي گڏ هتي موٽي آيا هئا. سندس وڏو وزير ملا شڪور به هن جو دوست هو جيڪو حافظي کان چٽ ۽ ڪنن کان گهبرو هو. انگريزن کان نفرت ڪرڻ کان سواءِ ڪيس ٻيو ڏنڌو ايندو ئي ڪونه هو. هو ماڻهن کي ماري بد ديانت ۽ بي ايمان بڻائيندو هو. عيش عشرت ۾ به سندس مٽ ثاني ڪونه هو. هو ڪوشش ڪري پاڻ جهڙا اکيوٽ ۽ ڪنور ماڻهو سرڪاري ملازمت ۾رکندو هو. برنس لکيو آهي ته، "بد ديانت وزير بدنام هوندا آهن. پر مان سمجهان ٿو ته شاهه شجاع جو هي وزير ڪوڙهه جو ڇتو آهي. اٿو ٻڌي گهمبو ته ساري دنيا گهمي وري به اچي هن تي هٽ رکبو".

شاهه شجاع به پنهنجي ليکي گهٽ ڪونه هو. جڏهن برطانيه سرڪار جا عملدار وٽس دانهين ويندا هئا ته ڪين سزا ڏيڻ جو حڪم ڪندو هو ته هو فرياد

هڪ رپورٽر ڏانهن لکيو هو تہ: ”موڪور Mookoor کان خيبر لڪ تائين ست خير لڳا پيا آهن. جوڌس امن امان ۽ صلح سانت لڳي پئي آهي. انگريزن جو هر جاءِ احترام ڪيو وڃي ٿو. جتي بہ پهچندا آهن ماڻهو دل جي گهراين سان سندن آجيان ڪندا آهن ۽ هتي انگريزن جو مستقبل روشن آهي.هتان جو ماڻهو ٻارن جهڙو آهي. سائن رويو بہ اهڙو رکڻو پوندو.“

جنرل ناٽ هڪ تجربيڪار فوجي عملدار هو سائس ميجر رالنسن جهڙو ذهين سياسي عملدار گڏ هو. جنهن جي صلاح مشوري سان علائقي ۾ امن امان قائم ڪري ڇڏيو هئائين. هن مٿي ڄاڻايل نظام کان نفرت جو اظهار ڪندي پنهنجي هڪ جدا نقطہ نظر جو اظهار ڪيو آهي. هو ٻڌائي ٿو:

”سياست سان لاڳاپيل سڀني انگريزن عملدارن، انگريزن جي مفادن کي ڏاڍو ڇيهو رسايو آهي. انهن هتي رهندڙ هر يورپيءَ جي ڳچيءَ کي جملي پٺاڻن ۽ بروچ جي تلوار آڏو جهليو آهي. شاه شجاع اهڙو نڳ ماڻهو، جي اتو ٻڌي گهمبو تہ اهڙو پيو ڪونہ ملندو.“

سنہ ۱۸۴۱ع جي سيپٽمبر تائين برطانيہ جو سفير ڏاڍو خوش هو.ڪيس سنڌس خدمتن جي مجتا طور بمبئي جو گورنر مقرر ڪيو ويو ۽ برنس کي سنڌس قائم مقام بڻايو هو. پر سال جو پويون حصو ڏاڍو ڳورو ثابت ٿيو هو. اهو ڏچو انگريزن جي اختيار ڪيل غير فطري حڪمت عمليءَ ڪري ٿيو هو. هو افغانستان تي ٿيندڙ خرچ، پنهنجي مٿان هڪ وڏو بار سمجهي رهيا هئا. وقت جي سفير کي مٿان حڪم پهتو هو تہ پٺاڻ مردارن کي انگريزن طرفان ملندڙ رقم جو انگ گهٽايو وڃي.گلزئي سردارن انگريزن کان اها رقم وٺي دوست محمد جو پاسو ڇڏي شاه شجاع ۽ انگريزن جو پاسو ورتو هو. جڏهن کين اها رقم گهٽ ملڻ لڳي تہ خيبر کان جلال آباد تائين سارا لڪ بند ڪري ڇڏيائون. ان وقت دوست محمد جو پٽ اڪبر خان خولم ۾ موجود هو. پٺاڻ سردار انگريزن سان پئسي جي معاملي تي اڳئي چڙيا وينا هئا ۽ اڪبر خان وجهہ وٺي کين پنهنجي پاسي ڪري ورتو.تنهن زماني ۾جنرل ڪاٽن جي جاءِ تي ميمبر جنرل ايلفن اسٽون سپهہ سالار مقرر ٿي آيو هو جيڪو برطانيہ سرڪار جو هڪ جهونڙو فوجي هو ۽ قبر ۾ ڄنگهون لڙڪايون وينو هو.ڪيس پيشابن جي پراڻي بيماري هئي. سنڌن جي سور جو بہ دائمي مريض هو جيڪو هن انّ ڏني ڏيهہ ڏانهن وڃڻ کان ائين پئي وٺڻ ويو جيئن گنجو ياڪيءَ کان. مٿان وري هيءَ ڳالهہ بہ ٿي جو ڪابل ۾ رهندڙ فوج کي آرام لاءِ موڪلي ڏني وئي. هن کان علاوه ۱۳- نيم مسلح فوجي دستن کي يورپ موڪليو ويو. فوج جو هي حصو هندستان جي اڃن ڪارن فوجين سان گهڻو رائل مائل هو ۽ افغانستان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انچ انچ ڪان بہ واقف هئا. ٣۵ ۽ ٢٧ برگيڊ ڪي سنڌ ڪمانڊر سميت موڪل تي روانو ڪيو ويو هو. ١٣- پيادل جي جاءِ تي ۴۴- پيادل اچي پهتي هئي. هندستاني فوجين سان سنڌن رويو نفرت جوڳو هو. موٽ ۾ هندستاني فوجي سنڌن اهڙي رويي سبب ڪانئن نفرت ڪندا هئا. نازڪ موقعن تي اهڙي قسم جو نفاق ڏاڍو خطرناڪ ثابت ٿيندو آهي.

ان زماني ۾ جنرل سيل واري برگيڊ موٽي پنجاب وڃي هئي. تنهن ڪري گلزئي قبيلن کي سيڪت ملڻ ۽ اڪتوبر جي پڇاڙي ڌارن ان برگيڊ سفر شروع ڪيو. سخت جنگ کان پوءِ هي فوج مس وڃي گنڊا ماڪ پهتي. جنهن ۾ ڪيترا انگريز فوجي مارجي ويا ۽ سنڌن سامان سڙو بہ دشمن جي هٿ لڳي ويو. خود جنرل پاڻ بہ گهائجي پيو هو. گلزئي قبيلن کي سيڪت ڏيڻ بدران پاڻ سبق سکي ويا. باقي هڪ جاءِ تي الائي ڪيئن فتح حاصل ڪئي هئائون. وهتن جي ڏس ۾ بہ کين گهڻو نقصان رسيو هو. تنهن ڪري جنرل سيل ٿوريون توبون سائڪري ٣۵- پيادل کي جڏي اڪيلو وٺي ڪڙين تي زور رکيائين. گنڊاماڪ جي ماڳ وٽ شاہ شجاع جا گهوڙيسوار دستا موجود هئا جن جو سپهہ سالار هڪ انگريز عملدار هو. جڏهن هن گهوڙيسوار دستن مخالفن جي سوڀ ڏٺي تہ پاڻ بہ پڇي وڃي سنڌن پاسو ورتائون.

## باب ٽيون

# آنڌاري گهلڻ کان پوءِ

- ڪابل ۾ قتل عام
- جلال آباد ۽ غزني
- قنڌار
- انتظام ونڌڙ فوجون
- ڪابل واري آخري ويڙهه
- ڪمانڊر- ان- چيف جو تبصرو
- دوست محمد جي ڪابل ڏانهن واپسي

## ڪابل ۾ قتل عام

ڪابل جو وايو منڊل گهڻو وڳوڙي ٿي چڪو هو. برطانيه جي سفير ڪي، جنرل سيل کي گهرائڻ واسطي اهڙو پيغام موڪليو پيو. پر ليڊي سيل جي لکيل ڊائري موجب آڪٽوبر جي پڇاڙيءَ ۾ طاقت ۾ مانار هئي. سندس ڊائريءَ جي لکت ٻڌائي ٿي ته هوءَ ڪابل واري بنگلي ڇڏيندي اداس ٿي وئي هئي جنهن ۾ اندر گلن جو باغيچو ۽ سبزين ترڪارين جي هڪ ننڍڙي واڙي هئي جنهن کي سندس پنهنڻ ساهيڙيون گهڻو ساراهينديون هيون.

تاريخ ٢- نومبر تي اوچتو ئي بغاوت جي آنڌاري ابڙي آئي. بنا ڪنهن اڳواٽ ٻڌائڻ جي برنس جي گهر کي گهيرو ڪري ويا. سائنس گڏجيڪي به مائٽهو موجود هئا تن کي وڏي گجرن مورين جيان ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيائون. پهريدارن جو ٽولو جيڪو برنس ۽ اتي رکيل سرڪاري خزاني مٿان پهريدار مقرر هو تن مان ڪو وانگي به جيئرو ڪونه ڇڏيائون. هن ڪوس جو ڪهڻو اثر وڏن سرڪاري

ڇڏيو هو. مٿان پٺاڻن کين قتل ڪري لاشن جا ڍير ڪري ڇڏيا. وڌن فوجي عملدارن کي جنگي باندي بڻايو ويو جن مان هڪ نوجوان آفيسر نڪولسن به هو. پامير مٿان خزاني ڏسڻ لاءِ تمام گهڻو تشدد ڪيو ويو هو. قلات- گلزئي نالي واري فوج ڪرنگي ماتحت هئي جن پٺاڻن جو سخت مقابلو ڪيو. پر ان وقت ناٿ ڏانهن پيغام پهتو ته پنهنجو لشڪر وٺي سنڌ اچي. ان ڪان پوءِ فوج (٦) اتان نڪري اچي قنڌار پهتي.

# قنڌار

قنڌار ۾ ناٿ پنهنجي بچاءَ ۽ دشمن سان مقابلي جو جوڳو بندوبست ڪيو هو. پر جنرل انگلنڊ ڪوئيٽا ڪان رسد جي روانگي جو ڪو خاص بندوبست ڪونه رکيو هو. جنرل ناٿ جي اٽل ارادن ۽ بلند حوصلن ڪري قنڌار جي چوڌاري گڏ ٿيل مخالف پٺاڻ سردار بلڪل بي وس ٿي چڪا هئا. شاه شجاع جون فوجون به هن علائقي ۾ پهچي چڪيون هيون، تنهنڪري هو تمام گهڻو مضبوط ٿي چڪو هو. جيڪڏهن گورنر جنرل ڪهڙي به حڪمت عملي تيار ڪري ڪيس ڏئي ها ته هو ان کي ڪامياب ڪرڻ جو اهل هو.

# پٺاڻن ڪان پلاند ڪرڻ وارو لشڪر

سنه ١٨٤٢ع جي اڳياڙيءَ ۾ لارڊ آڪلنڊ جي جاءِ تي لارڊ ايلنبرو گورنر جنرل مقرر ٿي آيو هو. ان ڪري انگريزن جي اختيار ڪيل حڪمت عمليءَ ۾ گهڻي سگهه اچي وئي هئي. هن منجهيل وايو منڊل ۾ لارڊ آڪلنڊ هر شيءِ ۽ هر ماڻهوءَ کي اڪيون پوٽي الله جي آسري تي ڇڏي ڏنو هو. بنگال جو ڪمانڊر. ان- چيف " جنرل جاسپر نڪولس" هڪ ڏاهو فوجي عملدار هو. ڪيس جابلو علائقن ۾ جنگ ڪرڻ جو گهڻو تجربو هو جيڪو پنهنجي نقطهءِ نگاه ڪان هڪ اهم ماڻهو هو. لارڊ آڪلنڊ برگيڊير وائيلڊ کي بنگال جون چار پيادل بٽالنون پشاور ۾ آڻي گڏ ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. سندس اهو به حڪم هو ته برگيڊير هڪ ڪاسڪل" ماتحت ڪي يورپي يونٽ به ان جاءِ تي موجود رهڻ گهرجن. تن ڏينهن برطانيه سرڪار

جو نمائندو مسٽر ڪلرڪ لاهور ۾ موجود هو. هن جي به اها ڪوشش هئي ته سکن جون به وڌيڪ فوجون پشاور موڪليون وڃن. پر سک حڪمران کي هن ڳالهه ڏانهن آماده ڪرڻ واسطي گهڻيءَ جاکوڙ جي لوڙ هئي. پشاور ۾ رهندڙ برگيڊير وائيلوس ماتحت فوج جي سپاهين کي تياونيءَ سوڙهو ڪري رکيو هو. ٻئي پاسي کان سک فوجين جي آزاد کان به تنگ هئا. هن کان علاوه ڪين تڏن پيرن ٽيڻ جي بيماري شروع ٿي وئي هئي. مشرق جي فوجين ۾ هن قسم جي بيماري تڏهن ٿيندي آهي جڏهن کي ڪم بنا ڪنهن اصول ۽ ضابطي جي ڪيا ويندا آهن. ان وچ ۾ خيبر لڪ تي حملي جي ڪوشش ڪئي وئي هئي جنهن ۾ دشمن کان عملي مسجد واري واري جوءِ جدائي وئي هئي. پر اتي رهندڙ فوج کي ڪا رسد پهچي ڪانه سگهي، تنهن ڪري لاچار تي اتان واپس موٽڻو پيو هو. ان کان سنت ئي پوءِ جنرل پولاڪ فوج جي مهندار جي حيثيت ۾ بدلي ٿي اچي پشاور پهتو هو ۽ مڪ ڪاسڪل وار برگيڊ به هن سان گڏ هئي. هن کان علاوه سندس ڪڏ ئي يورپي گهوڙيسوار دستا ۽ توبخانو به اچي رهيو هو.

فوج جو پشاور ۾ گڏ ٿيڻ ان وقت عمل ۾ اچي رهيو هو جڏهن برطانيه سرڪار جي حڪمت عملي اجا واضح ڪانه ڪئي وئي هئي ته ڇا ٿيندو ۽ ڇانه ٿيندو. پر بعد ۾ افغانستان ڇڏڻ جو آخري فيصلو ڪيو ويو هو تنهن کي ڏوئي صاف ڪرڻ جو ارادو ڪري رهيا هئا. پنهنجي عزت ۽ وقار بحال ڪرڻ ڪانپوءِ هنن پناڻن کي پنهنجيءَ قسمت تي ڇڏي ڏيڻ جو ارادو ڪيو هو.

جنرل پولاڪ تاريخ ۵- اپريل تائين گهڻي فوج گڏ ڪري ورتي هئي. ان وقت تائين برگيڊئر وائيلڊ ۽ ان جي فوج جي دل بڌائيندو رهيو. انهيءَ لاءِ ته جيئن هو پنهنجو سونپيل ڪم نهايت دليري سان سرانجام ڪري سگهي. هن جنرل سان سک فوجون به گڏ هيون جيڪي خيبرلڪ جهڙي خطرناڪ لنگهه ڏانهن وڌڻ واسطي اتاوليون هيون. سندس ڪمانڊ هيٺ وڙهڻ واريءَ فوج جو انگ اٺ هزار هو جيڪو اٺن بٽالين تي مشتمل هو جن مان به انگريزن جون ۽ ٽي گهوڙيسوار دستن جون هيون. سندن وچور هيٺ ڏجي ٿو:

۹- فوٽ
۳۱- فوٽ
٦- بنگال ڏيهي پيادل
۲٦- بنگال = =
۳۰- بنگال = =
۳۳- بنگال = =
۵۳- بنگال = =

٦۴- بنگال = =
٣- لائيٽ ڊرئگون
١- نيم مسلح گهوڙيسوار
١٠- نيم مسلح گهوڙيسوار
هي ٻئي گهوڙيسوار دستا ٻن ڊويزنن تي مشتمل هئا.

هن وقت تائين جنرل پولاڪ کي اهڙيون هدايتون ڪونه مليون هيون ته برطانيه سرڪار پنهنجي ڪُرَ تي جيڪو شڪستن جو ڪَچو رايو هو اهو ڪهڙي طريقي سان ڌوئي پنهنجو دامن صاف ڪري. انگريزن کي پنهنجي سنگين جي سگهه سان پنهنجي ڌيل ۾ ڌيا کي مجائڻو هو. ڪابل وارين فوجن جو جيڪو قتل عام ڪيو ويو. تنهن جو به پلاند چڪائڻو هو. پٺاڻن جيڪي قسم کڻي پڪا واعدا ڪيا ۽ پوءِ دوکا ۽ دولاب ڪيا هئا تن جو ڪين سبق سيکارڻو هو. ڪائنن جنگي باندي به ڇڏائڻا هئا. فوجي عملدارن ۽ سپاهين جون جيڪي گهرواريون وٽن قيد هيون تن کي به آجو ڪرائڻو هو جن ۾ ليڊي مؤڪ ناٽن ۽ ليڊي سيل به هئي.

اپريل جي ۵- تاريخ تي جنرل پولاڪ پنهنجون فوجون وٺي خيبر ڏانهن روانو ٿيو ۽ لڪ لنگهڻ مهل پٺاڻن سندس ڊهه به ڪانه جهلي. آرام سان پيش قدمي ڪندو وڃي جلال آباد پهتو. رستي ۾ ڪنهن به پٺاڻ سردار ۾ متس حملي ڪرڻ جي جرئت ئي ڪانه ٿي هئي. ڪيس اتي وڃي معلوم ٿيو ته جلال آباد ۾ ترسيل انگريزي فوج سندس پهچڻ کان اڳ پٺاڻن کي زبردست شڪستون ڏنيون هيون جن موٽي جلال آباد ڏانهن منهن ئي ڪونه ڪيو هو. ان ڪري ڪابي جي هر چيز وٽن پهچڻ شروع ٿي وئي هئي. عام طور تي اهو چيو ويندو آهي ۽ حقيقت به ائين آهي ته جيڪڏهن سيل سياري گذارڻ لاءِ تڪڙ ۾ جلال آباد وڃڻ بدران گنداماڪ ۾ ڪپ ڪوڙي مڙسيءَ سان ويهي رهي ها ته نه رڳو انگريزن جي بيٺل ساک وري به بحال ٿي وڃي ها پر جنرل ايلفن اسٽون جي ساري فوج به ناس ٿيڻ کان به بچي وڃي ها.

" سيل" جي مهنداري هيٺ وڙهندڙ فوج نهايت مضبوط هئي جيڪا ڪٽي به، ڪهڙي مهل به دشمن کي مهاڏي ڏيڻ لائق هئي. پر شرط اهو ته سندس لشڪر کي گهربل شيون ۽ (٧) باروت جي رسد جاري هجي.

نئين گورنر جنرل، هڪ نئون پڌر نامو جاري ڪيو هو جنهن ۾ هن صاحب وڏي هام هنئين هئي. پر سندس ڪم ۾ اينتري ڦڙ تائي ڪانه هئي جيترو جوش سندس لفظن ۾ هو. نظر ايئن اچي رهيو هو ته برطانيه سرڪار جي اختيار ڪيل حڪمت عمليءَ کي عملي جا مون ڍڪائڻ ايڏو سولو ڪونه هو. شاهه شجاع اجا به ڪابل جي تخت تي موجود هو. سندس ڏنل بيانن مان وسهجي رهيو هو ته

سنڌس عقل کانئس الوداع ڪري ويو آهي. سنڌس چوڻ هو تہ انگريزن جي تباهي انهيءَ ڪري ٿي هئي جو هنن سنڌس چوڻ تي عمل ڪونہ ڪيو هو. ڪنهن جوان وجهہ وٺي ڪيس ان ڏينهن قتل ڪري ڇڏيو. جنهن ڏينهن جنرل پولاڪ خيبرلڪ مان لشڪر سان گڏ لنگهڻ شروع ڪيو هو.

هي جنرل جڏهن جلال آباد پهتو تہ ڪيس مٿان هدايتون ملڻ بند ٿي ويون تہ هن کي ڇا ڪرڻ ۽ ڇا نہ ڪرڻ گهرجي گورنر جنرل، هن ۽ ناٽ، ان سان گڏ لاهور ۾ رهندڙ انگريز نمائندي مسٽر ڪلرڪ ڏانهن خط لکي سنڌس خاص حثيت کي واضع ڪيو هو ۽ برطانيہ سرڪار جي حڪمت عملي بہ کين سمجهائي هئائين. پر انهن ڏانهن کي واضح حڪم ڪونہ موڪليا ويا هئا.

قنڌار ۾ رهندڙ جنرل ناٽ کي اطلاع ڏنو ويو هو تہ ڪوئيا علائقي واري جنرل انگلنڊ جي هٽ هيٺ رهندڙ فوج سنڌس ڪمانڊ ۾ ڏني وئي آهي. هن کان علاوه رسد واري ڪاتي سان لاڳاپيل مائهن کي رسد جي سامان گڏ ڪري، هن ڏانهن جلد موڪلڻ جو حڪم ڪيل هو.

٦- جنوري ١٨٤٢ع تي گورنر جنرل جنگي مجلس شورا کان هڪ اهڙي ڳالهہ بہ منظور ڪرائي ورتي هئي. جيڪا جيڪڏهن هن کان اڳ ٿي وڃي ها تہ هزارن فوجين جون حياتيون بچي پون ها. اها اهم ڳالهہ هيءَ هئي تہ سياست جي ڪاتي سان لاڳاپيل نوجوان عملدارن کي فوجي ڪماندرن جي ماتحت رکيو ويو هو.

جنرل پولاڪ اونهاري جي ڇٽيءَ گرمي دوران پنجاب وڃڻ کان لهرائي رهيو هو. سنڌس مرضي هئي تہ سياري تائين هو جلال آباد ۾ رهي. پر ان وقت تائين انگريز حڪمت عمليءَ بابت ڪي واضح حڪم اڃا بہ جاري ڪونہ ٿيا هئا. ۴- جولاءِ تي لارڊ ايلنبرو ناٽ ڏانهن لکيو هو تہ هو بہ ڪابل وسيلي افغانستان ڇڏي هندستان هليو اچي پر اچي ضرور. جنرل پولاڪ ڏانهن بہ اهڙو حڪم پهتو هو تہ هندستان ڏانهن رواني ٿيڻ لاءِ ناٽ جي مدد ڪري. حڪم اهڙو هو جيڪو فوجين لاءِ سَنڌ هو ۽ جنهن جي آڌار تي هو پاڻ ۾ رابطو بہ قائم ڪري پئي سگهيا. ان حڪم جي پوئواري لاءِ "ناٽ" کي ڪابل پهچڻو هو ۽ پولاڪ کي بہ اتي پهچي هندستان اچڻ لاءِ سنڌس واهر ڪرڻي هئي. ويچارن جنگي باندين لاءِ ڪو واضح حڪم ڪونہ پهتو هو. پر پوءِ بہ هنن جي مرضي هئي تہ سنڌن آجپي لاءِ هو ضرور هٿ پير هلائيندو پوءِ ڪٿائي سنڌن پاڳُ.

گورنر جنرل جو، ۴- جولاءِ وارو ڪليل خط ناٽ کي ٢٠- جولاءِ تي پهتو هو. جنهن ۾ ڪيس ڪابل رستي افغانستان ڇڏي هندستان اچڻ جو حڪم ڪيل هو. ٧ آگسٽ تي پنهنجي ۽ جنرل انگلنڊ واري فوج سان گڏ قلعي ٻاهران فوجي واند هنئي، انهيءَ لاءِ تہ جيئن هو سولائيءَ سان سنڌوءَ ڏانهن وڌي سگهي. انهيءَ ڪري هو بہ ڏينهن اتي رهيو پيو هو.

۹- آگسٽ تي هو ڪابل روانو ٿيو. هن سان گڏ ۴۰- فوٽ، ۴۱ فوٽ پنهنجون فوجي ٽالنون هيون. جنرل انگلنڊ سان، بامبي آرمي، شاه شجاع جون ٽي ريجمينٽون. بامبي انفنٽري، شاه شجاع جو توبخانو. بامبي هارس آرٽيلري گڏ هئي. شهزادي تيمور جهڙو هڪ بيڪار ماڻهو هن سان گڏ ڏنو ويو هو. قنڌار جي حڪومت سنڌس ننڍي ڀاءُ صفدر جنگ جي حوالي ڪئي وئي هو جيڪو افغان سردارن وٽ وڌيڪ قابل قبول هو. ۳۰- آگسٽ تي گوهاني جي ماڳ وٽ گلزئي قبيلي جي ماڻهن کي زبردست شڪست آئي هئي. ان واقعي کان جلد ئي پوءِ غزني خالي ٿي چڪي هئي. ۱۷- سيپٽمبر تي ناٽ پنهنجي لشڪر سميت اچي ڪابل واري جوءِ ۾ پهتو ۽ ڏنائين تہ بالا حصار جي قلعي تي يونين جئڪ جو جهنڊو جهولي رهيو هو. جنرل پولاڪ هن کان بہ ڏينهن اڳ سفر تي اسهيو هو. سندس فوج پٺاڻن کي سخت شڪست ڏني. خاص طورتي گلزين کي اهڙي تہ سيکت ڏنائين جو ڪين ڄڻيءَ جو کير ياد اچي ويو. انهن سان هلڪيون سلڪيون جهڙپون جلال آباد کان ٻاهران، ۲۰ آگسٽ کان ئي شروع ٿي ويون هيون.

ناٽ پٺاڻن کي شڪست تہ ڏني هئي پر پوءِ بہ وياڪل ۽ نراس ٿيئي لڳو. جنرل پولاڪ کيس باميان ڏانهن هڪ برگيڊ فوج رواني ڪرڻ لاءِ چيو هو انهيءَ لاءِ تہ جيئن سر رچمنڊ شيڪسپيئر جي واهر ڪري سگهجي جيڪو قزلبلشن جا ۶۰۰ گهوڙيسوار وٺي جنگي باندين کي آجي ڪرڻ لاءِ اوڏانهن ويو هو. پٺاڻ انگريزن جي مهم کي ڏسي ڏڄي ويا جڻ ڪکڙ تي مينهن. ۽ جنگي باندين کي پاڻمرادو آجو ڪري ڇڏيو هئائون. انهن جنگي باندين مان هڪ اهڙو فوجي عملدار مقرر ڪيو ويو هو جيڪو ڪنهن زماني ۾ شاه شجاع جي هڪ ريجيمينٽ ۾ صوبيدار جي عهدي تي رهي چڪو هو. کيس انعام اڪرام ۽ پينشن وٺڻ جي لالچ هئي تنهن ڪري هن وجهہ وٺي مٺي ڄاڻايل قيدين کي آجو ڪري ڇڏيو هو. انهن فوجين ڄا ڪيو جو هن قلعي تي يونين جئڪ جو ڦريرو ڪٽي ڦڙڪايو. هينري پاٽجر بہ اتي موجود هو جيڪو سياسي ڪاتي جو تجربيڪار اهلڪار هو. سندس ڪوشش هئي تہ اوسي پاسي جا پٺاڻ سردار انگريزن جي آڻ مڃن ۽ فرمانبرداري قبول ڪن. انهن ڏينهن ۾ پٺاڻ متان انگريزن جو هائو وينل هو ايئن پئي ڇرڪيا جيئن ڪانوڪمان کان. تنهن ڪري ڪين ڏيڄارڻ ۽ ڏمڪائڻ وارو طريقو نهايت ڪارگر ثابت ٿيو. ان کان سُتت ئي پوءِ خاميون خبرون اچڻ لڳيون تہ سر رچمنڊ شيڪسپيئر ويجهو اچي پهتو آهي. سائنس صالح محمد خان جا ۲۵۰ بندوقباز بہ گڏ هئا. اهي ٽڪا ٽِڪا باميان مان نڪري هندو ڪش مان اڪري اڳتي وڌي رهيا هئا جو کين "سيل" وارو فوجي برگيڊ ملي ويو جيڪو هنن جي آهر ۽ واهر لاءِ هنن ڏانهن وڃي رهيو هو. پاڻ ۾ اوچتو ملي ڏاڍو خوش ٿيا. ان زماني ٽائين ويچارو جنرل ايلفن

اسٽون بہ هي دنيا ڇڏي ويو هو جنهن ٢٣- اپريل تي وفات ڪئي هئي. هو ذهني ۽ جسماني طور تي گهڻو بيمار هو ۽ اڪيلائي ۾ وفات ڪري ويو.

# آخري پيرو ڪابل ۾

ڪابل جو ڏيک نهايت شاندار هو. پرسان ئي هڪ ماڻريءَ ۾ انگريز فوج منزل ڪيون ويٺي هئي. اها فوج اپتري تہ گهڻي هئي جو پناڻن ڪڏهن ڏٺي بہ ڪانہ هوندي. ڇهہ يورپي ريجمينٽون ميدان تي موجود هيون. سپاهين جو ٻٽالنون ۽ توبخانو ان ڪان سواءِ هو. لشڪر جا تنبو اهڙي ريت هنيا ويا هئا جو گهٽيون ۽ بازاريون بنجي پيون هيون ۽ نيئ- نهار تائين رڳو تنبو ئي تنبو هئا. فوجي وردين ۾ ڇوڏاري سپاهين جي پريڊ هلي رهي هئي جن جي مٿن وارا پٽل جا چمڪندڙ ٽوپلا سج تي جهڳي ۽ جهرڪي رهيا هئا. قطارن ۾ بيٺل توبون برطانيہ سرڪار جي سگهہ جي علامت بنيون بيٺون هيون، جيڪي وڪٽوريا دور جي فوجي سگهہ جي ساک ڏئي رهيون هيون. سندن هيٺون هيٺ ۽ مٿيون مٿي رهجي ويون هيون ۽ سوچي رهيا هئا تہ هاڻي الائي ڇا ٿيندو ۽ جيڪڏهن هنن انگريزن سان مهاڏو ڏنو تہ نتيجو ڇا نڪرندو.

ايلفن اسٽون جي لشڪر جڏهن ڪابل ڇڏيو تہ ڪهڙي صورتحال هئي تنهن تي هلڪي سلڪي ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ بہ ضروري آهي. شاہ شجاع کي پڪ ٿي وئي هئي تہ انگريزن مٿان جيڪا آپدا آئي سا سندن پنهنجن ڪرتوتن ڪري آئي هئي. ان جو هڪڙو ڪارڻ اهو بہ هو جو هنن سندس صلاح مشورن تي ٿر جيترو بہ عمل ڪونہ ڪيو. هن جو تہ پڇاڙيءَ تائين اهو مشورو هو تہ بالاحصار ۾ رهي ڪري مصيبتن جو مقابلو ڪريو. ڪيس جڏهن برطانيہ سرڪار جي فوج جي قتل عام جي ڪل پئي تہ ڪيس ڏاڍو ڏڪو آيو هو. ڪيس هن لشڪر جو گهڻو ڏڪ هو. سندس خواهش هئي اهو لشڪر يا تہ تباہ ٿي وڃي يا تہ وري وڳوڙي وايو منڊل سان سگهارپ سان هٿ ڳنڍي، سوپ ۽ سرسي ماڻي. ڪجهہ وقت لاءِ ڊانوانڊول ٿيل حالتن سان مزس ٿي منهن ڏيندو رهيو ۽ هن هڪ سچي پٺاڻ جيان هڪ ڌر کي ٻيءَ خلاف ۽ هڪ سردار کي ٻئي سردار خلاف خوب ويڙهايو ۽ استعمال ڪيو. ٥- اپريل تي جيئن هو پنهنجي پهريدارن، محافظن ۽ هندستاني فوج سان گڏ اهو ڏسڻ لاءِ جلال آباد وڃي رهيا آهن تہ ان وقت هڪ سردار ڪيس نگهو (قتل) ڪرڻ جي نيت سان لڪي ويٺي رهيو ۽ وجهہ ملڻ تي ڪيس ۽ سائس گڏ لشڪر جي ڪجهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن کي قتل ڪيو ويو. ٻيءَ ڌر چا ڪيو جو سندس ٻٽ فتح جنگ کي آٽي سندس تخت تي وهاريو. غلام حيدر خان پاپلزئي سندس وزير ٿيو. اهڙيءَ ريت سيپٽمبر تائين ڏکيو سکيو راجڌانيءَ ۾ رهيو. ٻر جڏهن جنرل پولاڪ جي ويجهي اچڻ جي خبر پڌائين ته ڊوڙندو اچي سائس فوجي وانڍ ۾ مليو. سندس حال ڏاڍا ٻچڙا هئا جڻ ڪيس ڪنهن گپ مان گهلي فوجي ڪئمپ پهچايو هجي. لارڊ ايلنبرو نهايت سياڻو ماڻهو هو جنهن حالتن مان اندازو لڳائي سيئي سياسي اختيار جنرل پولاڪ حوالي ڪري ڇڏيا هئا. ڪيس ڊج هو ته متان ماضيءَ جيان ڪو گنگڻ نه پچيءَ پوي. سياسي ڪاتي سان لاڳاپيل هڪ تجربيڪار عملدار ميجر رالنسن ڪيس پانهن ٻيلي ڪري ڏنو ويو جيڪو نات سان گڏجي آيو هو. سندن خيال هو ته برطانيه سرڪار جي حڪمت عمليءَ کي افغانستان ۾ ڪامياب ڪرڻ لاءِ، افغان حڪمران کي پنهنجي هٿ وسيڪو رکڻ نهايت ضروري آهي. پٺاڻ سردار به حالت جو خوب اندازو لڳائي اچي ڳڙ تي مکين جيان مڙي نئين حڪمران جي چوڌاري ڦرڻ لڳا. فتح جنگ کي وڏي شان شوڪست تخت تي وهاريو ويو. هن تخت نشينيءَ کان ٻه ڏينهن اڳ يونين جئڪ جو جهنڊو بالا حصار قلعي جي ڦاٽڪ مٿان وڏي ٺٺَ سان جهولايو ويو هو.

هن کان پوءِ اهو فيصلو ڪرڻ لازمي هو ته ڪابل شهر کي ڪهڙي سخت سزا ملڻ گهرجي. افغان فوجن کي اڳيئي اهڙيون سخت شڪستون نصيب ٿيون آهن جو کين وڌيڪ ذليل ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪانه هئي. پر انفرادي طور انهن ماڻهن کي سزا ملڻ کپي جيڪي ڪنهن لب ءِلالچ تي، ڦري وجي دشمن ڌر سان ٻٽ ۽ جُهٽ ٿيا هئا. ڪابل جي پٺئين پاسي ڪوهستان واري ماٿريءَ ۾ اهڙا ماڻهو هئا جن کي اجا به ڪجهه مڳي هئي ۽ ڪنهن زماني ۾ برطانيه سرڪار جي فوجن سان به ڦيتون ڪاڍيون هئائون. ان جوءِ ۾ استاليف ۽ چاريڪار نالي قلعن جي تباه ڪرڻ جي چونڊ ڪئي وئي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ جوءِ جي ماڻهن شاه شجاع جي گورکا پلٽڻ جو اهڙو ته قتل عام ڪيو هو جو سندن وانگي به ڪونه بچيو هو. اهڙي قتل عام جو وٽن ڪو سبب به ڪونه هو. سندن خلاف سخت ڪاروائي جو سيل کي حڪم ڏنو ويو. هيءَ فوج انهيءَ جُوءِ مان پيش قدمي ڪري اڳتي وڌي هئي سندن دوست فوجين جا هڏا پکڙيا پيا هئا. جگرال- لڪ واري ساري ايراضي به قتل ٿيل فوجين جي هڏاون پڃرن سان ڀري پئي هئي. جن جي ڀرسان ليڙن ٿيل لٽن ۾ڪي فقير گهمي رهيا هئا جيڪي منڊا، ٽنڊا ۽ نونا هئا. اهي ماڻهو برطانيه سرڪار جا سپاهي هئا جيڪي ان جهڙي ۾ زخمي ٿيا هئا (٨) ۽ کين مئڪ سمجهي ڇڏي ڏنو ويو هو.

برفباريءَ ۾ سندن حال ڏاڍا ٻچڙا هئا. انهن معزور فوجين ڏي اٿڻ لاءِ پولاڪ خاص آفيسر مقرر ڪيو هو. سندن انگ ڪجهه گهٽو هو. انهن مان ڪي پر

وارن سردارن جا غلام ٿي چڪا هئا. (٩) ٿوري وقت کانپوءِ يورپين جا ڪي بار بہ هٿ لڳا هئا جيڪي جنگ ۾ پنهنجي مائٽن کان وڇڙي ويا هئا ۽ پناٺن کين پالي وڏو ڪيو هو.

پر انهن کي وٺي اچڻ واسطي موڪليل مائٽن سان گڏ ڪو طبي عملو روانو ڪرڻ بہ ضروري هو. ان سفر دوران کين همدرديءَ ۽ مهربانيءَ جاڪيترا مثال نظر آيا. افغانستان جي ڪيترن علائقن جي ماڻهن ۾ اهو احساس بہ ڏٺو ويو تہ انگريزن هن ملڪ جي پڇي لاءِ گهڻيون ڪوششون ڪيون هيون.

عام ماڻهوءَ جي سزا واسطي هي فيصلي ڪيو ويو هو تہ ڪابل بازار واري چهر چوڪ کي ڊاهي تباهہ ڪري ڇڏجي ڇاڪاڻ جو سروليم ميڪ ناٽن جي وڍيل ڳترا ٽيل جسم کي سندس توهين ڪرڻ جي نقطئہ نظر کان اتي گهليو ويو هو سو اتان جي رهواسين کي اتان ڪڍي فوج جي انجنيئرن، شاهي بازار جي ان مشهور چؤڪ کي ڊاهي ناس ڪري ڇڏيو. بدقسمتيءَ سان ان مهل ڪيترا فوجي اچي اتي پهتا جن ماڻهن سان ڏاڍيون زيادتيون ڪيون.

جڏهن سياري ۾ اسان افغانستان ڇڏڻ وارا هئاسون تہ هتان جي حڪمران فتح جنگ بہ پنهنجو ملڪ ڇڏي انگريزن سان هندستان هلڻ جي خواهش ڏيکاري.

## هندستان ڏانهن موٽ

فوج جي اها واپسي ڏاکي بہ ڏاکي شروع ٿي. اڳيم جنرل پولاڪ ۽ ان جي فوج هئي. تنهن کان پوءِ مئڪ ڪاسڪل ۽ ان کان بعد جنرل ناٽ هليو. لشڪر ١٢ آڪٽومبر تي روانو ٿيو هو. جنرل پولاڪ نهايت ڏاهو فوجي عملدار هو. هن پيش قدميءَ دوران فوج ۾ نظم ضبط واسطي جوڪيءَ جو بندوبست ڪيو هو تنهن ڪري ڪوبہ اڻ وڻندڙ واقعو پيش ڪونہ آيو. مئڪ ڪاسڪ کي البت گلزيَن ۽ خيبر وارن گهڻو ڪجهہ ستايو ۽ تپايو هو. جنرل ناٽ کي قنڌار جهڙي ميداني علائقي جو تجربو هو. هن جي سخت گير رويي ڪري ڪيتريون انساني جانيون تلف ٿيون ۽ ڪيترا جانور گم ٿيا هئا. ان جي جاءِ تي جيڪڏهن ڪو ٻيو فوجي علمدار هجي ها تہ ايترو نقصان ڪونہ ٿئي ها.

خير اها ڳالهہ ڪيئن بہ ٿي پر ايڏي پراهين ۽ ڏکئي سفر تان ايڏيءَ گهٽي فوج جو واپس موٽڻ هڪ وڏي سوب هئي. برطانيہ سرڪار جي فوج دشمن جي هر اتحاد کي شڪست ڏني هئي ۽ ائين ڪري ڏيکاريو جيڪو هن چاهيو پئي. هن

ڀناٺن کان ڇڪي ڇڪي پلاند ورتو ۽ پر مٿن ظلم ڪونہ ڪيائون جنهن ڳالهہ واسطي ايڏي وڏي مهم جوئيءَ کان ڪم ورتو هئائون سا ڳالهہ پوري ڪانہ ٿي. رهندو وٽي کان اينگ ڳورو ٿي پيو. سگهن سان گڏ ڪن ڪيائي موٽيا هئا. انهن آني واري اٺ کي بارنهن آنا ڏئي ٻاهر گهلائي ڪڍيائون. پر پوءِ بہ پنهنجي ڳالهہ ۽ ساک اهڙي بيهاري ڇڏيائون جو دشمن جا وات پتجي ويا. افغانستان جي شڪست ڪري ڳلا جو گهانگهو اڃي هندستان ۾ رهندڙ انگريزن جي ڳچيءَ ۾ پيو هو. پر هن افغانستان ۾ جڏهن پنهنجي ڳالهہ ٻهاري تہ هندستان وارا انگريز هيٺ نهارڻ بدران منهن مٿي ڪري اوچي ڳاٽ سان هلڻ لڳا هئا.

شاہ شاپور، شاہ شجاع جو ننڍو پٽ هو جيڪو ڏاڍو بهادر ۽ عقل وارو نوجوان هو. سردارن ڪيس پيءُ جي تخت تي وهڻ جي آڇ ڪئي هئي. برطانيہ سرڪار هن ڳالهہ تي سختيءَ سان ڌيان ڏئي رهي هئي تہ افغانستان وارو جلال آباد وارو علائقو سک حڪمران کي ڏنو وڃي. ان ڪري جنرل پولاڪ کي ان قلعي کي ڍاهڻ جي سختيءَ سان منع ڪئي وئي هئي. پر اهڙيون هدايتون تمام دير سان پهتيون هيون. سک حڪمران افغانستان جنگ ۾ هڪ برگيڊ فوج ڏني هئي جيڪا جنرل پولاڪ سان هندستان جي قديم علائقي ڪابل تائين گڏ هئي. پر سک حڪمران برطانيہ سرڪار جي هيءَ آڇ قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هو. هن حڪمران جي انڪار ڪرڻ تي اهو ساڳيو علائقو جموںءَ جي راجپوت راجا گلاب سنگهہ کي آڇيو ويو. وٽس گهٽي فوج هئي تنهن هوندي هن بہ انڪار ڪيو. جلال آباد جي اوسي پاسي هندو قديم آثار تمام گهڻا آهن پر پوءِ بہ اهو علائقو افغانستان سان شامل ۽ مسلمان حڪمرانيءَ جي حدن ۾ موجود آهي.

پنجاب مان گذرڻ وقت ڪا ڏکيائي پيش ڪانہ آهي. ڪابل جي واقعن کان پوءِ سک حڪمران ۽ هندستان جي بين سرڪاري ڪامورن جي رويي ۾ تبديلي اچي وئي هئي. اهوئي ڪارڻ هو جو لارڊ آڪلنڊ ۽ لارڊ ايلنبرو افغانستان کان پلاند وٺڻ ۾ دير لڳائي هئي. اهڙي فوج گڏ ڪري ڏاهپ جو ثبوت ڏنو هو ڇاڪاڻ تہ انهيءَ زماني ۾ پنجاب جون حالتون ڊانوا ڊول هيون.

هن وقت گورنر جنرل، ۽ ڪمانڊر- ان- چيف فوج سميت افغانستان کان موٽندڙ فاتح لشڪر جي آجيان لاءِ اتاولا ۽ اُبهرا ويٺا هئا. سندن اکيون پيڙين وسيلي ٺهيل پل ۾ هيون تہ ڪڏهن ٿا جلال آباد جا محافظ پل اڪرن ۽ هو سندن فوجي اعزاز سان پليڪار ڪن

جنرل ناٽ سان گڏ سومنات مندر جا ڦاٽڪ هئا جيڪي هو غزني کان ڪٽايون آيو هو. اتان جو ملان اهي نہ ڪٽي وڃڻ لاءِ هنجون هاريندو ۽ ڏهہ ڏهہ ڳوڙها ڳاڙيندو رهيو پر جنرل ڪونہ مڙيو هو. هن ڪري ماٺهن لارڊ ايلنبرو تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنجون- سياست واري ڪاتي سان لاڳاپيل عملدارن کي فوجي ڪماندرن کان وڌيڪ اهميت ڏني ٿي وئي.

ڇهون- سر وليم مئڪ ناٽن ڪنهن مسئلي تي سوچيندو ويچار ريندو گهٽ هو. پيو تہ پنائن تي سندس گهڻو ويساه هو ۽ ڪيس ائين ڪرڻ نہ کپندو هو.

ستون- انگريزن جو باروت ۽ خزانو اهڙيون جاين تي رکيل هو جن جو بچاءُ ڪرڻ مشڪل هو.

اٺون- فوجي بي ڏياني. جڏهن فوج ۾ انشار پيدا ٿيو تہ ضابطي رکڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي وئي.

مٿيون تبصرو نہ رڳو افغانستان ۾ انگريزن جي ناڪاميءَ بابت ٺيڪ ٺپڻي آهي پر انهن اهم سببن ڏانهن بہ هڪ واضح اشارو آهي جيڪي بعد ۾ جنگي مهمن جي ناڪاميءَ جو ڪارڻ بڻيا آهن. هن کان علاوه هن تبصري جا نڪتا حڪومت ۽ منصوبہ بندي ڪندڙ فوجي ماهرن لاءِ بہ رهنما اصول هجڻ جي قابل آهن.

هن تبصري ۾ اهڙا بہ ڪي نڪتا آهن جن جي آڌار تي انگريز. مغل حڪمراني وارين حدن تائين پنهنجي جهندي ڦڙڪائڻ جي لائق ٿي ويندا.

# دوست محمد ڪابل ڏانهن

افغانستان جي فاتح انگريز فوج اتان جي تخت جو فيصلو جلديءَ ۾ ڪري ڪانہ سگهي هئي. شاه شجاع جو قتل بارڪزئي قبيلي جي اشارن تي ڪيو ويو. فتح جنگ سندس ننڍو پٽ هو جنهن کي سندس پيءُ جي تخت تي وهاريو ويو هو. جڏهن برطانيہ سرڪار جي فوج هندستان ڏانهن واپس ٿي تہ هن بہ تخت تي وهڻ کان بيزاري ڏيکاري هئي. هن انگريزن کي گذارش ڪئي هئي تہ کيس ۽ شاه شجاع جي ساري ڪٽنب ۽ نابين شاه زمان کي پاڻ سان گڏ هندستان وٺي هلن. ڪنهن زماني ۾ جنهن جو نالو بڌي مارڪئس ويلزلي تي دهشت طاري ٿي وئي هئي. پر انگريزن کي ڪنهن نہ ڪنهن بادشاه جي ضرورت هئي جنهن جي آڌار تي پنهنجي حڪمت عمليءَ کي عملي جامون پڪائڻو هو. ڪين سدوزئي گهراڻي جو ساپور نالي هڪ حڪمران هٿ لڳي ويو جنهنجا ناناٽا پاپلزئي هئا ۽ پاڻ بہ اجا پارڙو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عين وقت تي گورنر جنرل اعلان ڪيو تہ هندستان ۾ رهندڙ افغان جيڪڏهن پنهنجي ديس وڃڻ چاهين تہ ڪين ڪلي موڪل آهي. ان زماني ۾ افغانستان جو اڳيون حڪمران دوست محمد ڪلڪتي ۾ موجود هو تنهن هن اعلان مان فائدي وٺڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي. ڪيس اها بہ ڪل ڪانہ هئي تہ افغانستان ۾ ڇا وهي واپري رهيو آهي. سندس خيال هو تہ سدوزئي گهرائي جي ماڻهن ڏيهہ ۾ ضرور ڪونہ ڪو ڏڦيڙ ڪيو هوندو. سندس چوڻ هو تہ اهو برطانيہ سرڪار تي منحصر آهي تہ ڪيس قيدي سمجهيو وڃي يا مهمان. حقيقت اها هئي تہ انگريز سرڪار جو سائنس رويو نهايت شاندار هو. ڪيس اهو صدمو ضرور هو تہ ١٨٣٩ع ۾ ڪانئس سندس ساٿيءَ ۽ ٻانهن ٻيلي هڪدم ڦري وڃي مخالف ڌر سان گڏيا هئا. معلوم ائين ٿي رهيو هو تہ هو پنهنجي وطن وڃڻ کان بيزار بلڪ چڙيو ويٺو هو. پر هو آخر ۾ افغانستان وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويو هو. سندس پٽ اڪبر خان اثر رسوخ ۽ سردارن جي مرضيءَ سان وڃي پنهنجي پراڻي حڪمراني سنڀالي.(١٠) سندس اڳيان مقرر ڪيل بارڪزئي گورنرن بہ پنهنجن پنهنجن صوبن جي وڃي حڪومت سنڀالي هئي. ٻنان ٻان ۾ ۽ ڌارين حملہ آورن سان وڙهي وڙهي ٿڪجي پيا هئا ان ڪري دوست محمد جي حڪومت ڪي ڪوبہ مسئلو درپيش ڪونہ هو.

هو هن وقت ڪابل، غزني ۽ جلال آباد جو حڪمران هو. تخت تي ويهڻ وهڻ کان ڏهاڪو سال کن اڳ هن افغاني ترڪستان فتح ڪيو هو ۽ بلخ تي بہ قبضو ڪيو هئائين ۽ اتي پنهنجي پٽ افضل خان کي گورنر مقرر ڪيو هئائين، جيڪو عبدالرحمن خان جو پيءُ هو. سنہ ١٨٥٤ع ۾ سندس ڀاءُ ڪهندل خان وفات ڪئي ۽ قنڌار وارو پرڳڻو بہ سندس حڪمرانيءَ ۾ شامل ٿي ويو. سنہ ١٨٥١ع هن ڀهريون ڀيرو هرات وارو علائقو پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪيو هو.

باب چوٿون

# سنڌ جي فتح - ١٨٤٣ع

قديم تاريخ
سر چارلس نئپيئر
سنڌ ۾ انگريز فوجن جي افغانستان مان موٽ
اميرن سان عهدنامو
مياڻيءَ سان عهدنامو
مياڻيءَ جي جنگ
حيدرآباد ڀرسان دٻي واري جنگ.

## قديم تاريخ

برطانيه حڪومت جي ڏٺل هندستان جي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جي نقطئه نگاهه کان سنڌ کي فتح ڪرڻ (١) نهايت ضروري قدم هو. هن ملڪ جي فتح ڪري مهان سنڌوءَ وسيلي تجارتي آمدرفت جي شروعات ٿي. سنڌ ۾ پيل لکين ايڪڙ غيرآباد زمين سکر واريءَ لائيڊ بئريج جي تعمير ڪري آباد ٿي وئي جيڪا لارڊ ولنگڊن جي زماني ۾ سنه ١٩٣١ع ۾ جڙي راس ٿي هئي. سنڌ فتح ٿيڻ کان پوءِ اهو علائقو افغانستان جي ٻنان تسلط کان ڇڄي وري هندستان سان شامل ٿي ويو هو جيڪو هڪ ٻن پيڙهين کان وٺي جبل جي رهاڪو ٻروچن جي ور چڙهي ويو هو. انهن جهنگلي ۽ وحشي قسم جي حڪمرانن هتان جي امن پسند انسانن کي نهوڙي نيو هو. هن ديس جي فتح ڪري برطانيه سرڪار جي عملدارن ۾ اختلاف

افغانستان تي وڙهي رهيا هئا تہ ڪلهوڙا گهرائي سنڌ تي پنهنجي حڪومت قائم ڪري ورتي هئي، سنہ ١٧٧٨ع ۾ ڪلهوڙن کي ٽالپرن بلوچن Baloochin سنڌ جي حڪمرانيءَ تان بي دخل ڪري پنهنجو راج قائم ڪيو (٣). هن خاندان حڪومت ڪارڻ سنڌ کي مختلف سردارين ۾ورهائي راج ڪيو. افغانستان جي دراني قوت بہ سنڌن حڪومت کي تسليم ڪيو. ٽالپرن جبل مان گهرايل ماڻهن جي مدد سان هڪ نهايت ظالمائو راڄ شروع ڪيو. سنڌن ڏاڏائي جو شڪار هن ملڪ جو هاري طبقو رهيو. ٽالپر گهرائي جو وڏو ١٧٨٠ع ۾ وفات ڪري ويو. ان کان پوءِ سنڌن پائرن چوياريءَ جي صورت ۾ سنڌ تي حڪومت ڪرڻ شروع ڪئي، جن کي سنڌ جا مير ڪري سڏيو ويندو هو. هر هڪ علائقي ۾ وڏي پاءُ تي پڳ هوندي هئي ۽ ان کي وڏو ڪري سمجهيو ويندو هو. حيدرآباد ۽ ميرپورخاص وارا سنڌ جي لاڙ واري پاڱي جا حڪمران سڏيا ويندا هئا. خيرپور جي ميرن کي اتر سنڌ جو حاڪم سمجهيو ويندو هو. پر انهن سڀني جو وڏو حيدرآباد وارو مير هوندو هو. جڏهن افغانستان جي سدوزئي حڪمراني زوال وهيٽي تي ۽ تخت تاج بارڪزئي گهرائي وٽ پهتو تہ سنڌ جي ميرن بہ ڪابل کان منهن موڙڻ شروع ڪيو.

چيو وڃي ٿو تہ ان زماني ۾ افغانستان مختلف ٽڪرن ۾ ورهائجي ويو ۽ هر ٽڪري تي هڪ جدا حڪمران قابض هو. مگر اهي سڀ سياسي هيٺ مٿانهيون عارضي هيون. پر بہ تاريخي يا جاگرافيائي حقيقتون موجود ضرور هيون تہ سنڌ افغانستان جو حصو هئي يا هندستان جو. چيو ويندو آهي تہ نندڙا ٿانو واهڙ ۾ گهڻي وقت تائين تري ڪونہ سگهندا آهن. مٿي اهڙن اندرين ۽ ٻاهرين منصوبن جو ذڪر اچي ويو آهي جن تحت مختلف ملڪن هڪ اتحاد جوڙي زار ۽ روس سان مقابلي ڪرڻ لاءِ سوچيو ويچاريو هو. شاہ شجاع پنهنجي تخت حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي شڪارپور شهر وسيلي جاکوڙيو هو. هن پهرين ڪوشش ١٨١٨ع ۽ ٻي ڪوشش ١٨٣٤ع ۾ ڪئي هئي. هو شڪارپور ۾ پهتو تہ سنڌجي اميرن وٽي مٿس حملو ڪيو ۽ ڪابل جو رهيل پنج لک روپيہ ڏن ڪيس ڏنو هئائون. مٿي اهو بيان بہ اچي ويو آهي تہ انگريزن جو سنڌ ۾ مفاد، سنڌوءَ وسيلي هڪ آزاد تجارت قائم ڪرڻ هو ۽ ان کان وڌيڪ نہ.

ائين ڪٿي چئجي تہ سنڌ جي هن واپار ۾ ساري دنيا ۾ تجارتي مفاد هو. سنڌوءِ وسيلي واپار پنجاب ۽سنڌ جي وچ ۾ هڪ وڏي تڪرار جو باعث بڻيل هو. سنڌوءِ وسيلي هلندڙ واپار تي جيڪو محصول اگرندو سو مناسب هئڻ گهربو هو ۽ ان جي ورهاست بہ مناسب هجڻ ڪيندي هئي. ائويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي جي اڳاڙيءِ ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءِ هينري پاٽنجر کي سنڌ روانو ڪيو هو تہ هن ڏس

۾ وچي سنڌ جي حڪمرانن سان ڳالهه ٻولهه ڪري. ٻئي طرف پنجاب جي راجا رنجيت سنگهه سنڌوءَ جي ڪنڌين سان افغان علائقا فتح ڪري پنجاب سان ملائي ڇڏيا هئا. هائي سنڌ کي فتح ڪري پنجاب سان ملائڻ واسطي ويهن ئي ننهن جا زور لائي رهيو هو. هوڏانهن ميرن جي ڪوشش هئي ته هو سنڌ ڏانهن اڳتي نه وڌي- انگريزن جي مرضي هئي ته سنڌوءَ جي ساري وهڪري سان امن امان هجي. هن ڪڏهن به سنڌ يا پنجاب کي پنهنجي حڪومت سان ملائڻ جو ڪونه سوچيو هو. پر قدرتي طور حالتون اهڙيون بڻيون جو انگريز سنڌ ۽ پنجاب کي فتح ڪري پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي پيا هئا. پر هيءَ حقيقت به ياد رکڻ گهرجي ته انگريز ان وقت مغل شهنشاهت جا جانشين هئا ۽ هن هندستان جي مختلف ٽڪرن کي گڏي مغلن وارو هندستان بنائي ورتو هو. اهڙيءَ ريت انگريزن کي مغل شهنشاهيءَ جي مختلف علائقن تي حڪومت ڪرڻ ۽ پنهنجي اثر رسوخ نافذ ڪرڻ جو پورو پورو حق هو جيڪي ڌار ڌار دورن ۾ دهلي حڪومت کان ڇڄندا الڳ ٿيندا رهيا هيا. معلوم ائين ٿئي ٿو ته مقدر سندن مرضيءَ خلاف کين (انگريزن کي ) دهليءَ جو حڪمران بنايو هو. جڏهن اهي حڪمران بنجي ويا ته اهو سندن فرض هو ته ان حڪمرانيءَ جا پراڻا علائقا فتح ڪري وري ساڳيءَ شهنشاهت ۾ شامل ڪن. سنڌ جي فتح جو سڌو واسطو دراني افغانستان جي ٽٽل حصن کي گڏي هڪ ملڪ ڪرڻ واري ڪوشش سان آهي. ڇاڪاڻ ته پهرينءَ افغان جنگ دوران افغانستان جون حالتون وڌيڪ خراب ٿي ويون هيون. هن فتح جو ڪنهن حد تائين انهن واقعن سان به واسطو آهي، جن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي ته انگريزن سنڌ ٽالپرن سان هڪ ناهه ڪيو جنهن مطابق انگريزن سنڌ رستي افغانستان ڏانهن پنهنجي فوج وٺي وڃڻ جي اجازت گهري هئي. ان نقطئه نگاه کان هن سنڌ جي بن ماڳن جي چونڊ ڪئي هئي جن مان هڪ اتر ۾ ٻيو ڏکڻ سنڌ ۾ واقع هو. هن کان علاوه شاه شجاع جون فوجون به هن ملڪ رستي افغانستان وڃڻيون هيون. سنڌوءَ جي وهڪري سان بکر اهڙو ماڳ هو جيڪو دنيا جي وڏي تجارتي آمدرفت جي سلسلي سان لاڳاپيل مشهور گس تي هڪ اهم ناڪ هو. مٿي ڄاڻايل ميرن سان ڪيل عهدنامي تي جلدئي عمل ڪرڻو هو. هن قسم جو مطالبو ڪرڻ انگريزن جو حق هو ڇاڪاڻ ته اها هندستان جي اقتدار اعليٰ جي وارث ۽ عظيم طاقت هئي. مذڪوره ناه ۾ نائي جي لالچ يا ڪو ٻيو مقصد ڪونه هو. جيڪڏهن سنڌ جا حڪمران عهدنامي جي شرطن جي پوري پابندي ڪن ها ۽ سندن دربار ۾ رهندڙ انگريز ريذيڊنٽ جي چوڻ مطابق عمل ڪن ها ته سنڌ جي آزادي به بهاولپور جيان ساليانی خراج جي شرط تي برقرار رهي ها

افغان جنگ جي لاهين چاڙهين ڪري انگريزن کي ڪراچيءَ ۾ فوج رهائتي

پنجي وئي هئي. اهڙيءَ ريت بکر ۾ به فوج مقرر مدت کان وڌيڪ ترسي پئي هئي. افغان جنگ دوران ۽ ان کان پوءِ امير ۽ سنڌ دربار جا ماڻهو انگريزن خلاف سازشن ۾ رڌل هئا. سنڌ دربار ۾ رهيل انگريز ريزيڊنٽ انهن ڪوششن ۾ لڳا رهيا ته سنڌ ۾ انگريزن خلاف ڪا بغاوت نه ٿئي ۽ پنهنجين اهڙين ڪوششن ۾ هو سوڀارا به ٿيا هئا. ڪرنل انگلنڊ سنڌ ۾ رهيل فوج جو ڪمانڊر هو. ان زماني ۾ ناٿ قنڌار ۾ ترسيل هو. کيس فوجي رسد پهچائڻ ڪرنل انگلنڊ جي ذميواري هئي. ڪوئٽا کان پريان رهندڙ هٿڪنزئي قبيلي جا ماڻهو جنرل ناٿ تائين اهڙي رسد پهچڻ ۾ وڏو ڏچو بڻيل هئا.

جڏهن جنرل ناٿ گورنر جنرل جي حڪم موجب ڪابل ڏانهن روانو ٿيو ته رسد پهچائڻ اڃا به وڌيڪ ڏکي ٿي پئي هئي. ڪرنل انگلنڊ کي ڪوئٽا پار هٿڪلزئي وارن جي ڏچي جو اڳيئي پتو هو. کيس اهو به خدشو ٿيڻ لڳو ته متان سنڌ جا حڪمران به رسد جي آمدرفت ۾ رنڊڪون پيدا ڪن، تنهن ڪري ڪين سوڙهو گهٽيو هئائين. سنڌ جي فتح جي رام ڪهاڻي ان دور کان وٺي شروع ٿئي ٿي.

# سرچارلس نئپيئر

سرچارلس نئپيئر پنهنجي دور جو نهايت ذهين فوجي عملدار هو. ائين ڪٿي چئجي ته برطانيه جي تاريخ ۾ فوجي خدمتن جي ناتي هي ماڻهو امتيازي حثيت جو مالڪ هو. هن قسم جو اعزاز کيس ڪوشش ڪندي ڪونه مليو هو يعني هن پنهنجي زندگي جا سٺ سال انهيءَ اعزاز ملڻ جي آسري جدوجهد ڪندي ڪونه گذاريا هئا. کيس نوجوانيءَ دوران هڪ اپيٽ تي جهيڙبندي سخت گهاءُ به رسيا هئا ۽ ١٨٣٧ع ۾ هو ميجر جنرل جي عهدي تي پهتو هو. هن کان اڳ هو آيونيا جي "سيفالونيا" نالي هڪ ٻيٽ تي گورنر هو. هندستان ڏانهن اسهڻ کان ٿورو اڳي اتر انگلنڊ جي چارٽسٽ تحريڪ سان منهن ڏيڻ واسطي کيس اتي مقرر ڪيو ويو هو. ٿوري جو سندس همدرديون ان تحريڪ سان هيون پر هن ڏاهپ ۽ مسرت کان ڪم وٺي حڪومت کي ان اٿ وٿندڙ وايو منڊل مان ڏاڍي سٺي نموني ٻاهر ڪڍي آيو. ان کان پوءِ ڪمانڊر- ان- چيف، لارڊ هل کيس هندستان جي فوجي خدمتن جي آڇ ڪئي جيڪا هن قبولي. هو سنه ١٨٤١ع ۾ هندستان پهتو ۽ اتي کيس پونا ڊويزن جو ڪمانڊر مقرر ڪيو ويو. برطانيه سرڪار جي، افغانستان ڏانهن

سانئن ڪيترن معاهدن ڪرڻ ڪري گهڻو مشهور ٿي ويو هو. جڏهن برطانيه سرڪار پنهنجون فوجون افغانستان روانيون ڪيون هيون تنهن زماني ۾ به هو ان دربار سان وابسته هو ۽ اتان جي ميرن سان ڪامياب ڳالهيون ڪري پنهنجي نقطهٔ نظر جو حامي بنائي ورتو هو. افغان جنگ جي شروعاتي دور ۾ به هن ڪيترين نمايان خدمتون سرانجام ڪيون هيون. هو هڪ نوجوان سياسي عملدار هئڻ ڪري نئين آيل گورنر جنرل کي ڪونه وڻندو هو. مٿس ڪرنل انگلنڊ جي فوجي دستي تي اوچتي حملي ڪرڻ وقت لڪي وڃڻ جو به الزام هو. جيو ڄجي ٿو اهي فوجي بنا سوچي سمجهي اوڳن انن جي وڳ جيان ان واريءَ ۾ ڪاهي پيا هئا جنهن تي دشمن فوج جو اڳيئي قبضو هو. ان زماني ۾فوج ايتري ڪمزور هئي جو ڪماندر طرفان ملندڙ معلومات ۽ پنهنجي بچاءَ تي ڌيان ئي ڪانه ڏيندي هئي. ميجر آئوٽ رام جو نقطهٔ- نظر اهو هو ته اهي نوجوان عملدار ڪا " نرس" چوڪري ڪانه هئي جو ڪين چيني ڄڱو پلو ڪري ڇڏي ها. اتفاق وري اهو به ٿيو جو اهو نوجوان عملدار زخمن جو تاب نه سهي پاڻ به مري ويو. جنرل نئپيئر جون ميجر آئوٽ رام سان همدرديون هيون جنهن ڪيس مکيه صلاحڪار طور پاڻ وٽ رکيو. هن سندس عوامي خدمتن ڪري ڪيس گهڻو مشهور به ڪيو هو. تنهن ڪري هنن ٻنهي جي جوڙي ڏاڍي سٺي نهي وئي.

نئپيئر سيپٽمبر ١٨٤٢ع ۾ سنڌ پهتو هو. سانئس فوج گڏ ڪانه هئي. ڪراچيءَ جي ننڍي بندر تي فوج اڳيئي موجود هئي. پر سندس هيٺان ڪم ڪندڙ لشڪر اتر سنڌ ۾ بکر واري ٻيٽ تي فوجي ڇانوڻيءَ ۾ هو ڪرنل انگلنڊ جي قنڌار مان موٽي اچڻ تائين هن جي فوج جو انگ تمام ٿورو هو. ڪيس اهڙي هدايت مليل هئي ته جڏهن هو سکر واري فوجي ڇانوڻيءَ ۾ پهچي ته بنگال فوج پنجاب رواني ڪري ڇڏي. ان کان پوءِ به وٽس ١٢٠٠٠ لشڪر موجود هو. انهيءَ فوج سان، ڪرنل انگلنڊ جي قنڌار کان واپس ٿيڻ واري فوج کي. جابلو علائقن جي ٻروچن جي حملن کان تحفظ ڏنو هو. ميجر آئوٽ رام نئپيئر جي مکيه صلاحڪار جي حيثيت ۾ انهيءَ مقصد سان ڪوٺيا ويل هو ته جيئن اتان وچي ماڻهن کي انگريزن خلاف ٿڌو ڪري سگهي ۽ موٽندڙ لشڪر سولائيءَ سان منزل تي رکي سگهي. واپس ٿيندڙ انگريز فاتح فوج جا ٻئي حصا اچي ڪابل ۾ گڏ ٿيا هئا ۽ اهو ائين هو جڻ انگريزن پنهنجي ڪمزوريءَ کي پاڻ ئي قبول ڪري ورتو هو.

# سنڌ ۾ انگريزن جو افغانستان مان موٽڻ

جنرل انگلنڊ، هن جنگ ۾، هڪ فوجيءَ جي حثيت ۾ ڪو اعزاز جوڳو نالو پيدا ڪونہ ڪيو هو. ماڻهن جي وات تي رڳو ”هئڪلزئي“ قبيلي جي بهادريءَ جو نالو هو. پر جڏهن سندس فوج لڪن تان هيٺ لٿي تہ هن جي بي شمار فوج جي انتظام کي ڏسي جنرل نئپيئر سمجهي ويو تہ جنرل انگلنڊ ڪنهن وڏي پائي جو فوجي عملدار آهي ۽ ان ڪري ڏانهس مبارڪ باد جو هڪ خط بہ لکيائين. بعد ۾ کيس معلوم ٿيو تہ سندس فوج ۾ نظم ضبط نالي واري ڪا شيءَ ئي موجود ڪانہ هئي. هئڪلزئي قبيلي جي حملن دوران زخمي ٿيل فوجين جي ڪنهن بہ نظر داري ڪانہ ٿي ڪئي. هو سيپٽمبر جي پڇاڙيءَ ۾ آگبوٽ وسيلي سکر پهتو هو ۽ ڪمانڊنگ آفيسر کي حڪم ڪيائين تہ جنرل انگلنڊ جي موننڊز فوج کي وڃي سهائتا ڏئي. اتي ئي ميجر آئوٽ رام سان سندس پهرين ملاقات ٿي هئي. هي ٻئي فوجي هڪ ٻئي سان ملي ڏاڍا خوش ٿيا. ان کان پوءِ ميجر آئوٽ رام ڏکهي موڪل تي هليو ويو ۽ موٽيو تہ کيس جنرل نيپيئر جو ڪمشنر مقرر ڪيو ويو.

بنگال- فوج جڏهن سکر مان نڪري پنهنجي منزل مقصود ڏانهن رواني ٿي تہ ان وقت مس وڃي سر چارلس سک جو ساه کنيو. ڇاڪاڻ تہ هن ۽ بمبئي واري فوج وچ ۾ هڪ قسم جو ڦيناڙو پئجي ويو جيڪو هن جي وڃڻ ڪري ماٺ ٿي ويو. بعد ۾ هن فوج جي بچاءَ لاءِ پڪو بندوبست ڪيو. جيڪو کيس ايندڙ اونهاري تائين پورو ڪرڻو هو. اتان جي اوسي پاسي کي بہ گهمي ڏٺو هئائين. هن کان علاوه سياسي نظم ۽ ضبط کي بہ صحيح ڪيائين جيڪو سندس خيال موجب گورنر جنرل پنهنجي قلم جي هڪ ئي جهٽڪي سان ڊانوا ڊول ڪري ڇڏيو هو.

هن وقت گورنر جنرل سنڌ کي فتح ڪرڻ واسطي پڪو پهہ ڪري چڪو هو ۽ نئپيئر کي بہ ان کان واقف ڪري ڇڏيو هئائين. کيس اهو بہ اطلاع ڏنو ويو هو تہ جڏهن جنرل ناٽ خيبر کان واپس ٿيندو تہ سندس فوج بہ هن جي مهنداري هيٺ ڪم ڪندي. پر کيس اها ڳالهہ پسند ڪانہ هئي. هن جي مرضي هئي تہ گهوڙيسوار دستن کي وڏائجي ۽ ڪئپٽن جيڪب جي ماتحت جيڪي اريگيولر هارس مري ڳهي رهيا آهن سي سندس حوالي ڪيا وڃن. بعد ۾ کيس بہ ريجمينٽون ٩- بنگال ۽ پونا هارس بہ ڏني وئي هئي.

جڏهن جنرل ناٽ جون رهيون کهيون فوجون قنڌار کان بولان ۽ ڪڇ- گنداوا وسيلي پهتيون تہ سر چارلس جي ڪنڌ تان بہ ڄڻ بار لهي پيو هو. ان کان پوءِ کيس خبر هئي تہ سنڌ تي حملو ڪيو ويندو.

# سنڌ جا حڪمران ۽ انهن سان ڪيل عهدنامو

هن ڪان اڳي سنڌ جي حڪمرانن کي مجبور ڪري هڪ عهدنامون ڪيو ويو هو جنهن ۾ انگريز، ٽالپر ۽ شاه شجاع ڌريون هئا. اهو صحيح هو يا غلط هو بس ٿي ويو. گهڻي وقت گذرڻ ڪان پوءِ هائي تہ چونداسون تہ اهو بلڪل غير واجبي هو. جيڪڏهن هن جنگ جي ناتي، برطانيہ سرڪار جي ان وقت جي حڪمت عمليءَ کي جاچي ڏسبو تہ اهڙي قسم جو معاهدو وقت جي اهم ضرورت بہ هو. لارڊ ايلنبرو بہ خيال هو تہ ميجر آئوٽ رام لکيل عهدنامي کي ڏسي هو اڳين معاهدن ڪان بہ قرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن. هن جنرل نيپئير کي سختيءَ سان هدايت ڪئي هئي تہ اهو معاهدو ضرور ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن سنڌ جا حڪمران اهو ساڳيو عهدنامون قبول نہ ٿا ڪن تہ انهيءَ کي ٽورو ڊگهو ڪري ۽ لفظن جي اهڙي ڦير گهير ڪئي وڃي جيئن هن کي اهو عهدنامو قابل قبول نظر اچي. سرچارلس نيپيئر جڏهن اصلي عهدنامون ڏنو تہ سمجهيائين تہ سنڌ جي حڪمرانن سان ڏني وائٽي زيادتي ڪئي وئي آهي. ۽ اها سندن ملڪ سان دست اندازي ڪرڻ جي برابر هئي. پر اهي بدنام ۽ نهايت گندا حڪمران هئا جيڪي اتان جي اهڙن امن پسند هارين نارين ۽ ڪڙمين ڪاسبين تي ظلم ڪندا هئا جن جهڙو شريف انسان سڄي هندستان ۾ ڪونہ هو. جيڪڏهن اهڙي قسم جو عهدنامون ڪانئن لکائي ورتو ويو هو تہ سمجهڻ کپي هتان جي غريب مائهن جي بهتر مستقبل جو پڌرنامون هو. هن ڪان علاوه هيءَ حقيقت بہ ياد رکڻ گهرجي تہ هنن ميرن جي ابن ڏاڏن جابلو بروچن جي واهر سان سنڌ جي اڳين حڪمرانن ڪان تخت ڦريو هو. هائي تہ سندن حڪومت انهن قبائلي سردارن جي لٺ باٺي سان برقرار آهي. ان ڪان سواءِ هنن ميرن جابلو بروچ ۽ پٺاڻ بہ پگهارن تي فوج ۾ ڀرتي ڪري ڇڏيا آهن. سنڌجي هنن حڪمرانن انهن کي پليون ٻنيون ۽ جاگيرون ڏئي ڇڏيون آهن. هتان جي اصلي ڌرتيءَ ڌڻين سان ڦهري ڪلور ڪري ڇڏيا اٿن. سنڌين جا ڳوٺ ۽ وسنديون بہ سندن ڏاڙن ڪان آجيون ڪونہ آهن.

افغانستان واري ڏچي پيري ميجر آئوٽ رام سائن ڳالهيون ٻولهيون ڪندو ۽ کين مات ڪرائيندو آيو. پنهنجي طبيعت ۾ بہ ڪڏهن مڻ تہ ڪڏهن ماسو هوندا هئا. ميجر جون هنن سان همدرديون هونديون هيون. جڏهن هيانءَ هاري وهندا هئا تہ کين آٿت بہ ڏيندو هو. هينري لارينس جيان هي بہ ان جاکوڙ ۾ لڳو رهندو هو تہ ميرن جي حڪومت ختم ڪرڻ بدران کين آتاري آتاري ڪنهن ڳالهہ تي

عهدنامي تي صحيحن ڪرڻ ۾ دير اصلي ڪانه لڳندي. مٿي ذڪر ڪيل پراڻو ۽ نئون عهدنامو ميرن کي ضابطي هيٺ رکڻ لاءِ ناهيو ويو هو. جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته اهي ناهيا به ميرن جي فائدي لاءِ ويا هئا. درياهن جي ڪنڌين ڪنارن سان جيڪي ماڻهو پراڻي طرز جي زندگي گذاري رهيا هئا تن ۾ نواڻ آڻڻ جي ڏس ۾ هيءُ هڪ ضروري قدم هو.

سرچارلس نئپيئر ريجيمينٽ جو هڪ سچو سپاهي هو. فوج ۾ نظم ۽ ضبط پيدا ڪرڻ ۾ خاص خوبين جو مالڪ هو. هن افغانستان مان موٽيل هيانءَ هاريل ڊٺل فوج کي نئين سر منظم ڪري ان کي اتساهه ۽ حوصلو ڏنو هو جيڪا هاڻي باحوصله ۽ وڙهڻ لائق بنجي چڪي هئي. فوجي اصطلاح موجب سندن "پيچ ڪنڊي تي هو" ۽ ڪنڊيءَ ڪِرڙيءَ کي به وڙهسان وڙهسان ڪنڊي تي وئي. سندن جنگهن ڪان هيٺ لڙڪيل پيچ ورهن ڪان پوءِ وري اچي ڪنڊي سان لڳو هو. سندن سپه سالار به اهڙي ڳالهه پروڙي ورتي هئي. سنه ۴۳-۱۸۴۲ع وارو سيارو گذري رهيو هو. سنڌ جو سيارو سنڌ جي سخت گرميءَ واري اونهاري سان گڏيل هوندو آهي. سياري گذرڻ ڪان هڪدم پوءِ اهڙي ڪوسي رت شروع ٿي ويندي آهي جنهن کي سهڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. نئپيئر نئين عهدنامي ڪان و پسلو ڪونه هو. ڪيس توقع هئي ته ان جي نتيجي ۾ ضرور ڪجهه ٿيندو. هو عهدنامي بابت ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه کي سياري جي اچڻ تائين اينگهائي رهيو هو. سندس خواهش هئي ته موسوم ۾ مائار اچي ته فوج کي ميرن به پاٽي ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ لاهجي.

اتر سنڌ واري مير جي راڄڌاني خيرپور هئي جيڪا سکر ڪان گهٽو پري ڪانه هئي. هتان جو حڪمران مير رستم هو جيڪو قبر ۾ پير لڙڪائي موت جي اوسيڙي ۾ ويٺو هو. جن ميرن ڪلهوڙن ڪان سنڌ جو راڄ کسيو هو تن مان اڪيلي نشاني وڃي بچيو هو. سندس پٽ جي خواهش هئي ته هو جيئري ئي کيس حڪمران بنائي. رسم ۽ اصول مطابق حڪومت سندس چاچي جو حق هو. اهڙيءَ ريت مير رستم پنهنجي حڪومت مير علي مراد جي حوالي ڪئي. مير رستم جا پٽ ۽ سندس ڀيا ڀائر پنهنجي فوج وٺي امام ڳڙهه نالي هڪ قلعي ۾ وڃي ويٺا جيڪو سندن خيال موجب ڪنهن جي فتح جوڳو ئي ڪونه هو. نئپيئر خيال ڪيو ته ٽالپرن جو اهو تصور ختم ڪرڻ گهرجي ته اهو قلعو ڪنهن جي فتح ڪرڻ جوڳو ڪونه آهي. تنهن ڪري هو ٢٦- ڊسمبر تي پاڻ سان فوج وٺي وڃي ڏجيءَ (ڪوٽ ڏجي) پهتو جيڪو سکر ڪان ٣٠ ميل پري ڏکڻ طرف واقع هو. وڏيڪ فوج اتي ڇڏي ٢٢- پيادل جي ٣٥٠ فوجين کي ساڻ ڪري ۽ ٢۴- پائونڊن جون به توبون ڪٽائي روانو ٿيو. سواريءَ ۽ بار برداري لاءِ جيترا به اٺ ٿي سگهيا ڪتب آندا ويا. هن ڪان علاوه ١٥٠ سنڌي گهوڙيسوار به پاڻ سان ڪنيائين. پاڻ سان پاٽي ڪٽي واريا سي مان

ٿورو سفر ڪري وڃي تجل پهتا. هيءُ ماڳ نر جي ڪناري ۽ ڪوٽ ڏجي کان چاليهه ميل پري هو. هن تاڪ کان امام ڳڙهه جو قلعو سٺ ميل ڏور هو. ۽ هن اڳتي سفر ڪري ١٢ جنوري ١٨٤٣ع تي وڃي اتي رسيو. پاڻ سان پاڻي ۽ ڪاڌو خوراڪ به ساڻ کنيو هئائين. نئپيئر جڏهن اتي پهتو ته قلعي ۾ وانگي به ڪونه هو. باقي ڏهه هزار پائونڊ دارون پيو هو جنهن سان هن اهو قلعو اڏائي پٽ ڪري ڇڏيو. اهو قلعو تباهه ڪري هن چڱو ڪم ڪيو هو. هيءُ قلعو ميرن پنهنجي اولاد لاءِ تعمير ڪيو جيڪو ڍهڻ ضروري هو. هو اتان پير ابو بڪر ڏانهن روانو ٿيو جيڪو سکر- حيدرآباد واري رستي تي ۽ سکر کان چاليهه ميل پري هو. ڪوٽ ڏجي ۾ رهايل فوج کي به اوڏاهين اچڻ جو حڪم ڏنو هئائين. آئوٽ رام کي حڪم ڪيو هئائين ته هو خيرپور وڃي ۽ مير علي مراد جي انهن مائٽن کي پاڻ وٽ گهرائي جيڪي سندس حڪمران هجڻ جي مخالفت ڪري رهيا هئا. پر اهي مير آئوٽ رام جي سڏ تي وٽس ڪونه آيا. تنهنڪري هن جنرل نئپيئر کي صلاح ڏني ته هو حيدرآباد واريءَ ريزيڊنسيءَ ۾ پهچي ۽ حيدرآباد مير نصير ۽ ميرپور جي مير شير محمد کي نئين عهدنامي تي صحيح ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري. نئپيئر کي اهي به خبرون پئجي رهيون هيون ته ميرن جي فوج جي انگ ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو اچي رهيو هو ۽ بلوچستان جي جبلن جا رهاڪو بروچ، رند، لغاري ۽ چانڊيا ڪٽڪن جي صورت ۾ هن جي ڪيڏ اڳتي وڌي رهيا هئا. هن سوچيو ته جيستائين هي بروچ حيدرآباد پهچن تنهن کان اڳ هو وڃي ميرن مٿان ڪڙڪي.

هن سان گڏ لشڪر جو انگ تمام ٿورو هو جنهن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

(١) پونا هارس
(٢) ٩- بنگال- نيم مسلح گهوڙيسوار دستا
(٣) سنڌ هارس
(٤) هز- مئجسٽي- ٢٢- فوٽ
(٥)١- بامبي گرينا ڊيئرس
(٦) ١٢- بامبي- انفنٽري
(٧) ٢٥- بامبي انفنٽري.
(٨) مدراس سئپرس
(٩) هٿ- بئٽريز
(١٠) لائيٽ بئٽريز

سنڌن ڪل انگ ٢٨٠٠ هو. هيءُ فوج گهڻي بهادر هئي. سارٽينڊز گرميءَ ۾ منزلون هڻندي ١٦- فيبروريءَ تي مٽياري نالي هڪ تاڪ وٽ پهتي جيڪو حيدرآباد کان ويهه ميل اتر ۽ سکر کان ١٦٠ ميل هيٺ ڏکڻ طرف واقع هو.

# مياڻيءَ واري خونخوار جنگ

مياڻيءَ وارو جهيڙو انهن مشهور جنگين مان هڪ آهي جنهن ۾ برطانيه سرڪار جي انگريز ۽ هندستان فوج پاڻ ملهايو ۽ بهادريءَ جون روايتون برقرار رکيون. متيارن پرسان فوجي واند ۾ جنرل نئپيئر کي معلومات ملي هئي ته ميرن بيشمار فوج، ڦليلي وهڪري جي پراڻي پيٽ جي اڙ ۾ منزل ڪيو ويٺي آهي. ميجر آئوٽ رام ريزيڊنسي کان سنيهه مُجيو هو ته ميرن جي مرضي جنگ ڪرڻ تي ڪانه آهي ۽ مذڪوره ماڻهو ميرن گڏ ڪونه ڪيا آهن. جهيڙي جي نيت سان جيڪي ماڻهو وٽن اچي مڙيا هئا تن کي به هٿن واپس ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته جاسوسن نئپيئر کي هن ريت معلومات ڏني هئي ته ميرن جي گڏ ڪيل ٽيهه هزار فوج انگريزن جي فقط ٢٨٠٠ لشڪر کان ڏهن ميلن جي فاصلي تي موجود هئي. جيڪا سرچارلس جي حيدرآباد ڏانهن وڃڻ واري رستي کي روڪيو بيٺي هئي. تنهن ڪري هن اها خبر ٻڌي آڌيءَ رات جو مياڻي ڏانهن پيش قدمي شروع ڪئي ۽ ٻيره ڦٽيءَ ڌاران ميرن جي فوج سامهون اچي پنهنجي واند هنئين. ان جي ساڄي پاسي ٢٢- فوٽ (پيادل) ۽ کاٻي پاسي گهوڙيسوار دستا هئا. هن لشڪر جي ساڄي طرف، پرسان هڪ وسيع شڪار گاه جي پارهن فوٽ اتاهين ڀت هئي جنهن کي آسانيءَ سان ٽپڻ مشڪل هو. ڇاڪاڻ ته شڪار گاه وارو ٻيلو تمام گهاٽو هو جنهن کي پار ڪري انگريزي فوج وٽ رسڻ گهڻو ڏکيو هو. ان شڪار گاه جي آرپار هڪ ٻهو هو جنهن تي نئپيئر، ٢٢- فوٽ جا سرڦريا نوجوان مقرر ڪيا هئا. کين حڪم هو ته آخري ماڻهوءَ ۽ آخري گهڙيءَ تائين دشمن جي ڪنهن به ماڻهوءَ کي هتان لنگهڻ نه ڏنو وڃي. اهڙيءَ ريت فوج جو اڳ، پٺ ۽ سامان جي بچاءَ لاءِ تمام سٺو بندوبست ڪيو ويو هو.

فوج سان لاڳاپيل سامان پونا هارس جي پهريداري هيٺ رکيو ويو هو. اهڙيءَ ريت جنگ جي تياري مڪمل ٿي چڪي هئي. حملو ڪري دشمن فوج کي پنهي پاسن کان گهيري ۾ آڻڻو ڪونه هو. هتي فقط هارڻ ۽ جيتڻ جو سوال هو. تلوار جو بندوق جي سنگين سان مقابلو هو. انگريزي فوج، هڪ قطار جوڙي ڦليليءَ جي پيٽ ڏانهن وڌڻ لڳي هئي. جنهن جي اورئين پاسي کان دشمن فوج بندوقن سان مسلح هئي. هٿن انگريز فوج کي ڏسڻ سان بندوقون ڇوڙڻ شروع ڪيون. تلوار سان مسلح فوج به حملي لاءِ اڳتي وڌي. پوءِ دست بدست جنگ شروع ٿي وئي. مقابلي کان پوءِ سُنت ئي دشمن جي تلوارباز فوج پوئتي هٽڻ لڳي. ان کان پوءِ

جي ميدان تي مهاڏو ڏئي جڪا هئا. هن جنرل نئپيئر کي بيس پوڻ جو پيغام روانو ڪيو هو. ڪيس للڪاريو هئائين ته جيڪڏهن پيس نه پوندين ته ماري اهڙو حال ڪندو ساڻ جهڙو افغانستان ۾ اوهان جو ٿيو هو. مارچ تائين سرچارلس وٽ ڪٿان به پهر ڪانه پهتي. جنهن ڏينهن ڪيس خبر پئي ته اسٽئڪ جون فوجون پهچي رهيون آهن ته ان ساڳئي رستي سان نپيئر به پنهنجي فوج وٺي اڳتي روانو ٿيو. هو مير شير محمد ۽ ان جي فوج ڌهڪائجي ويا هئا. نئپيئر ڪيس پنهنجي فوج بيٺي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ جان جيڪب جا گهوڙيسوار دستا به سندس واهر لاءِ روانا ڪيا ويا هئا. انهن ٻنهي جي پٺيان نئپيئر به پنهنجي مضبوط فوج وٺي نڪتو هو. هڪ ڏينهن نئپيئر شير محمد سان مقابلي ڪرڻ ڪان لهرائي ويو. ٢٢ تاريخ تي نيپئر جو سارو لشڪر سنڌوءَ جي ڪنڌي سان اچي ڪنو ٿيو. ٢٣ تاريخ ڪراچيءَ مان به آگبوٽن رستي مدد پهچي وئي. ٻئي پاسي سکر واري طرف ڪان سنڌوءَ جي سير ۾ سڙهن جون قطارون نظر اچڻ لڳيون جن جو ڪيس ڪو وهم گمان به ڪونه هو. اها فوج رابرٽس رواني ڪئي هئي جنهن ۾ ڪيتريون بٽالنون ۽ ناليرا توبچي هئا.

## دٻي يا حيدرآباد واري جنگ

اسٽئڪ سان گڏ آيل فوج کي ساهي پٽڻ واسطي هڪ ڏينهن ڏنو ويو. سرچارلس نئپيئر ٢٣- مارچ جي رات جو مير شير محمد ڏانهن پيش قدمي شروع ڪري ڏني هئي. جنهن انگريزن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جون سڀ واٽون بند ڪري ڇڏيون هيون. ڏهه ميل خشڪيءَ سان سفر ڪري باک ڦٽيءَ مهل ڪيس سڌس پئي ته شير محمد جي فوج هڪ پراڻي واهه جي ڪاپي ڪناري مورچه بند ٿي ويٺي آهي. جيڪو اڳتي وڃي ڦليليءَ سان ملي رهيو هو ۽ فوج جي ساڄي طرف دٻي نالي هڪ ڳوٺ هو. سرچارلس. فوج مير جي نقشي کي ڏسي پنهنجي ڪجهه فوج ان جي سامهون بيهاري باقي ٻي فوج کي وٺي قطار جي صروت ۾ ان جي ڪاپي ڪان ڦري آيو. ان قسم جي ڪڙي چاڙهڻ جي اڳواڻي ٢٢- ريجيمينٽ ڪري رهي هئي. مير شير محمد جي پاسي پندرهن توبون هيون. جڏهن ڪين انگريز فوج جي ويجهي اچڻ جي ڪڙڪ پئي ته پندرهن ئي توبن گولا وسائڻ شروع ڪري ڏنا. انگريزن جي فوج ميرن جي لشڪر ڪان تمام ٿوري هئي پر ميائي واري لشڪر ڪان پوءِ به گهٽي هئي. صفبندي هن ريت ڪئي وئي هئي:-

جو هي علائقو ساري هندستان جي وڏن ساهوڪار صوبن ۾ شمار ڪيو ويندو.

ميجر آئوٽ رام ۽ سرچالس نئپيئر جي وچ ۾ به ويڇا پئجي ويا هئا. ڇاڪاڻ ته ميجر آئوٽ رام انڊيا آفيس کي پنهنجي نقطئہ نگاه موجب ياداشت نامو موڪليو هو جنهن کي سرڪاري ڪاغذن سان شامل ڪري روانو ڪونہ ڪيو ويو هو. انفاق سان اهي ڇپجي به چڪا هئا. اها ڳالهہ معمولي ڪانہ هئي ۽ پڇائي ڪرڻ جوڳي هئي. سرڪار طرفان ڪيس ڏاڍو سوڙهو ڪيو ويو هو ۽ ڏاڍو حيران ۽ پريشان گذاريندو هو. ساري هندستان جي فوج جو عام نقطئہ نظر اهو هو تہ چارلس نپئيئر کي پنهنجي مرضيءَ مطابق سرڪاري انتظام هلائڻ گهرجي ۽ ڪيس پنهنجي اندازن ۽ انومانن تي ڪم ڪرڻ جي اجازت هجي. هائي ان ڳالهہ ۾ ڪنهن شڪ شبهي جي گنجائش ڪانہ رهي آهي تہ سنڌ جا حڪمران انگريز فوج جي مقابلي واسطي پنهنجون فوجون ميدان ۾ لاهي چڪا هئا. جيڪڏهن ميجر آئوٽ رام جي اطلاعن جي آسري لڳي پير پساري ويهي رهجي ها تہ ماڳهن لوٽي ڪان اينگ ڳورو ٿي پوي ها ۽ انگريزن جا پير پٽيءَ تي ئي ڪونہ هجن ها. سر چارلس منهل ۾ مڙس ٿي ڏيکاريو هو ۽ آڱرين تي ڳڻڻ جيتري ٿوري فوج جي آهڙ ۽ واهر سان سوڀارو ٿيو هو. اها سندس ويڙهو ڏهني سگهہ هئي جنهن جهيڙي سرسي ماٺي هئي نہ تہ وڏو امڪان هار جو هو. هندستان جو گورنر جنرل ۽ ولنگٽن جو ڊيوڪ هو ٻئي ڄڻا برطانيہ سرڪار جي هن فوج جي ساراه ڪندي ٿڪبا ئي ڪونہ هئا. نپئيئر کي پنهنجي اختيار ڪيل انتظامي طريقہ ۽ ڪار ۾ بہ سندن پٺڀرائي حاصل هئي. سر چارلس جنهن ڪتاب تي لشڪر ۾ نظم ۽ ضبط پيدا ڪرڻ، فوجي عملدارن کي گهٽي سامان نہ رکڻ جون لکت ۾ هدايتون ڪندو هو يا سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ ڄانيل مانار تي پنهنجا تاثر لکيا هئائين سو اڳي بہ مشهور هو ۽ هاڻي بہ مشهور آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ نئپيئر هڪ اهم ڪردار هو. جيڪو ڪجهہ هو چوندو هو تہ ڀرپور انداز ۾ بيان ڪندو هو. سنہ ١٨۴٦ع ۾ ٻهرين سک جنگ لڳي هئي تہ هو پنهنجي فوج وٺي سنڌوءَ ۽ راوي جي سنگهہ واري ٿاڪ وٽ پهتو هو انهيءَ لاءِ تہ جيئن هو لارڊ گوف جي لاهور ۾ واهرڪري سگهي. ان کان پوءِ لارڊ خلاف شڪايتن جو هڪ طوفان اٿي کڙو ٿيو هو جنهن جو لاڳاپو "چليان والا" واري محاذ سان هو. ان ڪري برطانيہ سرڪار سندس جاءِ تي سرچارلس نئپيئر کي مقرر ڪيو. اهڙو احوال ڪنهن مناسب جاءِ تي بيان ڪيو ويندو سندس ڪمانڊر-ان- چيف واري دور جون ڪيتريون ڳالهيون مشهور آهن. اهو بہ معلوم ٿيندو تہ سندس حڪمرِ ۽ ياداشت نامہ بہ بلڪل صحيح هوندا هئا. ان جي خوبين جو هڪ هيءُ بہ مثال آهي تہ ٽن ڏينهين طلاق جا معاملہ ڪورٽ مارشل وسيلي نبيريا ويندا هئا. جيڪڏهن ڪوبہ فوجي عملدار ڏوهي معلوم ٿيندو هو تہ ان کي فوج مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڍيو ويندو هو. اهڙي معاملي ۾ هڪ فوجي عملدار کي ڏوهي قرار ڏئي فوج مان ڪڍيو ويو هو. شاهدين مان پتو پيو ته اها طلاق ڏنل عورت ڏاڍي جهيڙالو هئي. جڏهن اهو فيصلو بحال ڪرڻ لاءِ سرچارلس وٽ پهتو ته ان کي رد ڪري ڇڏيائين ۽ لکيائين ته: " اهڙن فيصلي کي رد ڪريان ٿو. تاريخ ۾ ڪهڙن پٺي يوسف جي گنجائش ڪانهي آهي."

لارڊ ڊلهاسي پنهنجي وقت جو ذهين ۽ ذڪيو گورنر جنرل هو جيڪو ڪنهن سان گهٽ نهندو هو. اهڙو دور به آيو جو هن ۽ سرچارلس نئپيئر جي وچ ۾ گهڻي اٿبٿت پيدا ٿي پئي هئي.

افغانستان جنگين لاءِ سنڌ نالي وارو تمغو ڏنو ويندو هو جيڪو اندلٺ جي شڪل جهڙو اڌ گول هو. حقيقت ۾ اها اپرندڙ سج جي تصوير هئي. گواليار جي سوڀ لاءِ ستاري جي شڪل جهڙو تمغو هوندو هو. وقت جي رسم رواج مياڻيءَ ۽ حيدرآباد جي جنگين لاءِ به تمغا هئا جن جي مُهر واري پاسي " مياڻي" "حيدرآباد" يا مياڻي/ حيدرآباد لکيل هو ۽ ٻي واري جنگ کي سرڪاري طور حيدرآباد واري جنگ سڏيو ويندو آهي.

باب پنجون

# گواليار خلاف جنگي مهم

مرهٽن جي ملڪ گواليار ۾ وڳوڙ
مشقن لاءِ فوجن جو گڏ ٿيڻ
برطانيه سرڪار جي فوج جو جنگي نقشو
گورنر جنرل جو فوج سان گڏ اچڻ
چمبل درياه وارو رستو
گواليار تي ٻن پاسن کان حملو.
مهراج پور واري جنگ
پُنيير واري جنگ

## "مرهٽن جي ملڪ گواليار ۾ وڳوڙ"

مرهٽن سان هيءَ ٽين جنگ سمجهڻ کپي. توڙي جو هيءَ پنهنجي صورتحال جي نقطئہ نظر سان نهايت خطرناڪ جنگ هئي. ان هوندي بہ موجود دور جي ڳالهہ ٻولهہ موجب اها چڻ وڏي ڏڻ عيد ملهائڻ جهڙي جنگ هئي. هاڻي اسان کي ڪي تاريخي ڳالهيون ياد ڪرڻيون پونديون. هن واقعي کان چاليهارو سال کن اڳ جي ڳالهہ آهي تہ لارڊ ليڪ ۽ آرٿر، لارڊ مارننگٽن جي حڪمن کي عملي جامون پارائي رهيا هئا. هنن فوجي جنرلن مرهٽن کي ايترو مجبور ڪيو هو جو ماتحت يا ڏن ڀرو حڪمرانن جيان اچي انگريزن جا اتحادي ٿيا هئا. سندن سگهہ وارو مکيہ علائقو وچ هندستان هو جيڪو سياسي نقطئہ نظر کان بہ نهايت اهم هو. انگريزن سان

اتحاد ڪرڻ کان پوءِ بہ سنڌ ن فوجن جي انگ ۾ ڪا گهٽتائي ڪانہ آئي هئي. سنڌ يا گواليار جو مهاراجا هو جيڪو ١٨٠٣ع واري ڪيل عهدنامي کان ڪنهن حد تائين ڪونہ ڦريو هو ۽ ١٨١٨ع واري انگريز مرهٽا جنگ ۾ شريڪ ڪونہ ٿيو هو. ان زماني ۾ برطانيہ سرڪار جي ڏکڻ- اولهہ واري سرحد گنگا جمنا تائين هئي. پٺي ياسي کان سنڌيا جي علائقن جو بہ ساڳيو ڏنگ هوندو هو. جنرل ايلفن اسٽون جي فوجن افغانستان ۾ سخت شڪست کاڌي هئي. ان ڪري هندستان اندر ايسٽ انڊيا ڪمپني جي مان ۽ مرتبي ۾ بہ گهڻي گهٽتائي اچي وئي هئي. هن کان علاوه جنرل مونسن Monson هولڪر جي مقابلي ۾ پڻ هار کاڌي هئي. هوڏانهن جنرل ليڪ پرتپور کي جورن جيئن حملن ڪانپوءِ بہ فتح ڪري ڪونہ سگهيو هو.

اها ڳالهہ مٿي بہ ورجائي وئي آهي تہ انهن حقيقتن ڪري انگريزن جي اها ساڳي مان مرجاتا ڪانہ رهي هئي. افغانستان جي پلاند ڪرڻ واسطي پشاور ۾ جڏهن سنہ ١٨٤١ع ۾ لشڪر گڏ ڪيو پئي ويو تہ انگريزن جون اوٿائي واريون ڳالهيون رنڊڪ بڻيل هيون.

هندستان جي برطانيہ حڪومت کي اها پوري خبر هئي تہ مرهٽا رياستن جو لاهور سان پيدا ٿيل تعلق ڪو غير فطري ڪونہ آهي ۽ لاهور وارو علائقو انگريز سرڪار جي سياسي اثر کان گهٽو پري بہ هو. هنن ڳالهين کي غير اهم سمجهڻ نہ ڪيي چاڪاڻ تہ انهن ملڪن جون فوجون بہ وڏيون هيون ۽ سنڌ ن جنگ ڪرڻ جا اصول بہ ضابطا بہ اولهہ جي فوجن جهڙا هئا. گواليار تہ ملڪ لاءِ نيم- يورپي قانون نافذ ڪيو هو جيڪو انگريزن لاءِ هڪ شديد خطرو هو. گنگاپار ائوڌ ۾ بہ وڳوڙي وايو منڊل هو. اها صورت حال بہ پڻ انگريزن لاءِ گهڻ تشويشناڪ ڪانہ هئي. انهن ملڪن جي وچ ۾ انگريزن جي حڪمرانيءَ جي هڪ سوڙهي پٽي هئي جيڪا الله آباد کان ستلج تائين پکڙيل هئي.

افغانستان کان واپس ٿيندڙ فوج جڏهن پلاند چڪائي پنهنجي مختلف فوجي چانوئين ڏانهن ستلج اڪري برطانيہ هندستان ڏانهن وڌي رهي هئي تہ ڏاڍي ٿڪل ٽٽل هئي. هو پنهنجين زالن ۽ ڪٽنبن کان ڏگهو عرصو ڌار رهيا هئا. تنهن ڪري انهن لاءِ ساه پٽڻ ۽ آرام ڪرڻ بہ ضروري هو. فوجي چرپر ۽ جنگ ۾ جيڪو عوامي خرچ ٿئي ٿو تنهن جو بہ اونو رکڻو هو. سنڌجي فتح هن قسم جي جنگين جو پيو مرحلو هو جيڪو خير سان هلي پورو ٿيو هو. معلوم ٿيندو تہ مٿي ڄاڻايل جنگ ۾ افغانستان ۾ ڪتب آندل فوج کي هتي ڪم ڪونہ آندو ويو هو. صورت حال مان بکي رهيو هو تہ جنگيون آخر ڪيستائين وڙهبيون ۽ انهن جي تڪ ۾ هائي ڏيرج ۽ ڏيما هئڻ کپي.

پر افسوس جو اها صورتحال گهڻو هلي ڪانہ سگهي. گواليار جي راجا اوفنو ماڻهن جي ڇٺي لڳي منهن مٿي ڪنيو هو. ٧- جنوري ١٨٤٣ع تي جنڪوجي راءُ سنڌيا مري ويو. ڪيس اولاد ڪونہ هو. سنڌس عمر اجا اينري هئي جو ڪيس پنهنجي اولاد ٿيڻ جو آسرو هو تنهن ڪري ڪو ٻار گود بہ ڪونہ ورتو هئائين. سنڌس گهر واري تيرهن سالن جي ڇوڪري هئي. هن پنهنجي مائٽن مان هڪ ڇوڪري کي پنهنجي گود جو پٽ بڻايو. برطانيہ سرڪار بہ ان کي قبول ڪيو هو. پر اهم مسئلو اهو هو تہ ان ٻار بدران سنڌس قائم مقام تي حڪومت ڪير هلائي. جيڪو ماڻهو هتان جي ملڪن جي راجائن جي رسمن رواجن کان واقف هوندا تن کي اهو ضرور پتو هوندو تہ هن منجهيل مامري کي اڪلائڻ سولو ڪونہ آهي. هن ننڍڙي حڪمران جي قائم مقام ٿيڻ لاءِ بہ ماڻهو دعويدار هئا جن مان هڪ هو ماما صاحب جيڪو اڳئين راجا جو مامون هو. ٻيو هو "دادا ڪاسجي ولا" جيڪو ملڪ جو خزانچي ۽ حاجب بہ هو. هندستان جي انگريز حڪومت کي مرهٽن جي هن ملڪ جي ڀلي جي ڏاڍي ڳڻتي هئي. هن حڪومت کي هن ڌرتيءَ جي محصول ۽ ماڻهن جي بہ گهڻي اون هئي. ڇاڪاڻ تہ اها هندستان جي مغل شهنشاهيءَ جي جانشين هئي. هندستان جي ملڪن جو اينرو فڪر ڪرڻ سندس فرض بہ هو. هنن سڀني ڳالهين کي نظر ۾ رکي هندستان جي انگريز سرڪار مرهٽن جي هن ملڪ جي ڀلي ۽ بهبوديءَ خاطر مٿي ڄاڻايل ماما صاحب کي ان ننڍڙي حڪمران جو قائم مقام مقرر ڪيو. جوان راڻي ۽ ان جي پاسي وارا ماڻهو دادا ڪاسجي جي فائدي ۾ هئا. چيو وڃي ٿو تہ سنڌس ڪردار ڪجهہ مشڪوڪ هو. تنهن ڪري انگريز سرڪار ۽گواليار جي راڻيءَ وچ ۾ سخت قسم جو اختلاف پيدا ٿي پيو. هر قسم جو سازشون ڇوٽ ڇڙهيل هيون ۽ اهي سازشون جڻ تہ زنده رهڻ واسطي ساه ڪڻڻ جيتري اهميت حاصل ڪري ويون هيون. ماما صاحب جي اهڙي مقرريءَ تي سخت اعتراض ڪيو ويو ۽ آخر ۾ راڻيءَ طرفان ان کي رد ڪيو ويو.

گواليار جي فوج نهايت مضبوط هئي. اينري مضبوط جيتري قدر انگريز سرڪار جي وچ ۾ موجود ملڪ جي فوج کي سهارو هجڻ کپي. هتي گهوڙيسوارن جو انگ ڏهہ هزار، پيادل ٽيهہ هزار ۽ بهترين توبخانو هو جنهن کي ڪائونٽ ڊي بنائڻ پنجاه سال کن اڳ منظم ڪري ويو. وٽن منهن جي ڀرڻ واريون بندوقون بہ جام هيون جن کي ڪتب آڻڻ وارا ماهر نشاني باز هئا. وقت گذرڻ کان منجهن وڏيڪ مهارت ايندي ٿي وئي. فوج ۾ قديم روايتون موجود هيون ۽ هڪ ٻن نسلن کان وٺي هن فوج ڪنهن تي حملو ڪري فتح ڪونہ ڪيو هو. جڏهن هن فوج ٻڌو هو تہ برطانيہ سرڪار ماما صاحب جي مدد ڪري رهي آهي تہ ان جو هڪ حصو دادا ڪاسجي جي مدد ڪري رهيو هو. گواليار جي فوج ڪنهن حد تائين جڻ باغي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريزيڊنٽ جو ڪو اثر ڪونہ ٿيو تڏهن هو بہ اڻان نڪري ڊول پور هليو ويو. هن پاڻ کي بي اختيار سمجهيو هو ۽ حالتون وڳوڙن جي ور چڙهي ويون هيون. رنجيت سنگهہ جي مرڻ کان پوءِ لاهور جو راجيتڪ وايومنڊل بہ ڊانوانڊول هوجيڪو ڏينهوں ڏينهن ويو ٿي بگڙندو. هي اهڙيون ڳالهيون هيون جن ڪري گورنر جنرل گهڻو پريشان رهندو هو. لاهور ۾ ستر هزار کان اسي هزار تائين لشڪر موجود هو جنهن کي سنڀالڻ وارو ڪونہ هو. ان جي بغاوت ڪرڻ جو بہ وڏو امڪان هو. هن فوج ۾ چاليهہ هزار اضافي مائهو بہ شامل ڪري سگهجن ٿا. هن کان علاوه وٽن پنج سو توبون هيون. حالتون هوريان هوريان اهڙيون ٿينديون ٿي ويون جو انگريزن جي دست اندازي جڻ تہ ناگزير بڻجي وئي هئي. ڇاڪاڻ تہ هن ڳالهہ جو بہ قوي امڪان هو تہ مرهٽا ۽ لاهور فوج پاڻ ۾ ملي هڪ سگهہ نہ بنجي پون.

اونهارو گذري رهيو هو ۽ سوچيو ويو هو تہ ايندڙ سياري ۾ حالتون کي سلجهائڻ ۽ سڌارن جا جتن ڪيا ويندا. گواليار ۾ تہ پاٽون چاٽون وڳوڙ ڪاهي پيا هئا. خاص ڪري انهن جو زور اولهہ پاسي تمام گهڻو هو جيڪو علائقو جابلو ۽ سفر ڪرڻ جوڳو ڪونہ هو.

ان زماني ۾ گورنر جنرل اهو سوچيو هو تہ سياري ۾ جمنا جي ڪنار سان وڏو فوجي مظاهرو ۽ مشقون ڪرايون وڃن. انهيءَ لاءِ تہ جيئن ڪن مٿي ڦرين مائهن مٿان ڪو نفسياتي اثر ويهي. هو افغانستان مان فوجن جي واپسيءَ وقت سندن آجيان لاءِ اتي موجود هو پر پوءِ اونهارو وچي ڪلڪتي ۾ گذاريو هئائين. هن اهي بہ هدايتون جاري ڪيون هيون تہ سندس اجازت کان سواءِ گواليار تي چڙهائي نہ ڪئي وڃي. سندس مرضي هئي تہ گواليار سان جنگ وقت ميدان تي ڪيس موجود هجڻ گهرجي. هن سان گڏ گواليار جي سرڪار سان صلح جون ڳالهيون بولهيون ڪرڻ جون ڪوششون بہ ڪيون ويون. سوچيو ويو هو تہ هيءُ ڪم ڪنهن سجاڻ ۽ سچيت مائهوءَ کان ڪرائجي. انهيءَ ڪري ڪرنل سليمان جي چونڊ ڪئي وئي. جنهن بنديلکنڊ جي مائريءَ کي ٺگن کان صاف ڪري هڪ پرامن خطو بنائي ڇڏيو هو. گواليار سان دوستاڻن لاڳاپن وڌائڻ واسطي سال جي پڄاڙي ڌاران ڪيس دربار ڏانهن روانو ڪيو ويو هو. مهاراڻي پنهنجي ڪيل ڳالهين بابت پڇتاءُ ڪيو هو پر تمام ٿورو. پر اهو واعدو ڪونہ ڪيائين تہ دادا کي ڪڏهن هوءَ صلح جو عهدنامون طئي ڪندي. ناهہ جون ڳالهيون ڪندي اهو بہ چيو هئائين تہ گواليار جي فوج سندس مڪمل ضابطي هيٺ آهي. وڌيڪ اهو بہ ٻڌايائين تہ دربار جي خواهش آهي تہ فوج تي ايندڙ خرچ کي گهٽائجي پر فوج ائين ڪرڻ تي راضي ڪانہ آهي. ان جي خواهش آهي تہ فوجي خرچ اجا بہ وڌائجي. گواليار سرڪار وٽ انگريزن طرفان هڪ مختصر فوج رکيل هئي جنهن جا عملدار بہ انگريز هئا. ان

بلند هئا. فقط هڪ ڳالهه رهيل هئي جيڪا لارڊ اينبرو سمجهي رهيو هو ته فوجي سپاهين کي گهٽي ۾ گهٽ ڪيئن استعمال ڪجي ۽ کين انعام اڪرام جلدي ۽ کهڙي طريقي سان ڏنا وڃن. ڪيس اها به هورا ڪورا لڳل هئي ته هندستاني فوج جي سالميت کي ڪيئن برقرار رکجي. ان ڏس ۾ هن انگلنڊ جي شاهي اختيارن کي ڪتب آڻڻ تي چاهيو ته اهڙن فوجين کي خوش ڪرڻ لاءِ تمغا ڏنا وڃن ته جيئن وڏيڪ ڪارڪردگي ڏيکاري سگهن. پر پوءِ اهي ميڊل هڪ اهڙي مقصد سان ڏنا ويا جيڪو اهم ڪونه هو.

سياري جي رت آئي ته صبر سان سختيون سهندڙ انگريزن جي هندستاني فوج وري وڃي تنبن ۾ ويني ۽ ڏاڍيءَ ڪڙڪ ۽ ڪڙڳائي سان دادا- ماما دنگل ڏسي رهي هئي جيڪو سياسي سگهه حاصل ڪرڻ جي مقصد سان گواليار جي ڌرتيءَ تي وڙهجي رهيو هو. سگهرن فوجي عملدارن انهيءَ ارادي سان ڳرين مسواڙن تي بنگلا ورتا هئا ته جيئن سياري جي ٿڌين مان وڌ کا وڌ لطف اندوز ٿين. هتي نون غاليچن ۽ پردن سان گهرن کي خوب سنواريو سينگاريو هو. ڇاڪاڻ ته هو پورا چار سال افغان جنگ کري پنهنجين ونين کان وڇڙيا رهيا هئا ۽ جنگ جي افسوسناڪ واقعن کي جڻ وسارڻ ٿي چاهيو. انگريز سهاڳڻيون ڍهاڳ جا ڏکيا ڏينهن گذاري هاٿي سک جي هندورن ۾ لڏي رهيون هيون ۽ ٻيا سڀ کم کار ڇڏي ناچ ۽ ناٽ نحرن ۾ ڪپي ويون هيون. فوج هيٺين طبقي جي انگريز عملدارن جون زالون به ساڳيءَ ريت خوش هيون ۽ پنهنجي پوتي آهر خوشين ملهائڻ ۾ مصروف هيون. پر جڏهن کين فوجي مظاهرن ۽ مشقن لاءِ گڏ ٿيڻ جو حڪم مليو ته اهي به کي گهٽ خوش ڪونه هئا. اتر هندستان ۾ فوجي ورديون پائي جڏهن قطارن ۾ بيهي پريڊ ڪندا هئا ته ڏيک ڏاڍو سهٽو پيو لڳندو هو. ائين محسوس ٿيندو هو ته جڻ اسڪاٽ لئنڊ يا آئرلئنڊ ۾ موجود آهيون ۽ اهي سپاهي جڻ هندستان بدران اتي پريڊ ڪري رهيا هجن. جڻ اهي ائٽڪنس ۾ هجن، جڻ اهي اتان جي گرانڊ ٽرنڪ روڊ سان مشقون ڪندا هجن. اسڪاٽ لئنڊ جيئي، منهنجي سڪ گلاب جي ڳاڙهي گل جيان نت ڳاڙهي آهي. منهنجو اتساه گاريو وڻ ۽ لنڪ شائر جي جور شڪارين جيان آهي جيڪي سوئرن ۽ انن لاءِ سارو ڏينهن ڇُوڻ وجهندا وتندا آهن.

### انگريزي فوج جو جنگي نقشو

هيءَ جنگي ترتيب امڪاني طور هن نقطئه نگاه کان بنائي وئي هئي ڇاڪاڻ ته سياسي ضرورت مطابق وڌ کان وڌ فوج کي ڪتب آڻڻو هو. فوج جي ڊويزن، فوجين جي ان تعداد تي مشتمل هئي جيڪا عام طور تي برگيڊ ۾ هوندي آهي. اهو سمجهيو ويندو آهي ته ڊويزن پيادل فوج گهوڙيسوارن جي برگيڊ کان وڏي هوندي آهي.

ساڄو پاسو
جنرل سر هيو گوف، هيڊ ڪئارٽر جي عملي سان گڏ
برگيڊيئر رينن

گهوڙيسوار ڊويزن
ميجر جنرل ٿئڪ ولي
هزمئجسٽي-١٦- لانسرس
محافظ دستا
١- نيم مسلح گهوڙيسوار
۴- اريگيولر گهوڙيسوار
لينس ٽرپس
اليگزيندر ٽرپس

برگيڊيئر اسڪاٽ

۴- نيم مسلح گهوڙيسوار
١٠ نيم مسلح = =
گرانٽس ٽرپس

٢- ڊويزن
ميجر جنرل ڊينس
برگيڊير اسٽئڪي

١۴- ٽِتو انفنٽري
٣١- = =
۴٢- = =
١٧- لائيٽ فيلڊ بئٽري

٣- ڊويزن
ميجر جرنل لٽلر
برگيڊير رائيٽ

۳۹- فوٽ
۵٦- نيٽو انفنٽري
۱۰- لائيٽ فيلڊ بيٽري

۳- برگيڊ
ميجر جنرل وئليئنٽ

۴۰- فوٽ
۲- گرينا ڊيئرس
۱۱- = =
هڪ طاقتور توبخانو جيڪو ۸- انچ هائوزرس تي مشتمل هو

فوج جو کابو پاسو
گهوڙيسوار ريجيمينٽ
ميجر جنرل گري
برگيڊير هاريٽ

۹- لانسرس
۸- نيم مسلح گهوڙيسوار
۸- R. H هڪ ٽرپ

۱- برگيڊ
برگيڊير ڪلونڪ
بفس
۳۹- نيٽو انفنٽري
۲- برگيڊ
برگيڊيئر ائنڊرسن
هزمئجسٽي- ۵۰- فوٽ
۵۰- نيٽو انفنٽري
۵۸- نيٽو انفنٽري
سيبري مان ايل گوالبار فوج

هن نئين صورت حال کي ڏسي پنهنجي پيش قدمي بہ روڪي ورتي هئي. لارڊ هيو گوف پهچي، اڳتي وچي چاچ پرتال ۾ هڪ ڪلاڪ ڪن گذاري. تنهن کان پوءِ هن پنهنجي توبخاني کي گهرائڻ واسطي پيغام روانو ڪيو جنهن کي هڪ جنگ ۾ استعمال ڪرڻ لئي وساري ڇڏيو هو. هن کان اها ڳالهہ بہ وسري وئي هئي تہ هن گورنر جنرل کي چيو هو تہ توبخاني پٺيان پيش قدمي ڪندو رهي. جنرل هيوگوف جڏهن توبخاني کي اڳتي وڌڻ جو حڪم موڪليو تہ گورنر جنرل بہ ان جي ڪيڏ لڳي پيو جيڪو هاٿيءَ تي رکيل هودي ۾ چئن صورتن سان گڏ ويٺل هو. جيڪو هلندو اچي جنگ جي وچ ميدان تي پهتو. مرهٽا فوج جي توبچين جي جڏهن هاٿيءَ تي نظر پئي تہ سندن توبون باهہ جا شعلا اوڳاڇڻ لڳيون. گورنر جنرل ۽ سندس سونهن پريا ساٿي هن اوچتيءَ آپدا ڪري وسوڙجي ويا. ڪين اهو وهم گمان بہ ڪو هو تہ هو وچي محاذ جي ميدان تي نڪرندا سو بہ توبن جي گولن جي منهن ۾. پر گورنر جنرل تہ ڪمانڊر- ان- چيف جي حڪمن تحت توبخاني جي پٺيان لڳي پيو هو. جڏهن لارڊ هيوگوف ڏٺو تہ لارڊ ايلنبرو هاٿي هلائي اوچتو اچي جنگ جي وچ ميدان ۾ بيٺو آهي تہ اجرج کان سندس هينيون هيٺ، مٿيون مٿي رهجي ويون. پر پوءِ پنهنجي اوٺاٽيءَ کي ڊڪڻ واسطي چوڻ لڳو تہ لارڊ ايلنبرو کيڏو تہ ڪلنگي ڏر ۽ ڪلاونت مڙس آهي جو ڏسي وائسي باهہ جي آڙاہ ۾ ڪڏي ڪاهي پيو آهي ۽ پنهنجي هنياريءَ جي آڏار تي ليڊي ۽ مس هيوگوف کي بہ آٽي آرڻ ۾ بيهاريو آهي. (۳)

ساڍي انين وڳين جهيڙي جي شروعات ٿي. پهريائين گرانٽ ۽ پوءِ اليگزينڊر، توبخاني وارن گهوڙن کي ڊوڙائي توبن کي پنج سو گز پري بيهاري دشمن فوج مٿان گولن جو مينهن وسائڻ شروع ڪري ڏنو. وچ فوج ۾ بيهي وڏي رينج وارين توبن کي ڪتب آڻڻ ڏکيو هو. پر هنگامي حالتن اندر ڪين ائين ڪرڻو هو. لٽلر کي دشمن جي ڪابي ۾ واليئنٽ کي ساڄي پاسي کان حملن ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو ۽ اهڙي حڪم تحت اهي ٻئي برگيڊون اڳتي وڌي رهيو هيون. توبون اهڙي طريقي سان گولاٽيءَ ۾ بيهاريون ويون هيون جو جڏهن انهن گولاباري شروع ڪئي پنهنجي ٥٦- نيٽو انفنٽريءَ جا ئي فوجي جوان ماري وڌائون. تنهن ڪري ٥٦- انفنٽري کي حڪم ڪيو ويو تہ اها جتي بہ آهي اتي بيهي وڃي ۽ ۳۹- فوٽ کي حڪم ڪيو ويو تہ اها اڪيلي سر اڳتي وڌي. سر هيو گوف جي مرضي هئي تہ ٥٦- نيٽو انفنٽري بہ اڳتي وڌي. هيو لاڪ سائس گڏ هو جنهن پنهنجي گهوڙي کي اڳتي وڌائي رڙڪري چيو." اها ڪهڙي ريجيمينٽ آهي."

"٢٦- نيٽو انفينٽري" هن کيس جواب ڏنو. "نہ..... نہ، سندس اصل نالو ڇا آهي؟" هن گرجندي پڇيو. "لئمبورني جي پلٽڻ" کيس جواب مليو. هيءَ ريجيمينٽ انهيءَ نالي سان گهڻي مشهور هئي. عزت ۽ پيار وچان کيس انهيءَ نالي سان سڏيو ويندو هو.

# پنبير جي جنگ

هن محاذ سان لاڳاپيل حال احوال تمام گهٽ نظر ايندو. ”هسٽري آف برٽش آرمي“ نالي ڪتاب ۾ سرجان فورٽسڪيو هن جهيڙي جو ذڪر ضرور ڪيو آهي پر مهراجپور واري محاذ جي بيان ڪان گهٽو گهٽ آهي. ڇاڪاڻ ته اها جنگ، اڳ ڪيل رٿا بنديءَ موجب ڪانه وڙهي وئي هئي.

گورنر جنرل جي حڪم موجب جنرل گري فوج وٺي اڳتي وڌيو ۽ آنتري واري ٽاڪرو علائقي ۾ داخل ٿيو جيڪو مينهن جي نين جي گهارن سان ڇنيو پيو آهي. سندس ساڄي پاسي ٽڪرين جي هڪ قطار هئي جيڪا ڪڏهن ويجهو ۽ ڪڏهن پري ٿي رهي هئي پر گهٽو ڪري اڌ ميل جيتريءَ وٿيءَ تي پوروچوٽ تي هلندي ٿي آئي. ڪيس پتو هو ته آنتري واري لڪ وٽ دشمن فوجون موجود هيون. پر اهو ڪونه سوچيو هئائين ته انهن جون فوجون هنن ٽڪرين ۾ به ويهي سگهن ٿيون. هو آرام سان اڳتي وڌي رهيو هو. سندس پٺيان لشڪر سان گڏ پنج هزار ڏاند گاڏيون هيون جيڪي سامان سڙي سان ڀريل هيون. هن ۾ غير فوجي لاپرواهي هوندي هئي پر نظر اچي ٿو ته انهن ڏينهن ۾ هر انگريز سپهه سالار ۾ اهڙيون اوڻايون هونديون هيون. لشڪر جڏهن منزل ڪرڻ واري ماڳ وٽ پهتو ته پوئتي اک وٺائي ڪونه ڏٺائون ته ڪاڏي خوراڪ ۽ جنگي سامان ڪٺي ايندڙ گاڏيون سلامتيءَ سان پٺيان اچي رهيون آهن يا دشمن فوج جي ور چڙهي ويون. گاڏين جو اهو قافلو ڏهن ميلن ۾ پکڙيل هو ۽ پٺ جي رکوالي ڪندڙ فوج به ٿوري مقرر ڪئي وئي هئي. پاسن تي پهريداريءَ لاءِ به ڪا فوج ڪانه رکي وئي جيڪا پروارين ٽڪرين مان حملو ڪندڙ امڪاني دشمن فوج سان مقابلو ڪري. اها فوج هڪ ڊگهي قطار ۾ سفر ڪري رهي هئي. شام جو ٽين وڳين انگريزي فوج پنير نالي هڪ ڳوٺ ويجهو اچي پهتي. اچا هٿيار هڪ جائتا ڪري پير پساريا به مس هئائون ته سندن پٺ وارين توبن جون رعد واريون رڙيون ٻڌڻ ۾ آيون. ٻئي پاسي کان گهوڙيسوار واچ مينهن ڪندا اچي فوجي وانډ ۾ پهتا. سندن منهن تي هيڊ هاريل هئي. متن ڌمڪاءُ ۽ هراس وڌيل هو ۽ ٻڌايائون ته دشمن پٺِ واريءَ فوج تي اوچتو جهٽ هنيو آهي، هن وقت تائين اها شايد ڪسي ڳترا ڳترا ٿي چڪي هوندي.

چوڌاري بگل ٻري ويا. جتي فوجي جتي هو اتان ڊوڙندو قطارن ۾ بيهندو ويو. گهوڙيسوارن به حڪم موجب ڪميتن جون واڳون ڪٺي ڊريون ڪيون ۽ ان جونءِ ۾ ڪٺي جوه وڌائون. جيڏانهون توبن جي گجڪارن جا پڙاڏا ٻري رهيا هئا. ان وقت لارڊ گري ۽ سندس عملي جي ڌيان ۾ هي ڳالهه اچي وئي ته جڏهن آنتري جي لڪ ۾ ويٺل دشمن فوج کي معلوم ٿيو ته انگريز فوج هن لڪ کان لنوائي ڪنهن

ٻئي ڪس سان گواليار وچي رهي آهي ته ان پيش قدمي روڪڻ لاءِ هن وچ تي گهات هنيو آهي. معلوم ايئن ٿي رهيو هو ته انگريز فوجي منزل پرسان ۽ پنير ڳوٺ ويجهو هڪ پيو قلعبند ڳوٺ هو جنهن ۾ هي مرهٽا فوج مورچه بند ٿي رهي هئي. سندن توبون ۽ گهوڙيسوار پنيان ايندڙ انگريزي فوج کي هيسائي دڙٻاتي رهيون هيون. جنرل حالتن جو اندازو ڪري پنهنجي ڪجهه فوج لشڪر قطار ڏانهن روانو ڪيو. سندس خيال هو ته لڪ جي پهريداري ڪندڙ ساري فوج ان ارادي سان اچي هتي پهتي آهي ته جيئن گواليار ۽ بنديلکنڊ جو رابطو بحال ڪري سگهجي. ائنڊرسن جي برگيڊ، ٥٠- فوٽ ۽ هندستاني فوجين جي ٻن پلٽڻ کي گڏي اڳتي رواني ڪيل فوج جي ساڄي طرف کي سنڀالڻ لاءِ روانو ڪيو ويو. کين حڪم هو ته هو پنهنجي توبخاني جي آڏار تي اڳتي وڌن. ائنڊرسن ڏٺو ته سندن ساڄي طرف اڌ ميل کن تي انگريزي فوج ۽ سندن هلڪيون توبون دشمن سان گنڍيون بيٺيون هيون. سندس سامهون ماٿريءَ ۾ دشمن- پيادل بيٺي هئي جنهن جي پٺ تي توبن جون قطارون هيون. هو پنهنجي برگيڊ سان اڪيرين تڪرين ڏانهن وڌڻ لڳو ۽ پنهنجي توبن جي گولن جي آڏار تي پٿن جي اڙ ۾ بيهي رهيو ۽ مرهٽن جي پيادل فوج تي گولاباريءَ جو حڪم ڪيائين. جنرل ميدان تي ڪونه پهتو هو. ائنڊرسن پنهنجي مرضي موجب احڪام صادر ڪري رهيو هو. هن پنهنجي گرجدار آواز ۾ فوجن کي اڳتي وڌڻ جو حڪم ڏنو ۽ حملي جو اشارو ڪيو جن جهٽ ڏئي ماٿريءَ جي لاهونديءَ ۾ بيٺل توبن تي وڃي قبضو ڪيو. ۽ ساري ماٿري دشمن پيادل کان خالي ٿي وئي.

برگيڊيئر ڪلونڪ ٻي برگيڊ جي مدد سان ٻارنهن توبن تي وڃي قبضو ڪيو. اهاجنگ گهٽو وقت ڪانه هلي. هن محاذ جي اڳواٽي بفس Buffs ڪري رهيا هئا ۽ واهر طور ٣٩- نيٽو انفنٽر ساٿن گڏ هئي. اها جنگ اتي ئي ختم ٿي وئي جيڪا سج جي پوئين پهر شروع ٿي هئي. جهونجڪڙي وير پڄاڙيءَ کي پهتي. انگريزي فوج جا ٢١٣ ماڻهو مارجي ويا. بفس جا ٧٢، ٥٠- فوٽ جا ٤٢ ۽ ٣٩- نِٽيو جا ٦٢ جوان قتل ٿيل.

هن جنگ جي ڪا اهڙي خاص ڳالهه ڪانه آهي جنهن تي اوچو ڳاٽ ڪجي پر بفس، ٥٠- فوٽ ۽ ٢٩- نِٽيو انفنٽري پٽنگن جيان وچي مچ ۾ متا ڏنا هئا. هن ڪنهن فوجي جنرل جي حڪم کان سواءِ پاڻون جاڻون هي ڦيٽ ۽ چوٽ ڏني هئي. اهو چيو ويندو آهي ته هن مارڪي کان هڪ ڏينهن اڳ هڪڙي برگيڊيئر پاڻ کي پستول هٽي آپگهات ڪيو هو ۽ اتفاق سان اها سپهه سالاري ائنڊرسن کي ملي وئي هئي. هن محاذ تي انگريزن طرفان گهوڙيسوارن جون ٻه برگيڊون هيون پر هن ڪک پچي پيٽو ڪونه ڪيو. پر جيڪڏهن انگريزي فوج جا گهوڙيسوار ميدان ۾ لهن ها ته مرهٽا گهوڙيسوار کين ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏين ها. خير جنگ ته ائين ئي ختم ٿيٽي هئي پر مرهٽن جي فوج کي غلط حڪمن ملڻ ڪري ٻنهي ڌرين جو نقصان گهٽ ٿيو.

ڪمانڊر- ان- جيف جنگ جي فني نقطئہ نگاه کان هڪ نااهل ماڻهو هو.
هن پنهنجي غلط حڪمت عمليءَ سبب ساڳئي ڏينهن تي دشمن سان ٻن جڳهين تي جنگيون وڙهيون ۽ اڪيلي سر ٻن محاذن تي مقابلو ڪيو ۽ اتفاق سان ٻنهي محاذن تي فتحون نصيب ٿي ويس. جوندو وري اهو ٿي وتيو تہ هڪ ڏينهن تي ٻہ فتحون سندس سرت ۽ سچيتائي جو نتيجو آهي. ٻليءِ ڀاڳين جو ڇڪو ڇجي تہ ٻليءَ کي ڀناڪ هڻڻ جو حق تہ هوندو آهي ۽ توهان کي ڪنهن سوال پڇڻ جو حق بہ ڪونہ آه.ي سوڪڙي طور مليل گهوڙي جا ڏند ڪونہ ڏسبا آهن. ڪوارٽر- ماسٽر جنرل، جنرل چرچل ۽ ليفٽيننٽ ڪرنل- اي- سئڊرس جهڙا متير مڙس ۽ ڪنڌار جوان ڪُسي ويا تنهن جو پڇاڻو ڪير ڪري. اهي رڳو ٻہ ماڻهو تہ ڪونہ هئا، هتي تہ الائي ڪيترا جنگ جوان هئا جيڪي ريءَ ڪُنيءَ موت جي آوَه ۾ اچي ويا ۽ مهراجپور جي ماڳن تي مهادي ٿي ويا.
پنير جي پڙ ٽيڻ کان پوءِ جنرل گري گواليار جو گس ورتو. وري ڪاڏي لوٽو ڦيري ڪونہ ڏنائين. ڪن پوساٽيون اڳتي هليو ويو. ٻنهي فوجن هڪ ٻئي سان رابطو قائم ڪيو. انگريز طاقت هن وقت هڪ وڏي سگهہ تي ابري هئي. سندس مرضيءَ خلاف حالتون ڪيس مجبور ڪري رهيون هيون تہ مغلن جي خالي پيل ڪرسي سنڀالي ۽ ملڪ ۾ جيڪي وڳوڙي سر مٿي ڪري رهيا آهن تن جي سرن کي پوريءَ سگهہ سان چٿي ۽ چيٿاڙي. اهڙيءَ ريت ٻئي فوجون گواليار ڏانهن وڌي رهيون هيون ۽ تاريخ ٣- جنوريءَ تي اچي اتي پهتيون. هن فوج سان مهاراڻي گڏ هئي جيڪا باغي مرهٽا فوج جي قيد مان آزاد ٿي انگريزن جي پناري اچي پئي هئي.
گورنر جنرل پنهنجي سر اچي ملڪ جا منجهيل مسئلا نبيريا ۽ حڪومت هلائڻ لاءِ هڪ مجلس شورا مقرر ڪئي جيڪا بناڪنهن ڊپ ڊاءَ جي ننڍڙي حڪمران طرفان ملڪ جو انتظام سنڀالڻ لڳي. جنگ ختم ٿي تہ فوج بہ پنهنجا هٿيار رکيا. ڪين رهيل ٻگهارون هڪدم اداڪيون ويون ۽ ڪين باعزت رخصت ڪيو ويو. وري انهن کي فوج ۾ ڪيئن ڀرتي ڪيو ويو تنهن لاءِ ايندڙ باب ڏسندا. گورنر جنرل، پنير ۽ مهراجپور جي محاذن تي، بهادريءَ سان وڙهندڙ فوجي عملدارن لاءِ پنج ڪنڊئي ستاري جهڙا تمغا تيار ڪرايا هئا جن جي وچ تي چاندي لڳل هئي ۽ دشمن فوج جي توبن جي ڌاتوءَ مان جوڙيل هئا. اهي نهيل اهڙا هئا جو ڪنهن چين يا پٽيءَ کان سواءِ سڌو ڪوٽ ۾ پائڻ جهڙا هئا. پر بعد ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو تہ اهي ميڊل جيان هيٺ لڙيڪل هجن ۽ شڪل ۾ اندلث جيان اڌ گول هجن ۽ ايرندڙ سج جيان محسوس ٿين. ان پٽيءَ کي "ملٽري ربن" نالو ڏنو ويو. ساڳيءَ ريت "سنڌ" ۽ "افغان" ميڊلن پائڻ لاءِ بہ ساڳي ربن منظورڪئي وئي هئي. جڏهن لارڊ رابرٽس ١٨٨٠ع ۾ڪابل کان قنڌار پيش قدمي ڪئي تہ ان قسم جي ميڊلن کي "اسٽار" ۾ بدلايو ويو هو ۽ کيس تاري جهڙو ميڊل ڏنو ويو هو.

باب ڇهون

# پنجاب جي راڄڌاني لاهور ۾ ڦيٽاڙو

- گواليار جي فتح کان پوءِ ڇا ٿيو.
- پنجاب ۾ ڇمون وارا پائر
- پنجاب جون تشويشناڪ حالتون
- دليپ سنگهہ جو نالي ماتر پنجاب جي تخت تي وهڻ
- سک فوج ۾ ان جا مشير
- پنجاب جي هٿان وزير ڪي ڦاهي.

## گواليار جي فتح کان پوءِ ڇا ٿيو؟

گواليار جون حالتون ايتريون ڇوٽ تي چڙهي ويون هيون جو ان جو آخري فيصلو ضروري هو. هندستان جي انگريز سرڪار ڪي اهو ڳڻ ڏل ۾ ڪونہ هو تہ ان ملڪ کي فتح ڪري پنهنجي ملڪ سان ملائي ڇڏجي. اهي تہ پنهنجي نيت سچائي، ۽ صفائي سان اهڙا جتن ڪري رهيا هئا تہ جيئن ان ملڪ جون حالتون سڌري وڃن ۽ امن امان قائم ٿي وڃي. هندستان بابت مارڪيوئس ويلزلي جي حڪمت عملي بہ اها هئي. لارڊ ايلنبرو انگريز طاقت ۽ ٻين ملڪن جي وچ ۾ لاڳاپن بابت جيڪو ياداشت نامون پڌرو ڪيو هو اهو هڪ اهڙو عهدنامون هيو جنهن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ سرهارڊنج ڏاڍي نرم سڀاءَ وارو هو ۽ اتي بہ نرمي اختيار ڪرڻ لڳو جتي اها ڳچيءَ جو ڳيڙ ثابت ٿيندي آهي ۽ لهٽي بدران ڏيٺا پئجي ويندا آهن. هو آيو هو تہ دشمنن لاءِ بہ دل ۾ ويا ڪنيون آيو هو. ٻڳهڙ ۽ گهٽي ڪي ايلاز منٿون ڪرڻ آيو هو تہ مهرباني ڪري هو ٻئي ڄڻا هڪ ٻئي گهيڙ تان پاٿي پين. سندس ڪوشش اها هوندي هئي تہ هڪ سٺي وائسراءِ طور ياد ڪيو وڃي. سنڌوءَ جي سنيهہ هڪ پاسي هئي تہ ٻئي طرف مغل شهنشاهيءَ جي ڪمزوري ڪري حالتون جيئن خراب ٿيون هيون، تيئن ئي قائم رهيو، جيڪي نيڪ ٿيڻ جون گهرجائو هيون. انگلنڊ جي وزير ۽ ڪمپنيءَ جا ڊائريڪٽر امن ۽ آشتيءَ لاءِ وهلوريا ٿي وتيا. پنجاب ۾ وڳوڙ ڪاهي پيا هئا. هن وقت صلح سانت لاءِ واجهائڻ ٻيرن ڪان ٻير گهرڻ هو. نہ وري اتان جي با اختيار ماڻهن مانار لاءِ ڪي هٿ پير ئي هنيا هئا. وڳوڙي وايو منڊل، ڏينهون ڏينهن هٿن مان نڪرندو ٿي ويو جنهن انگريز سرڪار کي منجهائي واڙو ڪري ڇڏيو هو. اهو جڻ ڪو اگرو سياسي ناٽڪ هو جيڪو وڪتوريا دور ۾ هندستان ۾ هلي رهيو هو. سائمن ڪميشن بہ اها ڳالهہ ياد ڏياري ٿي تہ هن ڪتاب ۾ ان جو مختصر ذڪر ضرور اچڻ گهرجي. اهو اهڙو ناٽڪ هو جيڪو انگريزن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيو هو. هتي فوجي پنچائت جو ذڪر ڪرڻ بہ لازمي آهي جنهن جو رنجيت سنگهہ جي فوج ۾ ١٨٤١ع ڪان ١٨٤٥ع تائين گهڻو اثر دخل رهيو. ان طريقي ڪار مرهٽن جي فوج کي ٻنير ۽ مهراجپور جي محاذن تي ۽ سک لشڪر کي سوبران واري ميدان تي آڻي بيهاريو هو.

## پنجاب ۽ ڄمونءَ وارا پهاڙ

پنجاب جي سياست جو ڪجهہ احوال، افغان جنگ واري موضوع ۾ اچي ويو آهي. ڌيان سنگهہ سچيت سنگهہ، ڄمون جي ڊوگرا راجپوت سردار جا ٽي پٽ هئا. ڊوگر هڪ جابلو علائقي جو نالو آهي جيڪو ڪشمير ۽ پنجاب جي وچ تي پکڙيل نظر ايندو. اهو نالو ڪنهن خاص هندونيات سان واسطو ڪونہ ٿو رکي پر هن ڊوگراديس ۾ رهندڙ هر ماڻهوءَ کي ڊوگرا سڏيو ويندو آهي.

پنجاب جي ميداني علائقن جا سڀ راجپوت مسلمان ٿي ويا آهن باقي روهہ ۾ رهندڙ ماڻهو اڃا بہ اباڻي هندو ڌرم سان واڳيل نظر ايندا. سک ڌرم بہ جابلو هندن کي پنهنجي اثر ۾ آڻي ڪونہ سگهيو آهي تنهن ڪري پنجاب جي جابلو علائقي جا رهواسي اڃا سوڌو هندو آهن ۽ ڊوگرن تي سک ڌرم جو ڪوبہ اثر ناهي

ڪرڙي شينهن کي اچي سڪرات ورايو پر ڪي جون ٿا تہ جڏهن مري ويو تہ سندس لاش مير سنڌي جي مقبري تي ڪٺي ويا هئا ۽ ان کي اگڻ ۾ کهمايو هئائون. ڌيان سنگهہ، جموںءَ جي سردارن مان ٻيو نمبر ڀاءُ جيڪو پنجاب دربار جو وڏو وزير هو سندس مئٽ جي پاسي ۾ هلي رهيو هو ۽ رنجيت سنگهہ جي مڙهہ سان هوريان هوريان ڳالهائي رهيو هو، جڻ ڪانئس ڪا صلاح پڇندو هجي.

راجا رنجيت سنگهہ جي وفات سان گڏ کڙڪ سنگهہ جي گادي تي ويهڻ جو بہ اعلان ڪيو ويو. تنهن کان پوءِ ڌيان سنگهہ کي پنجاب دربار جو وزير اعظم مقرر ڪيو ويو. کڙڪ سنگهہ جي اها تخت نشيني راجا رنجيت جي آخري وصعيت موجب ٿي هئي.پيءُ جيان شراب ۽ شباب جو شوقين ۽ ڪمزور هو پر ان سان گڏ دل جو بہ نبل هو. سندس ويچار هو تہ هن جو تخت ۽ تاج سندس دربار ۾ رهندڙ انگريز سرڪار جي نمائندي مسٽر ويڊ جي هٿ وس آهي.

راجا رنجيت سنگهہ جي ٻئي پٽ جو نالو شير سنگهہ هو جيڪو پڻ پيءُ جي تخت ۽ تاج جو دعويدار هو ۽ ان لاءِ هو گورنر جنرل لارڊ آڪلنڊ وٽ دانهن ويو هو. ڇاڪاڻ تہ ماڻهن جي دلين ۾ اهو احساس ويهي ويو هو تہ جيڪو ماڻهو مغلن جي تخت تي ويٺو آهي سو هڪ بااختيار ماڻهو آهي. لارڊ آڪلنڊ شير سنگهہ جون ڳالهيون ٻڌي ڪيس چيو تہ کڙڪ سنگهہ پنجاب جو جائز حڪمران آهي تنهن ڪري ڪجهہ ڪونہ ٿيندو.

کڙڪ سنگهہ هڪ نااهل حڪمران هو پر نونهال سنگهہ نالي سندس پٽ ڏاڍو هوشيار هو. جڏهن مهاراجا رنجيت سنگهہ وفات ڪئي تنهن زماني ۾ هو پشاور ۾ هو. وفات جي خبر ٻڌڻ شرط لاهور هليو آيو. تخت ۽ تاج ملڻ جو اوسيئڙو هو. پر سندس پهچڻ کان اڳ سچيت سنگهہ جي ڏڍ تي سندس پيءُ تخت سنڀاليو هو جنهن کي ۹ آڪٽوبر ۱۸۳۹ع تي شاهي دربار جي رهائش گاهہ ۾ قتل ڪيو ويو. هي نوجوان ڌيان سنگهہ ۽ ٻين ڏوگرن کان سخت بچاءُ ڪندو هو. ان نمائندي جي اثر ختم ڪرڻ لاءِ ڪيس وزير اعظم ۽ ٻين ڊوگرن جي واهر جي لوڙ هئي. هن جي شروعاتي دور ۾ ڪهڙيون سازشون ٿيون ۽ ڪهڙا واقعا ٿيا تن سان هن ڪتاب جو ڪو واسطو ڪونہ آهي. کڙڪ سنگهہ ڪمزور تہ اڳئي هو پر پنهنجي هڪ ويساهہ جوڳي ماڻهوءَ هٿان سري جي سرڪ پي ۵- نومبر ۱۸۴۰ع تي پرلوڪ پڌاري ويو.

نونهال پنهنجي ابائي تخت جو فطري وارث هو. جيڪڏهن هو تخت تي ويهي حڪمراني ڪري ها تہ انتظام هلائڻ ۾ ڪنهن بہ ريت پنهنجي ڏاڏي رنجيت سنگهہ کان گهٽ ڪونہ ٿئي ها. پر جنهن ڏينهن هو تخت تي وهي ها ان ڏينهن ئي ڪيس تقدير وچي تختي تي سمهاريو. ان ڏينهن پيءُ جي مڙهہ کي ختا تي چاڙهي جيئن ڪهر ڏانهن موٽندي هڪ ڦاٽڪ وٽان لنگهي رهيو هو تہ اوچتو اچي اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متاثر ڪريو. هن سان گڏ جمون جي گلاب سنگهه جو وڏو پٽ هو جيڪو ڏڪ لڳڻ ڪري ٿنڌي تي مري ويو ۽ نونهال سنگهه کي زخم رسيا ۽ رات جو اهو به وڃي پنهنجي پيءُ سان مليو. عام ماڻهن جو خيال هو ته هن کي جمونءَ جي راجا گلاب سنگهه مارايو هو. جاڪاڻ ته هو ڊوگرن جو سخت دشمن هو. باقي نوجوان ڊوگر سردار جو قتل اتفاقي ٿي ويو.

دربار جي وڏ وزارت تي ڌيان سنگهه مقرر هو. نونهال جي موت کان پوءِ شير سنگهه تخت جو جائز وارث هو. وزير اعظم ڌيان سگنهه به ان کي تخت تي وهارڻ پئي چاهيو ۽ انگريز سرڪار جي به اها مرضي هئي. شير سنگهه جي لاهور ۾ عدم موجودگيءَ سبب ڌيان سنگهه کي نونهال جي موت جي اعلان کي التوا ۾ رکڻو پيو. انهيءَ لاءِ ته جيئن شير سنگهه پهچي وڃي.

شير سنگهه پنهنجي سپاهه ۾ ٽڏو ۽ ڏيرج وارو هو ۽ سازشي ذهن ڌيان سنگهه جي قبضي ۾ نونهال سنگهه کان وڌيڪ هو رهڻو وارو هو. عام ماڻهو شير سنگهه کي راجا رنجيت سنگهه جو اولاد ڪونه سمجهندا هئا. ان جو ڪارڻ اهو هو ته هو راجا رنجيت سنگهه جي گهر تڏهن جائو هو جڏهن راجا مزسيءَ کا ويهي ويو هو. هن کان علاوه شير سنگهه ۾ ڪي خاص خوبيون به ڪونه هيون. جمون سان تعلق رکندڙ هنن ڀائرن شير سنگهه کي مهاراجا ته مقرر ڪيو پر ساري سک جنتا ان جي راڄگدي سنڀالڻ جي سخت خلاف هئي.

وڳوڙي وايو منڊل ۾ مانار آڻڻ لاءِ کڙڪ سنگهه جي زال مائي چند ڪور ڌيان سنگهه جي پٽ هيرا سنگهه کي گود جو پٽ بنائي پاڻ ان جي قائم مقام ٿيڻ جو اعلان ڪيو. ان سان گڏ هن اهو به ٻڌايو ته سندس ننهن ( نونهال سنگهه جي گهر واري) اميد سان آهي. ٿوري وقت لاءِ ته مائي چند ڪورکي هڪ قائم مقام جي حيثيت ۾ مڃتا ملي وئي پر جمون وارا ڀائر ڪن اتفاقن ٿيڻ آسري آڪاس ۾ اکيون وجهيو وينا هئا. شير سنگهه پنجاب جو مکي بڻايو ويو ۽ ڌيان سنگهه کي وزارت عظمٰي جو عهدو مليو.

ان وقت سک فوج کي پگهارون ڪونه مليون هيون. ان ڪري انتظاميه تي چڙيا ۽ تنا وينا هئا. شير سنگهه وجهه وٺي سائن پگهارن وڌائن جو واعدو ڪيو ۽ رومين جيان ڪين کي سوڪڙيون ڏئي راضي ڪري ڇڏيائين. پنجاب جي هن بهادر فوج پوءِ وڃي پنهنجي ئي شهر لاهور تي ڪڙو چاڙهيو. ان کي فتح ڪري واپارين جو الهه تلهه لٽي ڦري کهڻو ئي مال غنيمت هٿ ڪيو. جنهن کي چاهيائون قتل ڪري ڇڏيائون. ان قتل عام ۾ هڪ انگريز جوان فائوڪس به قتل ٿي ويو جيڪو سندن ئي فوج ۾ شامل هو. انهن وڳوڙن ڪري ڪيترن پين علائقن جا گورنر قتل ڪيا ويا هئا. اهڙيءَ ريت شير سنگهه ٿوري وقت لاءِ پنجاب جو حڪمران ٿي

سنگهه کي سيکت ڏيڻ لاءِ جموںءِ تي ڪاهڻ لاءِ پنجاب جون فوجون پر ساهي رهيون هيون. پر هو ڪراڙو چالاڪ ڪانئن وڏيڪ سچيت هو. هن ڪجهه ڏئي وٺي ءِ ربيهي ربيي سکن جي بن برگيڊن کي پنهنجي پاسي ڪري ورتو ءِ بناڪنهن اڏڪي جي فوج جي وانڍ ۾ وڃي نڪتو ءِ ان سان گڏ لاهور ڏانهن هلڻ لڳو. جڏهن ڪيس محسوس ٿيو ته جنهن لاءِ هن هيترا ڪشت ڪاتيا آهن سا وزارت ڪيس ملڻ مشڪل آهي ته هن جواهر سنگهه کي پنهنجي ڪيل ڏوهن جو ستَ لک رپيهَ ڏنڊ ڏنو. جواهر سنگهه لکي ورتو هو ته سندس سيج سيلهن سان ستي پئي آهي. هوڏانهن فوج به گلاب سنگهه جا پر ڪتي اڏامڻ کان اپاهج ڪري ڇڏيو ءِ ڪيس گيسيون ڪرائيندا سندس وطن جموںءِ پهتا هئا انهيءَ لاءِ ته جيئن پيا عقل ءِ اکين وارا اهي گيسا ڏسي اچرج ڪن ته هن پاڻ کي ڪيترو سهانگو وڪيو هو ءِ ڪم ڪڍڻ ڪانپوءِ ڪيترو بي آبرو ٿي وطن واريو ويو هو.

نئين وزير کي ڪيبني جا ڪنا اندر ۾ هئا ءِ هن اهي پاڻ پاڙيا. هڪ ڊويزن فوج جي مهندار، ڪيس برطانيه سرڪار ڏانهن ويندي جهلي وڌو هو. جواهر سنگهه به کي پاڻ لاءِ هاڻي هاجيڪار سمجهي رهيو هو. تنهن ڪري سندن نڪ ءِ ڪن وڍي ڇڏي ڏنو يو. اها هڪ سني ڳالهه ڪانه هئي. جواهر سنگهه جي اهڙيءَ با اختيار سگهه فوجين کي ڏاڍي ڏکي لڳي پرڪنهن مناسب وجهه ملڻ لاءِ واجهه وجهي رهيا هئا.

ملتان جو صوبو گهڻو پرانهون هو جنهن کي سنه ١٨٢٠ع ڌاري سکن افغانن کان فتح ڪري پنجاب سان ملائي ڇڏيو هو. اتي ڪن وڳوڙين سر مٿي ڪنيا هئا. هن علائقي جو گورنر ديوان مولراج هو. سندس پيءُ به مشهور ديوان هو. موجوده گورنر ملتان کي هلائڻ لاءِ سٺو انتظام رکيو هو. ان ۾ وڏي اوٿائي اها هئي ته لاهور کي وقت سر ڏنڻ ڪونه ڏيندو هو ءِ فوج جي به پنهنجي صُوبي ملتان تي حملي ڪرڻ جي مرضي هئي. هي مامرو اجا اتي ئي هو گلاب سنگهه پنهنجي ٺاڪرو علائقي ۾ آسودو وينو هو ءِ سياسي صُورت حال تي تکي تاڙ رکيو وينو هو. تنهن حالتن جو اندازو لڳائي پشاورا سنگهه کي سيالڪوٽ واري علائقي تي قبضي ڪرڻ جي هشي ڏني پر هو پنهنجي ان ڪوشش ۾ ڪامياب ڪونه ٿيو. پوءِ گهڻو اتر پار ڏانهن هليو ويو ءِ وجهه وٺي سنڌوءَ جي ڪنڌيءِ سان موجود اٽڪ جي قلعي تي قبضو ڪري مهاراجا هجڻ جو اعلانُ ڪيائين. سک فوج هن لاءِ تمام گهڻي ڪوشش محسوس ڪئي چاڪاڻ ته راجا رنجيت سنگهه جو پٽ هو ءِ ان ڪيس پنهنجو پٽ ڪري قبول به ڪيو هو. پر سندس پنيرائي ڪرڻ جو اهو وقت ڪونه هو. سک فوجون اٽڪ تي حملي جي ارادي سان اڳتي وڌڻ لڳيون هيون.

پشاورا سنگهه کي محسوس ٿيو ته هن مهاراجا سڏائي سٺو ڪم ڪونه

فرينچ فوج جو ذڪر ڪيو آهي. توبن جي سار سنڀال لهڻ نهايت ضروري هوندي آهي. توبچين ۾ ضبط ۽ نظم جي ضرورت هوندي آهي تنهن ڪري سندن روبي ۾ڪجهه ڪاوڙ اچي ويندي آهي. هندستان جي هر جنگ ۾ توبن جو گهڻو استعمال نظر اچي ٿو تنهن ڪري توبن جو هتي لهڻ ۽ توبچين جو هجڻ غير متوقع ڳالهه ڪانه آهي. رنجيت سنگهه جون توجون انگريز فوجين جي نگرانيءِ ۾ جوڙيون ونديون هيون. سک فوجين جي اهڙيءَ سکيا لاءِ بنگال فوج جا عملدار ڪتب آندا ويندا هئا. اهي اهڙا فوجي عملدار هوندا هئا جيڪي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءِ جي فوج مان پينشن تي لهندا هئا يا فوج ڇڏي ڀڄي ايندا هئا ۽ گهڻو ڪري سندن واسطو يورپ سان هوندو هو. اهي توبون پنهنجي ڪارڪردگيءَ جي نقطئہ نگاهه کان نهايت سٺيون هونديون هيون. انهن ۾ ڪم ايندڙ اوزار ۽ انهن جي چرپر به هڪ اهم ڳالهه هوندي آهي.

فوج جا ٻيا ماڻهو جموں جا ڊوگرا راجپوت يا ٻين جاگيردارن جا ماڻهو هئا. سندس اريگيولر هارس سک هئا جن کي گهوڙ- چڙها سڏيو ويندو هو. ساري فوج سٺ في صد سکن تي مشتمل هوندي هئي جيڪي مشهور تلوار باز هوندا هئا ۽ مسلمان پنجاب مٿان ڇانيل هئا. گهٽو تعداد مسلمانن جو به هو ۽ ڪجهه گورکا به شامل هئا. سندن ورديون چاڪوس Chakos هونديون هيون ۽ برٽش گورکا رائفلس جيان مٿان سايون صدريون ڍڪيندا هئا. سندن اريگيولر فوج جي وردي ايسٽ انڊيا ڪمپني جي فوجين جهڙي هوندي هئي. پر سندن ڪراس بيلٽ سفيد بدران ڪارو هوندو هو. توبين بدران هو پٽڪا ٻڌندا هئا.

سندن فوج ۾ يورپي به ڀرتي ٿيل هوندا هئا ۽ هر رئنڪ ۾ ڏسبا هئا جنهن جو ذڪر مٿي ڪاٿي اچي ويو آهي. جنرل آلارڊ جو جنرل وينچورا فرينچ هئا. اويتابل اٽلي سان واسطي رکندو هو. سندن سکيا ڏنل برگيڊن کي انهن جي نالي پٺيان سڏيو ويندو هو. سنہ ١٨٤۴ع ۾ سک فوج انهن يورپين تي هٿيار کڻي سامهون ٿي جيڪي هنن سان گڏ ساڳي سک فوج ۾ شامل هئا قتل ٿيڻ کان جيڪي بچيا تن انگريز هندستان ڏانهن وٺي ڪڙي ڪئي هئي.

هندستان ۾ ماهوار پگهار ڏيڻ ڏجو هوندو آهي ۽ گهڻو ڪري ساريءَ ايشيا ۾ صورت حال ساڳي آهي. پنجاب ۾ جڏهن راجا رنجيت جي هڪ بهترين حڪومت ختم ٿي وئي ته پوين حڪمرانن جي دور ۾ ڪين پگهارون ملڻ به بند ٿي ويون هيون. ڪيترن جون پگهارون بخشين جي ڊرائي ڪري رکجي ويون هيون. پوءِ ته فوجين جي ڪاوڙ وار آفيس Waroffice تي چڙهي وئي. جيڪڏهن فوجين جو پگهارون ڪين وقت سر ملنديون رهن ها ته ڪڏهن دربار سان بغاوت نہ ڪن ها. جيڪڏهن فوج تمام گهٽي هوندي ته پنهنجو پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي هنيا ڪرڻ ۾

جي صلاح مشوري سان ڏني ويندي آهي. فوجي سپاهين جا پاڻ ۾ يا فوجي ۽ عام ماڻهوءَ جي وچ ۾ معاملن جا فيصلا به انهن پنچائتن مان جوڙيل هڪ ٽربيونل ڪندو آهي“.

پنجاب جي سک فوج ۾ جيڪي يورپي ماڻهو ملازمت ڪندا هئا سي اهڙيون ڳالهيون قبول ڪونه ڪندا هئا. اهڙين انحرافين ڪري کين قتل ڪيو ويندو هو يا وري پنجاب فوج سان پڄي هليا ويندا هئا. گهڻو ڪري پنجاب فوج يا وڏا عملدار به رئنڪس مان ترقي ڪندا انهن عهدن تائين پهچندا هئا. جاهل جٽ هوندا هئا ۽ اهڙين ڳالهين کي هڪدم قبول ڪري وٺندا هئا.

سنه ١٨٤٥ع ۾ پنجاب مان لکيل هڪ خط ٻڌائي ٿو ته ان زماني ۾ پنجابي فوج پنهنجا رائج ڪيل اصول ۽ ضابطا جڙي جڪي هئي سندس وڏيڪ بيان هن ريت آهي: هن فوج ۾ هڪ خاص ڳالهه هيءَ ڏسبي ته ان ۾ هڪ پئنچات ناهي ويندي آهي جيڪا هو هڪ ڪمپني. توبخاني جي يونٽ يا سوارن جي دستي مان به ٻه ماڻهو چونڊي جوڙي ويندي آهي. ڏڦيڙ وارين حالتن کان سواءِ انهن ماڻهن کي ڳالهائڻ جو حق به هوندو آهي. توڙي جو اهي فوج ۾ ڪمانڊر هوندا آهن پر پئنچات اندر هڪ ماتحت جيان کين هيٺاهين ڪرڻي پوندي آهي. هن مان ڳالهه هيءَ ظاهر ٿيندي آهي ته انهن کي ڪنهن اڳواڻ جي ضرورت هوندي آهي ۽ سمجهندا آهن ته حڪم ۽ ان جي تابعداري کان سواءِ نه فوج قائم رهي سگهندي نه وري ڪو ملڪ ئي هلي سگهندو. اهوئي ڪارڻ آهي جو هنن جي فوج ۾ اعليٰ اختياريءَ وارو ڪو فوجي عملدار ڪونه هوندو آهي جنهن کي ڪمانڊر-ان- چيف مقرر ڪري سگهن. هتي جي جابلو علائقن جي عورتن جو انگ تمام گهڻو هوندو آهي. تنهن ڪري شهرن جو بازاريون اَن جو واپار سندن هٿ هوندو آهي ۽ فوجي چانوڻين ۾ سامان وغيره به اهي موڪليندي يون آهن. سندن گڏ ڪيل مال ملڪيت کي چڱيءَ نگاه سان ڏٺو ويندو آهي. سکن جي هن منجهيل فوجي نظام ۾ جڻ نظم ضبط به ڏسڻ ۾ ايندو آهي. توڙي جو وڏن فوجي عملدارن جا ماتحت سمجهيا ويندا آهن پر پئنچات جي ناتي سندن هر حڪم اکيون ٻوٽي ايئن مڃيو ويندو آهي جهڙيءَ ريت يورپ جي فوجي اعليٰ عملدارن جي حڪمن جي تعميل ڪئي ويندي آهي. يورپ وارا اهو نظم ۽ ضبط ڏسي حيران ٿي ويندا آهن. پر اهي ڳالهيون انتها خراب آهن جيڪي فوجي کي ناس ڪري ڇڏينديون. ڳوٺن ۾ وري هيءَ رواج آهي جو جنهن ماڻهوءَ وٽ زمين گهٽي هوندي آهي ته اهو ڪم ڪار ڪونه ڪندو آهي ۽ پنهنجي هو ننڍڙي حڪومت قائم ڪري ڇڏيندو آهي. فوج جي نظام به انهن زميندارن جو نقل ڪيو ويندو آهي. پنهنجي ذاتي مفادن واسطي به ريجيمينٽون پاڻ ۾ گڏجي ڪم ڪنديون آهن. هي ڳالهه انهن لاءِ اهڙي جهڙي هوندي آهي جيڪي هندستان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت ٿو کيو هو. هن ٻيو ٻيرو بہ ٻجڻ جا جتن ڪيا. هن پنجاه هزار روپيہ قلعي واريءَ فوج ۾ ورهايا جن ڪيس قلعي کان ٻاهر وڃڻ جي موڪل ڏني. پر ٻاهرئين ڦاٽڪ وٽ خالصہ فوج بيٺل هئي جنهن ڪيس نڪرڻ جي اجازت ڪانہ ڏني. ٻئي ڏينهن صبح جو ڇئن پلٽڻ ۽ توبخاني جي آفيسرن کي حڪم پهتو تہ وزير اعظم کي ميان مير واري ميدان تي وٺي اچن ۽ ان حڪم جي تعميل ڪئي وئي. اهڙو اطلاع ٻڌي قلعي اندر رهيل فوج بہ وزير اعظم جي قتل ٿيڻ وارو تماشو ڏسڻ لاءِ اچي ميان مير واري ميدان تي پهتي. سارو معاملو تيار ٿي چڪو هو. آخري گهڙي اچي پهتي هئي. وزير اعظم ان سزا لاءِ تيار هو.

هن سان. رائي ۽ مهاراجا بہ گڏ هو جنهن جي عمر ان وقت فقط ٻارنهن سال هئي. اهي ٻئي ٻن هاٿين تي سوار هئا. سندن پنيان ايندڙ ٻين ٻن هاٿين تي سندن نوڪر چاڪر اچي رهيا هئا. جواهر سنگهہ پاڻ سان هيرا جواهر ۽ ٻيو خزانو بہ جام کنيو هو. سندس ارادو هو تہ ان خزاني وسيلي هو آخري گهڙيءَ تائين پنهنجي جان بچائڻ جي ڪوشش ڪندو.

ساري فوج پنهنجي عهدن موجب ميدان تي بيٺي هئي. برگيڊون هڪ ٻئي پرسان بيهاريون ويون. فرانس جي فوجي ترتيب جيان ڪين ٽيهڙ ۾ بيهاريو ويو هو. انتظار ڪندي ڪين ڪافي وقت ٿي ويو هو. هنن کي توقع هئي تہ وزير کي منجهند کان پوءِ ميدان تي آندو ويندو.

هن ڏيک بابت هڪ اکين ڏٺي شاهد جو بيان هن ريت آهي. قلعي ۽ ميان مير واري ميدان جي وچ تي چار پلٽڻون ۽ توبخاني جا گهوڙيسوار وزير اعظم کي وٺي اچڻ لاءِ بيهاريا ويا هئا جيڪي هڪ خاموش قافلي سان گڏجي پوئتي موٽيا. ساڍي ٽين وڳي شام جو اهو قافلو ميدان ۾ اچي هڪ پاسي بيٺو. پوءِ طبل ۽ نغارن وڄڻ شروع ڪيو ۽ جنرل وينچورا جي برگيڊ سلامي پيش ڪئي. گهوڙ- جڙها جيڪي عام طور ريگيولر فوج جي پٺيان بيهندا هئا هي ان جي سامهون بيهي رهيا. جيئن اهو قافلو ٿورو اڳتي وڌيو تہ ان سان گڏ ايندڙ پلٽڻون ان جي جوڏاري ڪرو ٻڌي بيهي رهيون ۽ ٻئي پاسي ڪان توبخانو ڦري آيو. وزير اعظم سان گڏ آيل قافلو جڻ مڪمل گهيري ۾ هيو ۽ ٻچڻ جون سندس سڀ واٽون وارجي چڪيون هيون. اهو قافلو سرڪندو اچي وچ تي پهتو. سڀني کان اڳيان وزير ويٺل هو. ان مهل پيادل فوج جون بہ ڪمپنيون اڳتي وڌيون. هڪ ڪمپنيءَ ان هاٿيءَ کي الڳ ڪيو جنهن تي وزير اعظم سوار هو. ٻي ڪمپني ٻين ٽن هاٿين کي چڪي پري ڪري بيهاريو. جن تي ڊنل ۽ هبائل عورتون سوار هيون. جڏهن هنن هاٿين کي ڏار ٿيندي ڏٺو تہ منجهن اچي روڄ ۽ راڙو پيو. ڪين وٺي انهن ٽنبن ۾ وجي وهاريو ويو جيڪي خاص انهن لاءِ اتي هنيا ويا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وزير اعظم واري هاٿيءَ جي مهاوت هاٿي جهلڻ ۽ هيٺ هشائڻ جو حڪم ڪيو ويو. پر وزير ڪيس ايئن نه ڪرڻ جو حڪم ڏنو. انهيءَ تي هڪ سک سپاهي مهاوت جي ڪلهي ۾ گولي هڻين. تنهن کان پوءِ مهاوت هاٿيءَ کي هشايو. هڪ سک پنهنجي چمڪندڙ ڪرپان تان ڏڪ لاهي مٿي هاٿيءَ جي هودي ۾ چڙهي ويو. هن مهاراجا دليپ کي وزير جي گود مان ڪڍي ٻئي سک جي حوالي ڪيو جنهن ڪيس ڪڍي وڃي راڻي کي ڏنو جيڪا هر نندي وڏي کي رڙيون ڪندي ايلاز منٿون ڪري رهي هئي سندس ڀاءُ کي بچايو وڃي.

هن ۾ بيٺل سک فوجي مات بيٺا هئا. هرڪو ماڻهو ساهه سڪايون پنڊ پاهڻ لڳو بيٺو هو. فوجي خالصه جي حڪم هرڪنهن کي وڪڙ ۾ آڻي سوگهو ڪيو هو. هودي ۾ چڙهي بيٺل سک مهاراجا کي الڳ ڪرڻ کان پوءِ وزير جي خدمتگارن کي قتل ڪيو. ان ڪانپوءِ هن فوجي خالصه پنٿ جي ڪيل فيصلي جو وڏي آواز سان اعلان ڪيو ۽ ڪرپان هٿي سندس ڳچيءَ جا ڳچ لاهي ڇڏيا. پوءِ سندس سيني ۾ ڪرپان ڪڙڪائي ڪڍيو ۽ سندس جسم کي ڌڪو ڏئي هٺ ڪيرائي ڇڏيو. جتي فوجون قطارون ٻڌيون بيٺيون هيون.

مسائن جهڙي ماحول ۾ رڙيون ڪوڪون ٻُرڻ لڳيون. سکن جي بيٺل فوج وزير سان گڏجي آيل محافظ دستي مٿان اٿلي پئي. ٻن ماڻهن کان سواءِ منجهائن ڪو وانگي به ڪونه بچيو جن پڇي اچي فيروزپور ۾ انگريز نمائندي سان پنهنجي ڏکن جي ڪهاڻي اوري.

جواهر سنگهه جو وڍيل جسم ساري رات ميدان ۾ تنبوءَ ٻاهران نڌڻڪو پيو رهيو. هي اهو تنبو هو جنهن ۾ اندر راڻي رڙيون ڪوڪارون ڪري هر نندي وڏي کي پنهنجي ڀاءُ بچائڻ لاءِ منٿون ۽ آهون ڪري رهي هئي.

ٻئي ڏينهن ڪيس پنهنجي ڀاءُ جي لاش کي قلعي ڏانهن کڻڻ وڃڻ جي موڪل ملي. ان ڏينهن شام جو سندس مڙهه کي چتا تي چاڙهيو ويو. سندس چار زالون به رنڊيون رڙنديون هن جي ارٿيءَ سان گڏ وڃي باهه ۾ پيون ۽ سڙي رک ٿي ويون. فوجي سپاهي سندس بي عزتي ڪري ڏاڍو خوش ٿي رهيا هئا.

هي قهر ۽ ڪٺورتا جو اهڙو ڏيک هو جنهن جهڙو پيو ٿي ئي ڪونه ٿو سگهي.

جيو وڃي ٿو ته جڏهن وڳوڙ ڪاهجي پيو ته مارجي ويل ۴۲ ماڻهن جو عورتون پنهنجن ورن لاءِ رڙندي رڙندي وڃي چتا واريءَ باهه ۾ ڪڏيون ۽ ٻڪي باه ۾ ٻڪ ٿي ويون. عام طور اهڙين ستين عورتن جي بي انتها عزت ڪئي ويندي آهي پراهي بي مروت فوجي مٿن ٺٺوليون ۽ چٿرون ڪري رهيا هئا. سندن جسمن تان سون به زور سان ڇڪي پٽي لاٿو ويو. هڪ عورت جي سٿڻ جو اڳٿ به ڇڪيو ويو چاڪاڻ ته ان ۾ سون جا ٺپونر ٽاڪيل هئا. جڏهن فوج انهن عورتن مٿان تيل ۾

ٻنل ۽ سڙندڙ ٽٽا اچلائي رهي هئي تہ انهن مان هڪ عورت رڙيون واڪا ڪري ڪين پنيو ۽ ٻاراتا ڏنا هئا تہ فوج ۽ خالصہ هڪ سال اندر تباه ٿي وڃن. اها پنن واري ڪا هڪ عورت ڪانہ هئي پر اهڙيون ڪيتريون رنوڙ زالون هيون جن جي اندر مان اهي آهون نڪري رهيون هيون. هن ڏک ڀري ڪهاڻيءَ جي اجهو اها پڇاڙي آهي. اهو وقت جو وزير اعظم هو. پر جيئن شيڪسپيئر چيو آهي تہ سندس وفات تي ٻن ڳوڙهن ڳاڙڻ وارو بہ ڪونہ هو. ٽن مهينن جي ٿوري عرصي ۾ پنجاب جي هيءَ فوج ستلج اڪري موت کي للڪاريو هو.

باب ستون

# سکن جو ستلج پار اکرڻ

ستلج جي برطانيہ سرڪار واري ڪناري تي موجود حالتون
سرحد تي برطانيہ سرڪار جي فوج
سکن جو ستلج اکرڻ
برطانيہ سرڪار جي فوج جو جنگي فقشو
١٨٤٥ع واري برطانيہ سرڪار جي هندستاني فوج
مريدڪي ڏانهن پيش قدمي
مريدڪي جي جنگ.

## ستلج جي برطانيہ سرڪاري واري ڪناري تي موجود حالتون

اهو ڪٿي سمجهايو ويو آهي تہ ستلج پار ڪي سک علائقا بہ هئا جتي سک حڪمران پنهنجي فوج رکي ڪانہ سگهندا هئا. افغان جنگ دوران لاهور حڪمت سان انگريز سرڪار جي لهہ وچڙ لڌيانہ ۽ فيروزپور وسيلي ٿيندي هئي. سک معاملا نبيرڻ وارو انگريزي نمائندو بہ لڌيانہ ۾ ويهي پنهنجو فرض سرانجام ڪندو هو. پوئين دور ۾ اهو فيروزپور ۾ اچي رهيو هو جيڪو لڌيانہ بنسبت لاهور کي ويجهو هو. انگريزي نمائندن مان ڪيترا اهڙا مشهور معروف ماڻهو بہ ٿي گذريا آهن جن انگريز- سک تعلقاتن کي دوستائي نموني نڀاهڻ ۾ پان ملهايو

افغان جنگ کان اڳ ۽ ان دوران مسٽر ويڊ اهڙو انگريز نمائندو هو جنهن جي صلاح مشوري کي راجا رنجيت سنگهه تمام گهڻي اهميت ڏيندو هو. سندس وفات کان پوءِ پڻ حڪمرانن ۾ انتظاميه مسٽر ويڊ کي پنجاب دشمن سمجهيو هو. هن جي بدلي ٿي وڃڻ کان پوءِ مسٽر ڪلرڪ کي سندس جاءِ تي موڪليو ويو. نئون نمائندو سکن جي سياءَ کان گهڻو واقف هو. ۽ ڪيس اها پليءِ پٽ چاڻ هئي ته اهي ڇا ٿا چاهين. هن کي جڏهن اتر-اولهه وارن علائقن جو ليفٽيننٽ گورنر مقررڪري اگري موڪليو ويو ته ٿوري وقت لاءِ ڪرنل رچمنڊ کي روانو ڪيو ويو هو. بعد ۾ لارڊ ايلنبرو هن فرض کي سرانجام ڪرڻ لاءِ جلال آباد جي محافظ ميجر براڊ فورڊ کي موڪليو. پنجاب جي وڳوڙي وايو منڊل دوران هي ميجر پنهنجا فرض نهايت خوش اسلوبيءَ سان نڀاهيا هئا. هن گورنر جنرل ۽ وزارت خارجه جي سيڪريٽريءَ کي نهايت خبردار رهڻ لاءِ لڳاتاري خط لکندو رهندو هو. هي کين سدائين اهڙي ڄاڻ ڏيندو رهندو هو ته پنجاب جي فوج مٿن ضرور حملو ڪندي. پٽنو ناهي ته اها پنهنجي ڏرتي بچائڻ خاطر ائين ڪري رهي آهي يا جواهر سنگهه خلاف جيڪي هٿن الزام هنيا هئا ۽ پنهنجي فوجين کي انگريزن خلاف اڀاريو هو. ٿي سگهي ٿو ته اهو حملو پڙڪائڻ جو نتيجو هجي ۽ اهو حملو ڪري پنهنجي ناهليت کي ڍڪيندا هجن. هتي اهو به معلوم ٿيندو ته سک فوجي کي اهڙي نقطئه نظر کان واقف ڪيو ويو هو ۽ ان نهايت ڪاميابيءَ سان حملو به ڪيو پر پوءِ ڄڻ پنهنجي اڏيل کوڙڪيءَ ۾ پاڻ تي ڦاسي پئي. پر جيڪڏهن انگريزن طرفان اهڙيءَ کوڙڪي اڏڻ جي تياري هجي ها ته حالتون ڪجهه ٻيون هجن ها.

ڪيٽرن سڀن ڪري عام سک ۽ فوجي سمجهندا هئا ته انگريز پنجاب تي حملي ڪرڻ واسطي تيارين ۾ آهن. پر سندن حڪمرانن جي اها سوچ ڪانه هئي. ليڪن جيڪڏهن هو اڳرائي ڪرڻ جي غلطي ڪندا ته کين ڪنڊا ڪڍڻا ضرور پوندا. سک فوج ۾ اها ڳالهه نه هوندي هئي ته جيڪو حڪمران انگريزن سان ويجهڙائي رکندو هو تنهن سان ان جي پوندي ٿي ڪانه هئي. اهڙو ذڪر مٿي ڪٿي نه اچي چڪو آهي. پنجاب ۾ سياسي ڦيٿاڙو اسري چڪو هو ۽ وڳوڙي وايو منڊل هو. انگريزن حالتن کي ڏسي فوج جو انگ وڌائي ڇڏيو هو. هن نقطئه نظر کان هو بلڪل صحيح به هئا. پئي پاسي اها به حقيقت هئي ته اڳوات ئي فوجن ۾ اضافو ڪرڻ، جنگي پيڙيون اڏائڻ يا جنگ سان لاڳاپيل ٻيو سامان گڏ ڪرڻ، خراب صورتحال کي وڌيڪ سنگين بنائڻ جي برابر هو.

جنگ جون ڪجهه ڳوهه ۾ تياريون ڪرڻ عام ماڻهن کان ڍڪيل ڇپيل هيون ۽ اهي اهڙيون ڳالهيون هيون جيڪي فوج جي ناتي سدائين ڪيون نيون وينديون هيون. سنه ۱۸۰۹ع نئپولين جو هندستان تي حملي جو خوف ٽري ويو ته

هندستان ۾ باربرداري ۾ جنگي رسد پهچائڻ جو نظام اڃا به اهوئي پراڻو آهي ۽ ان جي سست رفتاريءَ جا ڪارڻ به مٿي ڪاٽي پڌايا ويا آهن. هن باربرداري واري نظام ۾ ٻي اوڻائي اها به هئي ته جيڪڏهن ڪنهن علائقي ۾ فوجي آمدرفت ۽ باربرداري لاءِ بندوبست ڪيو به هو ته اها خبر هنڌين ماڳين پهچي ويندي هئي ۽ فوجي تيارين جو راز ڪنهن کان به ڳجهو رهي ڪونه سگهندو هو.

سيپٽمبر ١٨٤٥ع ۾ پنجاب وارن پنهنجو وزير اعظم ڪُهي ڇڏيو هو جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. ساري ملڪ تي فوج قبضو ڪري ورتو هو. نئين وزير کي فوجن جو سختي سان حڪم هو ته انگريزن جي نمائندي سان جيڪي به ڳالهيون يا لکپڙهه ڪئي وڃي سا اسان جي صلاح مشوري ۽ حڪم کان سواءِ نه ڪئي وڃي ۽ اها ڪانئن اڳواٽ منظور ڪرائي وڃي.

جيئو ويندو آهي ته جنهن وقت کان وٺي پنجاب وارن پنهنجي وزير اعظم جواهر سنگهه کي ڪٺو تنهن وقت کان وٺي منيجر فراڊ فوٽ جي اندر ۾ اڳرائي گهر ڪري وئي هئي. هن کي پنجاب وارن جي سياءُ جي پليءَ پٽ پروڙ هئي. افغان جنگ دوران جڏهن فوجون پنجاب مان لنگهي رهيو هيون ته هن کي پنجاب خلاف سخت قدم کڻڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو هو. افغانستان ۾ انگريزن جي شڪست کان پوءِ پنجاب وارن جو ساڻن رويو ئي تبديلي ٿي ويو هو ۽ انگريزن سان آڪڙ ۽ تند سان ڳالهائيندا هئا. سندس فوج ۽ انهن جي ڪماندرن جي هلت چلت ۾ به وڏو فرق اچي ويو هو. جڏهن افغانستان پلاند وڻڻ واري فوج جڏهن خيبر لڪ مان لنگهي رهي هئي ته پنجاب فوج جو اتڻ وهڻ به الائي ڪيئن ٿي ويو هو. پنجابين جي مٿي ۾ جيڪو واءُ پرجي ويو ۽ تند ۽ تيلي کان سندن زمين تي پير ئي ڪونه ٽي ڪنو ته ميجر براڊ فوٽ جي جڻ ڪيڙن کي باه لڳي ٿي وئي ۽ اهو سندس هڪ فطري عمل هو. تنهن هوندي به ڪيس اها خبر هئي ته جيڪڏهن ڪوشش ڪري جنگ کان لنوائي سگهجي ٿو ته پوءِ هرويرو سڏي جنگ کي پنهنجي ڳچيءَ ۾ ڇو وجهجي؟ خاص طور تي جڏهن لاهور ۾ امن امان ۽ صلح سانت آهي ته پوءِ ڪکر ۾ ڪڙو اڇلائڻ عقلمندي ڪانه ٿيندي.

انگريزن واري پاسي کان به پنجاب جي وِگوڙي واري منڊل مطابق ڪن ڪڙا هئا ۽ پنجاب جي اڳرائي خلاف جڻ اوڪڙو وينا هئا. ان وقت پنجاب جو وزيراعظم لال سنگهه هو. جنهن کي پنهنجي منهن ڪان مک اڏائڻ جا به اختيار ڪونه هئا. تيج سنگهه راجائي سنگهاسڻ تي وينل هو. سندس سيئي عضوا ٻنڌن تي هئا ۽ اهي ٻنڌ سڀ فوج جي ڪنٽرول روم ۾ رکيل هئا. سپهه سالارن کي به ڪي اختيار ڪونه هئا. ڪن فيڪون فوجي پنچائت وٽ هئي. هر چيز ان جي اک جي اشاري سان نهندي ۽ ڊهندي هئي.

هارڊنج ۽ سر هيوگوف جي حڪمن موجب هلڻ واريون هيون. فوج جو مکيه حصو انبالا جي ڇانوڻيءَ ۾ ترسيل هو جيڪو سرحدي شهر لڌيانه کان اسي ميلن جي پنڌ تي ۽ فيروزپور کان ١٦٠ ميلن جي وڏيءَ وٿيءَ تي هو. ڊسمبر جي شروعات تائين امڪاني حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ پيش قدمي ڪرڻ جو ڪوبه ارادو ڪونه هو. توڙي جو ان وقت ميرٺ مان ٩- لانسر ڏڦير فوج رواني به ٿي چڪي هئي ۽ فوج جي ٢/٣ حصي جي نقل حرڪت واسطي بار برداري ۽ رسد جي پهچ لاءِ جوڳو بندوبست به ڪيو ويو هو. هن جو مطلب اهو هرگز سمجهڻ نه کپي ته جنگي تيارين واسطي اهو پورو ۽ مڪمل بندوبست هو.

ميرٺ جي ڇانوڻيءَ ۾ موجود لشڪر کان سواءِ، لڌيانه، فيروزپور، سملا واري ڄابلو علائقي ۾ انبالا ۾ ڪل هيءَ فوج هئي.

**توبخانو**

| | | |
|---|---|---|
| هارس آرٽيلري | - | ٧ ٽرپس |
| فوٽ آرٽيلري | - | ٦ ڪمپنيون |
| هلڪو توبخانو | - | ۴ ڪمپنيون |

**گهوڙيسوار**

| | | |
|---|---|---|
| برٽش ڪيولري | - | ٢ ريجيمينٽون |
| ڏيهي نيم مسلح گهوڙيسوار | - | ٣ ريجيمنيٽون |
| اريگيولر ڪيولري | - | ٢ ريجيمينٽون |

**انفنٽري (پيادل)**

| | | |
|---|---|---|
| يورپي ماڻهن تي مشتمل | - | ۵ بٽالنون |
| هندستاني ماڻهن جون | - | ١٣ بٽالنون |

ساريءَ فوج کي ٽن گهوڙيسوار برگيڊن ۽ ڇئن پيادل جي حصن ۾ ورهايو ويو هو. پيادل فوج جون فقط به برگيڊون هيون ۽ اصول مطابق هر برگيڊ ۾ ٽي ريجيميٽون يا بٽالنون هيون. فوج جي اها ترتيب ٽيستائين عمل ۾ ڪانه آئي جستائين جنگ جي نقشي، برگيڊيئرن ۽ عملي جي مقرريءَ بابت ڪو اعلان نه ٿيو. جڏهن فوج جي پهرين چرپر ٿي ته ان وقت گورنر جنرل پڏتر ۾ هو ته پيش قدمي ڪندڙ فوج، پنجاب تي حملي ڪرڻ جي خوشيءَ ۾ پنهنجي جذبن جو کليو اظهار ڪري يا نه ڪري. ٽن ڏينهين هندستان ۾ ريل اڃا شروع ڪانه ٿي هئي. تنهن

ڪري جنگ ۾ فوج جي هر حصي جو هڪ جائتو هڻ ۽ هڪ جائتو وڙهڻ جڻ تہ مشڪل هو. هتي ڳالهين کي نظر ۾ رکي فوج جي ورهاست ڪئي وئي هئي جيڪا دلچسپيءَ کان خالي ڪانہ آهي. فيروزپور بہ لڌيانہ ۾ رهندڙ فوج کي اڳئي برگيڊن ۾ ورهايو ويو هو.

**فيروزپور ۾ جنرل لٽلر جي ماتحت:-**

هارس آرٽيلري - ٢ ٽرپس
هلڪو توبخانہ - ٢ ٽرپس
ڏيهي گهوڙيسوار - ٢ ريجيمينٽون
يورپي پيادل - هڪ ريجيمينٽ بہ برگيڊ گٽريسن
ڏيهي پيادل - ٧ ريجيمينٽون- بہ بٽالين گٽريسن

**لڌيانہ ۾ برگيڊيئر ويلر هيٺ ٥٠٠٠ فوج**

هارس آرٽيلري - ٢ ٽرپس
يورپي - هڪ بٽالين
ڏيهي - ٥ بٽالين
اريگيولر ڪيولري - هڪ ريجيمينٽ

**امبالا ۾ ميجر جنرل والٽر گلبرٽ جي هيٺ**

هارس آرٽيري - ٢ ٽرپس
يورپين ڪيلوري - هڪ ريجيمينٽ
ڏيهي ڪيوري - ٥ ريجيمينٽون
يورپي - ٣ بٽالنون
ڏيهي - ٥ بٽالنون.

**سملا واريءَ جابلو ڇانوڻي ۾ رهندڙ فوج**

يورپي - ٢ بٽالنون
گورکا - هڪ بٽالين

**ميرٺ ۾ رهندڙ فوج**

هارس آٽيري - ٢ ٽرپس
يورپين ڪيلوري - ٢ ريجيمينٽون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قطارون ايئن نظر اچي رهيو هيون جڻ پنجاب جي فوج جا ڳچ ڳاري رکنديون ۽ ان لشڪر وچان جنرل پنهنجي فوجي وردي ۾ ڏاڍي شان سان گذرندو اڳتي لنگهي ويو.

## جنگ جو نقشو

پيش قدميءَ جي ترتيب جو، جنگ جي نقشي تي گهڻو اثر دخل هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ کان ٻاهر نڪرڻ کان گهڻا ڏينهن پوءِ به پيش قدمي فوجي اصولن مطابق شڪل اختيار ڪري ڪانه سگهي هئي. فوج جي ورهاست هن ريت هئي:-

### گهوڙيسوار ڊويزن

۱- برگيڊ- برگيڊئر هئريٽ
۳- اريگيولر
۸- نيم مسلح گهوڙيسوار ( فيروزپور)
۲- برگيڊ- برگيڊيئر گوف
۵- نيم مسلح محافظ دستو
۳- برگيڊ- برگيبيئر وائيٽ
۳- لائيٽ ڊنرنگ
۴- نيم مسلح گهوڙيسوار
۱- ڊويزن
ميجر جنرل سر هئري سمٿ - ۳۱- فوٽ
۱۸- برگيڊ- برگيڊيئر هڪس ۲۴- نئو انفنٽري
۴۷- = =
۲۰- برگيڊ- برگيڊيئر ريان- ۵۰- فوٽ
۴۲- نيٽو انفنٽري
۴۰- نيٽو انفنٽري

۲- ڊويزن- ميجر جنرل سر ڊبليو. گلبرٽ- ۲۹- فوٽ
۱- برگيڊ برگيڊيئر ٽائيلر ۵۰- فوٽ
۴۱- نئو انفنٽري

گهٽو نہ. ڪنهن زماني ۾ فيروزپور جي اوسي پاسي سک فوج ۽ پيرا انگريزي لشڪر سان گڏ جنگي مشقون ڪيون هيون پر نظر ائين پئي آيو تہ هو ايترو ويڙهاڪ ڪونہ آهن جيتري هو لباڙ ٿا هڻن. پنجاب فوج ۾ پئنچات وارو طريقو ڏاڍو منجهيل آهي. جنهن، هنن جي نفسيات کي بہ منجهائي ڇڏيو آهي. عام مائهوءَ جي سمجهہ کان بہ مٿي آهي. رستي جي ڌوڙ اڏامڻ ڪري فوج جي پيش قدمي ڏاڍي ڏکي ٿي پئي هئي. تن ڏينهين هندستان ۾ سفر جوڳا رستا موجود ئي ڪونہ هئا. پين جي پيٽ ۾ پنجاب جي زمين وڏيڪ لٽاشي آهي. پر جڏهن اٺان پيادل، گهوڙيسوار ۽ توبون هلڻ لڳيون تہ ڌوڙ جا ڪڪر اڏامڻ لڳا هئا.

هندستاني فوج جي چرپر لاءِ باربرداري ۽ آمدرفت جو وسيلو وڏيک ڏکيو هو ۽ اهڙو ذڪر لارڊ ايلينرو، ڊيوڪ ويلنگٽن سان بہ ڪيو هو. جڏهن جڏهن انگريز فوج پيش قدميءَ جو حڪم ملندو هو تہ سفر ڪرڻ کان پيا لنوائيندا هئا. فوجي ميس ۽ ٻيا ڪيترا عملدار پنهنجي خرچ تي گاڏيون ڀاڙي ڪندا هئا ۽ پنهنجي پسند مطابق سهوليت واري هر ڇيز سانڍ ڪندا هئا. مغل دور ۾فوجي چرپر وقت سندن سامان ۽ رسد جي ڍوئڻ واسطي تمام گهڻا ماڻهو لشڪر جي ڪڍ لڳي پوندا هئا. اهڙو رواج اڃا تائين هلندو اچي. ڪابل واري محاذ تي انگريز فوج سان بہ تمام گهڻا اهڙا ماڻهو گڏ هئا جن جو جاني نقصان بہ تمام گهڻو ٿيو هو. هاڻي بہ جڏهن انگريز فوج پنجاب تي ڪاهڻ جي ارادي سان پيش قدمي شروع ڪئي، ماڻهن جون ڪدرڪون ڪڍ لڳي پيون. هن جو ڪارڻ شايد اهو آهي تہ هتي هيٺين طبقي جو ماڻهو بي روزگار گهڻو آهي ۽ عام مائهوءَ لاءِ غير فوجي ڌنڌي جا موقعا ڪونہ آهن. عام طور تي فوج جڏهن بہ ڪيڏانهن رواني ٿيندي هئي تہ ان فوج ۾ سپ ماڻهو ويڙهاڪ سپاهي هوندا هئا. منجهائن ڪو رانڌو، گاڏر، بيمارن جي ٽهل ٽڪور وارو ۽ اسٽريچر بيئرر ڪونہ هوندو هو. اهڙا ڏاڍا عام ماڻهو ڪندا هئا جيڪي فوج جي چرپر سان ئي سندن ڪڍ لڳي پوندا هئا. اڳئين دور جا سپاهي ۽ سردار هنن ماڻهن جي موجودگيءَ ڪري پاڻ کي ڪجهہ مٿيرو سمجهندا هئا. آئرلئنڊ جا نواب بہ بنگال آرٽيلري ۾ ملازم هئا جيڪي امن امان جي وقت بہ پنهنجي گهوڙن تي هنو بہ ڪونہ رکندا هئا. گهوڙن جا سئس گهوڙن کي سنجي ناهي اچي سندن آڏو جهليندا هئا جيڪي بئرڪ جي ورانڊ مان ڪنهن شي جي آڌار تي ٽپ ڏئي سوار ٿيندا هئا. گهوڙن جي ٻڌي ڇوڙي بہ هنن بدران ڪو ٻيو ماڻهو ڪندو هو. سندن مقابلو انهن مشرقي فوجن سان هو جيڪي ڪائئن نفرت ڪندا هئا. ٿوري وقت کان پوءِ ڪين اهو پتو بہ پوڻو هو هو بہ گهوڙن تي سوار ٿي ڏڦن سان مٿن زوراٽتو حملو ڪندا. هيءَ فوج پنهنجي پاڻ کان بي خبر پنجاب جي نهايت سگهاري ۽ ويڙهاڪ فوج جي مقابلي لاءِ وڃي رهي جنهن جهڙي ساري هندستان ۾

# مُريدڪيءَ ڏانھن پيش قدمي

پنجاب فوجي پيش قدميءَ بابت پڪيون خبرون پھچي رھيون. ھن فوج ۾ ھڪ سو توبون ۽ پنجاھ ھزار لشڪر ھو جنھن مان ٽيھہ ھزار ريگيولر فوج ھئي. اھو بہ ٻڌڻ ۾ آيو تہ ان ١١- ڊسمبر تي ستلج پار ڪيو ھو ۽ فيروزپور کان ڏھہ ميل مٿان ھري-ڪي-پتڻ وٽان درياھ اڪريو ھو. جنرل لٽلر بہ پنھنجي فوج وٺي ان جي سامھون ٽين لاءِ اڳتي وڌيو. سڪ پٺنچات، تيج سنگھہ کي فوج جو ڪمانڊر-ان-چيف مقرر ڪيو ھو ۽ اھو بہ پنھنجي لشڪر کي وٺي لڌيانہ ڏانھن وڌي رھيو ھو. ڪيس خبر ھئي تہ انگريزي فوج بہ ان ماڳ ڏانھن پيش قدمي ڪري رھي آھي. ڪننگھام بہ پنھنجي پر ۾ خوش ھو تہ ھو پنجاب فوج جو ستياناس ڪري پوءِ ساھ پٽيندو. تنھن ڪري ھن فيروزپور ۾ رھندڙ فوج ڏانھن ڪو ڌيان ئي ڪونہ ڏنو. ھينري لارينس جي معلومات نھايت سچيءَ ڪري ھوندي ھئي ۽ سچ ڄاڻڻ جو ڪيس وجھہ بہ ملي ويندو ھو. ھن پڪ سان چيو ھو تہ جنگ ۾ ڪنھن غداري جو ڪو امڪان ئي ڪونہ آھي.

بھر صورت تيج سنگھہ سان پنجاب جي ھڪ نھايت سگھاري فوج ھئي ۽ جنرل لٽلر جي فوج جي ڇُرڪ جي ڏس پٽي لاءِ جاڪوڙ ۾لڳو پيو ھو. ھن پنھنجي فوج جو وڏو حصو فيروزپور شھر يا فيروزشاھ نالي ھڪ ڳوٺ ڏانھن موڪلي ڇڏيو ھو. درحقيقت ھن ڳوٺ جو نالو فيرروز شھر يا فيروزشاھ ھو (۴) ۽ پاڻ جنرل لٽلر جي سامھون منزل ڪري ويھي رھيو.

فيروزپور ڏانھن انگريزي فوج لڌيانہ رستي اڳتي وڌي ھئي جتان ستلج کي اوپر پاسي ھڪ وڏو وڪڙ ھو. ھتي برگيڊيئر ريان جي برگيڊ اچي سر ھينري سمٿ جي ڊويزن ۽ ٧٣- نِنوِ انفنٽري سان ملي ھئي. ان وقت ھو، مئڪ ڪاسڪل، برگيڊئر ويلر کان الڳ ٿي چڪو ھو جيڪو پنھنجي دور جو ھڪ بھادر ويڙھاڪ ھو ۽ لڌيانہ واري ھڪ خطرناڪ جڳھہ تي مقرر ڪيو ويو ھو ۽ ڪيس رڳو بہ پلٽڻون ڏنيون ويو ھيون. اھا فوج ھاٿي پاسين واري لتاشيءَ زمين مان ڌوڙ اڏائيندي اڳتي وڃي رھي ھئي. ھن علائقي مان فوج جي رسد جو گھٽو ڪجھہ بندوبست ڪيو ھو پوءِ ڳھندو ھڄندو ١٨ ڊسمبر تي پوپاڙيءَ جو اچي مريدڪي نالي ھڪ ڳوٺ پرسان فوجي وانڍ ھنئي ھئي. ھيءَ ماڳ امبالا کان ١٥٠ميل پري ھو ۽ ويھہ ميل منزل ھٽي اچي ھتي پھتو ھو انگريزي فوج پنھنجي توبن جي اوسي پاسي ڄانھہ پاٽي

باب انون

# فيروز شهر واري جنگ

فيروز شهر جي جنگ جي شروعات
جنگ ۾ ”آڌي مات واري چانوٽي“
صبح واري زبردست فتح
انگريزي فوج جي ستلج ڏانهن پيش قدمي
سکن ۾ قوت

## فيروز شهر جي جنگ جي شروعات

انگريز فوج کي يقين ٿي ويو هو تہ سکن جي مکيہ فوج فيروز شهر جي اوسي پاسي موجود آهي. (تنهن زماني ۾ فيروزپور کي انهيءَ نالي سان سڏيو ويندو هو) ۽ اڌ گول جي شکل ۾ مورچہ بندي ڪيو ويٺي هئي. سرهيو گوف فيصلو ڪيو تہ لٽلر کي گهرايو وڃي. اهو مقصد رکي ٻئي فوجون فيروزپور ڏانهن ويندڙ رستي جي اولهہ پاسي اچي مليون. تيج سنگهہ جي فوج سامهون لٽلر جي فوج منزل ڪيون ويٺي هئي. سندس مرضي هئي تہ ان جو پاسو ڪري ۽ ٢١- تاريخ تي صبح جو دشمن فوج جي مورچن تي وڃي حملو ڪري. سر هينري هارڊنج، سر هيوگوف جي سيڪنڊ-ان- ڪمانڊ جا اختيار سنڀاليا. جنگ جي حالتن ۾ اهڙيءَ صورتحال جو پيدا ٿيڻ هڪ عام ڳالهہ هوندي آهي جنهن ۾ گورنر جنرل کي ڪمانڊر-ان- چيف جي حڪمن کي رد ڪرڻ جو اختيار بہ هوندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوج جي هر ڪمانڊر لاءِ هن قسم جي صورتحال ڏاڍي منجهيل هوندي آهي ۽ ان جو نتيجو بہ سيني جي آڏو هو. پوري ٣-١ شام جو فيروزپور کان انگريز فوج ظاهر ٿي. ڏير واسطي قانوني پڇا ڳاڇا کان پوءِ لشڪر جي صفبندي شروع ڪئي وئي ۽ جنگي حڪمن جي جاري ٿيڻ کان پوءِ مس ٤- وڳي ڌاري اهڙي صفبندي تڪميل تي پهتي.

لٽلر واري فوج تي ڪجهہ اضطرابي ڪيفيت ڇانيل هئي. ان جو ڪارڻ هو تہ پنجاب فوج ستلج پار ڪري مٿن حملي لاءِ اڳتي وڌي رهي هئي. اها فوج صبح جو پنج توبون ڇوڙي پيش قدميءَ جو اعلان ڪندي هئي ۽ توبن جي ڌڪائڻ مان پتو پوندو هو تہ هو سنڌن ويجهو اچي رهي هئي. ڪين مريدڪي جي خبر بہ هڪ سڪ گهوڙيسوار وسيلي پئي هئي جنهن کي ٣- ڊرئگون جهلي ورتو هو. هن کين ٻڌايو تہ سخت جنگ کان پوءِ پنجاب فوج ۾ ڀاڄ پئي جيڪا پنهنجون توبون ۽ ميدان ۾ ڇڏي آئي هئي.

انگريز فوج پنجاب لشڪر جي اولهہ ۽ ڏکڻ پاسي کان ورچ بندي ڪري ويهي رهي هئي. گلبرٽ جي ڊويزن ساڄي پاسي هئي. ان کان پوءِ ٣- ڊويزن جي برگيڊ ويهاري وئي جنهن جي مهنداري برگيڊيئر والس ڪري رهيو هو. کاٻي پاسي لٽلر جي فوج بيٺل هئي ۽ ان جي کاٻي پاسي ڪيولري برگيڊ کي مقرر ڪيو ويو هو. برگيڊيئر وائيٽ جي ڪيولري برگيڊ صفبنديءَ جي ساڄي پاسي هئي. لٽلر ۽ والس جي فوجن جي وچ تي برگيڊئر گوف جي فوج متعين هئي. اهو ڏينهن ٢٢ ڊسمبر ۽ پوياڙيءَ جا چار وڳا هئا. هٿر سمت جي ١- ڊويزن کي محفوظ فوج طور پاسي تي ويهاريو ويو هو. ان وقت جنرل اهو اعلان ڪيو تہ ڪنهن بہ ڊويزن جي ڪمانڊر کي هدايتون ڪونہ ڏنيون ويون آهن. پنجاب فوج ڪٿي آهي ۽ ان جو جنگي نقشو ڪهڙو آهي. تنهن جو پورو پتو ڪونہ پيو هو. پر جيئن ئي صفبندي پوري ٿي تہ پنجاب فوج طرفان ڳرين توبن جا منهن کلي ويا. توبخاني وارا گهوڙا توبن کي صحيح جاءِ تي ويهارڻ لاءِ هيڏي هوڏي ڊوڙڻ لڳا. ان کانپوءِ هنن بہ ڀيرا جايون بدلايون انهيءَ لاءِ تہ جيئن دشمن جي ڳرين توبن کي پنهنجي توبن جي مار ۾ آڻي سگهجي. لٽلر واري فوج جي برگيڊ قطار جوڙي ساڄي طرف وڌڻ لڳي ۽ ان جي اڳواٽي ٦٢- فوٽ ڪري رهي هئي ۽ اٽڪل ١٥٠ گزن تي ويجهو پهچي دشمن جي مورچن تي حملي جي ڪوشش ڪئي پر جڏهن پنجاب فوج جي بندوقبازن ۽ توبن فائر ڪيا تہ کين واپس موٽڻو پيو هو. ٦٢- فوٽ اڪيلي سر پيش قدمي ڪئي هئي. ٻيا فوجي ساٿي ساڻن گڏ ڪونہ هئا. جيڪڏهن دوست فوجين طرفان کين ڪا واهر ملي ها تہ پنجاب جي فوجي مورچن تائين پهچڻ ۾ سوڀارا ضرور ٿين ها. جيڪڏهن اهي واهر ڪن بہ ها تہ ڏير سان ڪن ها. ڇاڪاڻ تہ ٦٢- فوٽ وارو حملو نهايت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِبهرائيءَ سان ڪيو ويو هو. ٽلر جي هيءَ هڪ ننڍڙي ڪوشش ۽ ناڪاميءَ سبب سندس دل ڀڄي پئي هئي ۽ غلطي بہ سندس پنهنجي هئي. ٦٢– فوٽ هن ٿوري عرصي ۾ پنهنجا ١٧ فوجي عملدار ۽ ١٨٨ جوان مارائي وڌا هئا ۽ بعد ۾ ڪين پوئتي هٽڻ جو حڪم مليو هو. هن ڊويزن ٣٣ ريجيمنٽ ڪان سواءِ جهيڙي ۾ ڪو حصو ڪونہ ورتو. ان ڪي بہ ٻڻ ٻنتي هٽڻ جا حڪم ملي چڪا هئا. ٻنهنجي ٻر ۾ گلبرٽ ۽ والس جون ڊويزنون نڪا نوڪي ڪي لڳيون ٻيون هيون. ٻئي پاسي ٻنجاب– فوج ۾ فتح جي نعرن جي گونج هئي جيڪا انگريزي فوج تائين ڇتي پئي ٻڌي. انهن نعرن جو گلبرٽ تي ڪو اثر ڪونہ ٿيو هو نہ وري سندس ٻيش قدميءَ جي رفتار ۾ گهٽتائي آئي هئي. هو دشمن جي مورچہ بندي ڏانهن وڌي رهيو هو جيڪا فيروز شهر ٻرسان قائم ڪئي وئي هئي. ٻنلر جي برگيڊ ۾ ٢٩– فوٽ ۽ ٨٠ فوٽ موجود هيون جيڪي برگيڊ جون اڳوائي ڪري رهيون هيون. هن سڄي حملي جي سپهہ سالاري ڪماندر– ان– چيف جي هٿ ۾ هئي ۽ گورنر جنرل ڪابي پاسي کي سنڀالي رهيو هو. انهيءَ ٻويان مٺڪ لارن جي برگيڊ هئي جيڪا ٣١– فوٽ جي اڳوائيءَ ۾ اڳتي وڌي رهي هئي. ٻنهي ڊويزنن جي وچ تي والس جي ڊويزن هئي جيڪا ٻڻ ٩– فوٽ جي اڳوائيءَ ۾ ٻيش قدمي ڪري رهي هئي. اهڙيءَ ريت انگريز فوج ٻيش فوجي ڪندي وڃي ٻنجاب فوج جي مورچہ بندي ويجهو پهتي هئي ۽ دشمن ڏر بہ ماٺ ڪيو ڪانہ ويٺي هئي. سندن توبون دوزخ جا آلا اوڳاڇي رهيون هيون. گولا وسائي ڇڻ وچ تي هڪ سرحد بنائي ڇڏي هئي جنهن کي پار ڪرڻ ڏاڍو مشڪل هو. سخت حملي ۾ ڪيترين انگريزي توبون بہ بيڪار ٿي ويون هيون. هڪ ٻئي تي ڇتا حملا هلي رهيا هئا. ڏيهي ٻلٽيٺون اهڙن سخت حملن جو تاب نہ سهي پوئتي هٽي ويون هيون ۽ يورپي فوجين هلڪو سلڪو ساٿ ڏئي رهيون هيون ان ڪري هنن ۾ ڪيترين گهاريون ٻئجي ويون هيون ۽ انگريزي فوج ۾ هڪ قسم جو مونجهارو ڇائنجي ويو هو. جيڪا مرندي ماريندي هٽندي هڪليندي اڳتي وڌي هئي ۽ نيٺ وڃي ٻنجاب فوج جي هڪ حصي وٽ پهتي. ٻنجاب فوج وٽان بندوقن جي ٺڪاون ۽ توبن جي ڌماڪن ڪان سواءِ بي ڪابہ شي ڪانہ ٿي ڏني. جنگ جو سارو ڏيک مَڌيءَ ولوڙو بڻجي ويو هو. ٻنجاب فوج جي زبردست گولا باريءَ ڪري انگريزي فوج جو قلب لڏي ويو هو. ان وقت اوچتو سر هئري سمٿ واري محفوظ برگيڊ اچي ڳارو ڏنو. سائس والس واري برگيڊ ڪلهو ڪلهي سان ملائي اڳتي وڌڻ لڳي هئي. آڏو توبن جون گجڪارون ۽ بندوقن جا واڪاها رت جي هوليءَ ۽ لاشن جا ڍير هئا ٻوءِ بہ اهي ٻئي برگيڊون سينا تاڻيون ڳاٽ اوچا ڪيون اڳتي وڌي رهيون هيون ۽ وڃي فيروز شهر ۾ ڪاهي ٻيون ۽ دشمن کي سنگينن سان ڪٽي ڏنو جتي ڳچين جي ڳچن ۽ ڪلهن جي ڪورڻ جو حساب نڳو ٻيو هو جتي موت ماٺ هو- سنگينون

# صبح واري زبردست فتح

هٿري سمت ڏنو تہ هيڊ ڪوارٽر واري عملي جو هڪ فوجي عملدار چريو ٿي پيو هو. هن سمت کي فيروزپور ۾ داخل ٿيڻ جو حڪم ڏنو. جيڪو بہ عملدار ڪيس اک تي چڙهيو ٿي تنهن کي فيروزپور تي حملي جو حڪم ٿي ڏنائين. سمت ڪمانڊر- ان- چيف جي شخصي حڪم ملڻ کان سواءِ ميدان ڇڏڻ کان انڪار ڪيو. هن پنهنجي فوج جي صفبندي ڪري لٽلر جي ڊِگل ۽ هپاٽل لشڪر مان نڪري جنرل گوف جي مورچہ بنديءَ ۾ بيٺل فوج مان اڪري اِڳتي وڌي ويو. هن ڪاروائي ۾ هڪ فوجي عملدار سندس رهنمائي ڪئي هئي. رات جي وِڳڙي ۾ فيروزپور مان ڪيترين توبن اچي جنگ ۾ حصو ورتو هو. باک ڦٽيءَ کان ٿورو پوءِ سيءَ ۾ سيڪاٽيل ۽ بک ۾ باه ٿيل فوج خاص طور تي يورپي، نيٺن ڏپ ۽ ڏيل سان جنگ ۾ جنبي ويا. هندستاني فوجي بہ ساڻن شامل ٿي ويا ۽ هڪ ڀيرو وري پنجاب- فوج جي مورچہ بندي ڏانهن وڌڻ لڳا هئا. انگريزي فوج جا اعليٰ عملدار هيءَ ڳالهہ معلوم ڪرڻ جا منتظر هئا تہ فيروزپور ۾ تيج سنگهہ ڇا ڪري رهيو آهي ۽ انهن سان ڪنهن عملدار انهيءَ طرف وڌڻ لاءِ ڪا جاکوڙ ڪانہ ڪئي هئي. پنجاب فوج کي انگريزي لشڪر جي تيارين جو آواز ڪين ضرور ڪنين پيو هوندو. پر پنهنجي روايتي ٽڏائي موجب اجا صفبندي ڪري ڪونہ سگهيا هوندا. تنهن ڪري سوچيو ويو تہ تيج سنگهہ جي اچڻ تائين متن اوچتو وڃي حملو ڪجي. سندن اهو فيصلو صحيح بہ هو. انگريزي فوج کي رات سخت نقصان رسيو هو. هاڻي پنهنجيءَ سگهہ کي گڏ ڪري حملي جي پيهر تياري مڪمل ڪري چڪي هئي ۽ اها سندس مستقل مزاجي بہ هئي. پنجاب- فوج ۾ ايتري ڦڙتي ۽ چستي ڪانہ هئي جو انگريز لشڪر جيان جلديءَ ۾ تيار ٿئي ۽ صفبندي ڪري سگهي. انگريز پاسي واري فوج ٿڪجي چڪنا چور ٿيل تہ ضرورو هئي پر پوءِ بہ بهادرن جيان اِڳتي وڌي هئي. ان جي سنواريل صفن ۾ دهل دماما وڃي رهيا هئا ۽ فوجين کي مختلف قسمن جون رنگين ورديون پاتل هيون. سندن اڳواٽي ڪمانڊر-ان- چيف ۽ گورنر جنرل پاڻ ڪري رهيو هو ۽ هڪ پاسي کان هڪ ۽ ٻئي پاسي کان ٻئي فوج جي ڪمان ٿي ڪئي. فيروزپور ڏانهن گذريل رات جي جنگي ترتيب مطابق وڌندا پئي ويا ۽ اڳيئن جيان پنجاب- فوج جي مورچہ بنديءَ جي ڪاٻي طرف کان ڦري آئي هئي. پنجاب جي فوج. سندن اهڙو اوچتو حملو ۽ جنگي ترتيب ڏسي وٺي ڪڙين تي زور رکيو. توبون ۽ ٻيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ ضروري هو. انگريزي فوج سنگينن جي زور تي پنجاب فوج کان پوربون پنجهڻ صحيح توبون هٿ ڪيون تن کي ڇڪڻ جو بندوبست ڪرڻو هو وتنهن ڪري پنجاب جي ڀڄندڙ فوج جي ڪڍ لڳڻ بدران آرام ڪرڻ صحيح ٿيندو.

هيءَ پنجاب فوج مٿان هڪ زبردست فتح هئي. ڪمانڊر-ان- چيف وڏيءَ دليري کان ڪم ورتو هو. انگريزن جي ٽڪل مئل فوج ۽ تعداد ۾ بہ ٿوري هئي. ٻئي پاسي پنجاب فوج جي انگ جو انت شرو ٿي ڪونہ هو. امڪان تہ تباهيءَ جا هيا پر ڳچي ۾ فتح پئجي وئي. هن جهيڙي ۾ انگريزن جي ست بٽالين، ٣- ڊرئگون ۽ هارس آرٽيلري زبردست ڪم ڪري ڏيکاريو. جاني نقصان جا انگ اکر هن ريت آهن. انگريز عملدار ٣٧ ۽ عام سپاهي ٤٦٢ هئا. انگريز عملدارن مان زخمين جو انگ ٧٨ ۽ سپاهين جو تعداد ١٠٥٤ هو. ڏيهي فوجين مان ١٧ عملدار ۽ ١٧٨ سپاهي مارجي ويا. جڏهن تہ زخمي عملدارن جو انگ ١٨ ۽ سپاهين جو تعداد ٥٧١ هو. اهڙي ريت مارجي ويلن جو ڪل انگ ٦٩٤ ۽ زخمين جو انگ ١٧٢١ هو.

انگريزي فوج جنگي ميدان ويجهو واند هنئي هئي. ان ڏينهن گورنر جنرل ۽ ٻيا فوجي جنرل گهوڙن تي چڙهي ميدان ڏانهن وياجتي فوجي ڪئمپ کي باه وجڙيل هئي ۽ اتي رکيل گولا باروت ڦاٽي رهيو هو ۽ انگريز فوج جا ڪيترا ماڻهو مري چڪا هئا.

## انگريز فوج جي ستلج ڏانهن پيش قدمي

سخت شڪست کان پوءِ پنجاب جي فوج ڀاڄ ڪندي ستلج پار اڪري ٻيءَ ڪنار سان وڃي واند هنئي ۽ ٻئي دشمن ڌرين جي وچ تي ستلج وهي رهيو هو. ٻنهي فوجن جون ورديون هڪ جهڙيون هيون ۽ پنجاب وارن انگريزن جو نقل ڪري انهن جهڙيون ورديون پاتيون هيون. سر هيوگوف ٢٤- تاريخ اِڳتي سلطان خان والا ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو. اتان جو پاٽي تمام سنو ۽ ستلج کان پنجن ۽ فيروز پور کان ستن ميلن جي وٿيءَ تي هو. ان فوجي واند ۾ گورنر جنرل بہ اچي خيما کوڙيا هئا. گهايلن جي چيٽ ٿهل ۽ ٽڪور بہ اتي ٿي رهي هئي. شهزادو والدمر بہ هتي اچي ساڻن مليو جنهن جو اردلي فيروز شهر ۾مارجي ويوهو.هتي فوجي واند ۾گورنر جنرل بہ اچي خيما کوڙيا هئا. گهايلن جي چيٽ ٿهل ۽ ٽڪور بہ اتي ٿي رهي هئي. شهزادو والدمر بہ هتي اچي ساڻن مليو جهن جو اردلي فيروز شهر ۾ مارجي ويو هو. هتي فوجي واند ۾ نهايت آرام سان پنهنجي زندگي گذاري رهيو هو. انگريز

فوج کي ڇا ڪرڻو ۽ ڇا نہ ڪرڻو هو ۽ ستلج کي ڪڏهن ۽ ڪٿان پار ڪرڻو هو. اهو سڀ ڪجهہ هتي سوچڻو هو. ٻيون فوجون جيڪي هن محاذ تي وڙهڻ واسطي اڳتي وڌي رهيون هيون تن لاءِ بہ هتي ويهي انتظار ڪرڻو هو. هن کان علاوه وڌيڪ فوج گڏ ڪرڻ لاءِ بہ هتي ترسڻو هو. خاص طور تي توبخاني کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻو هو. نہ تہ اڳي ايئن ٿيندو هو هارس آرٽيلري ۽ ملڪي توبخاني کي دشمن جي وڏين توبن سان منهن ڏيڻو پوندو هو. اهي توبون جڏهن گولاباري ڪنديون هيون تہ صفون هيٺ مٿي ٿي وينديون هيون ۽ هلڪين توبن کي اڏائي ڇڏينديون هيون.

٦- جنوري تي لشڪر جو هڪ وڏو تعداد فوجي واڌ ۾ اچي پهتو هو. سر جان گري ميرٺ مان ٩- لانسر ١٦- لانسر، ٻہ گهوڙيسوار ڪارپس، ١٠- فوٽ ۽ ٽِنوِ انفنٽري جو بٽالنون وٺي آيو هو. ٻئي پاسي کان برگيڊيئر گاڊباءِ لڌيانہ کان اچي پهتو هو جنهن سان سيرمور ۽ ناسري گورکا بٽالنون، ٣٠- ٽِنوِ انفنٽري ۽ گهوڙيسوار ريجيمينٽ گڏ هئي.

سيٽي گهوڙيسوار ريجيمينٽون گڏجي هڪ مڪمل ڊويزن ٺهي پئي هئي جنهن جو مهندار سر جوسف ٿئڪ ويل کي بنايو ويو هو. ۵- ڊويزن جان گري جي حوالي ڪئي وئي هئي. سر رابرٽ ڊڪ کي مٺڪ ڪاسڪل واري ڊويزن ۽ ٽين برگيڊ ڏني وئي. هاڻي سندس هٿ هيٺ هڪ ڊويزن ۽ ٻہ برگيڊون ڪم ڪري رهيون هيون.

٣- ۽ ۵ ڊويزن ۾ ٽي ٽي برگيڊون شامل هيون. ساري فوج ۾ چار ڪيولري برگيڊون ۽ ٻارنهن پيادل برگيڊون شامل ڪيون هيون. هن کان علاوه توبخانو بہ اڳيئن کان وڌيڪ مضبوط هو. ۽ تمام گهڻي دير ٿي وئي هئي ان ڪري پنجابين جي دل وڏي وئي هئي. هنن بہ تازيءَ فوج جون ڪيتريون ڊويزنون شامل ڪيون هيون ۽ اڪڙ کان مٿو آسمان سان گسڻ لڳو هون. سکن کي پوري خبر هئي تہ سندس سپاهي ميدان تي وڙهڻ کان ڪيڏي نہ ڪني ڪترائيندو آهي. اها ڳالهہ ساري هندستان ۾ مشهور هئي ۽ هرشهر جي بازار ۾ جڏهن چار ماڻهو مڙندا هئا تہ وات تي پنجاب فوج جي سپاهين جو قصو هوندو هون. هندستاني فوجي عملدارن ۾ نظم ۽ ضبط جي ڪوتاهي هوندي هئي. اخبارن جا نمائندا فوجي ريجيمينٽن سان گڏ ڪونہ هوندا هئا پر مٿن مائٽن دوستن احبابن ڏانهن چٺيون ڇپائيون لکي سڀ احوال اوري وجي مٿي چڙهندا هئا ۽ ڪين جنگي حڪمت عملي جي ڪابہ خبر ڪانہ هوندي هئي. جيڪڏهن جنگي طريقئہ ڪار ۾ ڪمانڊر ان- چيف ٿوري گهڻي غلطي ڪندو هو تہ چوڏس چوبول مچي ويندو هو. سمجهہ ۾ ائين ايندو هو تہ سارو هندستان اهڙين ڳالهين ٻڌڻ لاءِ ڪن ڪڙا ڪيون اوسيئڙي ۾ وٺو هوندو آهي. هندستان جو هر هڪ ماڻهو سمجهي رهيو هو تہ پنجاب جي فوج ناس ٿي ويندي ۽

باب نائون

# علي وال ۽ سوبران ۾ انگريزن جون زبردست فتحون

سکن جو لڌياڻہ تي حملو
علي وال واي جنگ
سوبران واري جنگ جي شروعات
وڏي جنگ
درياه جي ڪنار سان شڪست جو احوال
انگريز لاهور ۾

## سکن جو لڌياڻہ تي حملو

سکن جڏهن پنهي سوبران شهرن جي وچ تي ستلج تي پيڙين جي پل جوڙي تيار ڪئي تہ سرهيوگوف پنهني فوج وٺي اڳتي وڌيو ۽ سکن جي سامهون درياه جي ٻيءَ پر تي وڃي مورچہ بندي ڪئي. ١٧- جنوري تي سر هيري سمٿ کي هڪ برگيڊ پيادل ۽ هلڪو توبخانو ڏئي ڌرم ڪوٽ جي فتح لاءِ روانو ڪيو ويو. انهيءَ سمي ڪماندر- ان- چيف کي سڌس پئي تہ رنجور سنهہ ڦلور جي ماڳ وٽان درياه پار ڪري ٻئي پر منزل ڪئي آهي ۽ سندس ارادو لڌياڻہ تي حملي ڪرڻ جو آهي. پر هن ان جاءِ تي اچي واند هنئي جتان انگريزن ڏانهن ايندڙ رسد گذرتي هئي.

بہ پوروچوت تي پيش قدمي سروع ڪئي. انگريزي فوج ڏهن ۽ پنن مان سفر ڪري رهي هئي جڏهن تہ سک فوج هڪ خشڪ زمين مان ۽ گسن پيچرن وسيلي اڳتي وڌي رهي هئي.

سک فوج سان چاليهہ توبون ساڻ هيون. سمٽ سان ۱۸ توبون هيون جن مان ۱۲ هارس آرٽيلري، ٦ فيلڊ گن، ۽ اهي نون نونَ پائونڊن واريون هيون. پنجاب فوج اڳتي وڌي انگريزي فوج تي گولاباري شروع ڪري ڏني. سکن جون پين توبن انگريزي لشڪر پٺيان ايندڙ سامان واري قافلي مٿان گولا وسائڻ شروع ڪيا. سکن هڪدم حملو ڪري سامان سان لاڳاپيل قافلي تي حملوڪري پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو. ڇت ائن جون مهارون ڦٽيون ڪري جان بچائي پچي هليا ويا.ان سامان ۾ توبن جا گولا ۽ باروت ۽ توبون بہ هيون جيڪو سکن جي قبضي ۾ هليو ويو. هن قافلي سان ڪيترا جنگي گهايل بہ هئا جن جي لاهور ۾ نمايش ڪئي وئي. رنجور هن حملي ڪانپوءِ هڪدم ئي سمٽ جي پنيئن پاسي تي دباءُ رکيو. پر هارس آرٽيلري جي جوابي گولا باري ڪري هو اڳتي وڌي ڪونہ سگهيو. بعد ۾ هن پنهنجي جنگي حڪمت عمليءَ تحت انگريزي فوج جي پاسي ۽ پنيئن طرف کان ست بٽالنون حملي ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيون هيون. سمٽ بہ اياٽو ڪونہ هو ۽ اهڙي سک للڪار کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ويٺو هو. پر افسوس تہ هن سان آيل فوج ايڏي وڏي مقابلي لاءِ تيار ڪانہ هئي. ان جو ڪارڻ اِهو هو تہ هوءَ ساري فوج رات سفر ۾ گهندي ۽ هچندي آئي هئي ۽ دنيا کي خبر ئي ڪانہ هئي تہ جٺري آهي يا مري وئي. ساٽس گڏ انگريز بٽالين جو بہ حال ساڳيو هو. ۳۹- ريجيمينٽ جو مريد ڪي ۽ فيروز شهر واري محاذ تي سخت نقصان ٿيو هو تنهن جو ازالو هن وقت تائين ڪونہ ڪيو ويو هو. ان ريجيمينٽ ۾ مائهن جي گهٽي ڪوٽ هئي ان ڪري ڪمزور هئي. ۵۳- بٽالين ۾ نوجوان سپاهين تي مشتمل هئي تنهن لاءِ رات جي وگڙي ۾ زبردست جنگ وڙهڻ ممڪن ئي ڪونہ هو. اڳيون سارو ڏينهن، اڪرس ۽ ڪاڙهہ ۽ هواءِ جي بہ ٻُت هئي. پنجاب جي ٿڌيءَ رت ۾ جڻ اوچتي گرمي اچي وئي هئي. ان ڪري سمٽ پيش قدمي روڪي ڇڏي ۽ سندس بٽالنون وچي هڪ جاءِ تي سوڙهيون ٿيون هيون. ڪرٽن سان گڏ تي گهوڙيسوار ريجيمينٽون ۽ هارس آرٽيلري واريون توبون هيون، جنهن پنهنجي لشڪر جي پٺ جو خوب تحفظ ڪيو هو. سک هڪ ڳوٺ تي قبضو ڪري چڪا ۽ ان کي خالي ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا جيڪو رسد واري رستي سان هڪ اهم جڳهہ تي واقع هو. جڏهن انگريزي پيادل فوجون هن ڳوٺ ڪان اڪري اڳتي ٿيون تہ بنا ڪنهن روڪ رنڊڪ جي لڏيانہ ڏانهن وڌڻ لڳيون هيون ۽ جهونجهڪڙي مهل اچي فوجي چانوٽيءَ پيڙو ٿيون. پيادل، گهوڙيسوار ۽ هارس ڪيولري بہ هيڏانهن هوڏانهن ڦرندا سي بہ ان سمي اچي اتي سهڙيا هئا.

هيري سمت پينزولا جو هڪ نهايت بهادر برگيڊ ميجر هو جيڪو فوج جي بي ضابطگيءَ سبب ڪونه سگهندو هو ۽ جنگي غلط طريقي ڪار ڪان به ونئن پيو ويندو هو ۽ ان وقت سندس ساري فوج بد نظميءَ جو شڪار هئي ۽ اکين سان ڏسي رهيو هو. ايئن به چئي ڪونه توسگهجي ته اها سندس غلطي هئي پر رستي ۾ ڍبن ۽ پٽن جي موجودگي، گرم ڏينهن. پاڻي جي کاڻ هئي. هي سيئي ڳالهيون فوج جي چرپر دوران نمايان ڪردار ادا ڪنديون آهن. ٻئي پاسي کان دشمن فوج به اچي هڪ هنڌ گڏ ٿي هئي. مقابلو ٿيو ته انگريزي فوج جو نقصان ايترو گهٽ ڪونه ٿيو هو.

لڌيانه ۾ پهچڻ تي پتو پيو ته گاڊباءِ کي اڳتي وڌڻ جون هدايتون مليل چڪيون هيون پر هن پيش قدمي دير سان ۽ غلط طرف ڪئي هئي. هو اوندهيءَ جو فائدو وٺي ماٺ ڪري اڳتي نڪري ويو. ٢٢ - سان سارو ڏينهن ساه پٽيو. ڪن يونٽن ۾ موجود اوٺاڻن جو پورائو ڪيو. ڇاڪاڻ ته ڪين سکن سان هڪ ڀرپور مقابلو ڪرڻو هو.

٢٣ - تاريخ تي هن گاڊباءِ کي ساڻ ڪري ٻڌووال پهتو. کين پتو پيو ته رنجور سنگهه اتان منزل ٿيي وچي ستلج جي ڪناري سان واند هنئين آهي. هو اتي ست ڏينهن وينو رهيو. ان جاءِ تي کيس جنرل هيوگوف جو پيغام پهتو ته ويلرجي برگيڊ ۽ نيٽو ڪيولري سندس واهر لاءِ رواني ڪئي وئي آهي. هن کان علاوه باسين ۾ رهندڙ شڪاوتي واري اريگيولر ۽ ٽيلر واري برگيڊ کي ڌرم ڪوٽ ڏانهن وڌڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي انهيءَ لاءِ ته جيئن ضرورت وقت پنهنجي سهائتا ڪري سگهي. هن مان ٽيلر واري برگيڊ هن واپس ڪري ڇڏي ڇاڪاڻ هتي کاڌي خوراڪ ۽ گاه پاڻيءَ جو بندوبست گهٽ ٿي سگهيو ٿي. هو انهيءَ طريقي سان رنجور سنگهه جي لشڪر جو چڱي ريت مقابلو ڪري سگهيو ٿي.

## علي وال واري زبردست جنگ

هن وقت ٻئي دشمن ڌريون ان ماڳ تي پهچي چڪيون هيون جتي خاص طور تي پنجاب جي سک ڪمانڊرن لاءِ جنگي طريقي ڪار ۽ صحيح اندازي بابت هڪ ڪڙي پرک رکيل هئي. هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ انگريزن امبالا ۾ فوج جي تڪڙي ڀرتي ڪئي هئي. ۽ هتي سکن جي فوج جو مقابلو ٿيو هو. براڊ فوٽ ۽ سندس جاءِ تي آيل ٻين فوجي عملدارن هتان جي ٻهراڙيءَ ۾ وڃي زبردستيءَ سان

ڪاڏي خوراڪ جون شيون حاصل ڪيون هيون جيڪي رسد واري ڪاتي سان لاڳاپيل عملدارن کي اتان جي واپاري مُهاڪڙين پهچائي ڏنيون.

ڪوشش ڪري هر پاسي کان فوج کي مضبوط بڻايو ويو هو.

جڏهن هيڏانهن هوڏانهن واري فوج مڙي هڪ جائتي تي ۽ فوج مان سان واسطو رکندڙ بئي سامان جي پورت تي وئي تہ هئري سمت جنگي نقشو تيار ڪيو جيڪو ٻن گهوڙيسوار برگيڊن، پيادل چئن برگيڊن ۽ توبخاني جي ٻن بٽالين تي مشتمل هو:-

**گهوڙيسوار ڊويزن جنهن جو ڪرنل نگران هو.**

**برگيڊيئر**

١٦- لانسر

٣- لائيٽ ڪيولري

۴- اريگيولر ڪيولري

**برگيڊيئر - اسٽيڊمن**

محافظ دستو

١- لائيٽ ڪيولري

۵- لائيٽ ڪيولري

شڪاوتي ڪيولري

هارس آرٽيلري- ٣- ٽرپس

**پيادل**

| | | |
|---|---|---|
| ١- برگيڊ | برگيڊيئر، هڪس | ٣٩- فوٽ |
| | | ٢۴- نِٽو انفنٽري |
| | | ٢٧ = = |
| ٢- برگيڊ | = ويلر | ۵٠- فوٽ |
| | | ۴٨- نِٽو انفنٽري |
| | | سير مور گورگا |
| ٣- برگيڊ- | برگيڊيئر ولسن | ۵٣- فوٽ |
| | | ٣٠- نِٽو انفنٽري |
| ۴- برگيڊ- | برگيڊيئر گاڊباءِ | ٣٦- نِٽو انفنٽري |
| | | نسيري گورگا |

**توبخانو**

٢ (ٻہ) بٽالين

ٻہ- اٺ انچ هائوزرس

انگريزن جي فوج هڪ دڙي جي ڪناري تي موجود اهو سڀ ڪجهه ڏسي رهي هئي. پنجاب لشڪر جي اڳيان وڙهڻ واسطي هڪ کليل ميدان هو ۽ وڏين ڇاليهن توبن کي استعمال ڪرڻ واسطي به انهن کي هڪ قسم جو سهوليت ميسر هئي. انگريزي فوج وٽ ٨ انچيون به هائوزر ۽ بيون هلڪيون توبون هيون. هائوزرس جو طريقئه ڪار جدا هو. ننڍين توبن کي گهڙي گهڙي ڇڪي اڳتي ڪرڻو ۽ رنجور سنگهه جي توبن جي سامهون آڻو هو. دشمن جي وڏين توبن جي سامهون وڃڻ ۽ پنهنجي فوج مان ڪجهه ماڻهو نه مارائڻ ڪا اڪ جي ماکي ڪانه هئي پر رُڪ جا چڻا چٻڻا هئا. اهڙو ڪارنامو فقط راڻيءَ ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جا انگريز فوجي ڪري سگهيا ٿي.

سر هئري سمٿ گهوڙيسوار برگيڊ کي حڪم ڪيو جنهن دشمن جي ساڄي ۽ ڪابي پاسي تي وڃي گهيرو ڪيو. پيادل ۾صفون سنواري اڳتي وڌڻ شروع ڪيو. اهو ڏيک ڪهڙو نه سهڻو هوندو جڏهن ڇهه برگيڊون فوجي وردين ۾ ملبوس ميدان عمل ۾ مصروف هونديون. جنگ وارو اهو سارو ميدان ڊپ ۽ وڏي گاهه سان ڍڪيل هو جيڪو گهوڙن جي ڊوڙ ۽ فوجي چرپر واسطي ڏکيا ئي پيدا ڪري رهيو هو. هڪس، ويلير ۽ ولسن جون برگيڊون سامهون وارين منهن کان ڪابي ۽ وچ واري فوج کان پاسي هيون. گاڊباءِ واري برگيڊ ساڄي واري فوج جي پٺ سنڀاليون بيٺي هئي. شڪاوتي واري فوج ڪابي پاسي اسٽيڊمن واري گهڙيسوار برگيڊ ساڄي طرف ۽ مئڪ ڊويل جي برگيڊ ڪابي طرف بيهاري وئي ۽ هن جنگي نقشي موجب انگريزي فوج اڳتي وڌڻ شروع ڪيو هو. آڪاش ڏنڌ ڪوهيڙي کان صاف هو. سج پنهنجي پوري آب تاب سان چمڪي رهيو هو. جنگي صورت حال ويهه اٿوبهه هو. پڪ ڪانه هئي ته سوڀ جو چٽ ڪهڙي ڏر تي جُهلندو. معلوم ٿيڻ لڳو ته پنجاب فوج جو ڪابو طرف انگريز فوج جي ساڄي کان گهڻو اڳتي وڌي نڪري ويو آهي. صورتحال جي نزاڪت کي محسوس ڪندي سر هئري سمٿ پنهنجو ڪميت ڪُڏائي وڃي پنهنجي ڪابي پاسي واري لشڪر جي آڏو ٿي بيٺو ۽ ان پاسي واري فوج جي ڪمان پاڻ سنڀالي. ان ڪري هن پاسي واري فوج جون دليون وڌيون ٿي ويون. هن کان علاوه فوج کي فتح جي تمنا ۽ توقع هئي. انگريزي فوج جو جنگي نقشو به اهڙو ناهيو ويو هو جنهن ۾ فتح جو امڪان وڌيڪ هو. هن کان علاوه انگريزي فوج ڏاڍي مستقل مزاجيءَ سان وڙهي رهي هئي جنهن مان ٻڻ سمجهي رهيو هو ته فتح اوس به انگريزن جي ٿيندي. انگريزي فوج جنگ ۾ جديد طريقئه ڪار پنهنجايو ۽ ورتايو هو ۽ فوج جي مهاڙيءَ جي پُٺ وارو پاسو، پُٺ سنڀاليندڙ فوج سان ڳتيو بيٺي هئي. سر هئري سمٿ جو پنهنجو شخصي اثر به هو هن کان علاوه هو فوج جو سچو سپاهي هو. اهڙو تجربيڪار سپهه سالار هو جنهن کي پوري پروڙ

هئي تہ ڪهڙي جنگ ڪهڙي طريقي سان وڙهي سگهجي ٿي. هن جنگ ۾ بہ هن ڏاهي فوجيءَ ڏاڍي سرت ۽ سچيتائيءَ سان جنگي نقشو جوڙيو هو. هن ٻڌو وال ۽ فيروزپور شهر وارن واقعن کي هڪ ٻنوائتو خواب سمجهي وساري ڇڏيو هو.

انگريزي فوج جي کابي طرف فوج اچا سنيري بيٺي ئي ڪانہ هئي تہ پنجاب فوج طرفان توبن گجڻ شروع ڪيو. سر هئري سمٿ ساري صورت حال کي سمجهڻ واسطي ٿوري گهڙيءَ لاءِ ماٺ ۾ اچي ويو. هن فيصلو ڪيو تہ علي وال طرف کان جنگ جي شروعات ڪجي. هن گاڊباءِ واري برگيڊ کي اڳتي وڌڻ جو اشارو ڪيو. ان سان گڏ مهڙ ۾ بينل هِڪس واري برگيڊ کي بہ اڳتي وڌڻ جو اشارو ڏنو جن علي وال ڳوٺ کي فتح ڪري پنجاب فوج جي ان پاسي جي نڙيءَ تي وچي لت ڏني ۽ ست ڏئي بہ وڏيون توبون هٿ ڪري ورتائون. هيڏانهن هي جهيڙو اڃا ڳنڍيو ئي پيو هو جو ويلر ۽ ولسن جي برگيڊن وڏي وچي پنجاب فوج جي مهاڙيءَ تي جُلهہ- ڪئي ۽ سنگين جي سگهہ ۽ آڏار سان کين ڌڪي سندن مورچن کان ئي ٻاهر ڪيڍي ڇڏيائون. هنن انگريزي فوج سان جوٽون بہ کاڌيون پر سندن وار ونگو ڪري ڪونہ سگهيا هئا. هاٿي پوندڙي جو اڪيلو ڳوٺ رهجي ويو هو جيڪو انگريزي فوج جي تلوار کان بچي ويو هو. علي وال جي فتح ٿيڻ ڪانپوءِ انگريزي فوج ساڄي پاسي کان اڳتي وڌي رهي هئي. رنجور سنگهہ ان نيئنءَ صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجي گهوڙيسوار دستن کي اڳئي وڌڻ جو اشارو ڪيو.پر اسٽيڊمن واري برگيڊ وچي سائس جهانيوتجي پئي جنهن جي ڪمان پاڻ ڪرڻن ڪري رهيو هو. پنجاب فوج هن حملي جو تاب نہ سهي پوئتي هٽڻ شروع ڪيو ۽ ان جي صفن ۾ ٽاڪوڙا مچي ويا. علي وال ڳوٺ کان ٻئي پاسي ۾ درياه جي ڪنار سان پنجاب فوج جي وڏي ڪئمپ قائم هئي. برگيڊيئر گاڊباءِ پنهنجي ماتحت فوج کي اوڏانهن وڌڻ جو اشارو ڪيو. هن ڪئمپ ۾ فقط پنجاب جي پيادل فوج موجود هئي. پوندڙي کي پنجاب فوج جي گهوڙيسوار ساڄي کان حملو ڪيو ۽ ٻئي پاسي کان چوٽ ڏيڻ واسطي ٥٣- فوٽ وڏي اچي ڳاڙو ڏنو. جنهن هن محاذ کي بہ ڪٽي ورتو. اوپنابل جو بٽالنون مدافعت لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لائي رهيون هيون. دست بدست جنگ جاري هئي. سنگين جو سنگين سان مقابلو هو. انگريزي فوج ان مهل اُگهاڙيون تلوارون سامهون جهلي اوسر جي روپ ۾ آنڌي بڻجي اڳتي وڌڻ لڳي. پنجاب فوج جون صفون لڏي ڊانواندول ٿي ويون ۽ پوئتي درياه وارن پٽڻن ڏانهن هٽڻ لڳا هئا. انگريزي فوج پنهنجي صفن کي سڌو ڪري پنجاب فوج مٿان ڪڙڪي پئي. ٻئي پاسي کان توبون بہ پنجاب فوج تي ٻُهڪڻ لڳيون. ان قوت برطانيہ سرڪار جون فوجون ستلج ڏانهن گوني ڪنڌ تي وڌي رهيو هيون. پر نئين صورتحال موجب ڦري سڌو منهن ستلج ڏانهن ڪيو هٽائون. ان مهل پنجاب فوج جا

ٻير اکڙي چڪا هئا ۽ آنڌاري آڌو هڪ ڪک پن جيان توائي تي چڪي هئي. ٻاجڙ ۾ ٻيڙين واريءَ پل تي اينرو بار پيو جو اها بہ ياڻ جهلي ڪانہ سگهي ۽ ڀڄي پئي، پوءِ تہ وچي ٻيڙين ۾ پاڻ ستياڻون. رنجور سنگهہ پنهنجي توبن کي بچائڻ لاءِ گهڻي جاکوڙ ڪئي. انهيءَ وٿ پڪڙ دوران بہ توبون وچي واريءَ ۾ ڦاٿيون ۽ بہ توبون ڪاهي وڃڻ ۾ سوڀارا ٿيا. باقي سندن ٦٥ توبون انگريزي فوج جي قبضي ۾ اچي ويون. ساري فوجي ڇانوٽي دشمن جي هر مال مڏيءَ سميت انگريزن جي هٿ لڳي. درياه جي ٻيءَ ڀر پهچي پنجاب فوج ڦٻٽ لاءِ صفون سنواريون ڀر جڏهن انگريزي فوج جي توبن مٿانئن ڀُهڪڻ شروع ڪيو تہ ميدان ڇڏي ڀڄڻ ۾ ڪمال ڪري ڏيکاريائون. توبون بہ ڇڏي هليا ويا هئا جيڪي پوءِ انگريزن ٻيڙين وسيلي ٻيءَ ڀر پهچايون.

پنجاب فوج جي هيءَ زبردست شڪست هئي. انگريزن جي پاسي کان ٥٩٠ ماڻهو قتل ٿيا. هن جنگ ۾ فوج جي اڳواٽي ١٦- لانسرس ڪئي هئي جنهن جا ٥٨ فوجي قتل ٿيا جڏهن تہ ٨٦ گهائجي پيا هئا. هنن حملن مٿان حملا ڪري هيءَ سوڀ ماٺي هئي. پنجاب فوج جا ٽي هزار ماڻهو مئا هئا. ڇيو وڃي ٿو تہ جڏهن لنگهڻ واسطي ٻيــڙين واري جوڙيل پل پوري ڪانہ پئي تہ پاڻ وڃي ٻيــڙين ۾ ستيائون. پنجاب فوج تعداد ۾ تمام گهٽي هئي ۽ پويان دشمن جي دٻ پوءِ تہ پل ۾ ٻيڙين جي تات طلب ڇڏي نڪ سامهون درياه ۾ ڪاهي پئي، نہ اوتڙ ڏنائون نہ سوتڙ. ڇيو وڃي ٿو تہ انگريزن ايترا قتل ڪونہ ڪيا هئا جيترا درياه ۾ ٻڏي مئا هئا.

رنجور سنگهہ جو اهو جاني نقصان ان ڪري ٿيو جو هن درياه کي بچاءُ سمجهي ۽ پنهنجي فوج جي پٺ اوڏانهن رکي.

هن جنگ ۾ پنجاب فوج ۾ پندرهن کان ويهہ هزار ماڻهو هئا ۽ انگريزن جي فوج جو انگ تڏهن هزارن کان ٿوروگهوڏيڪ هو. جڏهن هن سوڀ جي خبر ڊيوڪ آف ويلنگٽن کي پهتي تہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ فوج جي ٿنهي حصن جو پاڻ ۾ رابطو ۽ گڏيل ڪوشش جنگ جي هن نتيجي لاءِ ڏاڍي موثر ثابت ٿي هئي. لارڊ هيوگوف کي بہ هن قسم جي فتح جي خبر جو ڏاڍو انتظار هو جيڪو پنهنجي اندر ۾، نظر نہ ايندڙ توبن جا گجڪار ۽ ڀُهڪار ٻڌي رهيو هو. جڏهن ڪيس سوڀ جو ڪريون خبرون ڏهيون تہ خوشيءَ کان سندس پير پٽيءَ تي اصلي ڪونہ ٿي ڪُتا.

پنجاب فوج جي هن زبردست شڪست جو نتيجو اهو نڪتو تہ ستلج پار جيڪي بہ سڪ لشڪر موجود هو تنهن کي سوبران کان سواءِ واپس گهرايو ويو. لارڊ گوف بہ پنهنجون فوجون جيڪي ستلج جي ڪناري، مختلف ماڳن تي بيهاريون ويون هيون آٿائي ورتيون. ان وقت سر چارلس نيپئير جي فوج بهاولپور پرسان سنڌوءَ ڪناري سان موجود هئي. گورنر جنرل کيس مٿي اچڻ جو پيغام موڪليو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سوبران جي جنگ جي شروعات

سر هئري سمٿ تاريخ ٣- جنوريءَ تائين واندو ڪونه هو جيڪو پنجاب فوج واريون فتح ڪيل توبون هڪ جائتي ڪرڻ ۾ رڌل هو. ۽ پوءِ واپس وريو هو، هيءُ ويلر جي برگيڊ جي حالتن سنڀالڻ واسطي پنيان ڇڏيون ويو هو جنهن ستلج جي مٿئين طرف وڃي منزل ڪئي هئي. اهڙيءَ ريت هو اوڪا پوڪا پلي هڪ منو ٿي ٨ جنوريءَ تي اچي فوج جي مکيه واند ۾ پهتو هو ۽ اتي رهيل لشڪر سندس مانائتي آجيان ڪئي هئي. اختياريءَ وارا مٿيان ماڻهو هن سوڀ ڪري ڏاڍا سرها هئا ڇاڪاڻ جو انگريزي فوج جا حوصلا تمام گهڻا بلند ٿي ويا هئا ۽ فوج جي ٻين ڊويزنن تي به ان جو خوشگوار اثر ٿيڻو هو. ساري هندستان جي ماڻهن جون نظرون ستلج ڪناري، محاذن تي ڪتل هيون. رنجور سنگهه ستلج اڪري انهيءَ ڪناري اچي منزل ڪئي هئي جنهن پاسي انگريزي فوجون موجود هيون. انهيءَ ڪري ساري هندستان ۾ چوٻول پئجي ويو هو ته سک فوجون وري درياه پار اڪري انگريزن سان مقابلي لاءِ پهچي ويون آهن. پٽنو ناهي ته اهي خبرون ايترو جلدي ڪيئن پکڙبيون آهن. خبرن پکڙڻ جو اهو نمونو قديم زماني کان وٺي رائج آهي. پر هنن خبرن سان گڏ علي وال جي فتح جي ڪري خبر جو به چوڌس چوٻول هو. ان ڪري انگريزن جي دشمنن جا سر شرم کان جهڪيل هئا ۽ سوچي رهيا هئا ته منجهن ايترين سوبن جو ٻلُ نه آهي. لاهور ۾ گلاب سنگهه ۽ دربار منجهي پيا هئا ته ڇا ڪجي ۽ ڇا نه ڪجي. نيٺ سوچي ويچاري گورنر جنرل سان ڳالهائڻ جو پڪو پهه ڪيو. ڪيس الائي ڪنهن پني پڙهائي هئي ته انگريز فوجي ڏچي کان آجا ٿي لاهور حڪومت ڏانهن ڏيان ڏيندا ۽ ان سان صلح جي ڳالهه ٻولهه ڪندا.

پنجاب فوج، حڪومت کي تڇ سمان به ڪين ٿي سمجهيو ۽ انگريزن سان جنگ ڪرڻ واسطي اوڪڙو ويٺي هئي. جنهن سمي رنجور سنگهه ٿلور. وٽان ستلج پار ڪئي ته ان ٿائي تيج سنگهه به پنجاب جي ساري فوج آڻي ستلج جي ڪنار سان بيهاري هئي. سندس لشڪر ۾ چاليهه هزار جوان ۽ سٺهٺ توبون هيون. پنجاب فوج جڏهن فيروز شهر پرسان شڪست کاڌي هئي ته ان جي جوابي ڪاروائي لاءِ وڏي فوجي ڀرتي ڪئي وئي هئي. هن ڪيترن انگريزي فوجي چوڪين تي حملا به ڪيا هئا. ڪين انگريزن سان جهيڙي ڳنڍڻ جو ڏاڍو شوق هو. هنن ماڪيءَ جي مک جيان پورهيو ڪري ڪچا قلعا ۽ منجهن چبوترا اک ڇنڀ ۾ جوڙي ورتا هئا. ٻئي پاسي کان سر هيوگوف پنهنجي ڪائڻ ٻئڻ ۾ رڌل هو ۽ پنهنجي فوج

ڪي هوريان هوريان اڳتي وڌائي رهيو هو. گورنر جنرل فيروز پور ۾ موجود هو ۽ اتي ويهي اهوڪجهه ڪري رهيو هو جيڪو ڪيس ڪرڻ مناسب هو.

٧- فبروري تي ساري فوج پنهنجي گهٽي سامان سان اچي پڙ تي پهتي. مٿان هٽري سمت جي لشڪر به اتي اچي لڏا لاتا. وڏيون ١٩ توبون هاٿين جي مدد سان ڇڪي آئي ميدان تي بيهاريون ويون هيون جن مان پنج، ١٨- پائونڊرس ۽ باقي پيون سڀ ٨- انچ هائوزرس هيون. انهن جي پٺيان هر قسم جو گولا بارود ججهي مقدار ۾ موجود هو. انگريز فوج وڏي ناٽ ناٽگر سان پهتي هئي جنهن مان محسوس ٿي رهيو هو ته فوجي سپاهين ۾ جنگ لاءِ ڏاڍو جوش ۽ جولان هو جيڪي توبن جي پاسن سان ڪلندا ڪڏندا اچي رهيا هئا ۽ خوشيءَ وچان توبن جي نالين تي ٿڦڪيون هڻي رهيا هئا. هتي پهتل فوج الهه آباد ۽ ٻين علائقن کان گهرائي دهليءَ ۾ ڪٺي ڪئي وئي. پوءِ دهليءَ کان خشڪيءَ وسيلي سوين ميل سفر ڪري هڃي هڦجي هتي اچي پهتي هئي. جڏهن سر هٽري سمت جي فوج واپس اچي هن لشڪر سان ملي ته سڀ سٿائي تي وئي ۽ سينو تاڻي جنگ لاءِ تيار ٿي بيهي وئي. ٨- تاريخ گورنر جنرل پاڻ اچي هن فوجي وانڍ ۾ منزل ڪئي، سائنس ١٨- پائونڊرس توبون به گڏ هيون. سندس انهيءَ ڳالهه تي زور هو ته فيروزپور وٽ بيڙيون هٿ ڪيون وڃن جن جي مدد سان فوج کي ستلج جي ساڄي ڪناري پهچائي رات جو پنجاب فوج جي پٺئين پاسي کان زورائتو حملو ڪجي. گورنر جنرل جي هن رٿ سان سر هيوگوف سهمت ڪونه هو. نظر اچي ٿو ته ڪمانڊر- ان- چيف پنهنجي نقطئہ نظر ۾ صحيح هو. هارڊنج جنهن مهڙ واري حملي کان لنوائي رهيو هو سو سندس خيال موجب وڏيڪ ڪارائتو هو. ڇاڪاڻ ته هن فوج سان گڏ تمام بهترين توبون هيون ۽ انهن توبن جي گولاباري اهڙي ته طاقتور هئي جنهن جو مثال ساري هندستان ۾ ملڻ ئي مشڪل هو. جيڪڏهن سکن کي انگريزي فوج جي انهيءَ چرپر جو پتو پئجي ويو ته پنهنجي لشڪر کي به آئي ساڄي طرف بيهاريندا. پر جيڪڏهن پنجاب فوج سندن تيار ٿيل فوجي نقشي موجب وڙهي ته پوءِ سندن شڪست مقرر بڻجي چڪي آهي ۽ پوءِ پاڻ ئي صلح لاءِ ڳالهه ٿي ٻاڌائيندا. ڪين اهڙي شڪست نصيبن ۾ لکيل آهي جهڙي سر هٽري سمت رنجور سنگهه کي رسائي هئي. اها رٿ لاچار گورنر جنرل منظور ڪئي.

٩- تاريخ تي، سر هيوگوف هر ڊويزن جي ڪمانڊر کي هدايتون ڏيڻ لاءِ پاڻ وٽ گهرايو. اڳي ٻڌايل سندس جنگي نقشي ۾ ٿوري ڦير ڦار ڪئي وئي. جيڪا موجود سهولتن جي نقطئہ نظر کان مناسب هئي. لٽلر فيروز پور ۾ موجود هو ۽ سکن جي چرپر تي ڪڙي نظر هڻي ته مٿان اهي ستلج پار ڪن. گري سائنس مسلسل رابطي ۾ هو. سر هيوگوف هيٺ ٽي ڊويزن فوج هئي. ٽين ڊويزن ڊڪ واري

ھئي جنھن کي بدلي ڪري ڪاسڪل جي جاءِ تي رکيو ويو ھو. ھن برگيڊ جون چار بٽالنون ۽ ھڪ وڏو برگيڊ ڪئمبيل جي ھٿ ھيٺ ۽ محفوظ فوج طور رکي وئي ھئي.

جيئن ڏينھن گذري رھيا ھيا تيئن سکن جي مورچه بندي وڌيڪ مضبوط ٿيندي پئي وئي. ھن لسڪر جي چوڌاري اونھيون کاھيون کوٽي وڌيڪ محفوظ ڪري ڇڏيو ھو. ھن کان علاوه مٽيءَ جا ڪچا قلعا تعمير ڪري اپکيرا چبوترا به جوڙي ورتا ھئا جن تائين ڏاڪڻين وسيلي پھچڻ به ڏکيو ھو. ٻي ڳالھه اھا به نظر پئي آئي ته درياھي واھڙن جي وڪڙن ۾ مورچه بندي ڪئي وئي ھئي ۽ ھر اڌ گول جھڙو وڪڙ چار ھزار گز ڊگھو ھو.

انگريزي فوج ھتان کان ميل ڏيڍ جي فاصلي تي ستلج جي ٻرائي پيٽ ۾ مورچو ھيون وٺي ھئي ۽ اھا جاءِ پنجاب فوج کان ڪابي پاسي جي بلڪل سامھون ھئي. ھنن ٻنھي ماڳن جي وچ تي انگريزي فوج جي ھڪ حصي وچي پنھنجي مورچه بندي قائم ڪئي ھئي جنھن جي پرسان روڊا والا نالي ھڪ ڳوٺ واقع ھو. وچ تي واھڙن جا ڪيترا سڪا پيٽ ھئا جيڪي پنجاب فوج جي مورچه بندي جي نقطه نگاه کان سندن فائدي ۾ ھئا ۽ اھي مورچه بندي واري جوءِ جي پور وچوٽ تي ۾ گوني ڪنڊ تي واقع ھئا. جنرل گوف ١٠- تاريخ تي ھڪ جنگي نقشو تيار ڪيو ھو جيڪو ڏاڍو سولو ھو. انگريزي فوج جي ٽنھي ڊويزنن کي سکن جي مورچه بندي واريءَ ايراضيءَ پرسان وڏي وڃڻو ھو جنھن جي ساڄي پاسي سمٺ. گلبرٽ قلب ۾ ۽ ڊڪ جون ٽئي برگيڊون کابي طرف رکيون ويون ھيون. رٿ مطابق توبن کي جھونجھڪڙي کان بوءِ سندن مار کي نظر ۾ رکي بيھارڻو ھو ۽ گولاباري باک ڦٽي سان شروع ڪرڻي ھئي. طئي اھو ڪيو ويو ته ڊڪ پنجاب فوج جي ان حصي تي حملو ڪندو. جيڪا انگريزي فوج جي کابي پاسي جي سامھون ھوندي ۽ ٻيون ڊويزنون اڳتي وڌي دشمن تي حملو ڪنديون پر خيال اھو رکيو ويندو ته شروع ۾ زوردار حملو نه ڪيو وڃي.

٩- تاريخ واري سڄي رات تيارين ڪرڻ ۾ گذري وئي. وڏين توبن لاءِ گولا باروت جو بندوبست ڪرڻ ڪا ٻارائي ڳالھه ڪانه ھئي جنھن جو جنرل گوف کي احساس گھٽ ھو. اھو پڻ طئي ڪيو ويو ھو ته ٿئڪ ويل جي ماتحت گھوڙيسوار دستا فوج جي کابيءَ ٻانھينءَ پٺ ۾ بيھندا ۽ ڪرٽن واري برگيڊ ھري-ڪي- پتڻ تي نظر رکندي جتي لال سنگھه جي ڪمان ھيٺ گھوڙيسوار دستا منزل ڪيو وينا ھئا.

رات جو سيءُ به ڪلور ڪري ڇڏيو. رات ته ڏاڍي صاف ھئي پر صبح سان ڌنڌ ڇانئجي ويو ھو. باک ڦٽيءَ تائين ھر فوجي پنھنجي جڳھه تي ڪن ڪڙا ڪيو سجيت لڳو وينو رھيو. توبون دشمن ڌر کان ھڪ ھزار گز جي فاصلي تي ڌنڌ

دور ٿين جي اوسيڙي ۾ هيون ته هيڏانهن ڏنڌ اوچيڙو ڪري ته هيڏ نهن توبون پنهنجي وقت مان اَلا اوڳاڇڻ شروع ڪن. ڇاڪاڻ جو ڏنڌ ڪري توبچين جو ڏؤ ٿي ڪونه ٿي پيو. وڏين توبن تي ڪم ڪندڙ توبچين جو انگ ٿورو هو تنهن ڪري هارس آرٽيلري جا ڪجهه ماڻهو هن فرض جي ادائگيءَ لاءِ مقرر ڪيا ويا هئا ۽ پنهنجي واري جي اوسيڙي ۾ ويٺا هئا. بئڪروفٽ هن توبخاني جي تصوير ڏاڍي سهڻي نموني سان چٽي آهي جنهن ۾ توبچي ڏاڍا خوش نظر اچي رهيا آهن ۽ هڪ ٻئي سان ٻوڳ چرچا ڪري رهيا آهن.

# وڏي جنگ

سج نڪرڻ کان ٿورو اڳ ۽ باک ڦٽيءَ کان ڪلاڪ ڪن پوءِ ڌنڌ ختم ٿي ويو. وڏين ۽ هلڪين توبن گولا ڇاڪڻ شروع ڪيو. هوڏانهن پنجاب فوج ۾ ٻاڪر ڪٽو پئجي ويو. هوءَ اهڙي اوچتيءَ حملي لاءِ تيار ڪانه هئي. ان کان پوءِ فرانس جي فوج جهڙا طبل وڄڻ شروع ٿيا جيڪي هلڪي ڌنڌ کي چيريندا انگريزي مورچه بنديءَ تائين پهچي رهيا هئا ۽ پيننزولا ۾ وڙهندڙ فوجي چڱيءَ ريت سمجهي رهيا هئا ته اها وڄت فرينچ فوجي طرز سان واسطو رکي ٿي ۽ اهو فوجن کي گڏ ڪرڻ جو آواز هو. تنهن زماني ۾ اهي وڏيون توبون ميدان تي نيون نيون آيو هيون ۽ سندن ڀِڪڻ ۽ ٻاڪڻ جو آواز ٻڌي گهڻن فوجين جا وات ٽي گودا ٿي ويا هئا. ساري فوج خوشيءَ ۽ اچرج ۾ وڪوڙيل هئي. دشمن فوج پنهنجن زخمين ڍوئڻ ۽ انهن جي دوا دارونءَ ۾ پوري هئي. گورنر جنرل فوجي وانڌ مان اڪائي وڃي فيروزپور پهتو هو. اتان سنيهو مڪو هئائين جيڪو جنرل گوف کي غلط نموني ڏنو ويو ۽ هن ۽ ان مهل ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. ان وقت توبخاني جو گولا بارود ختم ٿي ويو ۽ توبخاني جي مهندار جي منهن تي سرهائي نچي رهي هئي جنهن لاءِ ”روزالي“ توب چڻ ته ڪا سهڻي ڇوڪري هوندي هئي. ”سر رابرٽ ڊڪ کي چؤ ته ”خدارا اڳتي وڌڻ جو حڪم ڏي“ هن گجگوڙ جهڙي آواز ۾ رڙ ڪندي سر رابرٽ ڊڪ کي چيو.

اسٽئڪي جي برگيڊ ۾ چار بٽالنون هيون جن مان ٻه ١٠ ۽ ٥٣ يورپي هيون. هن پنهنجي توبخاني کي گولا باري جو حڪم ڏنو ۽ ان وقت صبح جا ٩- وڄي رهيا هئا. ان جي واهر لاءِ هارس آرٽيلري پهچي وئي جيڪا دشمن ذر کان ٽن سون گزن جي فاصلي تي وڃي بيٺي. پنجاب فوج جون توبون ـ ماٺ ڪونه هيون. تنهن هوندي به اسٽئڪي جي فوج پنجاب فوج جي قلب ۾ پهچي رچي توبن تي قبضو

ڪيو. هي اوچتو حملو ڏسي دشمن فوج جو صفون لڏي ويون، پر پوءِ پنهنجي طاقت کي گڏ ڪري زبردست نموني سان مدافعت شروع ڪري ڏني. اسٽئڪي کي وچ فوج ۾ وڙهندو ڏسي باقي ٻه برگيڊون سندس واهر لاءِ اڳتي ڏوڪڻ لڳيون. هوڏانهن سرِگوف، سمٿ ۽ گلبرٽ کي دشمن تي سخت دٻاءُ رکڻ جو اشاروع ڪيو.

ڊِڪ پنجاب فوج تي مارو پڌيون بيٺو هو. پر ٻي پاسي کان اسٽئڪي ۽ ان جي مددگار فوج کي سکن جي ترارين ۽ بندوقن ڪٽي ڏنو جيڪي سندن حملي جو تاب نہ سهي پوئتي هٽندا ٿي ويا. انگريز فوج جي ڀرين جلهہ ڪامياب وئي پر گهڻي وقت تائين سندسن صفن ۾ يڪسانيت نہ رهي هئي.

اهو حال ڏسي جنرل گوف سمٿ ۽ گلبرٽ کي اشارو ڏنو تہ مدافعتي جنگ ڇڏي اڳتي ڏوڪي پون. برگيڊون پنهنجي ڪمانڊر جي اشاري ملڻ شرط آنڌاريءَ جيان اڳتي اُٻڙڻ اُپرڻ شروع ڪيو ۽ گولن ۽ گولين جي وڏڦڙي مان ائين لنگهڻ شروع ڪيو جيئن گلاب جي گلن جي قطارن مان باد سحر ڪسڪي نڪري ويندي آهي. سک پيادل فوج جبل جيان بيٺي هئي جيڪو بہ سندس مار ۾ ٿي آيو پلي جيان ڳڏا ٿي ويو ٿي. هئري جي برگيڊ جي آمهون سامهون هڪس جي برگيڊ سکن جي چبوترن تي ڏاڪئيون رکي مٿن ڪاهي ويو. پر اهي ڏاڪئيون چبوترن جي اچائيءَ کان ننڍيون هيون پوئتي ڪري پيون ۽ هڪس جي فوج جون صفون ڏانوانڊول ٿي ويون. اهو حال ڏسي پيني جي برگيڊ اڳتي وڌي جاءِ سنڀالي ورتي انهيءَ لاءِ تہ جيئن هڪس جي فوج پنهنجي ترتيب سنڀالي وٺي. هوڏانهن گلبرٽ جي ڊويزن جي ٻن برگيڊن ڏاڪڻن وسيلي چبوترن تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪامياب ڪونہ ٿيا رهندو بہ سندن ٻہ برگيڊيئر مئڪ لارن ۽ ٽيلر مارجي ويا ۽ برگيڊن کي سخت جاني نقصان رسيو. گلبرٽ جي فوج جيڪا ڀرپائين دشمن پوئتي هٽائي ڇڏي هئي تنهن اڳتي وڌي حملا ڪرڻ شروع ڪري ڏنا. سندن مقصد چبوترن تي قبضي ڪرڻ جو هو. ڪابي پاسي کان بہ ڪي ماڻهو پنهنجي پورهئي کي لڳا پيا هئا. قلعي کي ڪاٽ هڻڻ واري جٿي ان پاسي کان ڪوٽي ڪچي قلعي ۾ هڪ وڏو ٻرگهل ٺاهي ڇڏيو هو جنان ٽئڪ ويل پنهنجي گهوڙيسوارن کي هڪ هڪ ڪري ٽپايو ۽ هتي بہ مريد ڪيءَ جيان ۳- ڊرئگون کي پنهنجي بهادري ڏيکارڻ جو موقعو مليو. هڏهن اهي سکن جي فوجي واند مان گذريا تہ سندن ڪڍ پيا گهوڙيسوار بہ لڳي پيا.

سمٿ ۽ گلبرٽ جي فوج دشمن لشڪر تي سخت دٻاءُ رکيو جهن ڪري ڊِڪ جي فوجي کي وري صفبندي ڪرڻ جو هڪ ٻيو موقعو ملي ويو. پوءِ هوريان هوريان هڪ چبوتري ٻئي پٺيان ٻيو چبوترو فتح ڪندا نيٺ مورچہ بنديءَ وارو سارو علائقو پنجاب فوج کان خالي ڪرائي ورتائون.

# درياه ڪناري سان شڪست جو احوال

ٺئڪ ويل جا گهوڙيسوار دستا زور سان نعرا هڻندا دشمن فوج کان هڪ ٻئي پٺيان چبوترا خالي ڪندا ٿي ويا. اهو حال ڏسي پنجابي فوج کين روڪڻ جون زبردست ڪوششون ڪيون. پر ڪامياب ڪونہ ٿيا ۽ انگريز فوج جا گهوڙيسوار دستا هڪ ٻئي پٺيان قلعي جي پڳل چبوترن جي وٿين مان اندر داخل ٿيندا رهيا. هنن کان پوءِ ڪمپني جي فوجين صفون درست ڪري، نعرا هڻڻ ۽ اڳتي وڌڻ شروع ڪيو. پنجاب فوج جي پيادل وک وک تي سندن مقابلو ڪري رهي هئي. اهڙي مقصد واسطي هنن ٽي قطارون جوڙي ورتيون هيون ۽ سنگينن جي زور تي انگريز فوج کي پوئتي هٽائڻ جا جتن ڪري رهيا هئا. پر سندن اهڙيون سڀ جاکوڙون اجايون ويون. هارس آرٽيلري جي گهوڙن تي سوٽنن جو سٽڪو لڳو پيو هو جن توبن کي تڪڙو تڪڙو چڪي مورچن جي مناسب وٿين ۾ بيهاريو ٿي. جيڪو بہ پنجابي فوجي مارجي دائري ۾ ٿي آيو تنهن جو جسم مڇيءَ جيان ٻيرا ٻيرا ٿي ويو ٿي. پوءِ تہ پنجاب فوج ۾ ڀاڪوڙا پئجي ويا. هرڪو جان بچائي ڀڄڻ لڳو. بس ائين سيڙهو ڪري ٻيڙين ڏانهن وهي پيا. سندن ڪوشش اها هئي تہ پٽل جي چمڪندڙ توبن جي مار کان جيترو ٿي سگهي ايترو جلدي ٻري ٻڃي پنهنجي جان بچائي سگهن. ڪن وري ٻيڙين وسيلي ستلج اڪرڻ واسطي پتڻن ڏانهن رخ ڪيو. پنجاب- فوج، ڏڦير گهوڙيسوارن ۽ خود پاتل تلوارباز گهوڙيسوارن کان ونئن ٿي وئي جيڪي هنن لاءِ عزرائيل جو آواز بنجي سندن ڪڍ ڊوڙي اچي رهيا هئا. هنن خلاف قضا جو ٻيو قلم بہ وهي چڪو هو جو هماليہ جبل جي هيٺين پاسي سياري جو سخت مينهن پيو هو ۽ ستلج ۾ پورا ست انچ پاڻيءَ جو چاڙهہ اچي ويو هو. لانگهن ۽ پتڻن جا نشان پتا ئي ميسارجي ويا هئا. پاڻيءَ جي چاڙهہ ڪري پل پاڻمرادو تڙڪاٽ ڪري رهي هئي. پنجاب فوج، هن وقت فوجي ضاطبا ۽ اصول پڃي ڪڙين تي زور رکيو هو. ٻني ڪني اڏ ۽ ڪڏ جو کين حوصلو ئي ڪونہ هو. انهن کي اهو بہ هوش ڪونہ هو تہ ايتري ساري ڀاڄوڪڙ فوج جو پل بار ڪٿي سگهندي بہ الائي نہ. هارس آرٽيلري ۽ راهل بردارگورگا سندن پيڇو ڪري رهيا هئا. دشمن پٺيان ڏسي، نڪ سامهون درياه مان وهي پيا. جيڻ ڪارڻ جيڏيون وڏا ڪير وس. اهڙيءَ ريت هزارين ماڻهو مري ويا. سندن ٻڏڻ جو ايڏو تہ ڏکوئيندڙ منظر هو جو سندن دشمن انگريزي فوج جو هٿيان ڦسي پيو هو. اها هڪ ڏکي گهڙي هئي. فاتح فوج جو اهو فرض هو

# انگريز لاهور ۾

گونر جنرل پنهنجي سر جنگي محاذ تي موجود هو جيڪو پوءِ ان شام جو فيروز پور ڏانهن هليو ويو. چاڪاڻ تہ لٽلر جي هراول فوج کي تڪڙ ۾ ٻيڙين وسيلي درياه پار ڪرائڻو هو ۽ ان کان پوءِ ڪيس ٻيڙين واري پل تيار ڪرائي هئي جيڪا ١٢- تاريخ تي جڙي راس ٿي. بعد ۾ برطانيہ سرڪار جي فوج اتان پار ڪري قصور پهتي جيڪا فيروز پور کان سورنهن ميل پري هئي ۽ اتان کان ٽيهہ ميل سفر ڪري ١٣- تاريخ تي خير سان وچي لاهور پهتي. ان فوج سان ڪماندر- ان- چيف گڏ هو. هڪ ڊويزن فوج پوئتي جنگي ميدان واريءَ جوءِ ۾ ڇڏي وئي هئي. لاهور ڏانهن ويندڙ رستي کان گهڻا فوجي عملدار واقف هئا ڇاڪاڻ تہ اهي ڪابل ڏينهن ايندي ويندي ان گس سان متيندا هئا. سيل، مئڪ ڪاسڪل ۽ ٻين ننڍن وڏن عملدارن افغانستان واريءَ جنگ ۾ حصو ورتو سي هن سڪ جنگين دوران مارجي ويا هئا. ان ڪري فوج ۾ برطانيہ سرڪار کي اڻ ميو ڇيهو رسيو هو. باقي زنده فوجي بہ سياڻا ۽ سچيت هئا ڪين پورو پتو هو تہ جنگ دوران ڪيئن وڙهجي. مٿي بيان ڪيل فتحن ڪري ننڍو وڏو فوجي ڏاڍو سرهو هو. سوبران جي جنگ کان پوءِ هن نئين ملڪ ۾ فوجن سڪ جو سچو ساهہ کنيو ۽ ساهي پٽي هئي. ١۴- تاريخ جنوري تي لارڊ هارڊنج، بہ پيش قدمي شروع ڪئي.

١٥- تاريخ تي چالاڪ لومڙ گلاب سنگهہ بہ اچي پهتو جيڪو تن ڏينهن ۾ سڪ دربار ۾ وزيراعظم جي عهدي تي فائز هو. هن سان صلح ڪرڻ وارو وفد بہ گڏ هو جنهن کي فاتحن طرفان مڙهيل عهدنامي تي صحيح ڪري ان ناه کي قبول ڪرڻو هو. پنيان ساري هندستان جا ماڻهو انگريزن جي پلن پاڳن کي ڏسي اچرج ۾ هئا. وٽن ٻيو چارو بہ ڪونہ هو.

پنجاب فوج جو باقي نالي ماتر ڪو حصو وڃي بچيو هو جيڪو افغان- پنجاب سرحد سان موجود هو. ساٺس ٿوريون ٽڪيون کي توبون بہ هيون. هن کان علاوه ڪجهہ باروت ۽ خزانو بہ هو. انگريز اختياريءَ وارن جڏهن انهن سڀني شين جي ڪانئن گهر ڪئي تہ هنن اڪيون بوتي ها ڪئي ۽ ان جي خلاف ڪا ٻُڙڪ بہ ڪانہ ٻوليائون. پنجاب جي باقي بچيل فوج سڪن جي پوتر شهر امرتسر پرسان فوجي ڇانوڻيءَ ۾ ويٺي هئي ۽ پنهنجا زخم چٽي رهي هئي. سندن مکيہ فوجي عملدار مارجي ويا هئا ۽ ونن جنگين سان لاڳا پيل کي اڌورا سپنا هئا ۽ بس.

هن وقت برطانيہ سرڪار جيڪو اعلان ڪيو هو سو بامقصد ۽ مختصر هو. هنن راجا دليپ سنگهہ کي پنجاب جو حڪمران تسليم ڪيو. ڪيس. ستلج ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بياس وارو دوآبو انگيزن کي ڏيڻ لاءِ چيو ويو انهي لاءِ تہ جيئن سندس ملڪ جو صحيح معني ۾ تحفظ ڪري سگهجي. هن ڪان علاوه پنجاب سرڪار انگريزن کي پندرهن لک روپيہ جنگ جو هرجاڻو ڏيڻ بہ قبول ڪيو. وڌيڪ کين چيو ويو تہ ننديا وڏا ٻيا شرط شروط لاهور پهچي طئي ڪيا ويندا. ٢٥ نومبر جيڪي مختلف دورن ۾ ستلج کان ٿيائي آنديون سي بہ انگريزن جي حوالي ڪيون ويون. هن کانسواءِ اهو بہ طئي ڪيو ويو تہ پنجاب جي فوج جو انگ ايترو هوندو جيڪو راجا رنجيت سنگهہ جي دور ۾ هوندو هو يعني پنجويهہ بٽالنون پيادل ۽ ٻارنهن هزار گهوڙيسوار. ناهہ جا مٿيان شرط گلاب سنگهہ ۽ ان آيل ناه واري وفد ٿوري ڪرِ ڪرِ کان پوءِ قبول ڪيا. ان کان بعد مهاراجا دليپ ٢٠- تاريخ تي ٻاهر انگريزي فوج جي ڇانوڻيءَ ۾ پهتو جيڪا ان وقت لاهور کان ٻري ليلان واري ماڳ تي رسيل هئي. بعد ۾ هو گورنر جنرل ۽ ڪمانڊر- ان- چيف سان گڏجي لاهور ۾ داخل ٿيو. انگريزي فوج ميان مير واري ميدان ۾ واند هئي ويهي رهي جتي ڪجهہ عرصو اڳ پنجاب جي فوج وزيراعظم جواهر سنگهہ کي قتل ڪيو هو. ٿوري وقت بعد اها مغل قلعي ۾ وڃي ويٺي. ان وقت سر چارلس بہ سنڌ مان ڪهي اچي لاهور پهتو هو.

هاڻي گلاب سنگهہ نئين پنجاب جي وزيراعظم ٿيڻ لاءِ سوچي ويچاري رهيو هو ۽ پنجاب جي حڪومت لاءِ نئين گهراڻي واسطي هٿ پير هڻي رهيو هو. پر سر هارڊنج جي حڪمت عملي ڪجهہ ٻئي رنگ ڍنگ واري هئي. سندس مرضي هئي تہ جموںءَ ۽ راجپوتون جي روهہ واري جوءِ کي پنجاب کان الڳ، هڪ آجو ۽ جدا ملڪ ٺاهيندو. هن اهو بہ فيصلو ڪيو تہ مغلن وارو ڪشمير وارو علائقو جيڪو سکن افغانن کان سنہ ١٨٢٠ع ۾ فتح ڪيو هو سو بہ جموں سان ملائي ڇڏي. هن کان علاوه بچاءَ جي ضمانت طور ڪجهہ رقم گلاب سنگهہ کي انگريزن کي ادا ڪرڻي هئي. پر پنجاب جو خزانو خالي هو. هن کان سواءِ انگريزن ڪشمير، جموںءَ سان ملائي گلاب سنگهہ جي حڪومت ۾ شامل ڪيو هو. ان جي معاوضي طور بہ گلاب سنگهہ کي مقرر رقم انگريزن کي ڏيڻي هئي. اهو علائقو هزارا وارن ماڻهن جي هٿ ۾ هو. انگريزن ان جو معاوضو هڪ ڪروڙ روپيہ مقرر ڪيو هو. پر هيڏانهن گلاب سنگهہ جي گهر ۾ ڪوڏي بہ ڪانہ هئي. انگريزن ڪيس اهڙي موڪل ڏني هئي تہ هو پنهنجي مري ويل ڀاءُ سچيت سنگهہ جي خزاني مان ادا ڪري سگهي ٿو جيڪو بنا فيصلي جي فيروزپور ۾ موجود هو.

گلاب سنگهہ جي من جون مرادون پوريون ٿي رهيون هيون تنهن ڪري هو خوشيءَ کان ڪپڙن ۾ ڪونہ ٿي ماپيو. انگريز ١٥- مارچ ١٨٤٦ع تي دربار منعقد ڪئي جنهن ۾ گلاب سنگهہ کي مهاراجا جو خطاب عطا ڪيو ويو. ان ڪري هيءَ انگريزن جو نهايت کان بہ گهڻو وڌيڪ شڪر گذار ٿيو ۽ اعلان ڪيائين تہ هو "انگريز سرڪار جو زر خريد غلام آهي".

هيءَ ڳالهہ بہ دلچسپيءَ کان خالي ڪانہ آهي تہ جڏهن انگريز سرڪار

## باب ڏهون

# پنجاب ۽ ملتان

لاهور
دربار وارو دور
ملتان وارو ڏکوئيندڙ واقعو
هربرٽ ايڊ ورڊ جو قصو
جنرل وش جو ملتان ڏانهن اسهڻ
پنجاب ۾ بغاوت
برطانيه سرڪار جي جوڙيل پنجاب جي انگريزي فوج

## لاهور

نظر اٿين اچي رهيو هو ته سک- انگريز ناه ڪري هڪ اهڙيءَ حڪومت جو بنياد رکيو ويو هو جيڪا مضبوط ۽ حناءَ ڪرڻ واري هئي. پر ان حڪومت کي سگهاري بنائڻ واسطي بنهي ڌرين کي ڪوشش ڪرڻي هئي. عام ماڻهن جو خيال هو ته ڪانئن ڏل جي زوري اوڳاڙي ڪٽي ويندي. ان ڪري ڪيترن علائقن جي ماڻهن ۾ تاءُ هو ۽ بغاوت ڪرڻ جي ويجهو وڃي پهتا هئا. ننڍڙو مهاراجا مضبوط ماڻهوءَ جي ضابطي هيٺ هو. سندس ماءُ کي ونس اڃا وڃڻ جي ڪلي موڪل هئي جيڪا ختن جي سٺي ڪانڌ هئي. هينري لارينس نهايت سگهارو ۽ سچيت ماڻهو هو جنهن ٿوري وقت ۾ ننڍڙي جي ڏيئنندڙ منهن کي موٽي وڌو هو.

هينري لارينس سان گڏ اڌ ڊزن - کن پنهنجي نوجوان ماڻهو هئا جيڪا ريزيڊنٽ جي عملي طور سنڌس ماتحت هئا. کين سک گورنرن جي صلاحڪار طور مقرر ڪيو ويو. ڏکئي وقت گورنرن کي صحيح صلاحون ڏيڻ، غلط ڳالهين کي روڪڻ، فوج ۽ نيم فوجي دستن کي مقرر ڪرڻ مهل صلاح مشورو ڏيڻ سندن ذميوارين ۾ شامل هو. انگريز حڪومت جي ساري دور ۾ نوجوان عملدارن جي اهڙي چونڊ نه اڳي ٿي نه وري ڪڏهن پوءِ ڪئي وئي هئي. بياس جي هن پير واري علائقي ۾ هينري لارينس جي ڀاءُ جان لارينس کي برطانيه سرڪار جي صوبي جو غير فوجي اعليٰ عملدار ڪري مقرر ڪيو ويو هو.

هنن پنهي عملدارن جو هن علائقي ۾ اثر دخل تمام گهڻو هو. ماڻهو به سندن گهڻي عزت احترام ڪندا هئا. پاڻ مطالعي جا شوقين هئا. ڏيهي عملدار به کين گهڻو مان مرتبو ڏيندا هئا. انتظامي اوڻاين تي نظر رکڻ سندن ذميوارين ۾ شامل هوندو هو. اهڙي ريت پنجاب جون بگڙندڙ حالتون مستحڪم ٿي ويون ۽ انگريزن خلاف نفرتون ۽ ڪدورتون دور ٿي ويون هيون ١٨٤٧ع ۾ هارڊنج جيڪو ان وقت وسڪائونٽ ٿي ويو هو تنهن پنجاب بابت لنڊن ۾ هن ريت لکيو." هر معاملو بلڪل صحيح نموني هلي رهيو آهي." خطري واري ڳالهه فقط اها هئي ته سنڌوءَ جي ڪناري اهي سک فوجي مقرر هئا جن ستلج جي ڪناري انگريز فوجن سان مقابلو ڪونه ڪيو هو ۽ پنهنجي شڪست واري ذلت کان اڻ و ـ ـ هئا.

نوجوان انگريز عملدار پنهنجن عهدن تي نهايت ذاهپ سان ڪم ڪري رهيا هئا. افغانستان جي سرحدي علائقن ۾ سندن ذميواريون ڪجهه ڏکيون هيون ۽ اهي به شاندار نموني سان نباهي رهيا هيا. هر برٽ ايڊ ورڊ ديره جات ۾، رينيل ٽيلر بنون ۾، ريزيڊنٽ جو ڀاءُ جارج لارينس پشاور، هربرٽ اٽڪ ۾، جان نڪولسن هزارا ۾ نهايت ديانتداريءَ سان پنهنجو فرض سرانجام ڪري رهيا هئا. ٻه نسل اڳ انگلنڊ ۾ هندستان جو هر گهر هنن نالن کان واقف هو.

پشاور وارو علائقو گهڻو ڏکيو هو. جنرل اويٽابل پنهنجي مشهور برگيڊ سان گڏ هتي رهندو ۽ حڪومت ڪندو هو. سندس باغ جي هر ڪنڊ ۾ ڦاسيءَ جا ڏورا پيا لڙڪندا هئا ۽ اهو ڪو نياڳو ڏينهن هوندو هو جو ڏورا ڪنهن انساني جسم کان سواءِ خالي لڙڪندا هجن. ٻه چار سال کن ٿيندا جو جنرل اويٽابل پنهنجن حڪمن ۽ سزائن سميت هتان نڪري ويو اهي. جارج لارينس لکيو آهي ته ماڻهو ويڳاڻا ۽ نراس نظر اچن ٿا. جيڪڏهن ڪشمير واري بغاوت کي وقت سر ختم نه ڪيو وڃي ها ته هتي به ضرور باهه ٻري پوي ها.

فيبروري ١٨٤٧ع ۾ لاهور ۾ وڳوڙن منهن ڪڍيو هو. هتان جي ڪن ماڻهن انگريز ريزيڊنٽ سميت دربار جي معتبر رڪنن کي قتل ڪرڻ جو منصوبو تيار ڪيو هو جيڪو ظاهر ٿي پيو. جيئو وڃي ٿو ته ان منصوبي ۾ رائيءَ جو وڏو هٿ هو جنهن کي شيخاپوره ۾ نظر بند ڪيو ويو. ١٨٤٧ع وارو سال انگريزن لاءِ سدورو ثابت ٿيو. هينري لارينس بيمار هو ۽ ڊگهيءَ موڪل تي هليو ويو. هن جي جاءِ تي مسٽر "ڪري" کي مقرر ڪيو ويو. لارڊ هارڊنج به وڃي وطن جا وڻ واچيا جنهن جي جاءِ تي ١٨٤٨ع جي شروع ۾ ارل آف ڊلهائوسي مقرر ٿي آيو هو.

ان زماني ۾ هڪ اهڙو واقعو ٿيو جنهن بابت ڪنهن کي ڄاڻ ڪِنَ نه ڪانه هئي ۽ جنهن جا نتيجا به اڳرج جهڙا نڪتا. هن وقت تائين انگريزن لاءِ لاهور ائين هئي جهڙيءَ ريت ١٨٤٠ع ۾ ڪابل هو. انگريزن جيڪا حڪومت بنائي هئي سا سندن سهائتا کان سواءِ هڪ وک به هلي ڪانه ٿي سگهي. تنهن ڪري حالتن انگريزن کي پنجاب ۾ رهڻ لاءِ مجبور ڪري وڌو هو. پر ڪابل جي پيٽ ۾ هتي اهڙا ماڻهو مقرر ڪيا ويا هئا جيڪي هتان جي ماڻهن لاءِ قابل قبول ٿي ڪونه هئا.

# ملتان جو ڏکوئيندڙ واقعو

سنه ١٨٤٦ع جي پڇاڙيءَ ڌاران ڀيرو وال جو عهدنامون ٿيو هو. ١٨٤٧ع وارو سال به خير خوبيءَ سان گذري ويو لارينس هڪ نوجوان عملدار هو جيڪو سدائين پنهنجي ڦلائيندو هو ۽ گورنرن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪا ڳالهه ڪرڻ ئي ڪونه ڇڏيندو هو. سندن خواهش هوندي هئي ته راڄينتي مامرن ۾ نياءَ ۽ نيت سان هلڻ گهرجي ۽ انتظامي طور ڪم جي اڪلاءَ ۾ تبزي هجڻ گهرجي. ملتان وارو صوبو افغانستان کان سنه ١٨١٩ع ۾ فتح ڪيو ويو هو. ان کان هڪ سال اڳ ڪشمير پنجاب سان ملي چڪو هو. ملتان واري علائقي ۾ پٺاڻن جي آبادي به گهڻي هئي ۽ زمين جي وڏي حصي جا مالڪ به هوندا هئا. هاري به سائن گڏ آيل پٺاڻ طبقو هو. ٿورا ڪڪا هندو به هاريو ڪندا هئا. پنجابي مسلمانن جو انگ تمام گهٽو هو جيڪي بکيا ڏکيا ءڪنگال هئا. شهر ۾ هڪ اهم تجارتي مرڪز هو. واپاري طبقو هندو هو جنهن جو واپار افغانستان ۾ وچ ايشيا جي ملڪن سان هلندو هو. هيءَ شهر هندستان ۾ نهايت اهم ٽاڪ تي قائم آهي جتي غزني ۽ قنڌار کان ايندڙ رستا مختلف لڪن مان لنگهي هن شهر وٽ اچي گڏبا آهن. ماضيءَ ۾ سڀ حملہ آور ڌريون ڀهريائين هن شهر ۾ پهتيون آهن ۽ پوءِ هندستان تي حملو ڪيو آهي. سيئي رستا ان ڪري هتي اچي گڏيا هئا جو هيءُ شهر انهن مشهور ماڳن کان هيٺئين طرف آهي جتي وڏا درياه اچي پاڻ ۾ سنگم ڪندا هئا. اهي چاٽايل رستا پاڻيءَ جي اٿاٽ وارين ايراضين کان وڪڙ ڪري لنگهندا هئا. اها صورتحال برطانيہ سرڪارجي آبپاشي نظام شروع ٿيڻ کان اڳ واري دور سان واسطو رکي ٿي.

ملتان جو ديوان يا گورنر پاڻ پنهنجي علائقي جي ڍل ۽ محصول جو تعين ڪندو هو ۽ اوڳاڙي ڪرائيندو هو ۽ مرڪزي سرڪار کي اوڳاڙيل ڍل جو حصو پنهنجي مرضيءَ موجب ڏيندو هو. اوڀارين ملڪن ۾ محصول جي اوڳاڙيءَ جو طريقہ ڪار اهو هوندو هو. ڪيس لاهور ۾ گهرائي ٺيڪي حوڪي بابت ڪائنس پڇاڻو ڪيو ويو. سندس اوٺاين کي نظر ۾ رکي سندس ملازمت کي ختم ڪيو ويو هو. ريزيڊنٽ ڪيس مارچ ١٨٤٨ع تائين پنهنجا فرائض سرانجام ڏيڻ لاءِ زور ڀريو هو.

اپريل ۾ ديوان مولراج جي جاءِ تي هڪ سک گورنر ملتان موڪليو ويو جنهن سان وانس ائگنيو به گڏ ويو. هيءُ ريزيڊنٽ جي عملي ۾ هڪ پوليٽيڪل

عملدار طور ڪم ڪندو هو ۽ اصولن ضابطن موجب ڪيس هن ڪورنر جو صلاحڪار بنايو ويو هو. بمبئي جي يورپين ريجيمينٽ جو هڪ ليفٽيننٽ انڊرسن کي نائب طور ساڻس شريڪ ڪيو ويو. صوبي جو انتظام سنڀالڻ سندن ذميواري هئي. ڪين اهو به ڏسڻو هو ته جيئن هي نئون گورنر ڪم جي شروعات چڱي نموني سان ڪري. هڪ فوجي جٿو جيڪو گورکن تي مشتمل ۽ سک فوج جي ماتحت هو ساڻن گڏ روانو ڪيو ويو هو جنهن ۾ ڪجهه توبون ۽ گهوڙيسوار به شامل هئا.

١٧- اپريل تي اچي ملتان جي اوڏڙو رهيا. هو ٻئي ڏينهن مرڪي شهر جي ٻاهران هڪ عيدگاهه وٽ پهتا جتي ڪين پنهنجي رتيل سٽاءَ موجب ترسڻو هو. ملتان جي ديوان سندن نه جهڙي آجيان ڪئي ۽ مسٽر وانس ائگنيو کي فوج ۽ قلعيءَ ڀاڻن جي معائني ڪرڻ لاءِ گذارش ڪئي.

اهڙي معائني ڪرڻ لاءِ ١٩- تاريخ مقرر ڪئي وئي. اپريل مهيني ۾ ملتان وارو علائقو گرم ٿي ويندو آهي. صبح جو سوير ٻن انگريز عملدارن نئين ديوان "سردار خان سنگهه مان" سان گڏجي معائني لاءِ روانا ٿيا گورکن جو فوجي دستو به هنن سان گڏ هو جيڪو ٻن ڪمپنين ۽ پنجويهن ترپرس تي مشتمل هو. اڪيون ديوان هنن کي قلعي جي ڪار ڦاٽڪ وٽ اچي مليو. قلعي جي ٻاهرئين ڦاٽڪ وٽ ٻيٺل هڪ نندڙيءَ ديوان کان پڇيو ته انگريز عملدارن لاءِ سندس ڪهڙا حڪم آهن. ديوان ڪيس وراڻيو ته هي صاحب آهن ۽ قلعي جا مالڪ آهن. ديوان اتي اهو به حڪم ڪيو ته سندس نوڪر چاڪر قلعي اندر داخل نه ٿين. وان ائگنيو پاڻ سان گورکن جي هڪ ڪمپني ساڻ ڪئي ۽ ڪين حڪم ڪيائين ته قلعي اندر اهي جايون وچي سنڀالن جيڪي اڳيئن گورنر جا مقرر ڪيل فوجي سنڀاليندا هئا.

قلعي جي معائني کان پوءِ وانس ائگنيو، ديوان مولراج، ديوان خان سنگهه مان ۽ انڊرسن ٻاهر نڪتا. قلعي واري سرڪٽي پل وٽ بيٺل هڪ ماڻهوءَ وانس ائگنيو تي ڏڦي سان جلهه ڪئي ۽ ڪيس ٿورو ڪجهه گهائي وڌائين. ان کان پوءِ هڪ فوجي سپاهي سٽ ڏئي مياڻ مان تلوار ڪڍي انگريز تي وار ڪيو ۽ ڪلهي وٽ ڪيس ڦٽي وڌائين. ائگنيو ان ماڻهوءَ کي سوني هٿي ڪيرائي وڌو. اتي مسلمان فوجي به بيٺا هئا سي به تلوار اڀيون ڪري انڊرسن تي جلهه ڪري آيا ۽ ڪيس ان جهيڙي ۾ چڏ وٽ واري وايو منڊل ۾ پنج گهاءَ رسيا هئا. هي وڳوڙ اچا هلي رهيو هو جو ديوان مولراج گهوڙي تي سوار ٿي "عام خاص" ۾ وڃي نڪتو جتي هو عام خاص ماڻهن سان ملاقاتون ڪندو هو. ان وقت اهو ڏٺو ويو ته جنهن وقت زخمي انگريز آفيسر عيدگاهه ڏانهن نيا پئي ويا ته سندس ماڻهو تر تڪڙ ۾ توبون ٻاهر ڪڍي رهيا هئا.

عيدگاهه وٽ پهچي زخمي ائگنيو ٻي خط هڪ بهاولپور جي مسلمان حڪمران ڏانهن. ٻيو ديره جات جي انگريز ڪمانڊر ان جيف وان ڪورٽ لئنڊ ڏانهن ياد رهڻ گهرجي ته ديره جات جو علائقو سنڌوءَ جي ڪنار سان واقع آهي. ٽيون خط هن ديوان مولراج ڏانهن لکيو هو جنهن ۾ چيو ويو هو ته هو ڪيس ان واقعي جو ڏوهي ڪونه ٿو سمجهي. هن ڪيس جوابي خط لکيو هو ته هو ڪيس ڏسڻ

بهاول خان کي حڪم ڪيو هو تہ هو بہ پنهنجي فوج وٺي ملتان هيٺان ستلج اڪري. مولراج طرفان موڪليل هراول دستا ايڊورڊس هٿان شڪست کائي چڪا هئا. ان فتح جي ڪري پهراڙيءَ جي ماڻهن تي وڏو اثر پيو ۽ جون جي پهرئين هفتي دوران سنڌوءَ جي ٻئي پار وارو هن فوجي جو علائقو صاف ٿي چڪو هو. هن جا ڪيو جو مولراج کي ٻي خبر رکندي ساريون ٻيڙيون پنهنجي قبضي ۾ ڪري ساري فوج سنڌوءَ پار پهچائي ڇڏي. ليفٽيننٽ ليڪ جو انجنيئرس سان واسطو هو. لاهور جي ريزيڊنٽ ڪيس حڪم ڪيو هو تہ هو وڃي بهاولپور جي فوج سان گڏجي ۽ هربرٽ ايڊورڊس جي وڃي واهر ڪري. ايڊورڊس هڪ نوجوان فوجي عملدار جيڪو پنهنجي عهدي ۾ ننڍو هو پر پاڻ کان تمام وڏيون ذميواريون سنڀالي رهيو هو. هزارين فوجي سندس ماتحت هئا. سک فوج جو جنرل وان ڪورٽ لئنڊ بہ هن جي حڪم هيٺ ڪم ڪري رهيو هو. سک فوجي ۾ پنجاب جي مسلمانن جو تمام گهڻو انگ هو. هندستاني بہ سک فوج ۾ شامل هئا سي سڀ سندس ماتحت هئا. مسلمان فوجي پنهنجي دل جي گهراين سان هاڻي برٽش جي پاسي هئا ۽ سک دربار جي سچي سگهہ هئا.

نيٺ ايڊورڊس کي وڃي پتو پيو تہ سال جي هن ڪاڙهہ واريءَ رت ۾ انگريز سرڪار پنهنجي فوج رواني ڪانہ ڪندي ۽ اهم ذميواري سک حڪومت تي پنهنجي ڪلهن تي رکڻي پوندي. پوءِ پاڻ ملتان تي ڪاهي وڃڻ لاءِ اڳتي وڌي مولراج کي سندس پنهنجي قلعي ۾ وڃي سوگهي جهلڻ جو فيصلو ڪيائين. هن کان علاوه ٻيا بہ ڪيترا اهم واقعا ٿيا جن کي هتي بيان ڪرڻ ضروري ڪونہ آهي. قصو ڪوتاه تہ هن ١٦ جون تي پنهنجي لشڪر کي پيش قدمي ڪرڻ جو حڪم ڏنو جيڪو سنڌوءَ سان وڌندو وڃي چناب جي ڪنار سان سفر ڪرڻ لڳو هو. سندس ارادو ”ڪنري“ پتڻ پهچڻ جو هو. بهاولپور واري فوج بہ چناب جي ڪاپي ڪناري سان گهڻو هيٺ منزل ڪيون ويٺي هئي. مولراج پنهنجي لشڪر سان اڳتي وڌي رهيو هو. سندس مقصد هو تہ هو هربرٽ ايڊورڊس کي درياه اڪرڻ نہ ڏئي. ١٧- تاريخ تي بهاولپوُر جي دائود پوٽن بہ ”ڪنري“ ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو. انهيءَ لاءِ تہ جيئن ايڊورڊس جي پهچڻ تائين انهيءَ پتڻ جو بچاءُ ڪري سگهي. هربرٽ ايڊروڊ پتڻ تان پار ڪري رهيو تہ ڪيس توبن جي گولا باري جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هن ٿورو اڳتي وڌي ڏٺو تہ اها داؤدپوٽن جي فوج هئي جيڪا مولراج سان مهاڏي ڏيڻ واسطي اتالي ويٺي هئي. هن دائود پوٽن کي گولا باريءَ کان روڪيو ۽ کين چيائين تہ جيستائين سندس فوج ۽ لشڪر ٽپ پار نہ ٿو ٿئي تيستائين ڪجهہ بہ نہ ڪيو وڃي. ٽين وڳين ڌاران ٻئي فوجون تيار ٿي بيٺيون ۽ جهيڙي جي شروعات ٿي وئي. مٿي ڄاڻايل ٽنهي فوجن جي وچ ۾ ”ڪنري“ پتڻ وٽ پوريون ست جنگيون لڳيون. سخت گولا باريءَ ۾ دست بدست جنگ کان پوءِ مولراج هارايو ۽ سندس فوج جا ٥٠٠ جوان مارجي ويا. جڏهن تہ انگريزن جي پاسي کان ٥٨ ماريا ۽ ٨٩ گهائجي پيا ۽ بهاولپور وارن جا هڪ سو ڪن ماريا ۽ زخمي ٿيا. مولراج جي فوج ۾ ست هزار ماڻهو هئا ۽ ملتان کان ٤٦ ميل وڌيڪ هن جنگ کان اهو تعداد وڃي ٣٠٠٠ بيٺو هو.

لاهور جي ريزيڊنٽ انگريز سرڪار کي فتح جون خبرون ٻڌائيندي پان کي مبارڪن جو مستحق سمجهيو آهي جاڪاڻ تہ هن ئي ملتان تي ڪاهي وڃڻ جون هدايتون ڏنيون هيون. هن وڌيڪ ٻڌائيندي لکيو آهي تہ ملتان کي فتح ڪرڻ واسطي ڪيس ڪيتري نہ هورا ڪورا لڳل هئي. لاهور ۽ پشاور جي وچ تي موجود سک فوج بہ هن فتح جي خبرن واسطي ڪنايون ويني هئي. هن کان پوءِ لکيو اٿائين تہ نہ سک فوج اتي پهچي هربرٽ جي ڪا واهر ڪئي نہ وري دربار جي منتظمين سان ڪنهن اتي ڪو پوتو پاريو. رڳو شير سنگهہ ۽ ٻيا ڪي سک سردار اچي ميدان تي تلوار پائي تيا هئا جن جس لهڻو سندس مڙسي ڪري سيني سک سردارن تي ويساه ڪري سگهجي ٿو. اها ڳالهہ ائين ڪانہ آهي. حقيقت اها آهي تہ لک شاباسون پنجاب جي مسلمان فوجين ۽ ليويز کي آهن جن پنهنجا سر ترين تي رکي انگريزن جي پاسي کان مڙس ٿي مهل ڪئي. هن کان علاوه برٽش سرڪار جا بہ ڪجهہ انگريز سپاهي هئا جن بهادريءَ جو مظاهرو ڪري هيءَ سوڀ ماڻي.

معلومات ملڻ کان پوءِ لارڊ ڊلهائوسيءَ کي بہ احساس ٿيو تہ حالتون ڪهڙيون نہ سنگين هيون. ان کان پوءِ هربرٽ پنهنجي دائود پوٽن واري فوج ۽ وان ڪورٽ لئنڊ جي ريگيولر وني ڏکڻ- الهندي پاسي کان ملتان ڏانهن وڌڻ لڳو. سراج خوند واهہ وٽ هڪ ٻي زبردست جنگ لڳي. هن سان گڏ ان وقت ١٨٠٠٠ ماڻهو هئا. ليفٽيننٽ ليڪ، وان ڪورٽ لئنڊ، سندس ڪلرڪ ڪئن، بهاولپور فوج جو ڪئپٽن ميفرسن جنهن جو لهڊينس سان واسطو هو ۽ ٻيا بہ چار يورپي ۽ يوريشين نوجوان سندس پاڻهن ٻيلي هئا. هن فوج سان مختلف قسم جو ٢٢ توبون هيون. متي جاٽايل فوج جي پاڻ مهنداري ڪندي مولراج سان مهاڏي ڏيڻ واسطي اڳتي وڌڻ لڳو جيڪو ١- جولاءِ تي پنهنجو لشڪر وٺي هڪ واه پرسان ساڏو سائينءَ جي ماڳ وٽ مقابلي لاءِ اچي پهتو هو.

سخت مقابلي ٿيو جنهن ۾ مولراج هارايو. وٽس ڪل ١١ توبون هيون. وڏي جاني نقصان کان پوءِ هو شهر ڏانهن ڀڳو. ايڊورڊس جي پاسي کان ٢٨١ جانيون ضايع ٿيون. فاتح فوج ملتان قلعي تائين سندس ڪڍي لڳي وئي.

شير سنگهہ پنهنجي ريگيولر ۽ ٨٠٠٠ اريگيولر سان هوريان هوريان پيش قدمي ڪندو اچي ايڊورڊس سان مليو هو. ان وقت ايڊورڊس جي دل وڏي وئي ۽ جهيڙڻ لاءِ اتاولو بيٺو هئو. هن ريزيڊنٽ ڏانهن لکيو تہ ڏانهس ڳهيري واريون توبون موڪليون وڃن. انهن سان ميجر نئپيئر ( لارڊ نپيئر آف مگدالا) کي روانو ڪيو تہ هو پاڻ اچي توبخاني جي ان يونٽ جي مهنداري ڪري. ان وقت ڪئپٽن نئپيئر پنجاب جي نين سٽڪن جي اڏاوتن جي پرگهور ڪري رهيو هو. سندس ويچار هو تہ برطانيہ سرڪار جي هڪ برگيڊ پيادل ۽ انهن سان گڏ توبون ملتان جي فتح لاءِ گهٽيون آهن. هن کان سواءِ جنرل گوف اڳيئي حڪم ڪري ڇڏيو هو تہ گهيري واريون توبون ڪتب نہ آنديون وڃن جيڪڏهن ڪيڏانهن موڪليون وڃن تہ انهن جي حفاظت لاءِ ساڻن مناسب لشڪر ضرور گڏ هجي. جنگ ۾ حصي وٺڻ لاءِ جڏهن "ڪري" هڪ برگيڊ فوج گهُر ڪئي تہ ڪيس انڪار ڪيو ويو. ان جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارڻ اهو هو ته هڪ ته سخت گرميون هيون ۽ ان ڪري به ته فوج جي سخت جاني نقصان جو پوءِ هو. ٻي ڳالهه ته ملتان تي حملي واسطي برطانيه سرڪار جي حڪمت عمليءَ تي بحث مباحثو ڪونه ڪيو ويو هو ته ان معاملي ۾ انگريزن کي ڪيترو حصو وٺڻ کپي. جنرل گوف جو خيال هو ته جيڪڏهن انگريز سرڪار طرفان ملتان تي حملو ڪيو وڃي ته اهو مڪمل تيارين سان هجڻ کپي ۽ ان موسم دوران ڪيو وڃي جيڪا حملي ڪرڻ لاءِ ممڪن هجي. جنرل ۽ سندس عملي جو خيال هو ته هن حملي واسطي ان سک فوج کي ڪتب آندو وڃي جنهن انگريز فوج جو مقابلو ڪري انهن هٿان شڪست نه کاڌي آهي. تنهن ڪري اتر پاسي واري سک فوج کي ميدان ۾ لاتو وڃي. ٻي اهم ڳالهه اها به هئي ته فوج جو انگ ايترو ته گهٽايو ويو هو جو جيڪڏهن ٻئي پاسي بغاوت منهن ڪڍي ها ته ان سان منهن ڏيڻ ڏاڍو مشڪل هو.

## جنرل وش جو ملتان ڏانهن اسهڻ.

آخر ڳالهه ان جاءِ تي بيٺي ته سياسي شعبي جي ماڻهن کي ساريءَ فوج جي مهنداري نه سونپي وڃي ۽ اهي فقط پنهنجي ليويءَ جي ڪمان ڪن. جنرل گوف ۽ گورنر جنرل اهو حڪم ڪيو هو ته ريزيڊنٽ جي خواهش پوري ڪرڻ واسطي جنرل وش کي لاهور ۽ فيروزپور مان هڪ گهوڙيسوار برگيڊ ۽ ٻه پيادل برگيڊون ڏئي ملتان واري جنگي محاذ ڏانهن روانو ڪيو وڃي ۽ ان سان سک فوج ۽ هربرٽ ايڊورڊس وارو لشڪر به گڏ هجڻ گهرجي.

يورپي فوج راوي ۽ ستلج وسيلي ٻيڙن سان رواني ٿي. باقي هندستاني لشڪر رات جو ڪنارن سان اڳتي وڌڻ لڳو. چاڪاڻ ته ڪاڙهه ۽ رڳهه تمام گهڻو هو.

جنرل وش جڏهن ملتان پهتو ته ڪيس معلوم ٿيو ته هربرٽ ايڊورڊس شهر جي ڏکڻ پاسي ڪان فوجي واند هنيون وينو هو. هن به ساڻس گڏ وڃي ڪئمپ ڪئي. باقي لاهور ۽ فيروزپور کان آيل لشڪر شهر کان ٻه ميل اوپر ١٨ آگسٽ تي پنهنجون ڪئمپون قائم ڪيون. ان تاريخ تائين وانس اگنيو جي قتل کي پورا چار مهينا ٿي چڪا هئا. جنرل وش کي ويجهو ٿيڻ واسطي ايڊورڊس ۽ شير سنگهه پنهنجيون ڪئمپون ٿوريون سرڪاريون چاڪاڻ ته جنرل ڏکڻ پاسي ۽ صفا ڪاٻي طرف واند هنيو وينو هو.

شهر ۽ قلعي تي حملي ڪرڻ واسطي اجا طئي ڪونه ٿيو هو. شهر جي چوڌاري مضبوط قلعو هو جنهن جون پتيون گهٽيون اڇيون هيون. بچاءَ واسطي سگهارا چبوترا تعمير ٿيل هئا جن ۾ بندوقن چوڙڻ لاءِ مارن جي تعمير ٿيل هئي. ڪچي قلعي جي پت گهٽي موڪري هئي جنهن کي ڊاهي ناس ڪرڻ سولو ڪونه هو. قلعي اندر شهر کي ڏنل عالم پناه به ڏاڍي مضبوط هئي ۽ شهر کان گهڻو مٿي هئي. غزني واري قلعي ۾ به اهڙي عالم پناه هئي. جنرل وش کي پرتپور تي ڪيل حملي

محفوظ فوج ) رکڻ جو خيال اچي ها تہ وڏيڪ چڱو ٿئي ها. هن ايئن تہ ڪونہ ڪيو پر رهندو بہ هو پاڻ هليو ويو.

لارڊ گوف حالتن کان پوريءَ پوءِ ريت واقف هو. ونس آمدرفت جا وسيلا بہ ڪونہ هئا. ڪيس اها بہ پليءَ پت چاڻ هئي تہ جنرل وِش ڪتنان کان فوج وٺي ڪٿي ملتان ويندو. ڪيس اتي فوج سميت رسائڻ لاءِ ڪهڙي شئي جي ضرورت ڪانہ پوندي. هن اهڙين ضرورتن کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪومت وٽ پنهنجا وسيلا هئڻ گهرجن ۽ ان کان سواءِ فوج جو هڪ مائهو بہ اڳتي وڌي ڪونہ سگهندو. اهو ١٨۴٨ع وارو زمانو هو. هندستان ۾ ريل جو هڪ ميل بہ تيار ڪونہ هو. هن حڪومت کي پڻ اهو مشورو ڏنو هو تہ ملازمت مان ڪڍيل فوجين کي وري پرتي ڪيو وڃي ۽ جنگ واسطي نيرن بٽالنون ۽ ريجيمنٽيون ٺاهيون وڃن. لارڊ ڊلهائو سي هڪ جديد سوچ فڪر جو مائهو هو. هن پنهنجي جوانيءَ ۾ وڏا ڪم ڪري ڏيکاريا هئا. هو فوجي ذهن رکندو هو ۽ ٧٩- هاءِ لئنڊرس ۾ ملازمت ڪري چڪو هو. سندس مرضي هئي تہ هندستان زراعت جي جديد لاڙن موجب اڳتي وڌي، آمدرفت ۾ ترقي ڪري. هن چاهيو پئي تہ هندستان ۾ ٽيليگراف، ريلوي، اسڪول، ڪاليج ۽ مناسب سٿڪن جي تعمير ٿئي. پر فوجي مقصدن تي وڏيڪ خرچ اچڻ ڪري انهن ڳالهين کي هٿ ۾ ڪٿڻ ڏکيو هو. چو تہ هن قسم جي ترقيءَ تي پئسي جي تمام گهڻي ضرورت هئي. تنهن ڪري ٿوري وقت لاءِ هو هنن ڳالهين تي چڙيو رهيو. ڪمانڊر- ان- چيف کي پورو پتو هو تہ جنگ وارو مامرو اڪلائڻ ايڏو سولو ڪونہ آهي. جيڪڏهن ٿوري دير ٿي وئي تہ هر ڳالهہ هٿ مان نڪري ويندي. ڪيس اهو بہ معلوم هو تہ هو اڪيلي سر ڪجهہ بہ ڪري ڪونہ سگهندو ۽ جيڪو گورنر جنرل کان گهُري رهيو آهي سو بہ ڪيس ڪونہ ملندو. هي ڪمانڊر- ان- چيف نو سال پوءِ جڏهن بنگال جي فوجين بغاوت ڪئي هئي تڏهن بہ ڪجهہ ڪري ڪونہ سگهيو هو. پر فرق آهو هو تہ اها فوجي بغاوت قدرتي طور اڀري هئي. سکن جو مٿي ابري اچڻ سکن جي قومي هلچل جو حصو هو ۽ ان کي دٻائڻو بہ ضرور هو. مٿي شير سنگهہ جو قصو بيان ٿي چڪو آهي جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هو پنهنجي ساري فوج ۽ توبن سميت پڇي وڃي انگريز دشن مولراج سان مليو هو. هاڻي هتي انهن ڳالهين جو بيان ڪيو ويندو جن جي رد عمل طور شير سنگهہ دشمن فوج سان وڃي شامل ٿيو هو. جڏهن جنرل گوف اهڙين ڳالهين جي گورنر جنرل کي خبر ڪئي تہ ان کي بہ ڏيان ڏيڻو پيو.

معلوم ٿئي ٿو تہ مولراج حالتن کان مجبور ٿي ايئن ڪري رهيو هو. وانس ائگينو ۽ ائنڊرسن جو قتل يا انهن جي لاشن جي توهين ڪنهن اڳواٽ رٿابنديءَ موجب ڪانہ ڪئي وئي هئي. جڏهن اهي واقعا رونما ٿيا تہ انهن سڀني ڳالهين جو پاڻ کي ذميوار سمجهڻ لڳو ۽ ونس بغاوت ڪرڻ کان سواءِ ٻيا سڀ رستا بند هئا. تنهن ڪري هن سڀني سکن کي لکي موڪليو تہ پنهنجي آزاديءَ واسطي هڪ ڀيرو ڀرپور ڪوشش ڪن. طاقتور سک سردار سمجهي رهيا هئا تہ ريزيڊنٽ جا نوجوان انگريز نمائندا سندس سگهہ کي ڪٿي ڪوري ڪائي رهيا آهن. اڳي اهي ڏاڍ ۽

# باب يارهون

# رام نگر ۽ چليان والا

چناب ۾ رام نگر ڏانهن پيش قدمي
چين جي درياه مان پار ٽپڻ
سعد الود پور وارو محاذ
چليان والا ڏانهن پيش قدمي
ايپيرس جي بادشاه پائرس جهڙي فتح
”ٽِريز ابائوٽ“ جو قصو
ٻيو صبح

## چناب ۾ رام نگر ڏانهن پيش قدمي

وڪٽوريا دور جي هيءَ مشهور ۽ پنجين جنگ هئي. جيڪا اڻ ڪوني انگريزن جي ڳچيءَ ۾ پئجي وئي هئي. هن جنگ ڪري گهڻو ڪجهه ڦيٽارُو به پئجي ويو هو جيڪو لارڊ گوفي جي فوجي زندگيءَ لاءِ هڪ ٽِڪو هو. انگريز فوجين پنهنجي سورهيائي جو سڪو جمائي يوربي فوجين جو نانءُ روشن ڪري ڇڏيو هو. پر هنن چليان والا واري محاذ تي نڪ ٻوڙي ۽ اڳيون ڪَيو ڪَرتيو پاڻيءَ ۾ لوڙ هي ڇڏيو. پر جيڪڏهن جنگ ڪي ماهرانه چاڻ موجب هلايو وڃي ها ته ايئن ڪونه ٿئي ها. شايد انگريز عملدارن سمجهيو هوندو ته سڪ انگريزي فوج جي اڪ ڏسي ڇڪا آهن ۽ هاٿي مهاڏي ڏيڻ جي منجهن ٽوم ئي ڪانه آهي، جيڪي ڪجهه عرصو اڳ برطانيه سرڪار جي فوجن آڏو هٿيار ڦٽا ڪري ويچارا ٿي بيٺا هئا. هنن انگريز پٺاڻن کي به ڊوڙائي خيبر به ٽپائي ڇڏيو هو. جڏهن ملتان تي حملو ڪيو ويو ته هو

انڪينو ۽ ائنڊرسن جا لاش پاڻ سان گڏ قلعي مان ڪٽي آيا هئا ۽ ان ڦاٽڪ منجهان جيڪو انگريزي فوج حملي ڪان پوءِ پنهنجي قبضي هيٺ آڻي چڪي هئي. جيڪڏهن ڦاٽڪن مان نه. ته فاتح فوجن توبن سان گولا باري ڪري قلعي جي پٽ ۾ جيڪي ڳتا ڪري وڌا هئا تن منجهان انهن ٻنهي جا لاش ڪلهن تي زوريءَ ڪٽي وڃڻ ۾ سوڀارا ٿيا هوندا. فوج جڏهن پنهنجيءَ تي چڙهندي آهي ته پنهنجن جي لاشن جي به عزت ڪري ڇاٽندي آهي ۽ سندن اڇي لٽي تي لڱل ڇنو ڏوئي جڏيندي آهي.

ڪتاب جي آخري باب ۾ ڏسجي ٿو ته لارڊ گوف پنهنجي فوج جي ڪمان ڪري رهيو آهي. فوجي، هن سپهه سالار جي گهڻي عزت ڪندا ۽ پيار ڏيندا هئا پر هو پاڻ پروسي ۽ ويساه جوڳو ڪونه هوندو هو. هن جهيڙي دوران هو تيز رفتاريءَ سان لاهور ڏانهن وڌي رهيو هو ۽ تڪڙ ۾ راوي پار ڪئي هئائين جنهن کي يونانين هائڊروٽس سڏيو آهي. بعد ۾ منزلون ڪندو وڃي چناب وٽ پهتو هو جتي ڪرٽن اڳيئي منزل ڪيون ويٺو هو. وٽس ڪولن ڪئمبيل جي برگيڊ پهچي چڪي هئي ۽ پاڻ رامپور جي اوسي پاسي موجود پٽڻن تي اک رکي رهيو هو. جلدئي پوءِ پنهنجي دشمن ڏرين ۾ مهاڏو مچي ويو. هن جهيڙي ڪري گهوڙيسوار تلوار بازن وچ ۾ ڦيناڙو ۽ مِٽَ ڦوڪ پيدا ٿي پئي هئي.

١٦- نومبر تي ٻئي ويلنگٽن اسڪول جا شاگرد ڪن ڪڙا ڪيون ۽ تارا پٽيون، ساهران نالي هڪ ڳوٺ ڏانهن وڌي رهيا هئا جيڪو راوي ۽ رام نگر وارن پتڻ ڪان اٺ ميل پري هو. چناب جو پيٽ گهڻو ويڪرو هوندو آهي جنهن مان هماليه ۽ چين جي جبلن واري رهيل برف جو گهڻو پاڻي وهندو اڳتي نڪري ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هن وهڪري کي چين- آب يعني چين جو پاڻي سڏيو ويندو آهي. پر سياري جي مند ۾ هن جو پاڻي هڪ ڪرو ڪونه هوندو آهي ۽ واريءَ جي ڇڏيل پٽن مان ڪڏهن ٿورو ڪڏهن گهڻو پيو نظر ايندو آهي. منجهس ڏيٽيون ۽ ڇور گپون به جام آهن. ڪڏهن اوچتو روه ۾ مينهن جون چار ڦڙيون به پئجي وينديون آهن ۽ سندس پاڻيءَ ۾ چاڙهه اچي ويندو آهي ۽ لانگهن وٽ به پاڻي ڪجهه اونهون ٿي ويندو آهي.

شير سنگهه پنهنجي فوج سان اڳتي وڃي رام نگر وٽ منزل ڪئي جيڪو درياه جي هن پر ۽ اتان ڪان ٽي ميل ڪن وٿيرڪو هو. ٢١- تاريخ تي لارڊ گوف به پنهنجيءَ فوج سان پيش قدمي ڪندو اچي هڪ جاءِ تي منزل ڪئي جيڪا ڪرٽن واري فوج واندي ڪان چار ميل ڪن پري هئي. هن اتي پهچي ڪرٽن ۽ ڪئمبيل کي حڪم ڪيو ته هو ٻئي ڏينهن صبح جو رام نگر ڏانهن وڌن. واءُ سواءَ لهڻ واسطي هو سائن گڏ روانو ٿيو. حقيقت اها آهي ته هو حالتن جي واءُ سواءُ لهڻ واسطي هٿن سان هرويرو زوري گڏ ويو هو. هو اسر جو ٽين وڳين روانا ٿيا ۽ پٺيان ايندڙ فوج

آرام سان ٻٽي آئي ۽ اچي رام نگر ٻرسان منزل ڪيائون. سندس مقصد هو تہ درياه جي ڪناري تي بيهي جنگ جو ڍنگ ۽ رنگ ڏسي. جڏهن ڪرنن هڪ دڙي تي پهتو جيڪو رام نگر جي ساڄي پاسي هو تہ هن ڏٺو تہ سک پنهنجون توبون اتان ڇڪرائي مورچہ بنديءَ واري مڪيہ جاءِ ڏانهن وٺي رهيا هئا جيڪا درياه جي هن پر هئي ۽ سندن پنئين پاسي وارو لشڪر ان وقت شهر وٽان اڳتي وڌي درياه پار ڪري رهيو هو. هن لڻن ۾ وارنر جي فوجين کي درياه مان تپندڙ فوج تي گولاباري ڪرڻ جو حڪم ڏنو. انهن فوجين جي مرضي هئي تہ ڪجهہ ويجهو پهچي مٿن گولاباري ڪن. اها ڳالهہ دل ۾ سانڍي هارس آرٽيلري ڪجهہ اڳتي وڌي تہ توبون وچي واريءَ ۾ اڙيون. پر پوءِ بہ گولا وسائي دشمن کي گهڻو نقصان پهچايائون. پوءِ پير سکن جون ٢٨ توبون بيٺل هيون جن جوابي ڪارروائيءَ طور پنهنجي توبن جا منهن ڪولي ڇڏيا. درياه جي ايڪسپري ڪناري سان وڏيون توبون بہ بيٺل هيون تن بہ آلا اوڳاڇڻ شروع ڪيا. هن ڪان علاوه سک ڪمانڊر پنئين لشڪر جي بچاءَ ۾ گهوڙيسوار دستا بہ روانا ڪيا. توبن جي بچاءَ واري فوج ۾ موڪليل گهوڙيسوارن ٥- ڪيولري تي حملو ڪري ڏنو. لئن ان ڪيولريءَ کي گهربل امداد ڏئي رهيو هو ۽ اڳتي وچي واريءَ ۾ ڦاٿو. ان ڪري انگريزن کي هڪ توب ۽ بارود جي ٻن گاڏين تان هٿ ڪڻڻو پيو هو جيڪي واري ۾ وچي ڦاٿيون هيون ۽ دشمن توبن جي ويجهو هيون. سکن جا هزئي گهوڙيسوار دستا ان سان گڏ پيادل جا ٽي چار هزار بہ هن پر پهچي چڪا هئا. گوف ١۴- لائيٽ ڊرئگون کي مٿن حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. سندن سپهہ سالار هيولاڪ بہ جُوان مرديءَ سان اڳتي ڌوڪڻ لڳو. ڪرنن کي پڪ هئي تہ سکن جي محفوظ فوج ضرُور پر پاسي لڪل هوندي. تنهن ڪري هو گهوڙو ڊوڙائي اڳتي وڌيو تہ جيئن ١۴- ڊرئگون کي بچائي سگهي. پر ڪيس سيني ۾ هڪ گولي لڳي وئي. گوف کي هن وقت احساس ٿيو تہ هن ٻئي جي ڪم ۾ هرويرو دخل اندازي ڪري غلطي ڪئي آهي ۽ پنهنجي اي- ڊيءَ- سي کي روانو ڪيائين تہ هو وڃي ١۴- ڊرئگون کي اڳتي وڌڻ کان روڪي. پر ان وقت تائين گهڻي دير ٿي چڪي هئي ۽ ١۴- ڊرئگون دشمن ڏر جي بنهہ وچ ۾ وڃي پهتو هو. ليفٽيننٽ ڪرنل هيو لاڪ ۽ ٻيو عملدار، ١۴- ڊرئگون جي ڪمانڊ ڪري رهيو هو. دشمن فوجين گولن ۽ گولين جا وسڪارا لائي ڏنا هئا جنهن ۾ انگريزن جا ٢٣- ماڻهو مري ويا. ٩- عملدار ۽ ۴٩- سپاهي ڏڪجي پيا. ٣- ڊرئگون، ٥- ۽ ٨- لائيٽ ڪيولري حملن مٿان حملا شروع ڪري ڏنا هئا. انهن حملن دوران سکن جي ڇڏيل توبن کي ڪلَ هئي بيڪار ڪيو ويو. هن جهيڙي ۾ بہ سکن جو گهڻو نقصان ٿيو ۽ ڪن پوئتي ڌڪي وچي درياه ۾ ڇڏيو ۽ منجهائن گهڻا ٻڏي مري ويا. هن جنگ جو بهادر رسالدار- ميجر مير شير علي خان مارجي ويو. سندس عمر ٧٨ سال هئي. هن پورا سٺ سال انگريزن جي نهايت ايمانداريءَ سان ملازمت ڪئي هئي. (٢)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جهيڙي جو اهو نتيجو نڪتو. پوئتي هٽندڙ فوج مٿان هارس آرٽيلري وسيلي گولاباري ڪرائڻ ڪا غير فطري ڳالهه ڪانه هئي. پر ڳالهه اها هئي ته ايڏو وڏو حملو ڏاڍي بي ڌيانيءَ سان ڪرايو ويو هو. واءُ سواءُ نهڻ واسطي ڪو فوجي جٿو اڳواٽ ڪونه موڪليو ويو هو. ان ڪري توبون وچي واريءَ ۾ ڦاٿيون هيون ۽ هڪ توب هتان هلي به وئي. سک گهوڙيسوارن واپس ٿي ۽ سندن توبن تي گولا وسائي فوج کي گهڻو ڊيڄاري ڌمڪائي ڇڏيو هو. حالتون ڪٿي ڪيڏيون به خراب هيون پر سکن جو تمام گهڻو جاني نقصان ٿيو. انگريز فوج قطارون جوڙي جهڙي نموني سان جيهڙو ڪيو سو ساراهه جوڳو هو. لارڊگوف جي مقصد هو ته سکن کي چناب کان ٻرينءَ پر ٽپائي ڇڏجي سو پورو ٿي ويو. هن جنگ دوران گهڻن مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو پر فائدو ٿورو ٿيو.

١۴- حصار، ١۴- لائيٽ ڊرئگون جو حصو هو تنهن رام نگر جي جنگ واري ڏينهن چڱو هٿ ڏيکاريو.

هن جنگ مان اهو سبق مليو ته وڏن ڪمانڊرن کي گهرجي ته هو پنهنجن ننڍن ڪمانڊرن جي اختيار ڪيل حڪمت عملين ۾ بيجا مداخلت نه ڪن

## چيني جي درياهه کان پار ٿيڻ

جنگ جو هائي هڪ دلچسپ مرحلو شروع ٿي چڪي هو. چاڪاڻ ته هڪڙي پاسي هڪ وڏو درياهه پار اُڪرڻو هو. ٻئي پاسي کان، نهايت سگهاري فوج توبن سان گڏ پرواري هر پتڻ جي سامهون اولهه پاسي مورچا هٽي ويٺي هي. رام نگر واري پتڻ وٽان درياهه اڪرڻ انگريزي فوج لاءِ ڏاڍي ڏکي ڳالهه هئي. ان جو ڪارڻ اهو هو ته سامهون دڙي تي سک فوج توبن سان مورچه بند ٿي ويٺي هئي. انگريز فوج کي ويهن ننهن جو زور لائي کي اٽڪلون سٽڪلون ڪري سک فوج کي هن پتڻ کان پري ڪرڻو هو ۽ جنرل گوف ايئن ئي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو. ڳڙهي نالي هڪ پتڻ هو جيڪو رام نگر کان ست ميل مٿي هو ۽ اهو به دشمن ڌر جي هٿن ۾ هو. ان کان پنج ميل اجا به پرتي به ويجها پتڻ هئا جن مان هڪ جو نالو ”راڻي خان“ ۽ ٻئي جو نالو ” علي شير کي چڪ“ هو. درياهه جي ان ٽاڪ وٽ جتان وزير آباد واري سڙڪ لنگهندي هئي هڪ پتڻ جيڪو رام نگر کان پورا ويهه ميل وِٿير ڪو هو. مٿي چاٽايل پتڻن مان ڪنهن به هڪ وٽان پار ٿيڻ، شير سنگهه جي فوج جي پاسي تي حملو ڪرڻ. ڪيس مورچه بنديءَ واري ماڳ وٽان هٽائڻ، پنهنجي فوج ۽ فوجي آمدرفت جي وسيلن کي درياهه پار اڪارڻ، اڪ مان ماکي لاهڻ

ڪانه هئي. پر جنرل گوف جو تيار ڪيل هي منصوبو غير مناسب به ڪونه هو. ڪرڻ جي مارچي وڃڻ کان پوءِ، گهوڙيسوار ڊويزن جو هيءُ عهدو اجا تائين خالي پيو هو. سر جوزوف ٿئڪ وئل مهراج واري محاذ تي گهوڙيسوار ڊويزن جي ڪمانڊ ڪري چڪوهو. ستلج جي اوسي پاسي وارين جنگين ۾ به هن ساڳئي عهدي تي ڪم ڪيو هو. تنهن ڪري ڪيس وري به گهوڙيسوار ڊويزن جو سپهه سالار مقرر ڪيو ويو. هن ڪان علاوه ڪيس سيڪنڊ- ان- ڪمانڊ به بنايو ويو. سندس ڪم فقط اهو هوندو هو ته ڪمانڊ- ان- چيف جي ناهيل منصوبن تي سوچي ويچاري جيڪي گهٽو ڪري اڻ پورا هوندا هئا. اڄ ڪلهه اهو عهدو ڪونه آهي.

هن ساري روبدل ڪان پوءِ هن منصوبي موجب ڪيس درياه اڪرڻ جو حڪم ڏنو. هن حڪمت عمليءَ موجب ڪين سعدالله پور ۾ دشمن سان به پاڻي ڪرڻا هئا ۽ اهو هڪ سونهري وجهه به هو جيڪو هٿ وڃي وڃايو ويو هو. ان جو ڪارڻ اهو هو جو ڪمانڊر- ان- چيف پاڻ هڪ ئي وقت ۾ متضاد حڪم جاري ڪيا هئا. ٻي ڳالهه اها به ٿي جو سر جوزوف ۾ هن وقت اها اڏپ ۽ ڏيا ڪانه هئي جيڪا منجهس گوڙيسوار دستن جي مهندار هجڻ وقت هئي ۽ انهيءَ ڪي به ڪي ڏينهن تي ويا هئا. هاڻي منجهس اهي جوين ڏينهن نه هئا ۽ سفر هوريان هوريان ڪري رهيو هو. هن ۾ اها صلاحيت به ڪانه هئي ته جيڪڏهن مٿان ڪي غلط حڪم ملن ته فوجي هاجي جي امڪانن کي روڪڻ واسطي انهن کي اورانگي ڇڏجي. هن اڪيون پوتي اهو ڪجهه ڪيو جيڪو کيس ڪمانڊر- ان- چيف ڪرڻ لاءِ چيو هو.

سندس ماتحت فوج ۾ هڪ گهوڙيسوار برگيڊ، اريگيولر هارس جون ٻه ريجيمينٽون، پيادل جون ٽي برگيڊون، ۵ موبائل ترپس، توبخانو ۽ ۱۸- پائونڊرس واريون ٻه وڏيون توبون شامل هيون. گڏ واري ٿوري فوج به ساڻ هئي. هن ڪان علاوه هراول طور به ڪمپنيون پيڙين جي پل ناهڻ ۽ پتڻ جي بندوبست لاءِ به فوجي دستا سندس حوالي ڪيا ويا هئا.

سندس پهريون حڪم ته صاف هو ته هو اول ته راڻي خان واري پتڻ تان پار ٿيڻ جي ڪوشش ڪري. جيڪڏهن اهو دشمن ڏر جي قبضي هيٺ آهي ته اڳتي وڃي وزيرآباد واري پتڻ تان اڪري. ڪيس اهو به حڪم هو ته رات جي سفر ڪان لنوائي. پر جيڪڏهن هو دشمن جي ڪابي پاسي کان هڪ وڳين شام تائين درياه نه ٽو اڪري سگهي ته ڪيس دشمن تي حملو ڪرڻ ٻئي ڏينهن تائين ملتوي ڪري ڇڏي. چاڪاڻ ته جنرل گوف کي ياد هو ته اڳي جڏهن انگريزي فوج سانجهيءَ ويلي جنگ جوٽي هئي ته ان کي ڏاڍو هاجو رسيو هو.

اڌ پنڌ تي ساڳي ترتيب سان گهوڙيسوار برگيڊ هلي رهي هئي. ڪاٻي پاسي کان درياه جي ڪاڌل ۾ هيٺ مٿي زمين هئي ۽ انهي پاسي کان ٻارنهن اريگيولر هارس وڌي رهيو هو. ٻاڪ ڦتي مهل ٽائين "دراول" ماڳ وٽ پهتا جيڪو ان لانگهي کان ٻارهن ميل هيٺ هو ۽ اتي پهچي مورچه بندي ڪئي وئي. ٢- ڊسمبر تي لارڊگوف کي پتو پيو ته ٿئڪ وئل فوج سميت درياه پار ٿي چڪو آهي ته هن رام نگر جي پتڻ وٽ پهچي سک فوج تي گولا باري ڪرائي. جوابي ڪاروائي ۾ معلوم ٿيو ته اتي ٻه ٽي توبون آهن جن سارو وقت ماٺ ڪانه ڪئي. جنرل سمجهيو ته شير سنگهه انگريزي توبن کان ڊڄي پنهنجي منزل پٺي ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي قائم ڪئي آهي. ان سان گڏ کيس هي خيال به آيو ته متان کيس ٿئڪ وئل جي پيش قدميءَ جي ڪڙڪ پئجي وئي هجي. ان ڪري کيس نئين خطري جو احساس ٿيو هوندو ۽ هن پتڻ تي پهريدار بيهاري پاڻ اڳتي وڌي ويو هوندو. ان وقت برگيڊ گاڊباءِ ۽ سندس فوج ڳڙهيءَ وٽان درياه ٽپڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪو رام نگر کان ڇهه ميل تي هو.

## سعدالله پور وارو محاذ

٣- تاريخ پره ڦٽيءَ، ٿئڪ وئل ساڳي فوجي ترتيب ۾ روانو ٿيو ۽ دشمن فوج جي جاسوسيءَ ڪري ١١- وڳين صبح جو وڃي حملو ڪيائين. هو دشمن کان چارميل پري هو. ڪمانڊر- ان چيف جو وٽس اچي خط پهتو جنهن ۾ لکيل هو ته ڳڙهي واري رستي سان واهر فوج وٽس پهچي رهي آهي. ٿوري وقت کان پوءِ کيس وري ٻيو خط پهتو ته تيستائين حملو نه ڪيو وڃي جستائين وٽس ان لانگهي وسيلي پار اينڊز پيادل برگيڊ ۽ گهوڙيسوار دستا نه پهچن. تنهن ڪري هن لاءِ چناب واري لانگهي تي پنهنجو قبضو ڪري هلي وئي هئي. پر ان وقت ائين معلوم ٿي رهيو هو ته دشمن فوج موٽي اچي وري ان لانگهي کي پنهنجي قبضي هيٺ ڪري رهي آهي ۽ ان وقت فوجي اتي هوريان هوريان گڏ ٿي رهيا هئا. تنهن ڪري هن اتي پهتل فوج کي ڊوڙائي ڪڍيو. واهر واري فوج جي اوسيڙي وهڻ وات زيان ڪرڻ هو ۽ ٿئڪ وئل ان وقت سعدالله پور ڳوٺ وٽ واهر فوج جي اوسئيڙي ۾ جڻ اوڪڙو ويٺو هو. ڏينهن گذري رهيو هو ۽ لشڪر جي ٻاهرئين پاسي واري فوج ڳوٺ جي سامهون اچي ويٺي هئي. ٢-وڳين ڌاران بي شمار دشمن فوج جي پيش قدمي نظر آئي. پر ڳوٺ جي چوڌاري پوکيل ڪمند ڪري لڪل هئي. برطانيه سرڪار جي فوج جي پيادل، صورتحال مطابق سامهون واري ڪلبل پاسي ڌانهن اڳتي سرڪڻ لڳي. سکن هن

چرير کي سمجهيو ته دشمن فوج پوئتي هٽي رهي آهي تنهن ڪري اڳتي وڌي پنهنجي وڏين توبن وسيلي گولا وسائڻ شروع ڪري ڏنا. سندن گهوڙيسوارن برٽش فوج جي ساڄي ڪان پنهنجي ڪاروائيءَ جي شروعات ڪئي جنهن کي برٽش جي ڪيولري برگيڊ جوابي حملو ڪري پوئتي هٽائي ڇڏيو. ائين ڪندي سک پيادل به حملي لاءِ اڳتي وڌندي ڏسڻ ۾ آئي. جڏهن توبن جي مار اندر آئي ته مٿن توبن گولن جو وڏو ڦڙو وسائڻ شروع ڪيو. اهڙي ڪاروائي ڏسي سک پيادل اتي جو اتي بيهي وئي. ٻن ڪلاڪن جي گولا باريءَ ڪان پوءِ ٿئڪ ويل گهوڙيسوار فوج کي دشمن توبن تي حملو ڪري قبضي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. پر اهو ان ڪري ناڪام ويو جو اهڙي حملي لاءِ ايڏي ڪليل زمين ڪانه هئي ۽ گهڻي دير به ٿي چڪي هئي. انگريزي لشڪر جون ٻاهريون چوڪيون جيڪي اڳي ڳوٺ وٽ وينيون هيون تنهن کي سک فوج ڌڪي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو ۽ پاڻ ڏاڍي مضبوط ٿي اتي ويهي رهي هئي. سر جوزوف جي ماتحت فوج ڏينهن ٽيڻ تائين پنهنجا هٿيار رکي ڇڏيا هئا. انهيءَ ڪري انگريزن جي طفان ۷۰ فوجي ۽ ۴۰ ڪان ۵۰ گهوڙا مارجي ويا هئا. پيادل به هڪ گولي به ڪانه هلائي هئي.

۳- تاريخ تي جڏهن ٿئڪ ويل سکن سان جهيڙي ۾ جنبيل هو ته ڪمانڊر- ان- چيف پير پساريون مٿ ڪيون وينو هو. لڙيءَ آڏيءَ ڏاران ڪنا پوئنڪڻ لڳا جنهن مان پتو پيو ته دشمن فوج پوئتي هٽي رهي آهي. صبح جو ڏنو ويو ته پنجاب فوج ٻڙ پالها ڪري هلي وئي هئي. ان سان گڏ رام نگر جي سامهون وارو پاسو به خالي لڳو پيو هو. جنرل گوف سندن تعاقب ۾ ۹ لانسرس ۽ ۱۴ لائيٽ ڊريگون کي هر پتڻ ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو. ٿئڪ ويل به سندن پٺيان لڳي پيو هو. پر پنهي کي پنجاب جي هن پاڇوڪڙ فوج جي ڪاٿي رَڄي به نظر ڪانه آئي. اهي تيز رفتاريءَ سان جهلم ڏانهن وڌي ۽ افغان لشڪر سان ملي سگهن. ٿئڪ ويل به تيز رفتاري سان اتان نڪري هليو ويو هو. انهيءَ لاءِ ته جيئن ۸- تاريخ ڪمانڊر- ان- چيف جي رام نگر وٽان پار ڪندڙ فوج کي رهڻ واسطي هڪ ڪلي جڳهه ملي وڃي. دشمن فوج ايڏي ته تيز رفتاريءَ سان اڳتي وڌي رهي جو پٺيان ايندڙ ٿئڪ ويل جي فوج سندس پاڇو به پسي ڪانه سگهي توڙي جو سندس پيش قدميءَ جي رفتار به تيز هئي. ان هوندي به آٽ پوَ ڪان چناب جا سڀ لانگها پتڻ پنهنجي قبضي ۾ ورتا ويا هئا. سعدالله پور وٽ ٿئڪ ويل دشمن تي حملو ڪونه ڪيو هو ان ڪري ڪمانڊر- ان- چيف، سرگوف مٿس چڙيو باه لڳو وينو هو. ٿئڪ ويل اڳي آپدا ۾ ڦاٿو هو جو ڪيس اها سچي ڳالهه به سمجهائي ڪونه ٿي سگهيو ته اها غلطي هن جي نه پر سندس هئي. هن پاڻ حڪمن مٿان حڪم موڪلي ڪيس دشمن سان جنگ ڪرڻ ڪان روڪي ڇڏيو هو. سندس حڪم موجب

ڪاڊباءِ فوج وٺي ڳڙهي وٺان درياهه پار ڪيو ۽ ان به اُڪرڻ ۾ تمام گهڻي دير لڳائي ڇڏي هئي. هن کان علاوه سرگرف ڪيس ٻن برگيڊن رواني ڪرڻ جو به وچن ڪيو هو، جيڪي وٽس ڪونه پهتيون هيون. اها نه جنرل گوف جي پنهنجي غلطي هئي جو خطن ۾ ڪيس جنگ نه ڪرڻ لاءِ حڪم روانا ڪيا هئائين. پر ڏاڍي جي مهريءَ ڏهه مٺا. ڪير چويس ته صاحب تنهنجي منهن ۾ به اڳيون پر جيڪڏهن پئي پاسي ڏسجي ٿو ته ٿڪ وٺل جو سارو لشڪر درياهه اڪري چڪو هو. دشمن سندس سامهون هو. سندس فوج به ڪائي بي پيٽ پريو هو. تنهن ڪري جيڪڏهن هو سرگوف کان مليل حڪمن جي انعرافي ڪري پنهنجيءَ سرت کان ڪم وٺي مٿن حملو ڪري ها ته صحيح هو ۽ دشمن فوج کي سخت شڪست ڏئي سگهي ها. جنهن شيءَ کان هنن لنوايو پئي اهو ئي ٿي گذريو. لکيو منجهه نراڙ قلم ڪيازيءَ نه وهي. هاٿي سک فوجون ايڪي ڪرڻ لاءِ آجيون هيون.

مختصر ته سعدالله پور واري ڳالهه ڪري انگريز ڪلڻ هاب تي پيا هئا. سک فوج وڏي جاکوڙ ڪئي ته انگريزي فوج درياهه نه اڪري پر اهي نهايت ڪاميابيءَ سان درياهه پار ڪري ويا ۽ دشمن ڏر جو وار به ونگو ڪري ڪونه سگهيا هئا. جيڪڏهن کهڙي به فوج ائين ڪري ها ته هرڪو ان کي لوئي ۽ ڊوءِ ڊوءِ ڪري ها. ٿڪ وٺل جي فوج هڪ ڏڪار جوڳو ڪم ڪيو هو. ان ڪري مٿس چڙيل هو. ڇاڪاڻ ته جڏهن هو درياهه پار به ڪري چڪو هو ۽ پوءِ تيز رفتاري سان پيش قدمي ڪري دشمن سامهون به پهتو ته ان اهڙي سونهري وجهه مان لاڀ چو نه پرايو. موجوده دور ۾ رابطي جا وسيلا جديد آهن. هوائي جهازن وسيلي دشمن فوج جي چرپر بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي. اڳي، هن موضوع سان واسطو رکندڙ ڳالهيون، ماضيءَ جا غلط ورق سمجهي وسارڻ گهرجن. جنگ سان لاڳاپيل جديد مشنريءَ وري نيون مشڪلاتون پيدا ڪيون آهن، جيڪي وڏيڪ خراب آهن.

## چليان والا ڏانهن پيش قدمي

هاڻي انهن ٻن جنگين مان پهرين لاءِ فضا تيار ٿي رهي هئي جن پنجاب فوج کي هميشه لاءِ ناس ڪري ڇڏيو. انگريزي فوج ان وقت ميداني علائقن مان نڪري روهه واري جوءِ مان پيش قدمي ڪري رهي هئي جيڪو ڪڏا ڪوٻا ۽ هيٺ مٿي لڳو پيو هو. هن ميدان تي قديم دور ۾ هڪ مشهور جنگ به وڙهي وئي هئي. بهتر آهي ته هن جوءِ جي جاگرافيءَ جو بيان به ڪيو وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شير سنگهه رام نگر کان پنجويهه ميل پنڌ هٽي رسول نالي هڪ ماڳ وٽ اچي پهتو هو. هي ماڳ جهلم درياه کان مٿي اتر پاسي واقع آهي. هن درياه کي يونانين هيڊاس پس سڏيو آهي. سنڌوءَ ۾ رسول شهر جي وچ تي ڳاڙهي رنگ جو هڪ پهاڙ آهي جنهن کي لوڻ وارو جابلو سلسلو سڏيو ويندو آهي، جيڪو ١١٠ ميلن ۾ پکڙيل ڏسڻ ۾ ايندو. هن جبل کي انهيءَ نالي سان انهيءَ ڪري سڏيو ويندو آهي جو سندس وڏو حصو لوڻي جبل والاري ٿو. هتي پلي پنيءَ جو هڪ ويڪرو ۽ وشال پٽ به آهي جتي جا هاري ڏاڍا پورهيت آهن. رسول کان اتر- اوڀر پاسي جبل کي هڪ وڪڙ آهي. اتان کان سندس متاڃرو بنا اوڀر جي ڏسبو آهي. سندس چوٽيون به بيشمار نظر اينديون. پر ايڏو اتاهون ڪونه آهي. هي جابلو سلسلي سان وڃي ملندو آهي. جهلم جو وهڪرو ڪشمير جي جابلو علائقي مان لنگهي رسول وٽ اچي چناب سان سنگم ڪندو آهي. ان کان پوءِ اهو گڏيل وهڪرو اڳتي اچي سنڌوءَ سان ملي ٿو. بعد ۾ سنڌو ان جابلو لوڻ واري علائقي مان جبلن جي سوڙهن گهٽن مان وهندو اڳتي وڃي ٿو. جهلم شهر کان چار ميل هيٺ جلال پور جي سامهون مونگ نالي هڪ وسندي آهي. سڪندر جڏهن سنڌ تي ڪاهيو هو ته هن رسول کان پنئين پاسي مونگ وٽان جهلم پار ڪيو هو ۽ سامهون چوٽ ڏيڻ لاءِ پورس بيٺو هو. هن جهلم پار ڪيو هو ۽ پورس وڪڙ ڪري اوڀر کان اچي مٿس حملو ڪيو هو. شير سنگهه ٺيڪ وئل تي به بلڪل ساڳي نموني حملو ڪيو ۽ ان ساڳيءَ جاءِ تي سرگوف سان جنگ ڪئي، جنهن، جاءِ تي ڪنهن زماني ۾ سڪندر ۽ پورس ڪئي هئي.

رام نگر ۾ رسول جي وچ واري ڌرتي هڪ سنئون سڌو پٽ آهي. پر مٿس پابرو جهنگ ۽ پيربون جام نظر اينديون. ڪٿي ڪٿي ڪليل پٽ به ڏسبو. رام نگر جي پٺتڻ ۽ لانگهن واري سٽڪ " هيلان" کان ٿيندي "ڊنگهي" ڏانهن ويندي آهي. اتان کان ٿيندي اتر پاسي ٽڪرين ۾ آباد شهر " ڪوهري" ڏانهن وڃي ٿي. اهو پڻ نظر ايندو ته رسول- وزير آباد سٽڪ، رام نگر- ڪوهري واري سٽڪ سان " ڊنگهي" وٽ ملندي آهي.

مهيني جي خوشگوار رُت ۾ جنرل گوف هيلان ۾ رهيو پيو هو جيڪو چناب کان ڇهن ميلن جي وٿيءَ تي آهي. سندس اتي ترسڻ جو ڪجهه سبب اهو هو ته گورنر جنرل کيس اهڙو حڪم ڪيو هو. پيو ڪجهه انهيءَ ڪري به ته کيس ملتان واري لشڪر جي اچڻ ۾ سائس ملڻ جي آس هئي. پر کيس اهو احساس ڪونه هو ته ملتان وارو لشڪر ڪڏهن ايندو. گورنر جنرل تن ڏينهين لڏيانه ۾ هو. پر سندس اتي هجڻ غير منطقي هو. سندس هتي ڳلهين سان ايترو واسطو ڪونه هو جيترو اصولي طور تي هجڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته اهو رسد جي شعبي سان واسطو

ڀڄو ۽ غورڪيو. ان ڪان پوءِ چليان والا ڏانهن وڌڻ جو فيصلو ٿيو جيڪو سندن فوجي وانڍ کان ٻه ٽي ميل پري ۽ سکن جي مورچه بنديءَ جي بلڪل سامهون هو. سندس خيال هو تہ حملي ڪرڻ کان پهريائين اتي ويهي سک فوج بابت پوري معلومات هٿ ڪجي ۽ پوءِ حملو ڪجي. ان زماني جي ڪرنل پئٽرڪ گرانٽ جي ياداشت نامي مان سک لشڪر جي فوجي ترتيب جو پتو پوي ٿو جيڪو هن ريت هو:

لکي والا ۾ سک فوج جي ساڄي طرف ٻنون ريگيولر هئي جيڪا رام سنگهہ جي ماتحت هئي، جنهن ۾ هڪ ريجيمينٽ گهوڙيسوار ۽ ١١ توبن سان چار بٽالنون پيادل هئي.

فتح جان-ڪي- چڪ وٽ، ٻہ ڪيولري ڪارپس، ڇهہ بٽالنون پيادل ۽ نيون پراڻيون ٢٢ توبون هيون. لاليان وٽ شير سنگهہ پاڻ بيٺو هو جنهن سان گڏ گهوڙيسوارن جي هڪ ريجيمينٽ پيادل جون ١١ بٽالنون ۽ ٢٠ توبون هيون.

رسول ماڳ وٽ ۽ لشڪر جي کابي پاسي ٻہ پيادل ڪارپس ۽ پنج توبون بيهاريون ويون هيون. ڪمانڊرن جي گڏجاڻيءَ جي پڄاڻيءَ ۾ جنرل گوف چيو هو تہ، "هيءَ جنگ نہ آهي پر شيطان جي رچايل خوني راند آهي" ۽ واقعي اها هڪ شيطاني جنگ هئي.

١٣- جنوري جو هڪ اهڙو سهاڻو صبح هو. سج چمڪي رهيو هو. برف پوش پهاڙن جي ٻويان ڪجهہ برفباري ٿي رهي هئي ۽ سامهون لوڻ واري جبل جون ڪئي چوٽيون ۽ پاهر نڪتل حصا نظر اچي رهيا هئا. فوج کي پوري ڄاڻ هئي تہ سڪندر ڪڏهن هن جاءِ تي مقابلو ڪيو هو. تنهن ڪري وانڍ جي وچ ۾ مچايل مَچَ جي چوڌاري ويهي هڪ ئي آواز هي ترانو ڳائي رهيا هئا:

Oh Sabres drawn and bayonets fixed
Fight Where fought Alexauder
For Paddy Gough's Cross bet wixe
Ball dog and Salamauder.

اهو ڏاڍو سنو نظم هو جيڪو سچو ڪرو بہ هو.

ڊنگهي ۽ چليان والا جي وچ تي هڪ گهاٽو جنگهہ موجود هو جيڪو چليان والا جي ڀرسان هلڪو ٿيندو ختم ٿي ويو ٿي. فوج ڇئن قطارن ۾ اڳتي وڌي رهي هئي ۽ اهڙي ريت ريجيمينٽون بہ هڪ ٻئي ڀنيان اٿين هلي رهيون. هرهڪ قطار ۾ هڪ سو گڻ جي وٿي هئي. فوج جي هرهڪ پاسي گهوڙيسوار برگيڊ وڌي رهئي ۽ هر برگيڊ اڳواٽ ڄاڃ لاءِ پنهنجو بندوبست ڪيو هو. اتفاق وري اهو ٿيو جو لوڻ واري ان جبل جي هر چوٽي تي هر وڏنڊڙ فوجي قطار جي بلڪل سامهون هئي.

جڏھن لشڪر چليان والا پرسان ناڪ منجھند جو پھتو. ڳوٺ جي سامھون ھڪ ڏڙو ھو جنھن تي دشمن فوج بابت واءُ لھڻ لاءِ پھرو بيھاريو ويو ۽ توبون بہ مٿي وڃي بيھاريون ويون ھيون ۽ دشمن جي حملي وقت ڪين لاھڻ بہ سولو• ھو. جنرل گوف شھر جي ڀنئين پاسي وڃي پنھنجي فوجي وانڍ قائم ھئي ۽ سڀاڻي تي ٽينڊڙ جنگ جا حڪم بہ اتان ڪڍي رھيو ھو. ھي سندس صحيح فيصلو ھو.

# ايپيرس جي بادشاھ پايرس جھڙي فتح

ڪمانڊر- ان- چيف جوڏس نھاريو تہ سندس ساڄي پاسي رسول ڳوٺ ۽ لوڻ واري جبل جون ٽڪريون، سامھون درياھ جي ھُن پار مڪيہ جبل جون چوٽيون ھيون ۽ ساڄئي پاسي ڪنار سان ڳوٺن جي قطار ۽ گھارن تي بيٺل جھنگ ڏسجي رھيو ھو. ڪابي پاسي ويندي ھيلان تائين گھاٽو جھنگ ھو. جنھن مان ظاھر ھو تہ سندس فوج جا ٻئي پاسا محفوظ ھئا ۽ حملي جو فقط سامھون ڪان امڪان ھو. ڪمانڊر- ان- چيف کي جڏھن بہ واندڪائي ملندي ھئي جوڏاري وائٹ پيو لھندو ھو. سندس ڀنئين پاسي ڪئارٽر ماسٽر جنرل ۽ سندس عملو وانڍ ڄمايون وينو ھو. انھيءَ ڪان ڀنيان ھلڪي جھنگ جھاڙيءَ ۾ فوجي سامان ۽ ان سان لاڳاپيل ماڻھو وينا ھئا جن کي اريگيولر ڪيولري جو تحفظ حاصل ھو. انجنيئرن کي سامھون وارن رستن ۾ جھنگن جي جاچ ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو ويو. اتي اوچتو سکن جي ملڪي توبخاني انگريزي فوج جي ٻاھرين چوڪين تي اچي گولاباري ڪئي جيڪي چليان والا ڳوٺ جي سامھون ڪئمپ ڪيون وينا ھئا.

ڪمانڊر- ان- چيف پنھنجين وڏين توبن کي چليان والا ڳوٺ سامھون ڪلئي ميدان ۾ بيھي جوابي ڪاروائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. انھن وڏين توبن جي گولاباري جڻ تہ جنگ جو اعلان ھو. ۽ پوءِ سامھون بيٺل توبن جي ھڪ ڊگھي قطار پنھنجي منھن مان باھ جي الن سان گڏ گولن وسيلي جڻ تباھي وسائڻ شروع ڪئي. ڳوھہ ڳولي اچي شڪارين جي گھر پھتي ھئي. سک فوج اھڙي محفوظ ماڳ تي مورچہ بند ٿي ويني ھئي جو انگريزي لشڪر جو اوڏاھين وڃڻ ئي ناممڪن ھو ۽ پاڻ ھرُتو سامھون اچي ميدان ۾ پھتي ھئي. ۽ جنرل کي ڀڙڪايو ھئائين تہ ھاڻي اسان ٻاھر نڪتا آھيون. مھرباني ڪري اسان تي پنھنجي توبن جا گولا وسايو. جيڪڏھن مٿن ان وقت گولا نہ وسايا وڃن ھا تہ سندن توبون اچي انگريزي وانڊ پرسان پھچي وڃن ھا ۽ ساري رات مٿن گولا وسندا رھن ھا.

ڪمانڊر ان چيف هڪ گهر جي ڇت تان بيهي معائنو ڪري رهيو هو. هن ڏٺو تہ بي شمار سک فوج بيٺي هئي ۽ توبن مان نڪرندڙ دونهي آسمان کي ڍڪي ڇڏيو هو. هن سمجهيو تہ سکن جي حملي ڪرڻ جي هيءَ مناسب ويل آهي. جيڪڏهن ڏينهن جو سوجهرو ٿيو تہ سک وڏي اڇي هڪ کلئي ميدان ۾ بيهندا پوءِ لوٽي ڪان اينگ ڳورو ٿي پوندو. انگريزي فوج ان وقت ان اوسيڙي ۾ وبني هئي تہ سندن رهڻ لاءِ ڪٿي ٿي ڪين جاءِ ملي ۽ اوڏاهين وڃي ڪجهہ ساهي پٽن. ڳوٺ سامهون جنگ لاءِ سندن صفبندي ڪرڻ ڪا ڏکي ڳالهہ ڪانہ هئي. هن هڪدم مختلف ڪمانڊرن کي پاڻ وٽ گهرائي صلاح مشوري لاءِ هڪ گڏجاڻي ڪئي. موجوده دور جي فوجي ذهن وارا ماڻهو اهو سوال ضرور ڪندا تہ ڀاسن ٽي بيهاريل گهوڙيسوارن جو پوربون بہ برگيڊونِ رات جي وڳڙي ۾ مڪيون تہ ماري ڪونہ رهيو هيون. اهي پنهنجي طرفان ڪا ڪارڪردگي ڏيکاري ڪمانڊرن کي اڇرج ۾ وجهي ڇڏين ها. امڪان اهو آهي هنن صبح سويل جهنگ بدران ان جاءِ تي سک هراول بيٺل ڏٺا ۽ انهن جي اڙ ۾ سک فوجي وڌندا اچي ميدان تي بيٺا هئا. جنگ وقت جيڪڏهن پوري خبرداريءَ کان ڪم نہ ورتو آهي تہ جاسوسي ڪندڙ فوجي جٿي جي چوريءَ پٺيان لڳي اچي بوئر Boer جيان دشمن جي مورچہ بنديءَ ۾ پهچبو آهي. سنہ ١٩١٦ع ۾ ترڪن آسٽريا جي گهوڙيسوار برگيڊ جي چوريءَ ڪڍ لڳي اچي سندن فوجي وانڍ ۾ پهتا هئا ۽ هيءَ روماني Romani جنگي محاذ جو هڪ مشهور واقعو آهي. هن واقعي بابت تاريخ خاموش آهي. پر نظر ائين اچي ٿو تہ انهيءَ زماني ۾ گهوڙيسوار دشمن جي چڱي ريت جاسوسي ڪري ڪونہ سگهندا هئا. سندن فقط اهو ڪم هوندو هو تہ دشمن خلاف پهريداري ڪجي ۽ جيڪڏهن هن جنگي ميدان ۾ پيرن جون هڙيون پيرين جا ڪوچا ۽ هر قسم جا ڪنديارا پوٽا نہ هجن ها تہ جهيڙڻ ۾ هيءُ پٽ ڏاڍو سولو هو. ڪنهن زماني ۾ هن قسم جي وڻن جا هتي گهاٽا ٻيلا هوندا هئا جن مان لنگهڻ ممڪن ئي ڪونہ هوندو هو. فوج هڪ قطار ۾ بيٺل هئي جنهن کي صفبندي واري ترتيب ڏئي جهنگلي منجهان ڇڪي اچي سک فوج جي صفبندي سامهون بيهاريو ويو جيڪا ڏيڍ ميل کن پري هوندي هئي. ٿي سگهي ٿو ڪجهہ گهٽ وڌ هجي. جنرل گوف هن فوجي وانڍ جي چوڏاري پهري واسطي محافظ بيهاريا هئا ننهن جو اندازو هو تہ هيءَ جنگ ٻارهن هزار ماڻهو سان وڙهي سگهجي ٿي. ٿٺڪ وئل ماتحت بہ ڪيولري برگيڊون هيون جنهن ۾ پوپ واريون ٩- لانسرس ۽ ١٤- لائيٽ ڊرئگون بہ شامل هيون. ان ڪانسواءِ پنج انفنٽري برگيڊون موجود هيون جن مان بہ گلبرٽ ۽ ٽي ٿٺڪ وئل جي ٣- ڊويزن ۾ شامل هيون جيڪي ڪونہ ڪنبال جي ڪمان هيٺ وڙهي رهيون هيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گلبرٽ جي ڊويزن کي سر اوپر ڏانهن وڌڻ جو حڪم ڏنو ويو هو. ان جو کابو چليان والا شهر جي سامهون ۽ ساڄو رسول ڳوٺ ڏانهن هو. سندس پاسي کان پوپ جي ڪيولري برگيڊ هئي. ڪئمبيل جي ڊويزن کابي پاسي هئي ۽ ٻنهي جي وچ تي هورسفورڊ جو وڏين توبن وارو توبخانو هو. هن ڊويزن سان گڏ هلڪيون توبون بہ هيون. وائيٽ جي ڪيولري برگيڊ جي کابي پاسي هارس آرٽيلري جا ٽي ٽرپس مقرر هئا. ساڳيءَ هارس آرٽيلري جا ٽي ٽرپس پوپ جي ڪيولري برگيڊ جي ساڄي پاسي هئا. پوري هڪ ڪلاڪ تائين وڏيون توبون سکن جي لشڪر تي گولا وسائينديون رهيون. ان وقت تائين پيادل خاموش ويٺي رهي. اٽڪل ٣٠-٣ وڳين شام، ساري فوج اڳتي وڌي. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ گوف هنگامي ضرورت لاءِ محفوظ فوج ڪانہ رکي. گلبرٽ بہ ائين ڪيو ۽ ٻئي برگيڊون ميدان عمل ۾ رکيائين. باقي ڪئمبيل "پيني" واري ٣ برگيڊ محفوظ طور رکي هئي. ٻنهي دشمن ڌرين جي وچ ۾ ڏيڍ ميل جيتري وٿي هئي ۽ ايتري فاصلي طئہ ڪرڻ ۾ دير ڪانہ لڳي. پر فوج کي ميدان جي صورتحال مطابق ڪيترا ڀيرا ترتيب بدلائڻي پئي هئي. هر برگيڊ ۽ بٽالين جون ڳالهيون ڪجهہ منجهيل آهن. فوج جو هڪ حصو جنگي ترتيب موجب اڳتي وڌيو جڏهن تہ ٻيو حصو بدنظميءَ جو شڪار ٿي ڇڙوڇڙ ٿي ويو. پر ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون اڻرچ جهڙيون آهن جن جي بيان ڪرڻ کان قاصر آهيون.

هتي فقط ايترو چئي سگهجي ٿو تہ سکن پنهنجي فوج جي انهن سوڙهن پٽن تي ترتيب ڪئي جتي جهنگ ڇدو پاڌو هو. جڏهن انگريزي فوج ڪنڊن ۾ ڪنڊيارن ٻوٽن ۽ زمين جي خالص ٽڪرن منجهان وڌي دشمن فوج تي حملو ٿي ڪيو تہ هڪجي ٽڪجي ٿي پيا ۽ سو ٻن سون گزن جي فاصلي تي وس ٿي پهتا تہ پيادل فوج جي بندوقن ۽ توبن کين ڪٽي ٿي ڏنو. صورتحال کي نظر ۾ رکي بٽالين ۾ ورهائجي پنهنجي خاص ترتيب ۾ اڳتي وڌڻ ٿي شروع ڪيائون تہ جئين جاني نقصان تمام گهٽ ٿئي. انگريزي فوج جا ڪي ماٺهو مورچہ بندي مان لنگهي کين گهيرو ڪري ويا ۽ دشمن کي پوئتي هٽڻ کان سواءِ ٻي ڪا واه ئي ڪانہ هئي. ڪن جاين تي دشمن سخت جوابي ڪاروائي ڪئي ۽ ڪين دشمن سان سر ترين تي رکي چوٽون ڪائڻيون پيون.

ڪئمبيل جي ساڄي پاسي جي سامهون پاڙيءَ جي ڪڏ هئي جيڪا سياري جي پلر جي پالوٽ سان ڪنن ڪر پريل هئي ۽ اها گهاٽي جهنگ جي پاوند ۾ هئي. ٢٤- ريجيمينٽ جا جوان وڙهندي وڃي انهي ڪڏ ۾ پيا. ڪن کي تہ بندوقن سنڌين ڪرڻ جي وٿي بہ ڪانہ ملي. هن ڦيٽ ۾ ٢٠٤ فوجي مارجي ويا جن ۾ ١١ عملدار هئا ۽ ١٠ عملدارن سان گڏ سپاهي ڦٽجي پيا. برگيڊيئر پينيوڪ هن فوجي حصي جو ريجيمينٽل ڪمانڊر هو سو بہ پنهنجي ڳڀرو پٽ سميت مارجي ويو. سندس پٽ پنهنجي گهايل پيءُ کي بچائيندي سک تلوار بازن جي ور چڙهي ويو. ڪئمبيل فيصلو ڪيو تہ هرهڪ برگيڊ فوج سنڀالي ڪونہ سگهندو. تنهن ڪري هو هاگن سان

۱۴- حصار کي ڪنهن زماني ۾ ۱۴- لائيٽ ڊرئگون نالي سڏيو ويندو هو. اڄ به جيڪڏهن سنڌن بئرڪن ۾ وڃي ”تريز ابائوٽ“ ڏاڍي آواز سان پڪاريندو ته اتي رهندڙ فوجي وڙهڻ کي ايندا ۽ دنگو فساد ڪري وجهندا. نوان ڀرتي ٿيل فوجي جن کي پنهنجا پتابه هٿن ۾ هوندا سي به پنهنجي پلاند چڪائڻ لاءِ آڪڙجي بيهندا. توڙي جي ڪين اها خبر به ڪانه هوندي آهي ته ”ٽريز“ ابائوٽ“ جو مطلب ڇا آهي.

برگيڊيئر پوپ ڪنهن زماني ۾ گهوڙيسوار عملدار هو جيڪو هاٿي جهونڙو هو. وڏتڻ ڪري سنڌس فوجي امنگ ۽ اڌمان ماٺ هئا. اکين جو سوجهرو به گهٽ هوس. ڪنهن جو پير ترڪيو جو ڪيس برگيڊ جو ڪماني مقرر ڪيو. هي ڳالهه گوف ۽ ٿئڪ وئل سهي به ڪونه سگهن ها. جهيڙي واري ڏينهن هو پنهنجي برگيڊ سامهون وڌي رهيو هو. آڏو مقابلي لاءِ سک اريگيولر هارس سنڌن اوسيڙي ۾ بيٺي هئي. جهنگ ۽ ٻوڙن ڪري گهوڙن جي رفتار تمام جهڪي هئي ۽ هن سپهه سالار سڌي حملي ڪرڻ بدران ڪنڌاٽو بيهي حملو ڪيو. ائين ڪرڻ ڪري هن جي هارس آرٽيلري پنهنجي ڪاروائي ڪري ڪانه سگهي. پوءِ هڪ حڪم هوا ۾ ٻڌڻ لڳو ”ٽِريز ابائوٽ“. اهو حڪم سيني ڇتو ٻڌو ۽ اهو ۱۴- ڊرئگون جي صفن مان اپريو هو. فوجين کي مڃتو هو ۽ انهن اهو حڪم مڃيو به. جيڪڏهن گهوڙيسوار دستا دشمن تي حملي لاءِ پنهنجي پوري سَتَ ۽ سگهه سان اڳتي وڌي رهيا هجن ۽ کين اوچتو واپس ٿيڻ جو حڪم ملي ته ۽ آهي موٽڻ لڳن ته دشمن انهن کي پٺڀرن جيان ڇڏي رکندو. پوءِ ته سک گهوڙيسوارن سندس پنيان ڪٽي ڪميت ڪڍايا. انگريزي فوج جا پويان پير ڪري پڇندڙ گهوڙيسوار، هڪ پئي ڪان اڳ ڪڍي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا ۽ ڀڄڻ لڳا ته اهو اوچتو ڇا ٿي ويو. پوءِ ته ساري ڪيولري برگيڊ ۾ ڀاڄڙ پئجي وئي. ڀهرينءَ صف ڪان وٺي آخري صف تائين سيني گهوڙيسوارن پنهنجن گهوڙن جا ڪٽي لغام ڍرا ڪيا، اڙيءَ جو سنڪو، سوٽيءَ زيپٽ، ڊڊا ڊورائي اچي جنرل گوف جي ڪئمپ پرسان فوجي اسپتال ويجهو ساه پٽيائون. يورپي فوجي، ڪرائسٽيءَ جي توبن پنيان صفبندي ڪري بيهي رهيا. نِتو ڪيلوري به اڳتي وڌي ڪو ٻوٽو ڪونه ڀاريو.

ڪنهن کي خبر ڪانه هئي ته ائين چو ٿيو؟ اتي انگريزن جو ڪو غدار ته موجود ڪونه هو؟ هن ڪيولري برگيڊ سان ڪي سک گهوڙيسوار گڏ هئا. امڪان آهي اهو غدارا نه ۽ تباه ڪن حڪم انهن منجهان ڪنهن ڏنو هجي ۽ ماٺهن ۾ اها ئي چئون پچئون هئي. نِتو ڪيولريءَ جا انگريز عملدار اڳيان وڌي رهيا هئا ۽ سک اريگيولر جي آڏو آڏ ٿي بيهڻ بدران اهي به پوئتي ڀڄڻ لڳا. ڇا اهي سکن ڪان ڊڄي ويا هئا؟ تنهن لاءِ ڪجهه به چئي ڪونه ٿو سگهجي. پر قوي امڪان اهو آهي ته

باب ٻارهون

# دشمن تي رحم ۽ جنگ جو خاتمو

چليان والا ڪان پوءِ
ملتان جي فتح
گجرات واري سوڀ
سک فوج جي آڻ مڃڻ
پنجاب جو انگريز حڪومت سان شامل ٿيڻ
ڪمپنيءَ جي ذميواري جو خاتمو

## چليان والا ڪان پوءِ

چليان والا جي جنگي ميدان تي فتح انگريزن جي ٿي. لارڊ گوف اتي مورچہ بندي ڪري وينو رهيو ۽ ڪئمپ جي چوڌاري بيئل جهنگ کي وڍي صاف ڪرڻ جو حڪم ڏنو هئائين. ٿوري وقت اندر اهو وڍجي صاف ٿي ويو ۽ هر چيز چٽي نظر پئي آئي. فوج بہ ساهہ پٽي ساڄي ٿي هئي. لارڊ ڊلهائوسي ۽ ٻين جي مرضي هئي تہ جيستائين ملتان ۾ جهڙيندڙ فوج وٽس پهچي تيستائين هو ڪيڏانهن پيش قدمي نہ ڪري. هن ڪان علاوه ٻي فوج هينان اتر ڏانهن پيش قدمي ڪري رهي هئي. جاڪاڻ تہ لاهور ۾ ان جي اشد ضرورت هئي. ملتان جي فتح ڪري حالتون جڻ پاٺون چاٺون سازگار ٿي ويون هيون.

گورنر جنرل بہ لڏيانہ ۾ ان انتظار ۾ وينو هو تہ ڪڏهن ٿو ممنوع ماٺهن جو معاهدو طئي ٿئي ۽ ڪڏهن ٿو هو اهڙي فيصلي جو اعلان ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر انڪ جو قلعو انگريزن کان جدائجي ويو هو ۽ دوست محمد سان اچي رسول ڳوٺ وٽ منزل ڪئي هئي. چتر سنگهه به پشاور ۽ هزارا جي سک فوج سان گڏ تيز رفتاريءَ سان پيش قدمي ڪندو شير سنگهه سان ملي گڏيل ڪاروائيءَ لاءِ هلندو پئي آيو جيڪو چليان والا جي محاذ کان هاٽي واندو ٿي چڪو هو. هن محاذ تي کيس زبردست شڪست آئي هئي پر ڪرائسٽي وارو سارو توبخانو کيس هٿ اچي ويو تنهن ڪري سندس ڪچهه ساک جمي وئي هئي.

جڏهن مٿي بيان ڪيل سڀ فوج اچي وٽس سهڙي ته لارڊ گوف کي مورچه بندي مان ڪڍي ميدان تي آڻڻ جا جتن ڪري رهيو هو ۽ پنهنجين فوجن کي آٽي ٽڪرين جي لاهوندين ۾ وهاريو هئائين. آئرلئنڊ جا ماڻهو ٿانڊي تپڻا ٿيندا آهن. پر هن مهل هو ڪاوڙ کي پاٽي جيان پي وينو هو ۽ مورچن مان هڪ وک به ٻاهر ڪونه ٿي نڪتو. هوڏانهن جنرل وش به ڪميءَ جيان ڳهندو پئي آيو. اريگيولر ڪيولري جي انگريز عملدارن جون سک ڪيولري سان جهڙپون ٿيون هيون جن ۾ نيوبل چيمرلئن ۽ ٻين عملدارن کين شڪستون ڏنيون هيون. شير سنگهه پنهنجي بي شمار فوج وٺي روهه واري رڻ پٽ منزل ڪيو وينو هو. لارڊگوف جو خيال هو ته اهو علائقو غير آباد آهي تنهن ڪري فوج جي کاڌي خوراڪ لاءِ بندوبست ڪري ڪونه سگهندو. پر هو جيڪو گهٽ جهلي بيٺو هو سو انگريزي فوج لاءِ نهايت خطرناڪ هو. هو فوج جي گذاري واسطي ڪنهن سائي ستابي علائقي ڏانهن ضرور اسهندو ۽ کيس سياسي نقطئه نظر کان سک گهٽائي وارن علائقن جي ويجهو رهڻو پوندو. هاٽي هو مسلمان گهٽائي وارن علائقن ۾ رهيو پيو هو جيڪي سندس سڄڻ گهٽ هئا.

هو ڏهاڙي صبح جو ٽڪري برطانيه سرڪار جي فوجي منزل ڏانهن ٻڪين نظرن سان ڏسندو هو، جتي وڏي پهريداري ۽ خبرداري سان حفاظتي فوج سان گڏ، کاڌي خوراڪ جو اڻ ميو سامان پيو ايندو ويندو هو ۽ پاڻ کي پيو پٽبندو هو ۽ نڪر جي ڪنحيءَ لاءِ پيو سڪندو هو. هڪ پيري ڪنهن کيس شڪاري ڪتو ڏيکاريندي چيو هو ته هيءُ جانور توکي انگريز فوجي ڇانوڻيءَ ۾ پيرن تي پائڻ ڪونه ڏيندو.

اهو به پڻ معلوم ٿي رهيو هو ته ان جابلو جوءِ ۾ راجپوت راڻا ۽ راجوڙا به گهڻا پريشان هئا. جان لارينس پنهنجي ليويز سميت ۽ برگيڊيئر ويلر پنهنجي جالندر جي فوجين سان ڪن ڪڙا ڪيون بيٺا هئا پر وڏي جنگي مهم اڃا شروع ڪانه ڪئي وئي هئي.

انگريزي ڏر واري فوج پهريون ائين ڪونه سمجهيو هو. سک فوج جي ائين آرام سان گذري وڃڻ ڪري گوف منان ڏاڍا چوهه چندپا ويا هئا جيڪا سندس لشڪر جو پاسو ٽڪرين جي وٽ ڏئي آرام سان اڳتي لنگهي وئي هئي. دشمن فوج ته ڪٽي اتان رات جو گذري هئي پر سندس پنيان ايندڙ سامان سڙو ته اتان ڏينهن ڏٺي جو لنگهيو هوندو تنهن کي پڻ هڙهه به ڪونه ڪيائون. چيو وڃي ٿو ته ڪمانڊر- ان- چيف جو خيال هو ته جيڪڏهن ڪيس دل ۾ اهڙو ويچار آيو هوندو ته "جيڪڏهن هو سک فوج تي ان وقت حملو ڪري ها ته اها ان جابلو جوءِ ۾ ٽڪي پوي ها". سندس مرضي هوندي ته پلي اڳتي هلي ڪنهن پٽ پڌر تي پهچي جيئن انگريز فوج حرفت هلائي ڪيس سولائيءَ سان ناس ڪري ڇڏي ۽ پڪ آهي ته هن کي اهڙي اڳري صلاح ضرور پيٽ گرانٽ جهڙي ماڻهوءَ ڏني هوندي. سندس پاسي ۾. هينري لارينس ڪان به عقل ۾ وڌيڪ ماڻهو موجود هو ۽ اهو چليان والا جي فتح ڪان به اڳ ۾ سائنس گڏ هو. هو پنهنجي فوج زندگيءَ ۾ سدائين جاڪوڙيندو رهيو هو ۽ ڪجهه ساه پٽڻ سانگي انگلنڊ هليو ويو هو. جڏهن ڪيس اها خبر پئي ته اهو شهر جنهن ۾ سندس گهر هو فتح ٿي ويو آهي ته هن هندستان اچڻ جي موڪل گهري. جڏهن هو اتي پهتو ته لارڊ ڊلهائوسيءَ ڪيس فوجي خدمتون سرانجام ڪرڻ لاءِ اوڏانهن موڪلي ڇڏيو. ڪيس مختلف علائقن جي مشهور ماڻهن ۽ اتان جي مسئلن ۽ مامرن ڪان پوري پوري جاڻ هئي. دنيا جي معاملن ڪان به گهڻو واقف هو. هو پنهنجي لشڪر کي ڪنهن بي فوج سان خواهه مخواه دخل اندار ڪرڻ ڪان روڪيندو هو ۽ معاملن کي طئي ڪرڻ ۾ جنگ بدران سياست ڪان ڪم وٺڻ جو حامي هو.

١٣- فبروري تي برگيڊيئر چيپ ڪجهه اريگيولر فوج سان گڏ چليان والا پهتو ۽ اچي فوج جي چيف انجنيئر طور ڪم ڪرڻ لڳو. هن لارڊ کي اهو به ٻڌايو ته ملتان فتح ٿي چڪو آهي ۽ اتان واري فاتح فوج ويهه ميل في ڏينهن جي تيز رفتاريءَ سان منزلون ڪندي اڳتي وڌي رهي آهي. ٻئي ڏينهن پتو پيو ته سک فوج گجرات پهچي چڪي آهي ۽ ان شهر جي ڏکڻ پاسي مورچه بندي به ڪري ويٺي آهي. گوف ١٥- تاريخ اتان پنهنجي منزل پٽي ۽ چناب جو رخ ڪيو. انهيءَ لاءِ ته جيئن هو پيءَ پر نه اڪري. ١٨- تاريخ هو ڪونجا وٽ پهتو جيڪو سعدالله پور ۽ گجرات جي اڌ پنڌ تي واقع آهي. ٻه دشمن علائقي مان گذري رهيو هو. سندس فوج جي چئن پاسن کان گهوڙيسوار دستا هي رهيا هئا. ڪونجا اهڙو ماڳ هو جتي ويهي وزيرآباد جي سيني لانگهي ۽ پتڻ تي ضابطو رکي سگهجي پيو جيڪو اڳيئي انگريزي فوج جي قبضي ۾ هو.

٢٠- تاريخ تي انگريزي فوج وڃي گجرات جي اوڏو پهتي ۽ ان جون

ترتيب نهايت شاندار هئي، ڪين پاتل ورديون بہ ڏاڍيون ناهيوڪيون ٿي لڳيون. سندن هٿن ۾ تلوارون ۽ بندوقن ۾ لڳل سنگينون سج جي سهائيءَ تي جرڪي رهيون هيون. ٻنهي نالن جي وچ تي ۽ انگريزي فوج جي کاٻي طرف، گلبرٽ جي ڊويزن هئي ان سان مائونٽين ۽ ٻيني جون برگيڊون بہ قطارون ڪيون حڪم جي انتظار ۾ بيٺل هيون. ان کان بعد توبن جي قطار ۽ پوءِ هروي ۽ مرڪم جو برگيڊون هيون. ساڄي پاسي نديءَ ۽ وڻ جي وچ تي لاک ووڊ ۽ هرسيءَ جون گهوڙيسوار برگيڊون ميدان سنڀاليون دشمن تي حملي جي تاڙ ۾ بيٺل ٿي نظريون. دوارا گهاري جي کاٻي پاسي ڪئمبيل جي ڊويزن هئي جنهن سان بمبئيءَ واري برگيڊيئر ڊنڊس جي برگيڊ بہ شامل ڪئي وئي جنهن جي اڳوائي پاڻ ڊنڊس ڪري رهيو هو. هن سان گڏ مڪلوڊ ۽ ڪارنيگي جون برگيڊون بہ قطارون ٻڌيون بيٺون هيون. اهڙي ريت گلبرٽ جي ڊويزن جڻ لشڪر جي قلب وارو حصو والاريو بيٺي هئي. ڪئمبيل جي کاٻي پاسي ٺٺڪ وئل جي گهوڙيسوار برگيڊ بيهاري وئي هئي. فوج جي پٺ ۾ ۵- ۽ ٦- لائيٽ ڪيولري، ۴۵- ۽ ۵۹- بنگال انفنٽري ۽ بابي لائيٽ فيلڊ بئٽري محفوظ فوج طور رکي وئي هئي جنهن جي ڪمان هوگن ڪري رهيو هو.

سندن مامهون سک فوج بہ صفون ٻڌيون تيار بيٺي هئي. اهو ڏيک اهڙو هو جيڪو لنڊن جي رانديڪن جي دوڪان جي دريءَ مان ڏسي سگهجي ٿو جنهن ۾ هڪ پاسي ڳاڙهي ۽ ٻي طرف نيري رنگ جا سپاهي بيٺل نظر اچن ٿا. وچ تي سندن جهنڊا آهن. پنئين پاسي بٺڊون بيٺل نظر ايندڀون ۽ توبون بہ ائين نظر اچي رهيو هيون جهڙيءَ ريت ان دوڪان اندر ننڍڙين توبن کي پالنر سان چمڪائي جنگي ميدان تي بيهاريل ڏيکاريو ويندو آهي.

پٺيان وڏي دڙي تي نظر ايندڙ اناهان گهر هئا جيڪي قديم وسندين جي پنجهونءَ تي تعمير ٿيل هئا. ان جي پٺئين پاسي پير پنجال وارن برف پوش پهاڙن جون قطارون ٿي ڏٺيون. اهي جبل ايترو تہ ويجهو ٿي معلوم ٿيا جو صبح ٿاٿي مٿن پيل برف، سج جي روشني ڪري چمڪي اکين کي کيرو ڪري رهي هئي ۽ سمجهہ ۾ ائين پئي آيو تہ جيڪڏهن پٿر ڪٽي اڇلبو تہ وڃي انهن جبلن وٽ پهچندو پر اهي اتان کان پورا ٽيهہ ميل پري آهن. ڪهڙو نہ سهڻو ۽ دل لڀائيندڙ ڏيک هو ۽ هيڏانهن وري خدا جا بندا ان خوبصورت نظارن جي وچ ۾ پاڻ کي تيرن تراريں ۽ توبن سان تباه ڪري رهيا آهن. جوان رت گرم وردين ۾ ملبوس بيٺو آهي. هزارين پيرِ تيز رفتاريءَ سان اڳتي وڌڻ جي انتظار ۾ آهن. سندن دماغن تي حليان والا جا زخمي ۽ قتل ٿيل فوجي سوار ٿي ويا آهن. انگريز فوج جا نوجوان عملدار وانس ائگنيو ۽ ائنڊرسن جي قتل جي بلاند خاطر سڀني سکن کي ختم ڪرڻ جا خواب ڏسي رهيا آهن. ميل سوا کن جي ٻنڌ تي سک فوج بہ ڪن ڪڙا ڪيون بيٺي اهي سندن ڏنبن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير گلبرٽ پنهنجي بهادر ڊويزن ڪيٽرن گهوڙيسوارن کي ساڻ ڪري اتر ڏانهن ويندڙ رستي سان بسم الله ڪري سندن ڪڍ لڳي پيو. ڪئمبيل پنهنجو لشڪر وٺي ٻمبر جي جابلو علائقي ڏانهن وڃي پيو. انهي جوءِ ۾ اهي ڳالهيون هلي رهيون هيون ته پاڄوڪر فوج جي ڪجهه حصي انهيءَ علائقي ۾ اچي پناه ورتي هئي. هو پنجويهه ميل سندن ڪڍ ويو ته ڪيس ٢ توبون رستي ۾ هٿ لڳيون. جيڪي سک ڇڏي تيز رفتاري سان اڳتي وڃي رهيا هئا ۽ انهن کان سواءِ سندن پيرن جي نهين به ڪاٽي ڪانه لڳي. جڻ ڪين ڌرتي ڳهي وئي هئي. گلبرٽ به واڄ مينهن ڪندو ڇتي ٻگهڙ جيان سندن ڪڍ ڪاهي پيو ۽ جهلم جي هڪ مکيه لانگهي وٽ وڃي پهتو. هن اهو فاصلو ٽن ڏينهن اندر ۽ في ڏينهن ١٦ ميل جي حساب سان طئي ڪيو هو ۽ ٢٤- تاريخ تي اچي هڪ لانگهي نورنگ آباد وٽ سهڙيو. ڪيس اتي پهچي هي ڄاڻ ملي ته سکن جو وڏو لشڪر ان لانگهي وٽان جهلم پار ڪري رهيو آهي. هن ١٤- لائيٽ ڊرئگون ۾ ١٢- اريگيولر ساڻ ڪري وٺي اوڏانهن ڪَڙدي ڪئي. هن ان ماڳ تي پهچي ڏٺو ته جهلم جي ٻيءَ سک فوج بيٺي هئي ۽ پاڻي ٻيڙين کي ساڙي ناس ڪر رهي هئي. منجهن هڪ ماڻهو به يورپ جو ڪونه هو. اها ساري فوج اريگيولر ڏسڻ ۾ اچي رهي هئي. ان رات وٽس مشهور فوجي عملدار برگيڊيئر هرسي به اچي پهتو هو. ساٿس ٣- ۽ ٩- اريگيولر ڪيولري گڏ هئي. پڻ جون ساريون ٻيڙيون سک فوج ساڙي تباه ڪري ڇڏيون هيون تنهن ڪري اتان پار نڪرڻ مشڪل هو. پر ٢٨- تاريخ تي اهو لشڪر جهلم پار ڪري وڃي جهلم شهر ۾ پهتو. ۽ اهو شهر به ڏينهن هرسي جي قبضي ۾ رهيو.

نمڪ سر ڏانهن ويندڙ رستو ايڏو سولو ڪونه هو. ان علائقي ۾ لشڪر جي ڪاڌ خوراڪ ملڻ به مشڪل هئي. ٨- مارچ جو گلبرٽ هلندو وڃي هڪ اهڙي ماڳ تي پهتو جتان کان راولپنڊي ٣٠ ميل پري هئي. اتي هن کي اها خبر پئي ته سک ريگيولر جا ١٦٠٠٠ ماڻهو ساهه پٽڻ واسطي وانڊ هيون وينا آهن.

ان ڏينهن پشاور ۾ قيد ڪيل انگريز عملدار جارج لارينس. هربرٽ ۽ کي انگريز عورتون آزاد ڪيون ويون. هتي هڪ اهڙي واقعي جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي جيڪو ڪتابن ۾ ضرور موجود هجڻ کپي. هن قصي منجهان سمجهڻ کپي ته پنجاب جو سک ڪهڙي فطرت جو مالڪ هوندو آهي. چليان والا جي فتح ڪانپوءِ شير سنگهه هينري لارينس کي هي سنيهو ڏئي جنرل گوف ڏانهن موڪليو هو ته ڪن شرطن تي ساٿس ناهه ڪيو وڃي ۽ صلح جا اهي شرط مڃڻ جوڳائي ڪونه هئا. جارج لارينس، سک سردارن کي ٻڌايو ته جنرل ڳوف ٺاه کان ڪنو جواب ڏنو آهي. انهن سکن سردارن کي اها توقع ڪانه هئي ته هو هن لاءِ خراب خبر کڻي پاڻ اچي پنهنجو سر، سرڪڻ ڦاهيءَ ۾ ڏيندو.

سک، جهيڙي ڪان بان ڪري بيهي رهيا هئا. انگريزي فوج گجرات ۾ اهڙي تہ وڏي فتح حاصل ڪئي جنهن جهڙي هن ساري هندستان ۾ ڪٿي بہ حاصل ڪانہ ڪئي هئي. اها فتح، سولائي، سوچ ويچار ۽ نهايت شاندار نموني حاصل ڪئي وئي هئي. چليان والا وٽ جيڪو نقصان پهتو ۽ ان بابت فوجن کي هرويرو لويو ويو بہ ويو هو. پر هن سوپ وسيلي اڳيون سڀ ڪسرون پوريون ٿي ويون. ان بدلي انگلنڊ جي هن ڪمانڊر- ان- چيف کي وسڪائونٽ جو خطاب مليو ۽ ساريءَ فوج کي خوش ڪيو ويو.

لارڊ ڊلهائوسي لاهور جي اعليٰ اختيار سان پنجاب جي مستقبل بابت نهہ وچڙ ۾ هو. هينري لارينس کي سنو مائهو ڪونہ سمجهندو هو. پنجاب بابت سندس خيالن کي ويچار هيٺ آندو ئي ڪونہ ويندو هو. لارڊ هارڊنج جو سکن سان نرم رويو هو جيڪو ڪارگر ثابت ڪونہ ٿيو. پر گهڻن انگريز عملدارن کي پڪ هئي تہ سندس اختيار ڪيل حڪمت عملي ضرور سوڀاري ٿيندي. اتي ڪي اهڙا ماڻهو موجود ڪونہ هئا جن وٽ عوامي خدمت جو جذبو هجي ۽ ڪين پنجاب جي حڪومت سونپي سگهجي. لارڊ ڊلهائوسيءَ پنجاب کي انگريز حڪومت سان شامل ڪرڻ جو اعلان ڪيو جنهن کي ڪمپنيءَ جي ڊائرڪيٽرن ۽ انگلنڊ جي حڪومت قبول ڪري ورتو. ڪوهہ- نور هيرو جيڪو نادرشاهہ مغل شهنشاهہ کان ڦري ورتو جنهن جي پوين کان احمد شاهہ ابدالي زوريءَ کسيو ۽ ان جي پوٽن کان وري رنجيت سنگهہ ڦريو سو هن وقت ڦري انگلنڊ جي حڪمران جي تاج جي زينت بڻايو ويو هو.

ننڍڙي سک مهاراجا انگريزن لاءِ ڪابہ تڪليف پيدا ڪانہ ڪئي هئي. گهڻن کي شڪ هو تہ هو راجا رنجيت سنگهہ حلالي اولاد مان ڪونہ هو. فوجي جي پئنچات جي صلاح سان جڏهن سک لشڪر هندستان تي حملو ڪيو هو ان وقت آئي هن ننڍڙي ڇوڪري کي سک تخت تي وهاريو ويو. ڪيس ٿوري وقت لاءِ هندستان ۾ رکيو ويو. بعد ۾ انگلنڊ جي ڪينٽ واري علائقي ۾ رهايو ويو. هن لاءِ پينشن مقرر ڪئي وئي. سندس دوست ڪرنل سليمان لکيو آهي تہ، "تون جٽ سک آهين، تون پنهنجي جٽ پائيبندن ۾ جتليند جي ڪينٽ Kent علائقي ۾ رهين ٿو." ۽ واقعي هن سچ لکيو آهي. دليپ سنگهہ جي زندگي ڪهاڻي آهي جيڪا هر ڏک ڏاکڙي کان خالي هئي.

پنجاب جي انتظام لاءِ ڪو گورنر يا هاءِ ڪمشنر مقرر ڪونہ ڪيو ويو هو پر ان لاءِ هڪ بورڊ آف روينيو جوڙيو ويو. جنهن جو ريزيڊنٽ هينري لارينس کي مقرر ڪيو ويو هو. بورڊ جا ميمبر، هينري لارينس جو ڀاءُ جان لارينس ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسٽر چارلس منٽسيل هو جيڪي غير فوجي هئا. پوئين مائٽهوءَ جي جاءِ تي پوءِ رابرٽ منٽگومري کي مقرر ڪيو ويو.

دربار واري زماني ۾ جيڪي نوجوان عملدار اتي مقرر ڪيا ويا تن مان ڪن کي هندستان جي فوجي ۽ غير فوجي نوڪرين ۾ رکيو ويو. اهي نوجوان رات ڏينهن پورهيو ڪري هن صوبي جي ترقيءَ ۽ تعمير لاءِ جاکوڙيندا رهيا. اهو پورهيو ۽ جاکوڙ ڪيئن ڪئي وئي سو به پنهنجي ليکي هڪ جدا قصو آهي. هتان جي ماڻهن کي دلجائيءَ ۽ جي ناهيل بورڊ جي اعليٰ اختياريءَ وارن ايترو ته نوازيو هو جنهن جو اثر ١٨٥٧ع واري انگريزن خلاف بغاوت ۾ ڏسي سگهجي ٿو. هندستان جي اتر واري هن صوبي ۾ اهڙو اثر اڃا سوڌو به نظر ايندو.

# ڪمپنيءَ جي ذميواريءَ جو خاتمو

انگريز حڪومت ۾ پنجاب جي شامل ٿيڻ سان انگريزي حڪمرانيءَ جون حدون سنڌوءَ تائين نه پر ان ڪان پار جابلو علائقي تائين وڌي ويون هيون ۽ ٿوري قيرقار سان اهي ساڳيون حدون اڄ سوڌو قائم آهن. هتي ڏنو ويندو ته پهرينءَ ڪان سواءِ پيون چار جنگيون انگريزن جي ڳچيءَ ۾ پئجي ويون هيون ۽ انگريزن پنهنجي جان آجي ڪرڻ واسطي لاچار ٿي وڙهيون هيون. ائين چوڻ ڪپي ته اهو مغل حڪمراني جي پرائين حدن جو چڻ هڪ ظلم جيڪي انگريزن پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيو هيو يا انهن علائقن جا حڪمران اهڙا هئا جيڪي غلطيون ڪري انگريزن کي مغل شهنشاهي واري ساري علائقي تي پنهنجي سلطنت قائم ڪرڻ لاءِ دعوت ڏئي رهيا هئا. افغانستان کي هندستان جي انگريز حڪومت جي دائري ۾ آڻڻ لاءِ ڪجهه دير انتظار ڪرڻو پيو.

سنه ١٨٥٦ع ۾ هربرٽ ايڊوردس دوست محمد سان هڪ عهدنامون طئي ڪيو ويو. ١٩١٩ع واري افغان جنگ وقت جان لارينس به افغان حڪومت سان هڪ عهدنامون ڪيو هو جنهن لاءِ مٿي چاٿايل حڪومت کي سخت اعتراض هو. من ڪورهناه ڪان پوءِ افغانستان، هڪ نه پئي ناتي سان هندستان جي انگريزي حڪومت جي اثر هيٺ اچي ويو هو. اها هڪ حقيقت آهي ته هندستان جي اوسي پاسي وارو حڪمران پوءِ اهو طاقتور هجي يا ناني ماتر، برطانيه جي واهر ڪان سواءِ ڪجهه به ڪونه هو.

پنجاب جڏهن هندستان جي انگريزي حڪومت سان شامل ٿيو ته ڪمپنيءَ جي ذميواري پوري ٿي چڪي هئي. دنيا جي هيءَ بي ضابطگي اگ يا پوءِ

ضرور ختم ني وڃي ها نہ تہ ١٨٥٧ع واري عام بغاوت يا بنگالي فوجين وارو بلوو هن کي ڏاهي ضرور پٽ ڪري ڇڏي ها. هيءَ ڪمپني گهڻي وقت کان وٺي پنهنجو وجود قائم رکيو پئي آئي. هن پنهنجون ذميواري نهايت خوش اسلوبيءَ سان نباهيون جنهن مان پتو پوي ٿو تہ انگريزن کي منظم هجڻ جي وڏي صلاحيت آهي ۽ جيڪڏهن ڪين ڪو ڏکيو ڪم منهن ۾ اچي ٿو تہ ان کي نباهي پوري ڪرڻ جو منجهس حوصلو آهي. هن حقيقت کي ٻين لفظن ۾ هن ريت چئي سگهجي ٿو تہ هندستان جي جيتري علائقي تي اڄ انگلنڊ جي تاج جي حڪمراني قائم آهي ايتري ساڳي علائقي تي ڪمپنيءَ جو ڌاڪو ڄميل هو. يعني ڪمپنيءَ سارا ڪُڌا ڪرتوت انگلنڊ جي تاجدار جي حڪمراني قائم ڪرڻ واسطي ڪيا. انهن ڏاڍن ۽ ڌهڪائن مان هڪ ڪلور ائوڙ کي هندستان سان شامل ڪرڻ بہ هو. اها حقيقت هن معاملي کان ڇڙ الڳ قصو آهي. ان کان سواءِ هندستان جي هڪ وڏي صوبي جي انتظام جو سارو طريقہ ڪار ئي بدلجي ويو جيڪو سدائين پنهنجي بادشاهن جي حڪمرانيءَ هيٺ رهيو ۽ اڃا تائين رهندو اچي ها. حيدرآباد ۾ مغل گورنر رهندو هو جيڪو پوءِ اتان نڪري هليو ويو ۽ اهو ملڪ بہ انگريزي هندستان جي هڪ رياست بڻجي پئي هئي.

پورن ستر سالن کان وٺي هاءِ گهوڙا هلندي رهي تہ گند جي هن ڍير کي ٻهاري ٻڌر ڪيو وڃي. انهن گونگن ٻوڙن اختياري وارن کي ڇتاءَ بہ گهٽا ڏنا ويا هئا ۽ ڪمپني نيٺ بند ٿي وئي. ڪن جو چوڻ آهي تہ اها پنهنجي فطري دور کان گهٽ اڳ بند ڪئي وئي هئي. ان ڪري ڇا ٿيو جو بنگالي فوج بلوو ڪيو ۽ جيڪڏهن عقل کان ڪم نہ ونجي ها تہ هڪ بغاوت ۽ جنگ جي صورت اختيار ڪري وڃي ها.

ان ڪري نيچ سمان هندستان جو صوبو هڪ ترقي يافتہ ۽ خوشحال علائقو بڻجي پيو. لارڊ ڊلهائوسي ١٨٥٦ع تائين هندستان جو گورنر جنرل رهيو. هن پنهنجي تيار ڪيل منصوبن کي بہ ڪا اهميت ڪانہ ڏني. پنهنجي سهڻيءَ زال جو سات بہ وڃايائين پر هندستان کي آئي جديد ترقي واري گس تي بيهاريائين. ترقيءَ جي ان فڪر کي هندستان جي بغاوت جي هن باہ ساڙي رک ڪري ڇڏيو. ڪرزن ڊلهائوسي کان اڌ صدي کي پوءِ آيو پر هندستان جا ماڻهو ان سڃاڻ ۽ سچيت انسان جي ترقيءَ بابت هر جتن ۽ جاکوڙ کي وساري ويٺا.

موجوده دور ۾ جڏهن هندستان جي ماڻهن واسطي نئين آڪاش ۽ نئين ڌرتي جوڙڻ واسطي نيون رٿون جوڙينديا آهن تہ کي ماڻهو جوندا آهن اها نئين دوزخ جي اڏاوت آهي تنهن کان پاسو ڪيو وڃي. اها نهايت گندي سوچ آهي. ماضيءَ جي ورق گرداني ڪرڻ ڪا خراب عادت ڪانہ آهي. جنگين جو هي ننڍو قصو هائي بچائيءَ کي پهچڻ وارو آهي جنهن مان پتو پوي ٿو تہ هندستان جي دربار

جا حال ڪهڙا هئا ۽ صوبا ڪهڙين گندين حالتن ۾ گهيريل هئا؟ جتي اهڙا ڏوهه پاپ ڪيا ويندا هئا جن ڪي ٻڌي ماڻهن جي لونءِ ڪانڊارجي ويندي. هن قصي مان اها ڄاڻ به ملي ٿي ته به دشمن ڌريون ڪيئن پاڻ ۾ وڙهيون ۽ آخر پنهنجي تباهي ڪيئن پاڻ ڪيائون. هن سڄي مامري ۾ ڏنو ويندو ته اخلاق ۽ ان جو استعمال ئي سڀ ڪجهه آهي. اهي بهادر انگريزي عملدار جيڪي مانيٽيءَ هندستاني فوج جي ڏڍ ۽ ٽيڪ هئا يا اهي مٿير جوان جن اهي ڏهن سالن واريون ڏکيون جنگيون وڙهيون يا اهي انگريز سورهه جوان جن بنگالي فوجن جي بغاوت کي ختم ڪرڻ واسطي بيش بها خدمتون سرانجام ڪيون سي انهن ماڻهن لاءِ وڏي وٿ هئا جيڪي فوجن ۽ جنگي هٿيارن سان بي پناه محبت ڪندا آهن. پنهنجي وقت جا اهي جُنگ جوان پينشن تي لٿل آهن ۽ ڪنهن به رجيمينٽ ۾ ملازم ڪونه آهن. سندن زندگي ڏاڍي بي مزي گذري رهي آهي ۽ ڏاڍا اداس رهندا آهن. جوندا آهن ته هڪ پيشور فوجي لاءِ پنهنجي رجيمينٽ جون يادگيريون پنهنجي خوبصورت وفا شعار گهر واريءَ جي عزت ۽ ناموس جيتريون پياريون هونديون آهن. پر جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ وٽ اهي ٻئي شيون نه رهن ته ان جو جيئڻ جنجال ٿيڄي ويندو آهي. برطانيه جا اهڙا ڪي ٻه چار فوجي وڃي رهيا آهن جن وٽ انهن ڏهن سالن واري جنگي حياتيءَ جون سونهري يادگيريون محفوظ آهن. ساڳي حالت ڪمپنيءَ جي يورپي رجيمينٽ جي آهي ڇاڪاڻ ته سندن پرتي برطانيه واري فوج جي آئرلينڊ واري حصي سان لاڳاپيل هئي. افسوس آهي جو انهن کي بيڪار شيءِ سمجهي ڪين به ٻاهر ڪڍيو ويو. نهايت ڏک جي ڳالهه اها به آهي ته انگريز عوام ماٺ ڪري اڻ سڏيءَ ريت انهيءَ ڪڏي ڪريٽ کي ورجائڻ جي موڪل ڏئي ڇڏي آهي.

اهو سوچڻ به افسوسناڪ آهي ته "ڊرٽي شرٽس" کي به هاڻي ١٦- گريناڊيئر جيتري حيثيت ڪانه ٿي ڏني وڃي.

# حاشيا

## مهاڳ

(١) جڏهن لارڊ ڪومبر ميئمر کي ڪمانڊر- ان- چيف مقرر ڪيو ويو ته ڪمپنيءَ جي هڪ ڊائريڪٽر اعتراض ڪيو. سندس چوڻ هو ته هو بيوقوف آهي ۽ ان عهدي جي لائق ڪونه آهي. ڊيوڪ آف ويلنگٽن ڪيس وراڻيو ته توهان بلڪ سچ چئو ٿا. پر اها به ته حقيقت آهي هن اوهان لاءِ ڀرتپور به ته فتح ڪيو آهي."

## باب پهريون

(١) هيءَ نالو هڪ مشهور جاءِ ۾ ٿيو هو. جنهن جي چوڌاري اڄ ڪلهه چٽپسلي واري عمارت نظر اچي ٿي. منڪوره جاءِ لارڊ آڪلنڊ ۽ مسز ايڊن جي رهايش گاهه هئي.

(٢) تنهن ڪري هرات ۾ ايران تي حملو ڪرڻ ضروري ٿي پيو هو.

(٣) اهو طريقه ڪار ١٩١٧ تائين تبديل ڪونه ٿيو.

(۴) بامبي آرٽيلري جبل ۾ ڪم ايندڙ خاص فوج مهيا ڪئي وئي جيڪا قنڌار ۾ ڪم آئي

(۵) بمبئي ۾ ڪمانڊر- ان - چيف هيو

(٦) ان کان پوءِ جنرل سر ابراهام رابرٽ سڌجڻ ۾ آيو.

(٧) اها ان وقت جي فوجي فهرست مطابق هجي آهي.

## باب ٻيو

(١) ياڳوند - يا سڪندر جي برابر

(٢) بي خبر ماڻهن هن ڳالهه تي ونئي اجايون ڳالهيون شروع ڪيون.

(٣) ان وقت اها هجي هئي.

(۴) اهو ميڊل شاهه جي قتل ٿيڻ تائين ڪونه جڙيو هو ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپني بعد ڏنو.

ڪونہ هوندو هو امن جا اختيار وري تن وٽ هوندا هئا.
(٣) ڪن- نو- پائونڊرس جي چوند ڪئي هئي.

## باب انون

(١) برگيڊيئر ائنس برنر جي خطن موجب، جيڪي سوسائٽي آف هسٽاريڪل ريسرچ جي جرنل ۾ اپريل ١٩٣٢ع ۾ ڇپيا هئا
(٢) هن جريو تي ڪورٽ مارشل ڪان جان اَجي ڪرائي هئي.

## باب يارهون

(١) هي هينري هيو لاڪ جو پاءُ هو.
(٢) هن مارچ ١٩٣٢ع ۾ انگلنڊ ۾ وفات ڪئي. سرجنٽ ميجر اسٽارٽ فورڊ جو ١۴- لائيٽ ڊرئگون سان تعلق هو. هن چليان والا واري جنگ ۾ حصو ورتو هو ۽ گجرات جي فتح ڪان پوءِ پٺاڻن جو پيڇو ڪندي خيبر لڪ تائين بہ ويو هو. مرڻ مهل هن جي عمر ١٠۴ سال هئي.
(٣) ان رات جنگ ۾ مري ويل تيرهن عملدارن جا لاش ميس واري ميز تي رکيا ويا هئا. ڪاڏي واري اها ميز بورچين آڻي ميدان تي رکي هئي ۽ مٿس ماني بہ رکي وئي هئي. پر اها ڪنهن بہ ڪانہ کاڌي.
(۴) ٩- لانسر ۽ نيٽو ڪيولري لشڪر جي پاسن تي بيهاريو ويو هو. پر اهي جنگ ۾ شريڪ ڪونہ ٿيا هئا.
(۵) جيڪو تي ڏينهن جهڪور ٻڌي بيهي رهيو.

## باب ٻارهون

(١) در حقيقت ان جو انگ ۴٠٠٠ هو.
(٢) سندس پينشن پنجاه هزار پائونڊ ساليانو مقرر ڪئي وئي هئي.
(٣) يورپ وارا پيار وچان ڪمپنيءَ جي فوج کي هن نالي سان سڏيندا هئا. بنيادي طور تي اهو بنگال فيوسيليئرس جو نالو هو.

## جي ايم سيد اڪيڊمي جا ڇپايل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| .1 | پيغام لطيف | جي ايم سيد | 100/= |
| .2 | جديد سياست جا نوَ رتن | جي ايم سيد | 100/= |
| .3 | موجوده سياسي مسئلا | جي ايم سيد | 100/= |
| .4 | سنڌوءَ جي ساڃاهه ( ٻه جلد گڏيل ) | جي ايم سيد | 300/= |
| .5 | نئين سنڌ لاءِ جدوجهد | جي ايم سيد | 100/= |
| .6 | ساهڙ جا سينگار | جي ايم سيد | 100/= |
| .7 | خط ۽ مضمون | جي ايم سيد | 100/= |
| .8 | آزادي جو ءِ چالاءِ | جي ايم سيد | 100/= |
| .9 | سائين جي.ايم. سيد جون | جي ايم سيد | 200/= |
| .10 | تحريرون- I | جي ايم سيد | 100/= |
| .11 | جيئڻ ڏنو آهي مون | جي ايم سيد | 80/= |
| .12 | ديار دل ۽ داستان محبت | جي ايم سيد | 200/= |
| .13 | پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني - I | جي ايم سيد | 125/= |
| .14 | سنڌي ڪلچر | جي ايم سيد | 25/= |
| .15 | سنڌ جا سورما | جي ايم سيد | 25/= |
| .16 | خطبات سيد | جي ايم سيد | 100/= |
| .17 | سنڌ ڳالهائي ٿي | جي ايم سيد | 150/= |
| .18 | مسلم سربراهه ڪانفرنس | جي ايم سيد | 50/= |

**گهرائڻ لاءِ لکو**

معرفت: پوسٽ باڪس نمبر 58 جنرل پوسٽ آفيس
حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ تحقيقي بورڊ جا ڇپايل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. | سنڌ جي تاريخ جا تحقيقي مسئلا | مرتب: ناز سنائي | 20/= |
| 2. | سنڌ جي عالمن جا سونهري ڪارناما | دادا سنڌي | 25/= |
| 3. | سنڌ جي بمبئي کان آزادي | جي. ايم. سيد | 20/= |
| 4. | سنڌ جي تاريخ جا ماخذ | ناز سنائي | 30/= |
| 5. | ميرن جي صاحبي | حڪيم فتح محمد سيوهاڻي | 20/= |
| 6. | سومرن جي دور جا سورما | دادا سنڌي | 20/= |
| 7. | اوائلي دؤر ۾ شايع ٿيل لوڪ ڪهاڻيون | مرلي ڌر جيٽلي | 20/= |
| 8. | شاهه جو رسالو (مڪمل) | ڪلياڻ آڏواڻي | (ختم ٿيل) |
| 9. | مطالعو سنڌ جو | غلام محمد لاکو | 40/= |
| 10. | تاريخي ماٿهو تاريخي ڳالهيون | دادا سنڌي | 20/= |
| 11. | منگها رام ملڪاڻي | اي- جي- اتم | 25/= |
| 12. | ابوالفضل ۽ فيضي | حڪيم فتح محمد سيوهاڻي | 40/= |
| 13. | سنڌ جي ڪوپائي ڪتا | اديب انقلابي | 30/= |
| 14. | جرنيل هوش محمد شيدي | منصور قادر جوڻيجو | 40/= |
| 15. | سنڌ جا عظيم ويچ | اديب انقلابي | 60/= |
| 16. | سچل جون واديون | بلديو مٽلاڻي | 40/= |
| 17. | هڪ سؤ سنڌي سپوت | ميمڻ عبدالغفور سنڌي | 20/= |
| 18. | سنڌي ٻوليءَ جا محقق | هدايت پريم | 30/= |
| 19. | شاهه جون آکاڻيون | ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي | 150/= |
| 20. | شاهه جو رسالو (مجمل) | ڪلياڻ آڏواڻي | 200/= |
| 21. | قاضي قادن جو ڪلام | هيرو ٺڪر | 50/= |
| 22. | سنڌي ادب | پير حسام الدين شاهه راشدي | 40/= |
| 23. | سنڌ بابت انگريزن جي اختيار ڪيل حڪمت عملي | سي-ايل-مازيوالا/ عطامحمد ڀنڀرو | 80/= |
| 24. | سنڌوءَ جو موهه | جنرل سرجارج ميڪمين/ عطامحمد ڀنڀرو | 150/= |

## گهرائڻ لاءِ لکو

پوسٽ باڪس نمبر 58 جنرل پوسٽ آفيس

حيدر آباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پَڙهندڙ نَسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪانئر، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني ۾ان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وِٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوٌ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان ڳڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڙ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو سات نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book